
سفر ڪهاڻيون
نصير اعجاز
سفر ڪهاڻيون (سفرناما)
نصير اعجاز
104

# سفر ڪهاڻيون

(سفرناما)

**نصير اعجاز**

**سچائي اشاعت گهر دڙو**

2013ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

## اسٽاڪسٽ

- پڃاڻي بڪ هائوس گاڏي کاتو حيدرآباد.
  Cell#0322_3011506
- ڪويتا ڪتاب گهر، ربي سينٽر گاڏي کاتو حيدرآباد.
  Cell#022_2721172
- ڪنگ پن ڪتاب گهر، پريس ڪلب حيدرآباد.
- سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال حيدرآباد.
- قليچ ڪتاب گهر لئنگيئج اٿارٽي حيدرآباد.
- سنڊيڪا بڪ شاپ گاڏي کاتو حيدرآباد.
- ڪلچر ڪتاب گهر سامهون ايم پي اي هاسٽل ڪراچي.
- مهراڻ ڪتاب گهر گهنٽي ڦاٽڪ نيئر سپنا لان لاڙڪاڻو.
- فڪشن هائوس رابعه اسڪوائر حيدرآباد.
- شاهه لطيف ڪتاب گهر گاڏي کاتو حيدرآباد.

---

## سچائي اشاعت گهر جو ڪتاب نمبر 104

حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو : سفر ڪهاڻيون
موضوع : سفرنامو
ليکڪ : نصير اعجاز
ڇاپو : پهريون، ڊسمبر 2013
ٽائيٽل ڊزائين : مور ساگر
ڪمپوزنگ : جهانزيب علي جوڻيجو
ساحل پرنٽرز رابعه اسڪوائر حيدرآباد.
ڇپائيندڙ : سچائي اشاعت گهر ـ ڏڙو فون: 0301-3640468
ڇپيندڙ : ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز حيدرآباد. 03332634650

قيمت: Rs_350/=

# ارپنا

ارپيم پنهنجي ڏاڏي سائين
**آخوند حاجي فيض محمد**
۽
بابا سائين **آخوند قادر بخش** کي
جن وٽان لکڻ جو شوق مون کي ورثي ۾ مليو
۽ ان اُتساهه منهنجي بي مقصد حياتيءَ کي
ڪو مقصد بخشيو.

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر (127) اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب ”**سفر ڪهاڻيون**“ نامياري ليکڪ، سفرنامانگار ۽ ڪالم نگار **نصير اعجاز** جي سفرنامن تي مشتمل آهي. هن ڪتاب ۾ پنجن ملڪن ڏکڻ ڪوريا، افغانستان، مالديپ، نيپال ۽ ڪمبوڊيا جا ڇهه سفرناما شامل آهن، افغانستان جا ٻه سفرناما، پهريون سوشلسٽ افغانستان جو ۽ ٻيو هاٺوڪي افغانستان جو آهي، ٻنهي سفرنامن جي وچ ۾ 21 سالن جي وٿي آهي ۽ ٻئي سفرناما افغانستان جا ٻه ڌار ڌار روپ ڏيکارين ٿا.

هي ڪتاب **سچائي اشاعت گهر ڏڙو پاران ساحل پرنٽرس حيدر آباد** وٽان ڇپايو ويو آهي. اسان ٿورائتا آهيون يوسف سنڌي ۽ مور ساگر جا جن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي ڏيڻ سان گڏ هي ڪتاب سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سيني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**

# فھرست


- پنھنجي پاران 10
  يوسف سنڌي
- نصير اعجاز جو سفر در سفر (مھاڳ) 11
  الطاف شيخ
- ليکڪ پاران 16
  نصير اعجاز


## ڪوريا

### صبح جي سانت واري ڌرتي


1. ويزا لاءِ چڪر 21
2. ڪوريا وارن لاءِ سنڌ جي سوکڙي 24
3. ڊالر ڙي ڊالر 26
4. ايئرپورٽ تي خواري 28
5. سنڌين سان ملاقات 30
6. چا ڪائِجي 35
7. ھاٽي ڪوريا جون ڳالھيون 38
8. ڪوريا ۾ پيو ڏينھن 42
9. سام سنگ شانتي نگر ڪان بہ وڏي 44
10. مانھاءِ ڏانھن سفر 46
11. ٻُڌ ڀڪشو پاران انوکي لنچ 48
12. ھڪ سئو تلائن وارو مندر 51
13. اُپرندي سمنڊ ڏانھن سفر 53
14. ڪوريائي سانڌاڻي جو ميوزيم 55
15. ڪوريا ۾ يا علي جو نعرو 56
16. ڪوريا جو بلڊوزر صدر 58
17. مندرن کي باھيون 58

| | | |
|---|---|---|
| 18 | گوتم ٻُڌ جي ٻُت کي سجدو | 59 |
| 19 | راجستان ۾ رهندڙ ڪوريائي ڀڪشُو | 61 |
| 20 | ٿوم جي استعمال جو نئون تجربو | 62 |
| 21 | ڪوريائي ٻولي | 63 |
| 22 | ٻولين جي رومنائزيشن | 65 |
| 23 | واپسي جو سفر | 67 |
| 24 | ٻيهر سفر | 68 |
| 25 | جهاز جو مَنجهڻ ۽ سامان جو گم ٿيڻ | 69 |
| 26 | شهيد بينظير جي پَرستار سان ملاقات | 71 |
| 27 | چُگي اسٽريم | 72 |
| 28 | برلن واري پور ٿيل پٽ جو ٽُڪر ۽ اميدن جي پٽ | 74 |
| 29 | ڦتپاٿي پاميسٽ فقير ۽ پُراڻن ڪتابن جي بازار | 76 |
| 30 | ڪروز ۾ ڊنر | 78 |
| 31 | منهنجي سنڌو سُڪل ڇو؟ | 80 |
| 32 | ڪوريائي ٽي وي وارن جي هڙتال | 82 |
| 33 | ايف ايم ريڊيو | 83 |
| 34 | وري سوئر جو گوشت | 85 |
| 35 | ڪوريا کي ورهائيندڙ سرحد | 86 |
| 36 | صبح جي سانت واري ڌرتي | 88 |
| 37 | پٿرن جون ڍيريون ۽ ڪوريائين جو اعتقاد | 89 |
| 38 | ڀَلوجَل | 92 |
| 39 | مانائي مندر ۾ گذاريل رات | 95 |
| 40 | ڪوريا ۾ گورک جبل جي ياد | 97 |
| 41 | واپسي جو سفر ۽ شاعري | 102 |
| 42 | آمريڪي عيسائي مدرسا ۽ هندستان ۾ بَدعنواني | 103 |
| 43 | مُرڪو ٻه انگريزي ۾ | 104 |
| 44 | قصو Tim Tim جو | 110 |
| 45 | ذڪر هوائي اڏن جو | 112 |
| 46 | نالن ۾ هڪجهڙائي | 115 |

## افغانستان

### سوشلسٽ افغانستان جو سفر


47 ڪراچي ڪان قابل تائين 117


## مالديپ

### ٻُڏندڙ ٻيٽن وارو مُلڪ


48 ٻُڏندڙ ٻيٽن وارو مُلڪ 129
49 هوائي اڏي لاءِ الڳ ٻيٽ 131
50 ٻُڏندڙ مُلڪ ۾ ڦيريون ڏينهن 132
51 اسرارن سان ڀريل تاريخ 133
52 عورتن جو راڄ 134
53 بدليل سماج 135
54 سُلطاني نظام کان صدارتي نظام تائين 136
55 نئين صدر سان ملاقات 137
56 سمنڊ اندر ڪابينا جي گڏجاڻي 138
57 موٽرسائيڪل تي گهمندڙ پرڏيهي وزير 139
58 ڪينڊل لائيٽ ڊنر 140
59 صحافين ۾ قوت 141
60 بنا ڦيري کُليل گيٽ وارو فوجي هيڊڪوارٽر 142


## نيپال

### گوتم ٻُڌ جي جنم ڀومي


61 کٽمنڊو ۾ ٽريفڪ جام ۽ ڪراچي جي ياد 144
62 قاسم آباد جو سنڌي جوڙو نيپال ۾ 146
63 نيپال ۾ سنڌي ٽوپي 147
64 سُوامبيو مندر جي ياترا 149

| | | |
|---|---|---|
| 65 | موٽر سائيڪل سوار ڇوڪريون | 151 |
| 66 | ڳاڙهيون ته ڇا پاڇيون به انڊيا مان اچن | 152 |
| 67 | اردو نه هندي | 153 |
| 68 | ساڍي نائين وڳي شٽربند | 154 |
| 69 | ڏُکن پريي دُنيا ۾ کِل خوشي آڻڻ جي ڪوشش | 156 |
| 70 | پنير پڪوڙا، مهراڻي دال ۽ مَٽن تَوَا | 159 |
| 71 | رتن دربار | 161 |
| 72 | زميني قيدي ملڪ ۾ چين ۽ انڊيا جي مداخلت | 163 |
| 73 | نيپال ۾ به ڌاڙا، ڦرون ۽ اغوا | 165 |
| 74 | نيپال جا نياڳا بادشاهه | 167 |


## افغانستان

**21** سالن ڪان پوءِ


| | | |
|---|---|---|
| 75 | ڪراچي ڪان ڪابل 21 سالن ڪان پوءِ | 170 |


## ڪمبوڊيا

جنگين ۽ سياسي بحرانن جو شڪار ملڪ


| | | |
|---|---|---|
| 76 | جنگين ۽ سياسي بحرانن جو شڪار ڪمبوڊيا | 179 |

## پنهنجي پاران

ڪو دور هو جڏهن سنڌيءَ ۾ سفرنامي جي صنف ۾ محترم الطاف شيخ ڪانسواءِ باقي ڪو نالو ئي نه ملندو هو. ۽ اڄ به الطاف شيخ جي رڪارڊ کي نه ڪو ٽوڙي سگهيو آهي ۽ نه ئي وري ڪو ٽوڙي سگهندو، پلا هڪ سئو جي لڳ ڀڳ سفرناما ڪير لکي سگهندو؟

الطاف شيخ ڪانپوءِ ڪيترن ئي ٻين سنڌي ليکڪن پڻ سفرناما لکيا آهن. انهيءَ قطار ۾ اسانجو دوست نصير اعجاز به شامل ٿي ويو آهي، هونئن ته نصير اعجاز ڪيترن ئي ملڪن جا سفر ڪيا آهن، پر ڪيس سفرنامي لکڻ جو خيال دير سان آيو. ان جو هڪ سبب سندس پروفيشنل ذميداريون به ٿي سگهن ٿيون.

هن ڪتاب ۾ پنجن ملڪن ڏکڻ ڪوريا، افغانستان، مالديپ، نيپال ۽ ڪمبوڊيا جا ڇهه سفرناما شامل آهن. افغانستان جا ٻه سفرناما، پهريون سوشلسٽ افغانستان جو ۽ ٻيو هاڻوڪي افغانستان جو آهي، ٻنهي سفرنامن جي وچ ۾ 21 سالن جي وٿي آهي ۽ ٻئي سفرناما افغانستان جا ٻه ڌار ڌار روپ ڏيکارين ٿا. هن ڪتاب ۾ ڪوريا، مالديپ ۽ ڪمبوڊيا اهڙا ملڪ آهن، جن جاسفرناما اڳ ۾ شايد سنڌي ۾ نه لکيا ويا آهن. ڪوريا جو سفرنامو ته هڪ الڳ ڪتاب آهي، نصير اعجاز صاحب چاهي ها ته مالديپ ۽ ڪمبوڊيا جا پڻ ڌار سفرناما لکي سگهيو ٿي.

نصير اعجاز جي سنڌي پڙهندڙن وٽ اڳ ۾ ئي سندس ٻن انگريزيءَ مان ترجمو ڪيل ناولن ”دل جو بندر“ ۽ ”نيگرو عشق ۽ بغاوت“ ۽ ڪالمن جي ڪتاب ”زندگي اي زندگي“ جي حوالي سان سگهاري سڃاڻپ آهي، تنهن ڪانسواءِ سندس مختلف شخصيتن تي پندرهن وار ”افيئر“ ۾ ڇپيل پروفائليس گهڻو پسند ڪيا ويا ٿا. هاڻ سندس هي ڪتاب ”سفر ڪهاڻيون“ سفرنامي جي صنف ۾ سنڌي ادب ۾ اهم واڌارو آهي ۽ مونکي خوشي آهي ته هي ”سفرڪهاڻيون“ سچائي اشاعت گهر پاران ڇپجي اوهان جي هٿن تائين پهتو آهي.

**يوسف سنڌي**

26_11_2013

# مهاڳ

## نصير اعجاز جو سفر در سفر

نصير اعجاز مون ڏي سنڌس تازو لکيل سفرنامو موڪليو آهي تہ ان تي ڪجھہ لکي موڪليان تہ جيئن هو پيش لفظ طور ڪتاب ۾ ڏئي. مونکي حيرت آهي تہ هي سنڌس پهريون سفرنامو آهي! حيرت ان ڳالھہ جي آهي جو سفرنامو لکڻ ڪا مشڪل ڳالھہ ناهي...... ڪنهن زماني ۾ گهڻا ٽڪا نوان ليکڪ لکڻ جي شروعات ترجمي سان ڪندا هئا جيسين ائنٽ ٽپي... اهو مُحاورو مون ننڍي هوندي بلور راند کيڏڻ ۾ ٻُڌو هو.. ان ڪانپوءِ نئين نڪور جهاز کي پهرين سفر تي وٺي وڃڻ وقت پنهنجن سنڌي دوستن کي چوندو هوس تہ في الحال ڪجھہ مهينا مون مان اميد نہ رکو تہ ڪو خط لکي سگهندس يا ڪنهن اخبار رسالي لاءِ ڪجھہ لکي سگهندس جيسين نئين جهاز جي ائنٽ ٽپي. هر نئين جهاز ۾ شروع ۾ تمام گهڻا مسئلا ٿين ٿا جيڪي شپيارڊ ۾ جهاز ٺاهيندڙن کان رهجي ويندا آهن. اهي اسان جهاز هلائيندڙن کي صحيح ڪرڻا پوندا آهن ۽ پوءِ جڏهن هڪ دفعو هر ڳالھہ صحيح ٿي ويندي آهي تہ پوءِ جهاز کي آٽو تي هلائڻ ۾ بہ پريشاني نہ ٿيندي آهي ۽ جهاز جا انجنيئر سڪون سان ٻين ڪمن، لکڻ پڙهڻ، گانا ٻڌڻ، وڊيو تي فلمون ڏسڻ ۽ مستقبل جي زندگيءَ جا خواب ڏسڻ ۾ لڳي ويندا آهن. سو اهڙي طرح نئين لکڻ وارن کي لکڻ شروع ڪرڻ ۾ ڪجھہ گهٻراهٽ ۽ ڪجھہ سستي ٿئي ٿي. پوءِ هڪ دفعو لکڻ بعد هو منظور جوکيو، آفتاب ميمڻ، ڊاڪٽر ذوالفقار سيال ٿيو پون، يعني پڙهندڙن لاءِ فئوريٽ ليکڪ - چاهي هو لٽريچر ۾ ايم اي يا پي ايچ ڊي ڪري سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر نہ هجن پر روينيو ڪمشنر، پوليس سرجن يا سنڌ حڪومت جا سيڪريٽري هجن. جي نئين لکندڙ جو قلم نٿو وري تہ هن کي پهرين ترجما ڪرڻ کپن ۽ اڄ ڪلھہ تہ سفر جون سهولتون ۽ موقعا هجڻ ڪري ڏيھہ يا پرڏيھہ جو سفر ڪري ان جو احوال لکڻ بہ آسان آهي.

نصير اعجاز جي تہ سڄي زندگي لکڻ ۾ گذري آهي ۽ هو جڏهن هر فيلڊ ۾ لکندو رهيو آهي تہ هن لاءِ سفرنامو لکڻ ڇا مشڪل آهي. مون کي تہ اها بہ ڄاڻ هئي تہ پنهنجي اخباري اداري جي ڊيوٽيءَ موجب 1990 کان مختلف ملڪن جا چڪر ڏيندو رهي ٿو. سو ان ڪري مون کي اهو خيال هو تہ نصير اعجاز هن کان اڳ بہ سفرناما لکيا هوندا. پر پوءِ جڏهن پاڻ ٻڌايائين تہ هن ڪتاب ۾ سنڌس 1990 کان وٺي افغانستان، انڊيا، سنگاپور، نيپال، بنگلاديش، سري لنڪا، ڏکڻ ڪوريا، مالديپ ۽ ڪمبوڊيا جي سفرنامن جو احوال آهي تہ مون کيس اهو ئي چيو تہ ”تو جهڙي ماڻهوءَ کي هر سفر بعد لکڻ کپندو هو.“ هونئن بہ نصير اعجاز جهڙي ماڻهوءَ لاءِ لکڻ جهڙو ڪم ڪو ڏکيو نہ هئڻ کپي جو هن جي سڄي زندگي لکڻ پڙهڻ سان واسطو رکندڙ فيلڊ جرنلزم ۾ ۽ ادارتي ڊيوٽين ۾ گذري آهي. اسان وٽ گهڻائي اسان جهڙن اديبن شاعرن جي آهي جيڪي بنيادي طرح ڪنهن ڌنڌي ڌاڙي يا نوڪريءَ سان سلهاڙيل آهن ۽ فقط هابيءَ طور يعني

وندر خاطر هنن افسانا ناول لکيا، شعر ۽ سفرناما لکيا يا وري تعليم ختم ٿيڻ تي ڪا نوڪري نہ ملي تہ پوءِ مجبور ٿي اخبار، ٽي وي يا رسالي سان واسطو رکيو پر نصير اعجاز تعليم حاصل ڪرڻ بعد يعني يونيورسٽيءَ مان ڊگري وٺڻ بعد نوڪريءَ تي چڙهڻ بدران ادب ۽ صحافت جي دنيا ۾ هليو آيو. ايئن بہ ناهي تہ هن کي ڪا نوڪري نہ ملي. 1975 جي آخر ڌاري گريجوئيشن ڪرڻ بعد نصير کي يڪدم بئنڪ جي نوڪريءَ جو آفر ليٽر مليو ۽ هي اُهو دور هو جڏهن بئنڪن جي نوڪري جون پگهارون ۽ سهولتون سيني سرڪاري ۽ غيرسرڪاري نوڪرين کان مٿاهيون هيون. عرب دنيا ۾ انهن ڏينهن ۾ تيل جو پئسو اچڻ لڳو هو ۽ جتي ڪٿي ڪلنڊر بئنڪن ۾ پاڪستان جا بئنڪر رکيا پي ويا پر نصير کي پئسي ۽ رُتبي کان وڌيڪ لکڻ پڙهڻ جي دنيا وڌيڪ موهيو ۽ هو الائيڊ بئنڪ کان مليل نوڪريءَ جي آرڊر کي واپس ڪري هلالِ پاڪستان اخبار ۾ اچي لڳو جنهن انهن ڏينهن ۾ سراج ميمڻ جي ادارت ۾ نئون جنم ورتو هو.

نصير اعجاز پنهنجي هن سفرنامي ۾ لکيو آهي تہ انهن ڏينهن ۾ اسانجي ملاقات هڪ فنڪشن ۾ ٿي جنهن کانپوءِ هلالِ پاڪستان آفيس ۾ يارن دوستن سان ملڻ لاءِ اچڻ وقت ملاقاتون ٿينديون هيون. پر مونکي ياد ٿو اچي تہ آئون نصير اعجاز کان نہ فقط ان کان اڳ جو واقف هوس پر سندس لکڻين مان بہ متاثر هوس. نصير اعجاز هلالِ پاڪستان ۾ نوڪري ڪرڻ کان اڳ ۽ شاگرديءَ واري زماني ۾ طارق اشرف کي سندس رسالي "سُهڻي" لاءِ انگريزي ادب مان ڪهاڻيون ترجمو ڪري ڏيندو هو. ان ئي رسالي ۾ منهنجو پهريون سفرنامو "منهنجو ساگر منهنجو ساحل" ۽ ٻيا سفرناما ڇپبا رهيا ٿي. طارق اشرف وٽ فيروز ميمڻ ۽ نصير اعجاز جهڙا ڪيترائي نوجوان نظر ايندا هئا. اڳتي هلي نصير اعجاز ۽ نصير مرزا جي لکڻين کان مان اهڙو متاثر ٿيس جو مون ان وقت پنهنجن ڪتابن لاءِ کانئن پيش لفظ لکرايا هئا. عمر ۾ مون کان هو ڏهہ سال ننڍا هئا پر آئون ان ۾ يقين رکان ٿو تہ آرٽ ۽ ادب جي معاملي ۾ ضروري ناهي تہ هڪ ننڍي عمر جو گهٽ قابل هجي. اهو ئي سبب آهي جو آئون اڄ بہ ڳولي ڳولي پلوڙليکڪن کان پيش لفظ لکائڻ چاهيان ٿو پلي کٽي هو عمر ۾ ننڍا هجن يا هنن گهٽ لکيو هجي. ان سان گڏ آئون سمجهان ٿو تہ هنن جي بہ همت افزائي ٿئي ٿي. ڪنهن ٿي سمجهيو تہ ماهتاب راشدي، فهميده حسين وغيره اڳتي هلي ادب جي دنيا ۾ نالو روشن ڪنديون. پر مون کانئن مهاڳ تڏهن لکرايا هئا جڏهن هو اسٽوڊنٽس هيون.

بهرحال نصير اعجاز شاگرديءَ واري زماني کان قلم هٿ ۾ کنيو. مون جڏهن کانئس پنهنجي ڪتاب لاءِ پيش لفظ لکرايا هئا تڏهن هو نئون نئون سنڌي اخبار هلالِ پاڪستان ۾ سب ايڊيٽر ٿي آيو هو. اڄ سوچيان ٿو تہ هن سڄي زندگي صحافت ۽ ادب کي ڏئي ڇڏي... ان کي ذري گهٽ چاليهہ سال اچي ٿيا آهن تہ هن دستگير ڀٽي ۽ خير محمد کوکر جهڙن صحافين وانگر هڪ دفعو صحافت ۾ گهڙڻ جي نيت ڪئي تہ نہ هيڏانهن هوڏانهن نهار ڪئي نہ اڄان تائين سلام ڦيريو آهي. ان دوران هو رپورٽر، مئگزين ايڊيٽر، نيوز ايڊيٽر ۽ ايڊيٽر طور ڪم ڪندو رهيو. هو سنڌي اخبار برسات جو ايڊيٽر ۽ مئنيجنگ

ايڊيٽر ٿي رهيو. ڪجهه وقت هن سرڪاري خبر ايجنسي ائسوسيئيٽيڊ پريس آف پاڪستان ۾ ۽ ڪي ورهيه اسلام آباد جي انگريزي اخبار پاڪستان آبزرور لاءِ به اسٽاف رپورٽر طور ڪم ڪندو رهيو. ان ڪانپوءِ هن وڏو عرصو يعني چوڏهن سال خانگي نيوز ايجنسي پاڪستان پريس انٽرنيشنل ۾ بيورو چيف ۽ ايڊيٽر طور ڀرپور نموني ذميواريون سنڀاليون جتي هو پاڪستان پريس فائونڊيشن طرفان سڄي پاڪستان ۾ صحافين جي سکيا لاءِ ٽيندڙ ورڪشاپن ۾ ڪين ٽريننگ به ڏيندو رهيو. گذريل ڪجهه ورهين کان نصير ڏکڻ ڪوريا جي نيوز ايجنسي جو خاطو آهي جنهن جي طرفان هن ڪي ڪجهه ڀيرا ڪوريا گهرايو ويو هو. سندس هن پهرين سفرنامي "سفر ڪهاڻيون" ۾ ڪوريا جو گهڻو احوال نظر اچي ٿو. بهرحال هڪ ڳالهه ضرور آهي ته جيڪو ماڻهو صحافت ۾ آهي يا جنهن جو اخبار سان لاڳاپو رهي ٿو ان جو سفرنامو دلچسپ ۽ معلوماتي ٿئي ٿو پوءِ هو چاهي قاضي عبدالمجيد عابد هجي يا بدين جو عبدالرزاق ڪتي. جرنلزم سان واسطو هجڻ ڪري هن کي دنيا جي حالتن ڳي وڏيڪ ڄاڻ ٿئي ٿي جنهن جي هو پنهنجي سفرنامي ۾ به اُپٽار ڪري سگهي ٿو.

هن سفرنامي "سفر ڪهاڻيون" ۾ گهڻو احوال ڏکڻ ڪوريا، نيپال، افغانستان، مالديپ ۽ ڪمبوڊيا جو آهي پر نصير فلئش بئڪ ۾ ٻين سفرن جو احوال پڻ رکي رکي ڏنو آهي جن ۾ سنگاپور، سري لنڪا، بنگلاديش ۽ ڀارت شامل آهن. ڪابل جا احوال ته مون لاءِ به نوان آهن جو منهنجو ڪڏهن به جهاز اوڏانهن نه ويو ۽ وڃي به ڪيئن جو اهو ملڪ سئٽزرلئنڊ وانگر سمنڊ بنا آهي. سندس چوڌاري زمين ئي زمين آهي. نصير سفر دوران جن ٻين ملڪن ۾ ويو آهي اهي منهنجي لاءِ ڪٽي نوان نه هجن پر مون انهن جو احوال وڏي دلچسپيءَ سان پڙهيو جو جيئن چوندا آهن ته سُرمو هرڪا پائي پر اک اک جو ڦير آهي.... ڪجهه اهڙي طرح گهمڻ وارن مان هرهڪ جي پاهرين اک ته ڪٽي ساڳي ساڳي ڳالهه ڏسي پر هر هڪ جي اندر جي اک مختلف آهي. ان ڪري احوال لکڻ مهل هر هڪ جو بيان پنهنجو ۽ مختلف ٿئي ٿو. ولايت جي هڪ سفر ۾ ٽن دوستن هڪ هوٽل اڳيان لنگهندي ان جي آڏو فوٽو ڪيڊرايو. وطن موٽي هڪ ٻڌايو ته سندس پنهنجي ڳوٺ ۾ اهڙي هوٽل نهرائڻ جو ارادو آهي ان ڪري تصوير ڪيڊرايائين. ٻئي چيو ته درياهه جي ڪناري تي اهڙي هوٽل ۾ مون ٻئي دفعي اچي رهڻ ٿي چاهيوءِ ان ڪري فوٽو ڪيڊرايم ته متان وسري وڃي ۽ ٻين کي به ڏيکاري سگهان ته ڪهڙو ته سهڻو نظارو آهي. ٽئين چيو ته ان فوٽوءَ ۾ آئون ان ڪري شامل ٿيس جو پٺيان به سهڻيون ڇوڪريون بيٺيون هيون ۽ مون چاهيو ٿي ته اهي به ان تصوير ۾ اچن..... سو ڳالهه اها آهي ته ڪنهن ملڪ يا ڪنهن شهر ڏي سفر جو احوال ڪٽي ڏهه ڄڻن لکيو هجي پر هرهڪ جو پنهنجي نموني جو ٿئي ٿو. اڄ به اهي ملڪ ملائيشيا، جپان، سئيڊن جهڙا جن ۾ منهنجي عمر جو وڏو حصو گذريو آهي، اتي ڪو به ڏينهن به وڃي سفرنامو لکي ٿو ته اهو به مون لاءِ دلچسپ ثابت ٿئي ٿو.

نصير جو سفرنامو توهان جي هٿن ۾ آهي. توهان پاڻ پڙهي اندازو ڪري سگهوٿا. هن جتي مختلف ملڪن جي ماڻهن، سياست ۽ خبرن جي ڄاڻ ڏني آهي اتي سفر دوران پيش آيل پريشانين ۽ جُنين جو

احوال پڻ لکيو آهي جيڪا شئي سفرنامي لاءِ بيحد اهم آهي. پڙهندڙ رڳو ليڪ جي فائيو اسٽار هوٽل ۾ رهائش ۽ عياشيءَ جو احوال پڙهڻ ۾ دلچسپي نٿا رکن. هو اوهان جي غلطين، بيوقوفين ۽ اٽڪاٽائين جي ڪري درپيش آيل تڪليفن ۽ انهن کي توهان ڪيئن منهن ڏنو ان جو احوال ڄاڻڻ چاهين ٿا جيئن هنن کي به ڪڏهن ٻاهر نڪرڻ جو موقعو ملي ته انهن ڳالهين کي ذهن ۾ رکي پنهنجو بچاءُ ڪري سگهن. جيئن نصير شروع جي بابن ۾ ڊالر پاڻ سان نه کڻي سگهڻ سبب دهليءَ جي هوائي اڏي تي ٿيل جُٽ جو سربستو احوال ڏنو آهي. اهڙي طرح هوائي اڏن تي سڪيورٽي چيڪ سبب جن مرحلن مان اڄڪلهه لنگهڻو پوي ٿو ان بابت به هن پڙهندڙ کي آگاهه ڪيو آهي. ٻاهرين ملڪن ۾ روڊن تي پنا اُڇلائڻ تي ڏنڊ، سگريٽ ڇڪڻ تي بندش ۽ اهڙين ٻين ڳالهين جو به هن ذڪر ڪيو آهي.

سچي ڳالهه ته اها آهي ته نصير کي پهرين سفر بعد ئي ان جو احوال (سفرنامو) لکڻ کپندو هو. اهڙي طرح هيستائين سندس گهٽ ۾ گهٽ نو ڏهه سفرناما ٿي وڃن ها. هونئن به سفرناما لکڻ جي شوقين کي پنهنجي تجربي جي ڳالهه ٻڌايان ته سفر ختم ٿيڻ شرط جيترو جلد لکڻ شروع ڪجي ايترو بهتر. ناول يا افسانو پلي توهان ڀلي آرام سان لکو ۽ سوچيو ۽ رکي رکي تبديليون آڻيو پر سفرنامي جي معاملي ۾ توهان جيترو دير ڪندو اوترو توهانجي سفر جون يادون دماغ مان نڪرنديون وينديون. آئون جڏهن پهريون دفعو ٻن هفتن لاءِ ايران وڃي رهيو هوس ته سيني عزيزن دوستن کان موڪلايم ته هاڻ ڇهه مهينا کن نه ملنداسين. سيني چيو "پر تنهنجو سفر ته فقط اڌ مهيني جو آهي." "بلڪل صحيح" مون وراڻيو "پر ان بعد ساڍا پنج مهينا آئون بند ڪمري ۾ رهي سفرنامو لکڻ ٿو چاهيان." ۽ پوءِ ايران مان موٽڻ بعد به ٽي مهينا ملائيشيا جي هڪ ڳوٺ ۾ ۽ باقي وقت پنڊيءَ ۾ پيٽارو جي هڪ رٽائرڊ فوجي دوست جي گهر ۾ اهو سفرنامو لکي ورتم چو جو دير ٿيڻ سان سفرنامو لکڻ ڏکيو ٿيندو وڃي ٿو. ان حساب سان نصير اعجاز کي شاباس هجي جنهن چوٿو صديءَ جي سفرن جو ڪيڪو احوال هاڻ ويهي لکيو آهي... ۽ بيحد دلچسپ انداز ۾. تڏهن ته ڪيس چيم ته هاڻ ائيندي هر سفر جو احوال ان وقت ئي لکجانءِ جيئن اجان به گهڻو احوال لکي پڙهندڙن لاءِ وڏيڪ ڄاڻ ڏئي سگهين. هونئن به ڄاڻ ۽ تعليم جي معاملي ۾ نصير اعجاز خوش نصيب آهي جو هن اها نه فقط ڪلاس روم ۾ ڪتابن ۽ ٽيچرن کان حاصل ڪئي آهي پر گهر ۾ پنهنجي والدين کان پڻ. نصير اعجاز جو واسطو سنڌ جي پڙهيل ڳڙهيل خاندان سان رهيو آهي. سندس نه فقط والد صاحب آخوند قادر بخش ميمڻ جو وڪالت کان اڳ درس تدريس سان واسطو رهيو پر ڏاڏي ۽ پڙڏاڏي جو پڻ. سندس ڏاڏو آخوند حاجي فيض محمد انسپيڪٽر آف اسڪولس هو ۽ پڙڏاڏي آخوند اسماعيل کي سندن ڳوٺ پريا ۾ پنهنجو مڪتب هو. نصير جي چاچي مرحوم جميل احمد پريا ۾ ورهاڱي کان اڳ جو تاريخي اسڪول کي سي اڪئڊمي هاءِ اسڪول ڪيترائي سال هلايو ۽ بعد ۾ انسپيڪٽر آف اسڪولس ٿيو جڏهن ته سندس ڏاڏي جو ڀاءُ حافظ محمد صادق ڪراچي جي تاريخي اين جي وي اسڪول جو پرنسيپال ٿي رهيو ۽ بعد ۾ سنڌ جو ڊائريڪٽر آف اسڪولس ۽ حيدرآباد واري تاريخي

ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج جو پرنسپال بہ رهيو. نصير کي لکڻ جو ڏانءُ سندس مرحوم ڏاڏي ۽ والد کان ورثي ۾ مليو.

هتي اهو بہ لکندو هلان تہ نصير اعجاز ننڍي هوندي کان سفر ۾ آهي. هو ڇاڪاڻ ضرور پريا ۾ پر اتي مجموعي طور سال بہ مس رهيو. سندس والد جي نوڪري ۽ بعد ۾ وڪالت جي پيشي ۾ پريا کان ڪراچيءَ تائين ڪن سببن جي ڪري شهر مٽائڻ سبب هن کي ڪي سال ڪنهن شهر ۾ تہ ڪي سال ٻئي ڪنهن هنڌ گذارڻا پيا. ايتري قدر جو ڇائو تہ مائٽ ميرپور خاص جي ڊينگاڻ پرڳڙي ڳوٺ هليا ويا. پرائمري نوشهري فيروز ۾ مورو مان پڙهيو. هن مئٽرڪ شهدادپور مان ڪئي تہ انٽر حيدرآباد مان. نوڪري بہ هن جي اهڙي نوعيت جي رهي جنهن ۾ هن کي سڄي ملڪ توڙي ملڪ کان ٻاهر وڃڻو پيو... يلي وڃي ..... ڪو اعتراض ناهي.... پر هر سفر بعد هڪ عدد سفرنامو ضرور لکي.

**الطاف شيخ**

ملاڪا، ملائيشيا

20 آڪٽوبر 2013

❊

# ليڪ پاران

9 آگسٽ 1954ع تي حج جي رات اڳوڻي نوابشاهه ضلعي ۽ هاڻوڪي نوشهري فيروز ضلعي جي ننڍڙي شهر پڙيا ۾ جڏهن منهنجو جنم ٿيو ته بابا ميرپور خاص ضلعي جي ڳوٺ ڊينگاڻ پُرڳڙيءَ جي اسڪول ۾ انگلش ٽيچر هو. مان اڃا چاليهه ڏينهن جو هئس ته بابا اسان کي وٺي ڊينگاڻ هليو ويو. اتي گهڻو وقت رهياسين. اها ته خبر ڪانهي پر جڏهن ٿورو شعور آيو ته پاڻ کي مائٽن سان گڏ نوشهري فيروز جي مدرسا هاءِ اسڪول ۾ ڏٺم جتي بابا هائوس ماسٽر هو ۽ اسڪول جي اڱڻ اندر ئي هڪ گهر ۾ رهائش هئي. بعد ۾ نوشهري ۾ ئي بابا کي وڪيل جي حيثيت ۾ ڏٺم جتان وري مورو شهر ڏانهن لڏڻ ياد آهي. مورو ۾ پرائمريءَ جي پهرين کان پنجين درجي تائين پڙهڻ کان پوءِ اڃا ڇهين درجي ۾ ڪجهه وقت گذريو ته اوچتو تبديءَ آدم لڏڻ جو فيصلو ٿيو جتي مشڪل سان هڪ ورهيه پورو ڪيوسين ته قسمت اسان کي شهدادپور وٺي وئي. ان هڪ ئي شهر ۾ رهندي اسان کي مسواڙي جاين جي ڪري ڪيترائي گهر ۽ پاڙا مٽائڻا پيا. 1967 کان 1970 جي اوائل تائين اسان جا ڏينهن شهدادپور ۾ گذريا جڏهن هڪ ڏينهن بابا حيدرآباد لڏڻ جو فيصلو ٻڌايو. تن ڏينهن ۾ مان مئٽرڪ ۾ هئس پر هڪ تعصب پرست استاد جي حرڪتن جي نتيجي ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول اندر وڏي ڇڪتاڻ پيدا ٿي وئي هئي جنهن جي پُڇاڙي هڪ ڏينهن اسڪول ۾ ڪلاس هلندي سنڌي استادن ۽ شاگردن مٿان رانگڙ برادريءَ جي شاگردن هٿان خوني حملي جي شڪل ۾ ٿي ۽ اسڪول ڪجهه وقت لاءِ بند ٿي ويو. جيئن ته اسڪول به بند ٿي ويو هو ۽ حيدرآباد ۾ رهائش جو انتظام به اڃا نه ٿيو هو تنهن ڪري اسان ڪجهه وقت لاءِ ڳوٺ هليا وياسين.

انهن ئي ڏينهن ۾ اسان جي هڪ مائٽ کي قسمت ڪراچي ۽ حيدرآباد جي زندگي ڇڏي ڳوٺ ۾ رهڻ تي مجبور ڪيو. اسان جي لڏپلاڻ مالي مسئلن سبب هئي ۽ هن مائٽ سان اهڙو مسئلو ڪونه هو. هڪ ڏينهن چئي ڏنائين: ”وچو تا اڳتي هلندا ۽ حيدرآباد کان پوءِ آئُوَ ڪراچي ۽ ان کان پوءِ آهي سمنڊ. ان کان پوءِ ڪيڏانهن ويندؤ؟“ هن چا سوچي اهو جملو چيو خدا ڄاڻي يا پاڻ. پر وراڻيومانس: سمنڊ کان پريان به دنيا آهي ۽ اوڏانهن به وڃبو.

اهو ڏينهن هميشه لاءِ منهنجي زندگيءَ تي اثر ڇڏي ويو. مون انگريزيءَ وارو سفر Suffer ته ڪيو ئي ڪيو آهي پر قدرت منهنجي لاءِ ملڪ اندر توڙي ٻاهر گهمڻ ڦرڻ جا به بي شمار موقعا پيدا ڪيا. پنهنجي ڄمڻ کان وٺي اڄ تائين گهاريل وقت ڏاهن جي ان چوڻيءَ جي عڪاسي ڪري ٿو ته زندگي هڪ سفر آهي. ڄمڻ کان مرڻ تائين انسان جن مرحلن مان لنگهي ٿو اهو سفر ناهي ته ٻيو ڇا هي؟

مون کي ملڪ کان ٻاهر وڃڻ جو موقعو1982 ۾ ان وقت مليو هو جڏهن پي آءِ اي جي پهرين افتتاحي اُڏام نيپال جي گادي کٽمنڊو وڃڻ واري هئي. هلال پاڪستان جي اسٽاف رپورٽر جي حيثيت ۾

پي آءِ اي وارن سان سڻا لاڳاپا هئا جن مون کي کٽمنڊو هلڻ لاءِ چيو. مان هنن سان هليو ۽ وڃان ها پر ايمانداري ڏيکاريندي کين باضابطا ليٽر ڏيڻ لاءِ چيم ته جيئن اخبار جي ايڊيٽر (ناصر بروهي) کي ڏيان ته جيئن هو اهو نه سوچي ته مان سندس اجازت کان سواءِ ٻاهر هليو ويس. ناصر بروهيءَ سان پُراڻي ياري ٻه هئي پر مون نه ٿي چاهيو ته سندس ايڊيٽر واري حيثيت کي نظر انداز ڪري سندس من ۾ ڪا غلط سوچ پئدا ٿيڻ جو موقعو ڏيان. مون پي آءِ اي جو ليٽر کڻي اچي سندس آڏو رکيو ۽ مطمئن ٿي وڃي ڪم سان لڳس پر حيرت جي حد ٿي نه رهي جڏهن ڏٺم ته هن هڪ ٻئي شخص (جنهن کي مون ماستري ڇڏرائي صحافت سيکاري هلال پاڪستان ۾ سب ايڊيٽر جي نوڪري ڏياري هئي) کي سڏي ارجنٽ پاسپورٽ ٺهرائي کٽمنڊو وڃڻ لاءِ چيو. ٻئي ڪنهن هڪ برادريءَ جا ٻه ڪونه هئا. پر هڪ مخصوص شاونزم کين هڪ ٻئي جي ويجهو وٺي آيو هو. ايئن اهو شخص (جيڪو هاڻي هن دنيا ۾ ناهي) کٽمنڊو هليو ويو.

ورهيه گذري ويا پر وري ملڪ کان ٻاهر وڃڻ جو موقعو نه آيو. تان جو 1990 ۾ جيئي سنڌ جي دوستن معرفت ڪابل ۽ دهلي گهمڻ جو موقعو مليو. ان وقت انهيءَ حقيقت تي ٻه ايمان آيو ته جنهن جي قسمت ۾ جيڪو ڪجهه لکيل آهي، اهو ٿي ٿيڻو آهي. ڪير ڪيترا ٻه پروگرام ناهي، جيسين امر نه ٿيندو ڪک پن ٻه چُري نه سگهندو. مان ٻه پنهنجي قسمت جي لکئي موجب پرڏيهه جو اهو سفر ڪرڻ کان پوءِ وري انگريزي توڙي سنڌي، ٻنهي قسمن جا سفر ڪندو هلندو رهيس ۽ ايئن ذري گهٽ ڏهه سال گذري ويا جڏهن مون کي سمنڊ پار وڃڻ جو سڏ ٿيو. سن 2000 ۾ مان سنڌي اخبارن ۾ نوڪري ڪندو اچي هڪ نيوز ايجنسي پاڪستان پريس انٽرنيشنل ۾ پهتو هئس، جتي پهرين سال ئي مون کي سنگاپور ۾ ميڊيا ۽ جمهوريت بابت هڪ سيمينار ۾ شريڪ ٿي مقالو پڙهڻ لاءِ موڪليو ويو. 2002 ۽ 2004 ۾ کٽمنڊو ۾ صحافتي ورڪشاپن ۾ شرڪت ڪيم جڏهن ته 2003 ۾ سريلنڪا ۾ ٻن عالمي ڪانفرنسن ۾ شريڪ ٿيس. کٽمنڊوجي پهرين دوري تان واپسيءَ ۾ ڍاڪا ۾ ٻه رهڻ ۽ گهمڻ جو موقعو مليو ته سريلنڪا ۽ ڏکڻ ڪوريا ڏانهن ايندي ويندي دُبئيءَ جون ٻه جهلڪيون ڏٺم. ڏکڻ ڪوريا 2007۽ 2008 ۾ لاڳيتو وڃڻ ٿيو ۽ وري 2009 جي سيپٽمبر ۽ نومبر ۾ ٻن الڳ پروگرامن ۾ شرڪت لاءِ سڏ آيو پر جيئن مون مٿي لکيو آهي ته قسمت جو لکيو ٿي ٿيندو آهي آءُ ويزا ۽ ٽڪيٽ هٿ ۾ هجڻ جي باوجود بيماري ۽ ٻين ڪن سببن جي ڪري وڃي نه سگهيس. اهي سفر ڪهاڻيون لکي اجا ڪنهن پبلشر جي ڳولا ۾ هئس ته 2010ع جي مئي مهيني ۾ مالديپ ۽ نومبر ۾ کٽمنڊو ٽيون ڀيرو وڃڻ ٿيو. ڪتاب جي ڇپائيءَ دوران ڊسمبر 2011 ۾ افغانستان جو ٻه دورو ڪيم جيڪو 22 ورهين کانپوءِ ان ملڪ جو ٻيو دورو هو. اهڙي طرح 2012 جي مئي مهينس ۾ هڪ ٻئي ايشيائي ملڪ ڪمبوڊيا گهمڻ جو موقعو مليو. مون ملڪ اندر توڙي ٻاهر ڪوبه سفر پنهنجي خرچ تي نه ڪيو. بس قسمت قُرب ڪيو نه ته مان سماج جي ان طبقي جو ماڻهو آهيان جيڪو ڳوٺ وڃڻ لاءِ ٻه پهرين پنهنجي کيسي ۾ موجود ڏوڪڙن جو حساب ڪتاب ڪندو آهي. خبر ناهي اڳتي ٻه حياتيءَ ۾ ڪو سفر لکيل آهي يا نه.

سنگت ساٿ جي چوڻ تي مان پنهنجي هر دوري، ملڪ اندر توڙي ٻاهران جا نوٽ لکندو رهيو آهيان پر ڪڏهن به سفرنامو لکڻ جي ڪوشش نه ڪيم. هي پهريون پيرو آهي جو ٻڌجي ٻڌجي قلم کنيو اٿم. ٻڀ ان ڪري ٿيو پئي ته مرحوم طارق اشرف (جنهن ان وقت سُهڻيءَ جهڙي معياري رسالي ۾ منهنجون انگريزي ادب مان ترجمو ڪيل ڪهاڻيون ڇاپي مون کي ادبي دنيا ۾ متعارف ڪرايو جڏهن مان اڃا انٽر ڪامرس جو شاگرد هئس) جو چوڻ هو ته ادبي دنيا مان صحافت ۾ ويندڙن جي ٻولي خراب ٿي ويندي آهي. ٻيو ته اخباري ايجنسيءَ ۾ وڃڻ کان پوءِ سنڌيءَ ۾ لکڻ جو سلسلو مڪمل طور بند هو. ڏهه سال ڪمپيوٽر تي ڪم ڪرڻ سبب هٿ سان لکڻ به ڏکيو ٿي لڳو. مون جڏهن به سنڌيءَ ۾ لکڻ جي ڪوشش ڪئي ته هٿ ذهن جو ساٿ نه ٿي ڏنو. هاڻي جڏهن سفرنامو لکڻ چاهيم ته به اها حالت ٿي جنهن کان پوءِ نيٽ ڪمپيوٽر تي سنڌي پروگرام انسٽال ڪرائي سنڌيءَ ۾ لکڻ شروع ڪيم. هڪ ته ڏهاڪو ورهين کان پوءِ سنڌيءَ ۾ لکڻ ۽ اهو به هڪ سفرنامو. ڏاڍو ڏکيو ٿي لڳو پر ڪوشش ڪئي اٿم. هن ڪتاب ۾ تمام گهڻيون اُوڻائيون هونديون. منهنجي سنڌي ٻولي به ممڪن آهي ته عام رواجي لڳي ۽ ٻي ڳالهه ته ممڪن آهي ته پڙهندڙن کي هيءُ سفرنامو ئي نه لڳي. چوته ڪٿي سائين الطاف شيخ ۽ ٻين وڏن ليکڪن جا سفرناما ۽ ڪٿي مون جهڙي هڪ عام صحافيءَ جي لکڻي. مون کي خبر ناهي ته هي ڪتاب سفرنامي جي وصف تي پورو لهي به ٿو يا نه. مون ته بس انهن ٻن ٽن ملڪن ۾ جيڪو ڪجهه ڏٺو ۽ سنڌ جي حوالي سان جيڪو ڪجهه محسوس ڪيو اهو لکيو آهي. ٻاهر جي سفر جو احوال ڏيندي مون بار بار سنڌ جي حوالي سان جيڪي ڳالهيون لکيون آهن، ان جو سبب منهنجي اها سوچ آهي ته اسان کي رڳو ٻاهرين ملڪن جا سفرناما نه لکڻ گهرجن پر سنڌ جا سفرناما لکڻ تي به ڌيان ڏيون. هر انگريز سنڌ گهمڻ کان پوءِ ان تي وڏا ڪتاب لکيا جيڪي اڄ سنڌ جي تاريخ جي حوالي سان وڏو سرمايو آهن. هن دور ۾ به جن سنڌي دوستن سنڌ گهمي ڪجهه لکيو هوندو اهو ايندڙ نسلن لاءِ هڪ تاريخ جي حيثيت رکندو. ڪلهه جي سنڌ ڇا هئي؟ اسان کي پراڻن ڪتابن مان خبر پوي ٿي. اڄ جي سنڌ ڇا آهي؟ ڪيئن سنڌ ۽ سنڌين سان تاريخي ظلم ٿيا، سنڌ ۾ ڪهڙيون انتظامي، جاگرافيائي، سياسي ۽ سماجي تبديليون آيون، اهو اسان کي پنهنجي ايندڙ نسلن لاءِ لکڻ گهرجي. مان سمجهان ٿو ته سنڌ جي موجوده 23 ضلعن (جيڪي سياسي مقصدن خاطر وڏين انتظامي تبديلين جي نتيجي ۾ وجود ۾ آيا ) مان ڪنهن به ضلعي جي ڪنهن هڪ به علائقي ۾ گهمڻ وڃجي ته اتان جو سربستو احوال ضرور قلمبند ڪجي ته اسان اڄ ڪٿي بيٺا آهيون. ( هي سٽون لکڻ وقت وري انتظامي تبديليون آيون آهن. ڪراچيءَ جا پنج ضلعا ۽ حيدر آباد جي اصل ضلعي واري حيثيت پ پ پ حڪومت بحال ڪري چڪي آهي.)

اندر ۾ وڏي آنڌ مانڌ آهي، گهڻو ڪجهه لکڻ ۽ چوڻ گهران ٿو پر جيئن ته ڳالهه ڪتاب جي موضوع کان هٽي ويندي، ان ڪري ٿوري لکئي کي گهڻو سمجهندا.

موڪلاڻيءَ کان اڳ هڪ بلڪل ذاتي ڳالهه! دنيا جا اڪثر اديب پنهنجي ڪتابن ۾، مُهاڳ اندر پنهنجي زال جو ٿورو ضرور مڃيندا رهيا آهن. مون کي ان تي حيرت ٿيندي هئي ته ڪتاب لکيو هنن پاڻ

تـ پوءِ زال جو ٿورو چوٿا مڃين. مون پاڻ بـ ٽي ڪتاب لکيا, پر تڏهن اجا ڇڙو هئس, هاڻ اها ڳالهـ سمجهـ ۾ اچي وئي جو زال ۽ ٻارن جي حصي جو وقت بـ ڪتاب لکڻ تي خرچ ٿئي ٿو ۽ جيڪڏهن سندن سهڪار نـ هجي تـ شايد ڪتاب لکڻ ئي ممڪن نـ ٿئي. حقيقت ھي آھي تـ ھيءُ ڪتاب سندن ئي چوڻ ۽ همٿائڻ تي لکيو اٿم. 1984 ۾ انگريزي ادب مان ترجمو ٿيل بـ ناول, منهنجي ڪالمن جو مجموعو ۽ نوي واري ڏهاڪي ۾ سنڌ جي ثقافت کاتي پاران ٻارن لاءِ ڇپرايل سنڌي جنرل هوشوءَ جي حياتيءَ تي ڪتابڙو ڇپجڻ کان پوءِ منهنجو ھي پهريون ڪتاب آھي ۽ جيڪڏھن ان ۾ ڪي اُوڻايون هجن يا ڪنهن ڳالهـ جي ڪري ڪنهن جي دل آزاري ٿي هجي تـ ان لاءِ مان اڳواٽ معافي گهران ٿو.

اڳي پڌبو هو تـ سنڌي پبلشر اديبن کان ڏوڪڙ وٺي ڪتاب ڇپرائن ٿا. نيو فيلڊس جي فيروز ميمڻ ان ڳالهـ کي غلط ثابت ڪيو ۽ ان جي اُبتڙ هو پئسا ڏيڻ لڳو هو. ھيءُ ڪتاب لکڻ ڪانپوءِ خبر پئي تـ فيروز پبلشنگ جو ڪم ڇڏي چڪو آھي. مون ڪراچيءَ ۾ ٻن پبلشرن سان رابطو ڪيو. مونکي پئسن جي لالچ ڪانـ هئي پر ان وقت حيران ٿيس جڏهن هنن ڪتاب جو سمورو خرچ مونکي پرڻ لاءِ چيو. سائين الطاف شيخ چواڻي سنڌي پبلشر ويچارا آهن پر سندن انداز مونکي نيڪ نـ لڳو. ڏاڏي مرحوم آخوند حاجي فيض محمد 1932۾ پنهنجي حج جو سفرنامو لکيو هو جيڪو 78 ورهين ڪانپوءِ 2010 ۾ لائق زرداري صاحب بلاول ريسرچ انسٽيٽيوٽ طرفان ڇپرايو. سو آسرو لاهي سوچيم تـ متان اسي سالن ڪانپوءِ ڪو لائق زرداريءَ جهڙو ماڻهو منهنجو ڪتاب ڇپرائي, پر 80 سال انتظار کان بچڻ لاءِ نيٺ مون پاڻ پنهنجي خرچ تي ڪتاب ڇپرائڻ جو فيصلو ڪيو پر اِن کان اڳ دوست همسفر گاڏهي جي معرفت پُراڻي دوست يوسف سنڌي سان رابطو ٿي ويو جنهن ھي ڪتاب ڇپرائي پڌرو ڪيو.

**نصير اعجاز**

ڪراچي

# ڪوريا

## صبح جي سانت واري ڌرتي

# *Korea*

## *Land of Morning Silence*



# ويزا لاءِ چڪر

مونکي پڪ ئي ڪانه هئي ته ڪوريا جي ويزا ملي ويندي ۽ مان پنهنجي خوابن جو ملڪ گهمي سگهندس. ستر واري ڏهاڪي جي پڇاڙڪن ۽ اَسيءَ واري ڏهاڪي جي شروعاتي ورهين ۾ منهنجو ڏکڻ ۽ اتر ڪوريا جي ڪراچيءَ وارن قانصل خانن ۾ گهڻو اچڻ وڃڻ ٿيندو هو.هر هفتي ٻنهي مان ڪنهن هڪ قانصلخاني ۾ دعوت هوندي هئي. وڏيڪ لاڙو ته ڪامريڊ ڪِمِ اِل سنگ جي سوشلسٽ اتر ڪوريا ڏانهن هوندو هو ڇو ته ريپبلڪ يا ڏکڻ ڪوريا آمريڪا جي اثر هيٺ هو ۽ اها ڳالهه اسان جهڙن جوانن جي سوچ ۽ نظرين جي خلاف هئي. پر ڪوريا جي ڌرتي ته هڪ هئي ۽ ماڻهو به ته ساڳيا نماڻا ۽ نياز نوڙت وارا هئا جن کي هٽرادو طور ڌار ڪيو ويو هو.ٻنهي قانصل خانن وارا ڏاڍي خاطر مدارت ڪندا هئا. هو اڪثر پنهنجي ملڪن جون فلمون ڏيکاريندا هئا. ساوڪ ۽ وڻن سان جهنجهيل جبلن واري هن ڌرتيءَ جون دستاويزي فلمون ڏسڻ سان دل کي چڪ ٿيندي هئي ته اهو ديس ضرور گهمجي.

ڪوريا اُپ ٻيٽ آهي جيڪو ايشيا کنڊ جي اوڀر ۾ بلڪل چيڙي کان ڏکڻ پاسي سمنڊ ڏانهن نڪتل آهي. سندس ڊيگهه اٽڪل هڪ هزار ڪلوميٽر يا 6 سئو ايڪويهه ميل ۽ ويڪر به سئو سورهن ڪلوميٽر يا هڪ سئو چوٽيهه ميل آهي. ڪوريائي دوست ٻڌائيندا هئا ته سندن ڏندڪٿائن موجب قديم زماني ۾ هڪ شينهن ۽ هڪ رڇ انهيءَ علائقي ۾ رهندا هئا. سندن وڏي خواهش هئي ته هو انسان جي شڪل اختيار ڪن. هو ديوتا کان دعائون گهرندا رهندا هئا. سندن شديد خواهش ۽ دعائن کان متاثر ٿي ديوتا کين پاڻ وٽ گهرايو ۽ ٿُوم جون ڪجهه ڳڙيون ڏئي چيو ته سج جي روشنيءَ کان هڪ سئو ڏينهن پري ان خوراڪ تي گذارو ڪري ڏيکارين. ٻئي ڄڻا ٿُوم کڻي هڪ غار ۾ وڃي رهيا پر شينهن ايڪويهين ڏينهن ئي غار مان ٻاهر ڀڄي آيو. رڇ ارادي جو پڪو نڪتو ۽ سئو ڏينهن غار ۾ رهي ڏيکاريائين. ديوتا خوش ٿي کيس هڪ خوبصورت عورت جي شڪل ڏئي ڇڏي، پر جڏهن عورت ڪجهه وقت ڪانپوءِ اڪيلائي محسوس ڪئي ته وري ڪنهن ساٿيءَ لاءِ دعائون گهرڻ شروع ڪيون. ديوتا سندس خواهش کي جائز سمجهي ان عورت کي پنهنجي زال بنائي ڇڏيو . اڳتي هلي کين پُٽ ڄائو جنهن جو نالو رکين دان گُن وانگ ڄيان Dangun Wanggeon جنهن گوجوسيان Gojoseon يا Joseon جي نالي سان ملڪ ٺاهيو جيڪو هن اُپ ٻيٽ تي ڪوريا جي نالي سان مشهور ٿيو.

ڪوريائي اُپ ٻيٽ ٻن حصن ۾ ورهايل آهي، هڪ اُتر ڪوريا ۽ ٻيو ڏکڻ ڪوريا. سڄي اُپ ٻيٽ ۾ اسي سيڪڙو جبل آهن. 2007 جي آدمشماريءَ موجب ڏکڻ ڪوريا جي آبادي چار ڪروڙ پنجاسي لک آهي. انتظامي طور ڏکڻ ڪوريا 9صوبن، 6 ميٽروپوليٽن شهرن، ستهتر ٻين شهرن ۽ اَناسي ڪائونٽيز تي مشتمل آهي. ڪوريا ۾ صوبي کي سڏين ڏو Do، شهر کي ساءِ si ۽ ڪائونٽيءَ کي چون گُن gun.

بنگال جي عظيم شاعر رابندرناٿ ٽئگور, جنهن جو نظم هندستان جي قومي تراني طور ڳايو وڃي ٿو ۽ جنهن ۾ هن سنڌ جو ذڪر ڪيو آهي, تنهن ڪوريا کي Lamp of the East جو لقب ڏنو هو. چون ٿا ته 1929 ۾ جپان جي اخبار Dong_A Ilbo ۾ سندس هي نظم ڇپيو:

In the golden age of Asia,
Korea was one of its lamp bearers
And that lamp is waiting to be lighted once again
For the illumination in the East

عام تاثر آهي ته جپان ۾ متي جاڻايل اخبار جي بيورو چيف واءِ تائيرو Vi Taero ۽ شاعر چُويَوهان Chu Yohanسان ملاقات ۾ هن اهو نظم لکيو هو. ٽئگور ڪڏهن به ڪوريا ڪانه گهمي هئي پر سندس اهو نظم ڪوريا جي درسي ڪتابن ۾ پڙهايو وڃي ٿو. ڪن ماڻهن جو چوڻ آهي ته گيتانجليءَ مان ٽئگور جو هڪ اڌ شعر اُن ۾ ملائي اضافو به ڪيو ويو آهي.

ايشيا جو ڏيٺو گهمڻ جي منهنجي اها آس تڏهن پوري ٿي جڏهن15 نومبر 2007 تي پاڪستان پريس انٽرنيشنل کي ڏکڻ ڪوريا مان اي ميل ذريعي ايشيا جرنلسٽس ايسوسيئيشن جو دعوت نامو پهتو ته 29 نومبر تي شروع ٿيندڙ سندن جنرل اسيمبليءَ ۾ شرڪت لاءِ ڪنهن کي نامزد ڪيو وڃي. خوشقسمتيءَ سان ان لاءِ منهنجو نالو ئي موڪليو ويو. ساڳئي ڏينهن ئي ڏکڻ ڪوريا جي گادي سيئول مان منهنجي نالي تي دعوت نامو اي ميل تي پهچي ويو. خبر پئي ته دعوت نامو 2 نومبر تي ئي آيل هو پر جنڪ ميل ۾ هليو ويو هو ۽ ڪنهن کي خبر ئي ڪانه پئي. وقت ٿورو بچيو هو ۽ انهن ڏينهن ۾ئي ويزا وٺڻي هئي.

2004۾ نيپال گهمڻ ڪانپوءِ مس مس ٻاهر وڃڻ جو موقعو مليو رهيو هو جنهن کي وڃائڻ نٿي چاهيم تنهنڪري هڪدم آفيس جي هڪ شخص ذريعي ٽريول ايجنٽ سان رابطو ڪري ويزا فارم گهرايم ۽ جهاز جي سيٽ به اڳواٽ بڪ ڪرائي ڇڏيم.

ويزا فارم ته ڀري ڇڏيوسين پر ان سان شامل ڪرڻ لاءِ گهربل دستاويزن جي لسٽ پڙهي مان ته ٽڙو ٽي ويس. ڪوريا جي ويزا لاءِ اتان جي ڪمپنيءَ جو اصل دعوت نامو ان ڪمپنيءَ جي رجسٽريشن جي ڪاپي ۽ اتان جي نوٽري پبلڪ کان تصديق ٿيل گارنٽي ليٽر, هتان (پاڪستان) جي اداري جي رجسٽريشن جو سرٽيفڪيٽ, انڪم ٽيڪس سرٽيفڪيٽ, بينڪ سرٽيفڪيٽ, سڃاڻپ ڪارڊ جي ڪاپي ۽ تصويرون وغيره گهربل هيون.

مان حيران هيس ته ڪوريا جو دورو ڪنهن نوڪري يا ڪاروبار لاءِ نه هو تڏهن به ايترا دستاويز ڇو؟ ايترو اندازو هيو ته آمريڪا ۾ 2001 واري ٽريڊ ٽاور جي تباهيءَ کان پوءِ سڄي دنيا جي ملڪن ويزا جون سختيون وڌائي ڇڏيون هيون. فلپائن ۽ ڪي ٻيا ملڪ ته ويزا جاري ڪرڻ لاءِ پوليس کان ورتل سٺي ڪردار جو سرٽيفڪيٽ گهرڻ لڳا آهن. مون اهڙا سرٽيفڪيٽ ڪي سال اڳ پنهنجي اداري جي چيئرمن ۽ ٻين کي وٺي ڏنا هئا. مان پوليس کاتي جي ڊائريڪٽر پبلڪ رليشنس کي يوڳ ۾ چوندو هئس"ادا اسان کي بدڪردار پوليس کان پنهنجي سٺي ڪردار جو سرٽيفڪيٽ گهرجي" .سنگاپور ۾

سريلنڪا وارا ته سنڌن هوائي اڏي تي لهڻ بعد ويزا جو ٺپو هڻي ڏيندا هئا، پر مونکي ته نيپال جي ٻن چڪرن ۾ ته بنا في ڀرڻ جي ويزا ڏني وئي هئي.

مون سيئول وارن ميزبانن کي اي ميل ذريعي سڄي صورتحال کان آگاه ڪيو ته هو به حيران ٿي ويا. هتي ٽريول ايجنٽ به ٺپ جواب ڏنو ته انهن دستاويزن ڪانسواءِ هو ويزا فارم ڪٽي ئي نه ويندو ڇو ته ڪوريا جي قانصل خاني وارا اهو فارم وٺندا ئي ڪونه. ڪوريائي ميزبانن جو چوڻ هو ته سنڌن تنظيم رجسٽرڊ آهي جنهن جو سرٽيفڪيٽ ته هو موڪلي سگهن ٿا جڏهن ته دعوت نامو هو اڳ ۾ ئي موڪلي چڪا آهن پر باقي دستاويز هنن سان به لاڳو نه ٿا ٿين. ان مهل سچ ته منهنجو چاهه به گهٽجي ويو. هڪ ته قانصل خانو ڊفينس ۾ چڱو خاصو پري هو ٻيو ته آفيس ۾ ڪم گهٽو .سوچيم ته ڪوريا وڃڻ جو خيال ئي ڇڏي ڏيان. هڪ اڌ ڏينهن رکي خيال آيو ته قانصلخاني وارن کان فون تي پڇي وٺان پر هنن به ساڳيو داستان ورجايو. وري ڪي ڏينهن گذري ويا. ان وچ ۾ اسان جي اداري جي چيئرمن همتايو ۽ ساڳي وقت ڪوريا مان به ميزبان تنظيم جي سيڪريٽري جنرل مسٽر ريانگ اوهه جي فون آئي ته هنن ڪوريا جي قانصلخاني وارن سان ڳالهايو آهي ۽ اتي مسٽر لي نالي ويزا آفيسر سان وڃي ملان.

ايئن آخر 26 نومبر 2007 تي قانصلخاني وڃي ويزا آفيسر سان مليس. ڪيس سڄي ماجرا ٻڌايم ۽ حيراني به ظاهر ڪيم ته هڪ صحافي جي ويزا لاءِ ايترا دستاويز ڇو؟ مسٽر لي جڏهن دستاويزن جي لسٽ ڏني ته هن پاڻ وضاحت ڪئي ته اهي مون سان لاڳو نه ٿا ٿين بلڪ ڪانفرنس وغيره لاءِ ويندڙن لاءِ ڪي ٻيون گهرجون آهن. نئين لسٽ ڏسي ٿوري همت ٿي ڇو ته ان ۾ گهربل دستاويزن کان وڌيڪ مان پاڻ سان کڻي ويو هئس، سواءِ بينڪ اسٽيٽمينٽ جي، هڪ اضافي شئي هئي ڪوريائي ڇوڪريءَ سان شادي جي سرٽيفڪيٽ جي، جنهن تي مون آفيسر کي چرچي ۾ چيو هو :ڪوريائي ڇوڪري سان شادي ٿيل ته ڪانهي پر اجازت هجي ته اتان ڪري اچان؟ ان پوڳ تي هو به ڏاڍو کليو هو. بهرحال هن پاسپورٽ ۽ ٻيا دستاويز ورتا ۽ چيو ته هاڻ هو مونکي باضابطا انٽرويو لاءِ گهرائيندا.

ساڳي ڏينهن شام جو مسٽر لي فون تي ٻڌايو ته ٻئي ڏينهن يعني 27 نومبر تي شام جو چئين وڳي انٽرويو جو ٽائيم رکيو ويو آهي. مقرر ڏينهن تي مان منجهند جو ٽين وڳي ئي آفيس مان نڪري پيس ۽ پندرهن منٽ اڳ قانصلخاني پهچي ويس. قانصلخاني جي لائونج ۾ اهي پندرهن منٽ پندرهن ڪلاڪن برابر پئي لڳا. ويتر جو 6 ست ٻيا اميدوار اچي ويٺا ته پڪ ٿي وئي ته هاڻ دير تائين ويهڻو پوندو. ويزا جي اميدوارن ۾ هڪ پاڪستاني همراه پنهنجي ڪوريائي زال سان گڏ آيل هو ۽ پنجابي ٿي لڳو جڏهن ته باقي همراه پٺاڻ هئا.

شڪر ٿيو جو سڀ کان پهرين مونکي سڏيو ويو. مونکي ان مهل خوشيءَ سان گڏ حيراني به ٿي ته قانصل خاني جو سينئر عملدار پنهنجي ڪرسي ڇڏي وڏي عزت سان اچي مليو. هن منهنجا پاسپورٽ به الڳ ڪري رکيا هئا ۽ رسمي حال احوال سان گڏ سيئول ۾ ٿيندڙ ڪانفرنس بابت پڇي درخواست تي صحيح ڪري ڇڏي. مون وري به پڪ ڪندي پڇڻ ضروري سمجهيو ته ويزا ڪڏهن ملندي ڇو ته 28

نومبر تي رات جو فلائيٽ هئي ۽ سڀ تياريون هڪ ڏينهن ۾ ڪرڻيون هيون. آفيسر پڪ ڏني ته ويزا صبح جو ملي ويندي ۽ اها نائين کان يارهين وڳي جي وچ ۾ ڪنهن مهل به ڪٽي سگهان ٿو.

ويزا جي پڪ ملڻ کان پوءِوري آفيس پڳس, ٽڪيٽ جي ٻيهر ڪنفرميشن ڪرايم ۽ اي ميل ذريعي سيئول وارن کي اطلاع ڪيم. شام جو ڪار ۾ گهر ويندي ڪوريا مان فون به اچي وئي. مسٽر ريانگ اوهه ڏاڍو خوش هو ته ڪوششون نيٺ ڪامياب ويون.

ڪم اتي ختم نه ٿيو هو. مونکي سڄي رات جاڳي پاڪستان ۾ صحافت جي صورتحال تي مقالو لکڻو ۽ اهو اي ميل ذريعي سيئول موڪلڻو هو ته جيئن اهو ڪتابي شڪل ۾ 29 نومبر تي شام جو افتتاحي اجلاس ۾ ورهائي سگهن. صبح جو ڇهين وڳي تائين اهو ڪم پورو ڪري ٻه ڪلاڪ ڪن مس سُتس ۽ وري اٿي تياري ڪيم. 28 نومبر تي پنهنجي وقت جي پابندي واري عادت موجب صبح جو ساڍي نائين وڳي ٿي وڃي قانصلخاني پهتس پر ڪوريا وارن تي شايد پاڪستانين جو اثر ٿي ويو هو تنهنڪري اتي به اڌ ڪلاڪ لڳي ويو. جڏهن ويزا لڳل پاسپورٽ هٿ ۾ آيو تڏهن پڪ ٿي ته هاڻ ڪوريا جو چڪر ممڪن آهي.

*

## ڪوريا وارن لاءِ سنڌ جي سوکڙي

قانصلخاني کان سڌو آفيس پڳس ۽ اڪائونٽنٽ کي ڊوڙائي ٽڪيٽ گهرائي ورتم. هاڻ مونکي ڪجهه تحفا خريد ڪرڻا هئا ڇو ته مسٽر ريانگ اوهه لکيو هو ته گهٽ ۾ گهٽ ٻه تحفا وٺي اچان جيڪي سيئول ۾ خاص مهمانن کي ڏيڻا هئا. مان سڌو زينب مارڪيٽ ۾ هڪ ٽريءَ جي دڪان تي پهتس ۽ ٻه اجرڪ ۽ ٻه سنڌي ٽوپيون خريد ڪيم. هن ته سوکڙي طور شراب جي بوتل جو لکيو هو پر مون کيس ٻڌايو هو ته پاڪستان ۾ سڀ ڪجهه ٿئي ٿو پر لڪ ڇپ ۾! شراب جي بوتل ڪٽي هوائي اڏي تان ٻاهر سفر ڪرڻ ممڪن نه هو (گهٽ ۾ گهٽ منهنجي لاءِ). ان ڪري مون ثقافتي سوکڙيون وٺي سيئول ۾ سنڌ ۽ سنڌي ثقافت کي روشناس ڪرائڻ بهتر سمجهيو.

زينب مارڪيٽ ۾ سنڌي ثقافتي شين جا ڪوڙ دڪان آهن. مان جنهن ٽري دڪاندار کان خريداري ڪندو آهيان, اهو ويچارو ٻاڙيو وينو هو. ٻڌايائين ته ڪاروبار ٺپ آهي ۽ 3 نومبر تي هنگامي حالتون لاڳو ٿيڻ کان پوءِ ته حالتون وڌيڪ غير يقيني ٿي ويون آهن. کيس افسوس هو ته ڪراچي ۾ هيترا پرڏيهي سفارتخانا آهن ۽ وڏي تعداد ۾ پرڏيهي اچن ٿا پر سندن ثقافتي سامان جي کپت ڪانهي. مان کيس آٿت ڏيڻ ڪانسواءِ ڪجهه نه ٿي ڪري سگهيس. مونکي اڃان ڪجهه ڪم ڪرڻا هئا ۽ گهر وڃي ننڊ به ڪرڻي

هئي چو تہ سڄي رات جي اوجاڳي سبب اکيون سڙي رهيون هيون. ويندي ويندي ٽري دڪاندار کي ٻڌايم تہ سندس اجرڪ ۽ ٽوپيون ڪوريا ۾ سوکڙيءَ طور پيش ڪندس.

مارچ 1990 ۾ بہ جڏهن زندگي جي پهرين پرڏيهي سفر تي ڪابل ويو هئس تہ هتان سنڌ جي سوکڙي اجرڪ کڻي ويو هئس ۽ ان وقت جي افغان صدر ڪامريڊ نجيب الله کي اوڍرايو هئم. ثقافتي سوکڙين جي پنهنجي اهميت آهي ۽ اهي وڏي وقت تائين ساڻيين ۽ ياد رکيون وڃن ٿيون. افغان انقلاب جي دشمنن ڪامريڊ نجيب الله کي گهڻو وقت رهڻ نہ ڏنو.1992۾ جڏهن هو قومي مصالحتي ڪوشش ۾ ناڪام ٿيڻ کان پوءِ استعيفيٰ ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويو تڏهن آمريڪا ۽ پاڪستاني ايجنسين جي پاليل هٿ ٺوڪين مجاهدن اقتدار تي قبضو ڪري ورتو ۽ ڪامريڊ گڏيل قومن جي سفارتخاني ۾ وڃي پناه ورتي پر سيپٽمبر 1994 ۾ وحشين کيس پڪڙي سرِعام ڦاهي ڏئي ڇڏي ۽ سندس جسم ڏينهن جا ڏينهن هڪ ٿنڀي تي لٽڪندو رهيو. وقت ۽ حالتن ڪامريڊ جو ساٿ نہ ڏنو پر مونکي پڪ آهي تہ سنڌ جي سوکڙي اقتدار وڃڻ تائين سندس ذاتي سوکڙين جي مجموعي ۾ شامل رهي هوندي. (مونکي مئي 1988 ۾ سنڌ قومي اتحاد نهڻ جي موقعي تي سن ۾ سائين جي ايم سيد پنهنجي هٿن سان اجرڪ جي سوکڙي ڏني هئي، جيڪا اڄ چوويهين سال بہ مون وٽ محفوظ آهي. اهو اجرڪ جيئي سنڌ محاذ يونٽ فريد آباد طرفان ڏنو ويو هو جنهن تي ان يونٽ جو نالو زريءَ سان لکيل آهي.)

افغانستان جي سفر ۾ عبدالواحد آريسرءِ مان گڏ هئاسين. آريسر ان وقت جيئي سنڌ قومي محاذ جو چيئرمين هو. افغان حڪومت پختون قومپرست اڳواڻ شهيد عبدالصمد اڇڪزئيءَ جي ورسيءَ تي هڪ سيمينار ڪوٺايو هو ۽ ان ۾ شرڪت لاءِ پختونخواه ملي عوامي پارٽيءَ جي معرفت اڳواڻن، دانشورن ۽ صحافين کي دعوت ڏني هئي. سنڌ مان جيئي سنڌ محاذ کي بہ ماڻهو موڪلڻ جو چيو ويو هو ۽ محاذ جي دوستن آريسر ۽ مونکي محاذ جي نمائندگيءَ لاءِ ڪابل موڪلڻ جو فيصلو ڪيو هو. حقيقت ۾ مونکي تہ خبر ئي ڪانہ هئي پر هڪ ڏينهن محاذ جي دوست سيد غلام شاهہ چيو تہ پاسپورٽ ٺهرائي ڇڏيان ڇو تہ ڪنهن مهل بہ افغانستان روانگي ٿيندي. اڃان تيارين ۾ هئاسين تہ افغان وزيرِ دفاع شاهنواز تنائيءَ هٿان ڪامريڊ خلاف بغاوت جي خبر آئي جيڪا ناڪام ٿي هئي پر تڏهن بہ خيال هو تہ هاڻ شايد پروگرام نہ ٿئي. حيرت ان وقت ٿي جڏهن ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ ٻڌايو مليو تہ پروگرام پڪو آهي. هڪ ڏينهن سيد غلام شاهہ ۽ پختونخواهہ ملي عوامي پارٽيءَ جو مقامي اڳواڻ واڃ مينهن ڪندا اچي پهتا ۽ پاسپورٽ وٺي ويا. هڪ ڏينهن اندر هنن افغانستان ۽ انڊيا جي ويزا هڻائي 22 مارچ تي پاسپورٽ منهنجي حوالي ڪيو ۽ ان ڏينهن ئي رات جو اسان جي فلائيٽ هئي. ڪابل لاءِ سڌي فلائيٽ نہ هجڻ ڪري اسان کي دهليءَ رستي وڃڻو هو. آريسر ۽ مان 23 مارچ تي ڪابل پهتا هئاسين ۽ 25 مارچ تي ڪامريڊ نجيب الله سان ملاقات ٿي. افغانستان جي سفر جو تفصيلي ذڪر اڳتي هلي ڪبو.

*

## ڊالر ڏيو ڊالر

ڪوريا وڃڻ لاءِ هڪ اهم ڪم هو ڊالر وٺڻ. ڪراچيءَ ۾ بدامنيءَ سبب مني چينجر وٽ وڃي ڊالر وٺندي ڊپ پئي ٿيو. مونکي اهو ڏينهن ياد آهي جڏهن سيپٽمبر 2004 ۾ ڪٽمنڊومان موٽڻ تي حسن اسڪوائر وٽ هڪ مني چينجر وٽان ڊالر مٽائي ستٽيهه هزار رپيا ڪٽي رڪشا ۾ گهر پي آيس تہ گهر واري علائقي شانتي نگر جي پرسان موٽر سائيڪل سوار چورا هٿيارن جي زور تي سڀ پئسا ڪيسي مان ڪڍي ويا هئا. پر ڊالرن وٺڻ ڪانسواءِ ڪو چارو بہ ڪونہ هو. اهو بہ تلخ تجربو افغانستان جي دوري مهل ٿيل هو.

مونکي تازو ئي آل پاڪستان نيوزپيپرس سوسائٽيءَ جي طرفان بهترين رپورٽنگ جي ايوارڊ سان گڏ ست هزار رپيا مليا هئا. ايتري ئي رقم عبدلواحد آريسر وٽ هئي. جيئن مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان تہ اسان کي ويزا بلڪل ان ڏينهن ملي جنهن ڏينهن فلائيٽ رواني ٿيڻي هئي. اسان کي ڪراچيءَ مان انڊين ايئر لائين رستي دهلي وڃڻو هو ۽ جيئن تہ صبح جو سوير ڪابل روانگي هئي تنهنڪري رات جا ڪجهہ ڪلاڪ دهليءَ جي بين الاقوامي هوائي اڏي تي ئي گذارڻا هئا. اسان کي چيو ويو تہ وقت وڃائڻ بدران سڌو گهر وڃي بيگ کڻي هوائي اڏي پهچون ۽ اتي ئي بينڪ مان ڊالر مٽائي وٺون. انهن هدايتن تحت مان پنجين وڳي شام جو گهران نڪري پيس. هوائي اڏي تي آريسر ۽ مون بينڪ مان ڊالر وٺڻ چاهيا تہ جواب مليو تہ ڊالر ناهن. بينڪ وارن صلاح ڏني تہ انڊين ڪرنسي وٺون جيڪا دهلي ايئر پورٽ تي ڊالرن ۾ مٽائي سگهبي. اسان الله تي رکي سمورن پئسن جي انڊين ڪرنسي وٺي ڇڏي.

اسان تہ پنهنجي مقرر وقت تي هوائي اڏي پهچي ويا هئاسين پر جهاز نائين وڳي رات جو اڏاٽو ۽ ڏيڍ ڪلاڪ جي سفر ڪانپوءِ دهلي هوائي اڏي تي لٿو. ان مهل هندستاني وقت مطابق رات جا يارهن ٿيا هئا. اميگريشن جي ظابطن مان فارغ ٿي اسان ٽرانزٽ لائونج ۾ وڃي ويناسين. حياتيءَ ۾ پهريون ڀيرو ملڪ کان ٻاهر نڪتو هئس. دهلي هوائي اڏي جو ماحول ڏسي وات ئي ڦاٽي ويو. يورپ جهڙو ماحول هو. جينس جي چڏين ۽ بريزيئر بنا ٽي شرٽس ۾ گوريون مايون بي ڌڙڪ ٽيلارا ڏئي رهيون هيون. اڪثر يورپي ماڻهن کي اسان ڊيوٽي فري شاپ تان وسڪي خريد ڪندي ڏٺو. دل تہ اسان جي بہ لوڏو ڪاڏو پر ان مهل اسانکي چانهہ جي طلب محسوس ٿي تنهنڪري هڪ اسٽال تان چانهہ وٺڻ وياسين پر ان مهل وٺجي وياسين جڏهن هنن انڊين ڪرنسي وٺڻ کان انڪار ڪيو ۽ ڊالر گهريائون. اسان سڌو بينڪ ڪائونٽر تي وڃي ڊالر گهريا تہ هنن بہ نپ جواب ڏنو. اسان جا تہ پگهر نڪري آيا. مانڊڙي ڪري وڃي هڪ صوفا تي ديرو ڄمايوسين. حيرت ٿي تہ هندستان ۾ هندستاني ڪرنسي ڪانہ پئي هلي. ان حالت ۾ جڏهن چانهہ پيئڻ مشڪل هو تڏهن وسڪيءَ جي خواهش ڪيئن ڪريون ها. ويٺي ٻين کي ڪائيندي پيئندي ڏٺوسين.

وقت گذارڻ به ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو هو. رات جو جاڳندي جڏهن بک ڏپيو تڏهن زهوب. بلوچستان جي پاسي جو هڪ پناڻ شاگرد بادشاهه خان ڪم آيو جيڪو ڪابل ڪان ڪنڌار وڃڻو هو جتي يونيورسٽيءَ ۾ سندس داخلا هئي. هن پاڻ سان به مٺا لولا آندا هئا جيڪي اسان کي آڇيائين. اهڙي وقت مٺا لولا اسان جي لاءِ غنيمت هئا. اُج اجهائڻ لاءِ في الحال لائونج ۾ رکيل واٽر ڪولر پي ڪم آيو پر اڳتي هلي اهو به خالي ٿي ويو. پوءَ ته اُج ۾ به برو حال هو.

ايئن اوجاڳي ۽ ساٽائيءَ ۾ صوفا تي منهنجي اک لڳي وئي. ٿوري دير ڪانپوءِ جاڳيس ته آريسر ہڏايو ته هڪ گوري رن وسڪيءَ جي بوتل ڪڍي پر واري صوفا تي اچي ويني ۽ وسڪيءَ جي آڇ ڪيائين پر هن انڪار ڪيس. جنهن ڪانپوءِ هوءَ اتي وئي ۽ ٻيو پارٽنر ڳولي ان سان پيئڻ ۽ چٽ چم ڪرڻ لڳي. مون چيومانس ته "يار اسان بک ۾ بصر به پلو وانگي جڏهن انٽرنيشنل هوائي اڏي تي ويهي منو لولو کائي سگهون ٿا ته چڱي پاتل گوري رن سان وسڪي پيئڻ ۾ ڪهڙو حرج هو؟ "

اها سڄي رات اسان بک ۽ اج تي گذاري. شڪر هو ته جهاز مان ٿوري گهٽي ڊنر ٽيل هئي نه ته بک ۾ لاهه پتجي وڃن ها. هندستان ۾ اتان جي ٺي ڪرنسي نه هلڻ تي هڪ سک به حيران هو. ساڳي سک ٺوائليٽ ۾ بلب نه ڏسي چيو هو" هيڏو سارو هندستان ۽ هتي بلب ڪونهي" .ان تي اتي موجود پنگيءَ وراڻيس،"هندستان هتي نہ ٻاهر آهي" .

اسان جي بدقسمتي جو ڪابل جي لاءِ جهاز صبح جو ستين وڳي بدران ڏهين وڳي اڏاڻو. جهاز ۾ جڏهن ايئر هوسٽس اسان کي جوس پيئڻ لاءِ ڏنو تڏهن وڃي اسان جي جان ۾ جان آئي. ڪابل پهچڻ شرط مون پهريون ڪم اهو ڪيو هو ته هڪدم ڪرنسي مارڪيٽ وڃي هندستاني رپين مان جان ڇڏايم. آريسر ڪجهه افغاني ڪرنسي ورتي ۽ هندستاني رپيا به بچائي رکيائين. منهنجا ورتل ڊالر وري به ڪم آيا جو واپسيءَ ۾ دهليءَ ۾ انڊين ايئر لائين لاهور جي ٽڪيٽ لاءِ انڊين ڪرنسي وٺڻ کان انڪار ڪيو ۽ نيٺ ڊالر ڏئي ٽڪيٽ وٺڻي پئي.

ان تجربي ڪانپوءِ مون هميشه پرڏيهي سفر تي وڃڻ کان اڳ ڊالر وٺڻ کي ٻين ڪمن تي ترجيح ڏني ۽ ڪوريا لاءِ به ايئن ڪيم.

*

# ايئرپورٽ تي خواري

جڏهن به ملڪ اندر يا ٻاهر وڃڻ ٿيو ڪراچي هوائي اڏي تي ڪڏهن به خواري نه ٿي. هميشه عزت سان سڀ مرحلا طئه ٿيندا رهيا آهن. مان سدائين ٻين ملڪن جا مثال ڏيندو هئس جتي هوائي اڏن تي وڏي خواري ٿيندي آهي. انڊيا جي سفر جو مٿي ذڪر ڪري چڪو آهيان. ان سفر ۾ جڏهن اسان دهلي پهتاسين ته ٽرانزٽ لائونج ۾ وڃڻ لاءِ به سڪيورٽي چيڪ جي سيني مرحلن مان لنگهڻو پيو. خوشقسمتيءَ سان اسان کي چڱو آفيسر ٽڪرايو جنهن منهنجي صحافيءَ واري پاسپورٽ سبب گهڻي عزت ڏني. منهنجي چيڪنگ مهل سڪيورٽي گيٽ ۽ ميٽل ڊيٽيڪٽر به ماٺ رهيا پر عبدالواحد آريسر پيري مخصوص آواز نڪرڻ لڳا. ڪيس هڪ پيرو وري لنگهڻ لاءِ چيو ويو ته به ساڳي ڪار. ڪيس ڪوٽ لاهڻ لاءِ چيو ويو ته به ڪو فرق نه پيو. بوٽ لاهي گيٽ مان لنگهڻ سان به آواز نڪتا. نيٺ آفيسر آريسر کي هڪ ڪمري ۾ هلڻ لاءِ چيو جتي سندس مڪمل تلاشي ٿي، سندس جوتن کي به چڪاسيو ويو پر نتيجو وري به ساڳيو. اوچتو آريسر جي ڪيسي تي نظر پئي جنهن ۾ پين پيل هئي ۽ جڏهن پين ڪيڍڻ بعد هو سڪيورٽي گيٽ مان لنگهيو ته خاموشي رهي. هڪ ته پرائو ملڪ مٿان وري اهي چڪر، اسان جا ته پگهر نڪري آيا هئا.

صبح جو وري ٻيو نظارو ڏٺوسين جڏهن ڪابل وڃڻ لاءِ قطار ۾ لڳاسين ته هڪ افغان جوڙي کي خوار ڪيو ويو. زال مڙس پڙهيل لکيل ٿي لڳا. هنن ويچارن هڪ ناريل ورتو هو جنهن تي انڊين اميگريشن وارن کي اعتراض هو. افغان جوڙو حيران هو ته ناريل کڻڻ تي هنن کي اعتراض ڇو آهي؟ افغان جوڙو ناريل ڇڏڻ لاءِ تيار نه هو ۽ انڊين اسٽاف کين اجازت ڏيڻ کان بنهه انڪاري هو. نيٺ انڊين عملي ٻنهي کي ڌڪا ۽ گاريون ڏئي اهو ناريل کسي ورتو. افغان ايئر لائين جي جهاز ۾ به عجيب روش ڏٺي سين. مسافرن کي الاٽ ٿيل سيٽن جي نمبرن کي نظرانداز ڪري يورپي ۽ ٻين گورن باشندن کي جهاز جي اڳين حصي ۾ ۽ باقي سمورن مسافرن کي پُٺيان ويهاريو ويو.

اهڙو ئي منظر ڪابل مان واپسيءَ تي ڏٺوسين جڏهن انڊين اميگريشن عملي افغان مسافر مردن توڙي عورتن کي ڌڪن ۽ گارين جو وسڪارو لائي ڏنو. سندن روش مان ايئن ٿي لڳو جڻ افغان ٽئين درجي جا شهري ۽ سندن غلام هجن.

نيپال جي گادي ڪٺمنڊوجي هوائي اڏي تي وري نئين قسم جي خواري هوندي آهي. ڪٺمنڊو مان روانو ٿيندڙن جو سامان گاڏين ۾ کڻي جهاز کان پريرو اچي اڇلائيندا آهن ۽ پوءِ هر مسافر کي پنهنجو سامان سڃاڻي هٿ رکڻو آهي. ان کان پوءِ ئي اهو سامان لوڊر کڻي جهاز ۾ رکندا. ان مرحلي دوران مسافرن سان

نيپالي سڪيورٽي عملي جو رويو پاڪستاني جيلن ۾ قيدين سان پوليس جي سلوڪ جهڙو هوندو آهي.

(هاڻي اهو سلسلو بند آهي)

هن ڀيري ڪراچي هوائي اڏي تي بورڊنگ ڪارڊ وٺڻ کانپوءِ سڪيورٽي چيڪ مهل هر مسافر جا جوتا، موبائل فون، ڪيسن ۾ پيل هر شئي ويندي پينٽ جو پٽو به لهرائي مشين مان گذاريو ويو. سڪيورٽي چيڪ جو اهو طريقو آڪٽوبر 2007 کان شروع ڪيو ويو هو ۽ نه رڳو اتي پر دبئي هوائي اڏي تي به ساڳيو حال هو سواءِ ڏکڻ ڪوريا جي. ڪراچي هوائي اڏي تي اهو سلوڪ خراب لڳو پر دبئي ۾ گورن ۽ ڪارن سان، مردن توڙي عورتن سان ساڳي جٽ ڏسي مان ته ڪنهن جي چوڻ کان اڳ ئي ڪارروائي شروع ڪري پيو ڇڏيان. هونئن به اسان رڳو پنهنجي ملڪ ۾ قانون جي ڀڃڪڙي ڪندا آهيون. ملڪ کان ٻاهر اسان کان وڏيڪ ٻيو ڪوبه قانون جو فرمانبردار ڪونه هوندو آهي. اهڙي سخت چڪاس کانپوءِ سچ ته رڳو گنجي ۽ ڪڇو پائي سفر تي نڪرجي ته بهتر آهي.

❋

# سنڌين سان ملاقات

اسان جي سائين الطاف شيخ جي خاص ڳالهہ اها آهي تہ هو دنيا ۾ جتي بہ ويو اتي هن سنڌين کي ڳولهي لڌو آهي. شاپنگ سينٽرن، هوٽلن، بسن ۽ گاڏين ۾ توڙي روڊ رستن تي، هن جتي بہ ڪنهن سنڌيءَ جو آواز ٻڌو تہ مڙي وڃي ان سان ملندو. پنهنجو تعارف ڪرائيندو ۽ هن جو حال احوال وٺندو. سندس سفرنامن ۾ اهڙا ڪئين ذڪر ٿيل آهن. هو سفر ۾ دوست ناهڻ ۽ انهن سان لاڳاپا جاري رکڻ جو ماهر آهي. سندس وڏي خوبي آهي طبيعت جي سادگي، نياز ۽ نوڙت. مان سندس ڪنهن بہ خوبيءَ جي برابري نٿو ڪري سگهان. پرڏيهي سفرن ۾ مون اهڙي ڪوشش ضرور ڪئي پر ناڪام رهيس. مونکي ياد آهي تہ اسيءَ واري ڏهاڪي جي شروع ڌاري مرحوم سيد غلام مصطفيٰ شاهہ گلستان شاهہ عبداللطيف اسڪول ڪراچي ۾ ”سنڌي عورت ڪانفرنس“ ڪوٺائي هئي. ڪانفرنس جي پهرين ڏينهن مان اتي ويٺو هئس تہ الطاف شيخ اچي مليو. اها اسان جي پهرين ملاقات هئي. مون تہ سندس ئي ڪتابن ۾ سندس تصويرون ڏٺيون هيون تنهنڪري سڃاڻي ورتم پر هو شايد ان ڪري اچي مليو هو جو ان ميڙاڪي ۾ مان هن لاءِ نئون ماڻهو هئس. ان ملاقات ڪانپوءِ هو ضرور مون سان ملڻ لاءِ ايندو هو. اهي ملاقاتون هلال پاڪستان ۾ برسات اخبارن ۾ نوڪريءَ دوران جاري رهيون. هو جڏهن بہ ايندو هو تہ پاڻ سان پنهنجي ڪتابن جا سيٽ کنيو ايندو هو. ايئن ئي هڪ ڏينهن زوزات کندو هلال پاڪستان جي آفيس ۾ آيو هو ۽ اچڻ شرط چيائين، ”منهنجي نئين ڪتاب جو مهاڳ لکي ڏي. ماڻهو چوندا آهن تہ مان سدائين سينئر اديبن يا ليکڪائن کان مهاڳ لکرائيندو آهيان. مان اها روايت ٽوڙڻ گهران ٿو.“ سندس ڪتاب ”موج نہ سهي مڪڙي“ جو مهاڳ لکڻ منهنجي لاءِ وڏو اعزاز هو.

پنهنجي ڌرتيءَ کان پري ڪنهن سنڌيءَ سان ملڻ ۽ پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻ جو مزو صرف اهي محسوس ڪري سگهن ٿا جن کي اهڙو تجربو ٿيو هوندو. ڏري گهٽ بہ ڏهاڪا اڳ اسلام آباد مان موٽندي پنجتيهہ هزار فوٽ بلنديءَ تي جهاز ۾ جڏهن عنايت بلوچ سان ملاقات ٿي هئي تہ هو خوشيءَ ۾ نہ پيو ماپي. چيو هئائين :يار نصير مان پنهنجي ڊائريءَ ۾ لکندس تہ زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ اسان جي ملاقات ٿي.

عنايت بلوچ، نفيس طبيعت ۽ نياز نوڙت وارو انسان، مٺان وري شاعر، سندس جذبات سندس لفظن ۽ منهن جي تاثرات مان ظاهر هئا. عنايت بلوچ کي اڄ مون بہ ياد ڪيو تہ نہ رڳو ڪتاب ڦولهيندي سندس سفرنامو ”پرين جي پرديس“ نظر اچي ويو پر ڪشش تي ويءَ تي محمد قاسم ماڪا جي پروگرام ۾ سندس تصوير بہ ڏٺم ۽ فون تي رڪارڊ ڪيل آواز بہ ٻڌم.

کٺمنڊوجي پهرين سفر جو مٿي حوالو ڏنو اٿم. سال 2002 ۾ جڏهن اتي ويڻ ٿيو ته انڊيا ۽ پاڪستان طرفان هڪٻئي جي فضائي حدن مان لنگهڻ تي بندش وڌل هئي ۽ کٺمنڊو ۾ پي آءِ اي جي آفيس تي به حملو ٿيو هو. ان ڪري کٺمنڊولاءِ پي آءِ اي جي ڪابه اڏام ڪانه هئي. اسان ڪي امارات ايئر لائين ذريعي پهرين ڍاڪا ويٺو پيو ۽ اتان وري بنگلاديش جي بيمان ايئر لائين ذريعي کٺمنڊو روانا ٿياسين. کٺمنڊو هوائي اڏي تي لائونج ۾ اوچتو ٻن همراهن کي سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندي ٻڌم ته روح سٺ ڏني ۽ وڃي ساڻن مليم. تعارف ڪرائڻ تي خبر پئي ته ٻئي همراه پي آءِ اي ۾ هئا ۽ موڪل پوري ڪري ڳوٺان واپس ڊيوٽيءَ لاءِ پهتا هئا. اڄ مونکي سندن نالا ته ياد ناهن پر انهن مان هڪ لاشاري صاحب هو جيڪو تعارف ڪانپوءِ ايئن ڀڳو جڻ جان ڇڏائي ڀڄندو هجي متان مان اڏارا پئسا نه گهران. اتفاق سان ٻن ورهين بعد وري کٺمنڊو وڃڻ ٿيو ۽ اهو به اتفاق هو ته هندستان ۽ پاڪستان هڪ ٻئي تان بندشون ختم ڪري ڇڏيون هيون ۽ مونکي پي آءِ اي جي ڪراچيءَ کان کٺمنڊوسڌي پهرين اڏام ۾ سيٽ ملي وئي. ٽن ڏينهن ڪانپوءِ واپسيءِ تي پي آءِ اي جي اڏام ۾ وري ڪن سرلا ٿيا جڏهن هڪ ايئر هوسٽس ۽ به فلائيٽ اسٽيواربس پاڻ ۾ سنڌيءَ ۾ ڳالهائي رهيا هئا. مون جو ساڻن سنڌيءَ ۾ ڳالهايو ته ٻهڪي پيا. انهن مان هڪ اسان جي صحافي دوست رشيد راڄڙ جو سئوٽ صالح راڄڙ ۽ ٻيو طاهر گهانگهرو هو. ڪراچيءَ تائين سمورو سفر نه رڳو ساڻن ڪچهري تي پر هو وڏي خاطر مدارت ڪندا رهيا.

پرڏيهي سفر ۾ ان ڪانسواءِ ڪڏهن به ڪنهن سنڌيءَ سان واسطو نه پيو. هن ڀيري دبئيءَ رستي ڪوريا وڃڻ لاءِ ڪراچي هوائي اڏي جي لائونج ۾ فلائيٽ جو انتظار ڪندي سوچي رهيو هئس ته ڪنهن سنڌيءَ سان ملڻ ٿيندو يا نه. ته منهنجي پنيان ڪنهن سيٽ تي ويٺل هڪ همراه موبائل تي هلڪي ڪانياواڙي گاڏڙ سنڌيءَ ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو ۽ لاڳيتو ڪلاڪ ڪن ڳالهائيندو رهيو. ٿوري دير ۾ هڪ ٻيو نوجوان منهنجي پر واري سيٽ تي اچي ويٺو ۽ موبائل ڪڍي ڳالهائڻ شروع ڪيائين. وچ ۾ گهڙي ڪن لاءِ ماٺ ڪيائين ته صرف ايترو پڇي سگهيومانس ته هو ڪٿان جو آهي. خبر پئي ته هو لاڙڪاڻي جو هو. جڏهن ته سندس فون تي ٿيندڙ ڳالهه ٻولهه مان اندازو ٿيو ته هو دبئي وڃي رهيو هو. ڪوريا جي سفر ۾ بس ان ڪانپوءِ وري ڪو ٻيو سنڌي نه ڏٺم نه ٻڌم. سواءِ ڇهين ڏينهن واپسيءَ ۾ دبئي هوائي اڏي تي پٽ تي ويٺل اڇن عربي جبن ۾ ڏهه ڪن همراهن جي جيڪي پاڻ ۾ سنڌي ڳالهائي رهيا هئا. مون ساڻن ڳالهائڻ جي ڪوشش نه ڪئي. هڪ ته مونکي به سڄي رات جو اوجاڳو ۽ ٿڪ هو ٻيو ته مونکي سندن ايئن پٽ تي ليٽڻ به خراب لڳو.

ڪوريا واري ڪانفرنس ۾ هندستان مان برجيش ياٽيا نالي هڪ شخص آيل هو جيڪو اصل ته ٿر سان ملندڙ راجستان رياست جو هيو پر منجهس ٿرين جهڙي ڪابه ڳالهه ڪانه هئي. هو هندستاني اطلاعات کاتي جو رٽائرڊ آفيسر هو ۽ سندس ڄمار به ستر ورهين کان وڌيڪ هئي. مون ڪيس سنڌ ۾ رهندڙ ياٽين جا حوالاڏنا پر ڪنهن کي نه سڃاتائين. سندس چوڻ موجب هو ڄائو ته راجستان ۾ هو پر

زندگي دهليءَ ۾ گذري هيس.ان ڪانپوءِ مون ڪانٽس دهليءَ ۾رهندڙ ٽائمز آف انڊيا جي سينئر صحافي ۽ سنڌي شاعرلڇمڻ ڀاٽيا (لڇمڻ ڪمل) بابت ڪونہ پڇيو.

برجيش ڀاٽيا پنهنجي نوڪريءَ دوران اسلام آباد جا چڪر هڻندو رهيو هو ۽ سندس چوڻ موجب اوجهڙي ڪئمپ کان وقت هو اسلام آباد ۾ ترسيل هو.

مٿي لڇمڻ ڀاٽيا جو ذڪر ڪيو اٿم.ساڻس ملاقات پهرين اپريل 1990 تي دهليءَ ۾ ٿي هئي جڏهن مان ۽ عبدالوحد آريسر ڪراچي وچڻ لاءِ ڪابل مان اتي پهتا هئاسين. اتفاق سان منهنجي واپسيءَ واري ٽرانزٽ ويزا ٽن ڏينهن جي ۽ آريسر جي ويزا شايد ٻن هفتن ڪان بہ وڌيڪ جي هئي. جيئن تہ دهليءَ ۾ رهڻ جو موقعو هو تنهنڪري ڪابل مان مون آل انڊيا ريڊيو جي سنڌي اناؤنسر وينا شرنگيءَ کي ٽيليگرام ڪري اطلاع ڪيو هو تہ اسان 31 مارچ تي شام جو پهچي رهيا آهيون. شهدادڪوٽ سنڌ جي وينا پنهنجي ماءُ ۽ پيءُ سان گڏ دهليءَ ۾ رهندي هئي. سندس والد ۽ ڪي ڀيا مائٽ ان وقت بہ شهدادڪوٽ ۾ رهندا هئا.وينا سان ملاقات ڪراچيءَ ۾1989 ۾ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن جي ڪوٺايل سچل انٽرنيشنل ڪانگريس ۾ ٿي هئي جنتي هوءَ ڀارت جي ٻين اديبن ۽ دانشورن سان گڏ آيل هئي. آل انڊيا ريڊيو تان وينا جو پروگرام روز شام جو هلال پاڪستان اخبار جي آفيس ۾ ٻڌندا هئاسين. اسان سمجهيو ٿي تہ هوءَ ورهاڱي وقت لڏي ويل سنڌين مان هوندي پر پوءِ خبر پئي تہ هوءَ ڪجهہ ورهيہ اڳ ئي سنڌ مان وئي هئي. سماجي ۽ ادبي طور گهڻو سرگرم هئي ۽ سندس ڪهاڻين جا ڪجهہ مجموعا بہ ڇپيل هئا. مونکي پڪ نہ هئي تہ ڪابل مان موڪليل ٽيليگرام کيس مليو هوندو پر حيرت ٿي جڏهن سندس پيءُ اندرا گانڌي انٽرنيشنل هوائي اڏي تي اسان کي وٺڻ لاءِ بيٺل هو. جيئن تہ اسان افغان حڪومت جا مهمان هئاسين ۽ هڪ افغان سفارتڪار بہ اسان لاءِ آيل هو جيڪو اسان کي هوٽل تي رهائڻ لاءِ وٺي پيو ويو تنهنڪري اسان وينا جي پيءُ سان معذرت ڪئي ۽ ٻئي ڏينهن ساڻن ملڻ جو وعدو ڪيو.

پهرين اپريل تي آريسر ۽ مان ٽيڪسي ڪري آل انڊيا ريڊيو اسٽيشن پهتاسين. بيشمار ننڍن ڪمرن تي مشتمل پراڻي عمارت جي هڪ ڏورانهين حصي ۾ سنڌي سيڪشن هو جتي پهتاسين تہ اهو خالي نظر آيو. معلوم ٿيو تہ پروگرام شام جو هجڻ ڪري ان مهل ڪير بہ ڪونہ ملندو. ريڊيو تان ئي وينا سان فون تي ڳالهايوسين ۽ سندس گهر جي ايڊريس وٺي ٽيڪسي ڪري وٽس وڃي پهتاسين. وينا ۽ سندس امڙ وڏي عزت ڏني. منجهند جي ماني بہ وٽن کاڌي سين. ڏهاڪو ڏينهن ڪابل ۾ گوشت کائڻ ڪانپوءِ اڇا چانور، دال، ماني ۽ آچار کائي ايئن لڳو جڻ اسان سنڌ ۾ پنهنجي ئي گهر ۾ ماني کائي رهيا هجون. اسان بہ ٽي ڪلاڪ وينا وٽ هياسين ۽ ان وچ ۾ سنڌ ۽ هند جي سنڌين جي صورتحال تي گهڻيون ئي ڳالهيون ٿيون. هن ٻڌايو تہ ڀارت ۾ سنڌي وڏن عهدن تي پهتا آهن ۽ ان وقت بہ هندستان جي سڪم رياست جو گورنر سنڌي رام هري ٽهلياڻي هو جيڪو انڊين نيويءَ جو رٽائرڊ ايڊمرل هو. اها ڳالهہ بہ پنهنجي جاءِ تي حيرت ۽ خوشيءَ واري هئي تہ هڪ سنڌي انڊين نيويءَ ۾ ايڊمرل جي عهدي تي پهتو هو. پاڪستان نيويءَ ۾ تہ اڄ تائين ڪنهن سنڌيءَ کي اهو عهدو نہ ڏنو ويو آهي. ايئر فورس ۾ ئي الائي ڪيئن

عظيم دائودپوٽي ڪي ايئر مارشل جي عهدي تي پهچڻ ڏنن پر چيف آف ايئر اسٽاف جو عهدو ڏيڻ بجاءِ ڪيس هڪ آفريڪي ملڪ جو ياڙيتو چيف آف ايئر اسٽاف ڪري موڪلي ڇڏين.

اسيءَ واري ڏهاڪي ۾ السٽريٽيڊ ويڪلي آف انڊيا نالي انگريزي رسالي ۾ ورهاڱي وقت سنڌ مان لڏي هندستان ويل سنڌين تي هڪ وڏو مضمون ڇپيو هو جنهن ۾ هندستاني فوج، سول نوڪرين، واپار، ڪارخانن، تعميرات، هوٽل انڊسٽري ۽ فلم انڊسٽري وغيره ۾ سنڌين جا تفصيل ڏنل هئا. سندن هڪ خاصيت خاص طور بيان ڪيل هئي ته پنهنجي ڌرتي ڇڏي لُٽجي پناهگير ٿي هندستان پهچڻ ڪانپوءِ به ڪنهن سنڌي، ايتري قدر جو ڪنهن غريب لاوارث پار به ڪڏهن خيرات نه گهري. انهن بسن جي اڏن ۽ ريلوي اسٽيشنن تي ڪٿمنا ۽ بسڪيٽ وڪڻي به گذارو ڪيو. جن وٽ پئسو هيو انهن سيڙپون ڪيون. انهيءَ مضمون موجب سنڌين انڊيا جي هيوي مشينري، هوٽل، ڪنسٽرڪشن ۽ فلم انڊسٽري ۾ وڏي سيڙپ ڪئي.

انڊيا جي جهوني صحافي خشونت سنگهه به پنهنجي ڪتابن ۾ سنڌين جو ذڪر ڪيو آهي. پنهنجي آتم ڪٿا ۾ هڪ هنڌ خشونت هڪ ارب پتي سنڌيءَ جو ذڪر ڪيو آهي جنهن جي دعوت ۾ هو ويو ته سندس عقل چرخ ٿي ويو. هو لکي ٿو ته هڪ شاهي محل جهڙي بنگلي جي وڏي هال ۾ دعوت هئي جنهن جي ڇت جي جاءِ تي شفاف شيشي جو سُئمنگ پول هيو ۽ ان ۾ بِڪنيون پاتل نوجوان ڇوڪريون. هال ۾ وڏن ماڻهن جا وسڪيءَ جا دور هلي رهيا هئا ۽ سندن مٿان گوريون ڇوريون پاڻيءَ ۾ ڇال ڏئي رهيون هيون.

خير، ڳالهه پئي هلي وينا سان ملاقات جي. هن ٻڌايو ته سندن سماجي تنظيمون آهن جيڪي وقت به وقت مختلف پروگرام ڪرائينديون رهنديون آهن ۽ جڏهن سنڌ مان ڪو آيل هوندو آهي ته ان کي به پروگرام ۾ ڪوٺ ڏبي آهي. کيس افسوس هو ته سندس ئي هڪ ڳوٺائي جعلي قومپرست ليڊر (جيڪو سنڌ ۾ ايجنسين جو ايجنٽ مشهور هو.) کيس سنڌ اچڻ تي اغوا ڪرائڻ جون ڌمڪيون ڏنيون هيون. وينا ٻڌايو ته ان شخص جي بار بار انڊيا اچڻ تي اتان جون ايجنسيون سندن عورتن جي تنظيم پٺيان پئجي ويون هيون جنهن ڪانپوءِ هنن ان ليڊر صاحب کي پروگرامن ۾ اچڻ کان روڪي ڇڏيو پر هو زوري اسٽيج تي چڙهي تقرير ڪندو هو. کيس جڏهن سختيءَ سان روڪيو ويو ته هن اغوا جي ڌمڪي ڏني.

شام جو ڇئين وڳي وينا کي وٺڻ لاءِ ريڊيو جي وئن پهتي ته اسان به ساڻس گڏ روانا ٿياسين. وينا وٽ سندس اسڪوٽر به هو. هن ٻڌايو ته ڪڏهن ڪڏهن هوءَ پاڻ به اسڪوٽر هلائي ريڊيو تي ويندي آهي.

ساڍي ڇئين ڌاري اسان آل انڊيا ريڊيو وٽ وينا کان موڪلايو ۽ ٽيڪسي ڪري لڇمڻ ڪمل جي گهر روانا ٿياسين. هو صحافين جي رهائشي ڪالوني (پريس اينڪليو) ۾ هڪ فليٽ ۾ رهندو هو. سندس گهر واري گوپي، جيڪا هوم ڊپارٽمينٽ ۾ سيڪشن آفيسر هئي، اسان کي گهر اندر ويهاريو چوته لڇمڻ اڃان نه پهتو هو. ساڍي پنجين ڌاري جڏهن هو پهتو ته ڏاڍو خوش ٿيو جو هو آريسر جو وڏو پرستار هو. اُتندي ئي شڪايت ڪيائين ته آريسر پنهنجا تازا ڪتاب کيس نه موڪليا آهن. آريسر کي چيائين،

”جڏهن به مونتي ڊپريشن سوار ٿيندي آهي ته تنهنجو ڪتاب پڙهندو آهيان.“ لڇمڻ سان رات جو ٻارهين وڳي تائين ڪچهري ٿي ۽ مذهب کان سياست تائين هر موضوع تي ڳالهايوسين. ٽائمز آف انڊيا جهڙي وڏي اخبار ۾ سندس صحافتي زندگي ۽ تجربي مونکي گهڻو متاثر ڪيو. سندس خيال هو ته مجيب الرحمان، ذوالفقار علي ڀٽي ۽ اندرا گانڌيءَ جو قتل هڪ ئي سلسلي جي ڪڙي هئي ڇو ته، هن خطي ۾ جمهوري ۽ عوامي اڳواڻن جو وجود سامراجي قوتن جي مفاد ۾ نه هو.

رات جو ٻارهين وڳي لڇمڻ فون ڪري ريڊيو ڪئب گهرائي جنهن ۾ اسان هوٽل روانا ٿياسين. ان زماني ۾ ڪراچيءَ ۾ اڃان ريڊيو ڪئب جو نالو به ڪونه هوندو هو.ريڊيو ڪئب جي حساب سان اسان پارٽ کان ڏهاڪو ورهيه پوئتي هئاسين ڇوته اها سروس ڪراچيءَ ۾ 2001 ڌاري شروع ٿي.

لڇمڻ ان کانپوءِ به ٿي چڪر سنڌ جا هڻي چڪو آهي پر منهنجي ڪڏهن به ساڻس ملاقات نه ٿي.

*

# چاڪانجي؟

رات جو يارهين وڳي فلائيٽ هئڻ سبب گهران هلڪي ڦلڪي ماني کائي نڪتو هئس. پڪ هئي ته جهاز ۾ به ماني ملندي. جهاز دبئيءَ لاءِ اُڏاڻو ته هوائي ميزبانن کاڌو کارائڻ شروع ڪيو. هتي ٻڌائيندو هلان ته ڪراچي کان سيئول سڌي فلائيٽ ناهي تنهنڪري يا ته وايا بئنڪاڪ وڃڻو پوي ٿو يا وري وايا دبئي ۾ مونکي دير سان ويزا ملڻ سبب دبئي واري فلائيٽ نصيب ٿي. شڪر ٿيو ته بي سائي ئي سهي پر برياني کائڻ لاءِ ملي چوته ان ڪانپوءِ ڪوريا تائين ڊگهي سفر ۾ کائڻ لائق ڪا به شئي کانه هئي ۽ سڄو وقت مونکي بک ڪاٽڻي پئي. دبئيءَ جي مقامي وقت موجب اڌ رات جو ٻارهين وڳي جهاز لٿو جنهن ڪانپوءِ ٽين وڳي ڪوريا لاءِ روانگي هئي. ان مهل پيٽ پريل هئڻ سبب پاڻي ۽ ڪافيءَ تي گذارو ڪري ۾ ڊيوٽي فري شاپنگ مال ۾ چڪر هڻندي وقت ڪاٽيم. ڏيان چڪائڻ لاءِ شاپنگ مال ۾ گهٽيون ئي شيون هيون پر به شيون وات پاڻي ڪري رهيون هيون. هڪ خشڪ ميوو ۽ ٻيون مڌ جون بوتلون. گورن ۽ گورين جو سڄو مارو مڌ ڳنهڻ تي هو. مون سوچيو ته خشڪ ميوو واپسيءَ تي وٺندس, هتان بس مڌ جي هڪ ٻاٽلي وٺي ٿو وڃان ته جيئن ڪوريا ۾ رات جو موڊ ٺئي ته به ڍُڪا پي سگهجن. پئسن ڏيڻ مهل ڪائونٽر گرل پاسپورٽ ڏسي جواب ڏنو ته پاڪستاني ماڻهن لاءِ ان تي بندش آهي. مون احتجاج ڪيو ته مان پاڪستان نه بلڪ ڪوريا وڃي رهيو آهيان جنهن ڪانپوءِ مس مس وڃي راضي ٿي. ٻاٽلي وٺي وري شاپنگ مال جا چڪر هڻڻ شروع ڪيم. 2003 ۾ به ڪولمبو ويندي به ٽي ڪلاڪ دبئي شاپنگ مال ۾ گذاريا هئم. ان وقت ضياءَ اعوان ايڊوڪيٽ ۽ سندس اداري جي هڪ ڇوڪري گڏ هئا. ياد اٿم ته گهمندي گهمندي ٿڪجي پيو هئس ۽ هڪ ڪائونٽر سان ٽيڪ ڏئي بيٺو هئس ته ساٿي ڇوڪريءَ دانهن ڪئي ، سر! ڪرينا ڪپور. ڪيا اس ڪي ساٿ آپ ڪي تصوير بنائون؟ ” .مون سمجهيو ته يوڳ تي ڪري تنهنڪري پاسي ۾ بيٺل جينس ۽ ٽي شرٽ پاتل خوبصورت ڇوڪريءَ تي سرسري نظر وجهي پرپرو ٿي بيهي رهيس پر جڏهن چتائي ڏٺم ته واقعي ڪرينا ڪپور هئي ۽ ان مهل هڪ شخص ڪرينا سان فوٽو ڪڍائي رهيو هو.

رات جو اوجاڳو بک وڌائيندو آهي سو ٽين وڳي تائين منهنجي حالت به خراب هئي پر ڪجهه کائڻ بدران گهڙي گهڙيءَ سموڪرس ڪارنر ۾ وڃي خالي پيٽ تي سگريٽ پيئندو رهيس جتي جينس پهريل نوجوان يورپين ڇوريون ڪش مٿان ڪش هڻي رهيون هيون. نيٺ انتظار پورو ٿيو ۽ سيئول روانگيءَ لاءِ جهاز ۾ سوار ٿيا سين. سواءِ ڪجهه يورپين ماڻهن جي باقي سڀ ڪوريائي هئا جيڪي شايد دبئي يا ٻين عرب رياستن مان موڪلن تي يا نوڪرين جو مدو پورو ٿيڻ تي پنهنجي ملڪ وڃي رهيا هئا. هوائي

ميزبانن جيئن ئي ڪاڏو ورهائڻ شروع ڪيو تہ ڪاڏن جي شڪل ڏسي مونکي بہ اندازو ٿي ويو تہ سيئول تائين بکيو رهڻو پوندو. عجيب ڪاڏا هئا جيڪي منهنجي ڪائڻ ڪان چڙهيل هئا. هڪ ايئر هوسٽس جڏهن منهنجي ويجهو آئي تہ مينو ڏسي ڪانئس آمليٽ گهريم ۽ سوچيم تہ گهٽ ۾ گهٽ اها تہ پڪ هوندم تہ مون بيدو ڪاڏو. پر جڏهن ڪائڻ شروع ڪيم تہ ٽپ ئي ٽري ويا. عجيب بي ساٿو آمليٽ هو جنهن جو پهريون گرهہ ئي ٽري ۾ اُڇلائي ڇڏيم. ان ڪانپوءِ ڪائڻ لاءِ بس فروٽ جون بہ ٽي ڪتريون ۽ ٽماٽي جي ماپ جي هڪ ڊبل روٽي هئي. جيئن تہ چانهہ ۾ بہ مزو نہ هو تنهنڪري پوءِ سڄو زور جوس تي رکيم.

سفر کي اجان ڪلاڪ کن مس گذريو هيو تہ پنهنجي چاڻ خاطر ايئر هوسٽس ڪان پڇيم تہ دبئي- سيئول سفر گهڻن ڪلاڪن جو آهي. سندس وات مان ڏهہ ڪلاڪن جو ٻڌي بخار چڙهي ويو. ڊگهي سفر جو اندازو تہ اڳ ۾ ئي هو ڇوتہ ٽڪيٽ ۾ لکيل وقت موجب سيئول ۾ جهاز اتان جي مقامي وقت مطابق شام جو پنجين وڳي لهڻو هو. پاڪستان ۽ ڪوريا جي وقت ۾ چئن ڪلاڪن جو فرق آهي ۽ جيئن تہ مان دبئي(اولهہ ۾) وچي وري اوڀر وچي رهيو هئس تنهنڪري وقتۓ فاصلي جي وچوٽي اجان وڌي وئي. وقت گذاري ۽ بک تان ڌيان هٽائڻ لاءِ اخبار بہ ڪيتري پڙهجي سو سواءِ سمهڻ جي ٻيو ڪو چارو ڪونہ هو ۽ هرڪو جاڳي ٿو تہ خالي پيٽ تي ڪهڙي ننڊ ايندي آهي. مون سيئول تائين وري ڪجهہ نہ ڪاڏو ۽ لنچ ۾ بہ فروٽ ۽ جوس تي گذارو ڪيم.

مونکي پنهنجا پهريان سفر ياد ايندا رهيا. افغانستان جو ذڪر ڪري چڪو آهيان جتي سرڪاري مهمان هئاسين ۽ ريسٽ هائوس ۾ شاندار نموني خدمت ٿيندي هئي. ڪاڏي ۾ سواءِ ان جي ٻيو ڪو فرق نہ هو تہ اسان پاڻ وٽ ٻوڙ ۾ گوشت جون ننڍيون ٻوٽيون ڪيون ۽ افغاني وڏي گوشت جا وڏا ٻُوٽ چاڙهين. مرچ مصالحا بہ اسان جهڙا ئي اٿن.

سن 2000 ۾ ميڊيا ۽ جمهوريت جي موضوع تي ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ سنگاپور وڃڻ ٿيو. اتي چارئي ڏينهن فائيو اسٽار هوٽل River View ۾ رهڻ جي باوجود مونکي صحيح نموني ڪائڻ لاءِ فقط هڪ ويلو نصيب ٿيندو هو. صبح جو هوٽل جي ريسٽورينٽ ۾ نيرن لاءِ بيشمار ڊش هوندا هئا پر سڀ آمريڪي اسٽائل جا, تنهنڪري مان فروٽ,جوس ۽ چانهہ تي گذارو ڪندو هئس. لنچ اتان جي چائنيز ريسٽورينٽ ۾ رکيل هوندي هئي ۽ اهي ڪاڏا بہ مونکي ٽپ ڪونہ وڻن. اتي بہ هڪ ڏينهن مون لنچ ۾ آمليٽ ڪائڻ جو تجربو ڪيو پر منو آمليٽ چکندي ئي توبهہ ڪيم. هڪ مان ۽ هڪ جرمن صحافي, ٻنهي سان ساڳي جٽ هوندي هئي. جرمن صحافي هڪ هڪ ڊش کڻي مون ڪان پڇندو هو Mr. Nasir : what is this? ۽ مون وٽ هن لاءِ ڪوبہ جواب نہ هوندو هو. مان حيران هوندو هئس تہ ٻين ملڪن جا ماڻهو هر قسم جو ڪاڏو آرام سان وينا ڪائيندا هئا.

پهرين ئي ڏينهن ميزبانن منهنجي حالت ڏسي صلاح ڏني تہ رات جي ماني مان پنهنجي مرضيءَ سان باهر وچي ڪائي سگهان ٿو پر ان لاءِ مونکي Little India نالي علائقي ۾ وڃڻو پوندو جتي انڊين ڪاڌن جون هوٽلون آهن . مان تہ جڻ جي پيس. ڪانئن بس جو روٽ پڇي سج لٿي مهل نڪري پيو هئس ۽

سائوٿ انڊينس جون هوٽلون ڳولي برياني ۽ چانهه تي ٽُنندو هئس. ڪانفرنس جي آخري ڏينهن شام جو رلڻ جو گهڻو وقت ملي ويو. لٽل انڊيا جي فٽپاٿن تي هلندي هڪ هنڌ حيران ٿي ويس جڏهن ٻن شٽرن واري هڪ دڪان ۾ نهيل هوٽل جي ٻاهران تئي تي مانيون پچنديون ڏٺم. اندر ڪائونٽر تي ويٺل ڏاڙهيءَ واري همراه کان پڇڻ تي خبر پئي ته قيمي جو ٻوڙ به اٿس. بس پوءِ ته مزا ٿي ويا. چوٿين ڏينهن تازي ماني ۽ قيمي جي ٻوڙ سان پيٽ پري ڪاڌم. سنگاپور جو سفر سنگاپور ايئر لائين ذريعي ٿيو هو ۽ ان سفر ۾ کاڌي جو مسئلو ڪونه هو ۽ هر مسافر جي پسند مطابق کاڌو ۽ مشروب ڏنا پي ويا.

نيپال جا کاڌا به لذيذ هئا بلڪ ڪجهه کاڌا ته ذائقي ۾ بلڪل اسان جي کاڌن جهڙا هئا جڏهن ته ڍاڪا ۾ به پاڪستاني کاڌن جهڙي ٽيسٽ هئي پر ڪولمبو ۾ ته هر ڊش مڇيءَ جو هويا هر ڊش مان مڇيءَ جي بوءِ ٿي آئي. بس صبح جو آمليٽ سان نيرن چڱي ٿي ويندي هئي. هڪ ڏينهن مان ۽ ساٿي ڇوڪري پاڪستاني ريسٽورينٽ جي پڇا ڪندي وڃي هڪ هنڌ پهتاسين پر بدقسمتيءَ سان هوٽل بند هئي. هڪ به پنجابي بيرا موجود هئا جن کي اسان جو خيال اچي ويو ۽ اسان کي ڪڙڪ چانهه ٺاهي پياريائون. ڪولمبو ۾ مونکي هوٽل پرسان سمنڊ ڪناري اناناس وٺي گذارو ڪرڻو پوندو هو.

اهي ڳالهيون ياد ڪري سوچيم ته ڪوريا ويندي ئي بکون ڪاٽيون ٿيون پون ته ڪوريا ۾ ڇا حالت ٿيندي، چار ڏينهن منهنجا ڪيئن گذرندا؟ اهي انديشا صحيح ثابت ٿيا جن جو ذڪر اڳتي هلي ٿيندو.

❊

## هاڻي ڪوريا جون ڳالهيون

ڏهہ ڪلاڪن جي لاڳيتي هوائي سفر ڪانپوءِ ڪوريا جي وقت مطابق شام جو پنجين وڳي جهاز سيئول جي انچيان Incheon بين الاقوامي هوائي اڏي تي لٿو. اميگريشن جي ضابطن پوري ڪرڻ ۾ گهڻو وقت ڪونہ لڳو. لائونج کان ٻاهر نڪري ٽيڪسي ڪرڻي هئي ڇوتہ ميزبان مسٽر ريانگ اوهہ جي چوڻ مطابق شام جو ڇهين وڳي پروگرام شروع ٿيڻو هو جنهنڪري هو سپ اتي هوندا ۽ مونکي وٺي اچڻ لاءِ انهن مان ڪير بہ اچي نہ سگهي ها. سندس چوڻ موجب هوائي اڏي کان شهر تائين بس بہ هلي ٿي پر ان ۾ دير لڳي ها. مسٽر ريانگ پنهنجو فون نمبر ڏنو هو ۽ چيو هئائين تہ ٽيڪسي واري کي ان نمبر تي ڳالهائڻ لاءِ چوان تہ جيئن هو ان کي ائڊريس سمجهائي. مان ان سوچ ۾ ئي هئس تہ فل سُوٽ ۾ هڪ همراهہ اچي ٽيڪسيءَ جو پڇيو. مسٽر ريانگ صلاح ڏني هئي تہ ٽيڪسي ڊرائيور انگريزي نہ سمجهي تہ ٻئي ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ کي تاڙيان جيڪو انگريزي سمجهندو هجي ۽ ڊرائيور کي ڪوريائي ٻوليءَ ۾ سمجهائي سگهي. پر شڪر ٿيو جو ڊرائيور بہ ٿي جملا سمجهي ورتا ۽ يڪدم موبائل تي مسٽر ريانگ سان ڳالهائي ائڊريس سمجهي ورتائين. ريانگ مون سان بہ ڳالهايو ۽ ڏاڍو خوش هو تہ وڏي جاکوڙ ڪانپوءِ نيٺ مان بہ ڪوريا پهچي ويس.

ڊرائيور منهنجي بيگ کڻي مونکي هلڻ جو اشارو ڪيو. هوائي اڏي جي عمارت اندر مختلف لائونجن مان ٿيندا هڪ لفٽ ذريعي هيٺ بيسمينٽ ۾ پارڪنگ ۾ پهتاسين. ڊرائيور منهنجي بيگ هڪ لينڊ ڪروزر ۾ رکي تہ شڪجي پيس تہ شايد ڪنهن غلط گاڏيءَ ۾ تہ ورکي پر جڏهن هن منهنجي لاءِ در کوليو تہ پڪ ٿي تہ لينڊ ڪروزر ئي ٽيڪسي آهي. مون پاڻ کي ياد ڏياريو تہ مان پاڪستان ۾ ناهيان جتي ڪنارا ڪارين ۽ پيلين ٽيڪسين جو راڄ آهي ۽ اڃان 6 ست سال مس ٿيا آهن جو ڪرولا گاڏيون ريڊيو ڪئب جي شڪل ۾ هلڻ لڳيون آهن .

لينڊ ڪروزر جڏهن بيسمينٽ واري پارڪنگ ايريا مان ٻاهر نڪري شاهي ڪشادي رستي تي هلڻ لڳي تہ ان مهل سانجهي ٿي چڪي هئي ۽ رستي جي پاسن کان ٿنڀن تي ٻريل بلبن جون قطارون ڪوريا جي خوبصورتيءَ جو احساس ڏياري رهيون هيون. هوائي اڏي کان سٽي سينٽر تائين ڪلاڪ مني جو سفر هو ۽ اهو سمورو وقت ٽيڪسي جڻ تہ ترندي ٿي هلي. ايئن ٿي لڳو تہ اهي رستا,سمنڊ جي ڪارين مٿان ٺهيل پليون ۽ فلاءِ اوورس جڻ تہ تازو ئي ٺهيون هجن. رستن تي نہ ڪٿي گند ڪچرو نہ اڏامندڙ پنا ۽ پلاسٽڪ جون ٿيلهيون. جيئن جيئن شهر جي اندروني علائقن ۾ گهڙندا وياسين تہ اندازو ٿيندو ويو تہ ڪوريائي ماڻهو ٽريفڪ جي قاعدن قانونن جا بہ ڪيڏا نہ پابند آهن . ڪٿي بہ ٽريفڪ پوليس جو ڪو

ماڻهو نظر نہ آيو  پر هر سگنل ۽ هر زيبرا ڪراسنگ تي گاڏيون بيهن پيون ۽ ڪير بہ سگنل ٽپڻ يا اوور ٽيڪنگ جي ڪوشش نہ پيو ڪري.

اسان پنهنجي ملڪ ۾ قانون جي ڀڃڪڙي ڪندي فخر محسوس ڪندا آهيون ۽ جڏهن ملڪ کان ٻاهر وڃبو آهي تہ اسان کان وڌيڪ قانون جو پابند ڪير بہ نہ هوندو آهي. مان سگريٽ جو موالي,سو ڏهہ ڪلاڪن کان وڌيڪ هوائي سفر ۾ سگريٽ نہ پيئڻ سبب ٻاڙيو وينو هئس پر اوپري ملڪ ۾ هٿڻ جي ڪري ڊرائيور کان پڇڻ ضروري سمجهيم ۽ گرين سگنل ملڻ تي لاڳيتو ٻہ تي سگريٽ پي ورتم. مونکي سنگاپور جي سفر جو پهريون ڏينهن ياد آيو  جڏهن شام جو ماني کائڻ لاءِ لٽل انڊيا ويندي بس ۾ جينس پاتل هڪ سمارٽ عورت, جنهن جا ساهرا ڪراچيءَ جا هئا, مونکي نئون ڏسي اتان جي قاعدن قانونن کان ٿورو گهڻو آگاهہ ڪيو جنهن جي خاص ڳالهہ اها هئي تہ گاڏين ۾ يا رستي ويندي سگريٽ پيئڻ, سگريٽ يا ٻيو ڪو ڪاڳر پٽ اڇلائڻ کان پاسو ڪريان ڇوتہ ان تي ويهہ سنگاپوري ڊالر ڏنڊ آهي.

ٽيڪسيءَ ۾ سفر ڪندي بہ مونکي شڪ هو تہ سگريٽ پيئڻ جي اجازت نہ هوندي پر سوچيم تہ اڳتي الائي ڪڏهن اهڙو موقعو ملي, سو ڇو نہ ٽيڪسي ڊرائيور جي شرافت جو فائدو وٺان.

ٽيڪسي هلائيندي وات تي ڊرائيور بٽڻ دٻائي ڊجيٽل نقشو ڪڍيو ۽ سمجهايو تہ اسان هن وقت ڪٿي آهيون ۽ اسان جي منزل ڪٿي آهي. هن ٻڌايو تہ اسان ڪي سٽي هال وٽ پهچڻو آهي جنهن جي پرسان پريس سينٽر آهي ۽ اها ئي اسان جي منزل آهي. مونکي ڪراچي, حيدرآباد, لاهور,اسلام آباد, پشاور ۽ ڪوئٽا جي پريس ڪلبن جو تصور هو جيڪي اسان پاڪستاني صحافين جي نظر ۾ مثالي قسم جون عمارتون آهن. پر جڏهن ٽيڪسي هڪ گهڻ ماڙ ۽ ڪنهن ڪارپوريٽ اداري جي شاهي آفيس جهڙي عمارت ٻاهران هلي بيني تہ واڻڙو ٿي ويس. ٽيڪسي ڊرائيور فون ڪري مسٽر ريانگ کي ٻڌايو تہ سندن مهمان اچي چڪو آهي. ٻن ٽن منٽن ڪانپوءِ هڪ ڪوريائي ڇوڪري عمارت مان ٻاهر آئي ۽ ڊرائيور کي ياڙو ڏئي مونکي اندر وٺي وئي. ٽيڪسيءَ کان ٻاهر اهي ڪجهہ منٽ بہ منهنجي لاءِ ڏکيا ثابت ٿيا جو ٿڌ ايڏي خطرناڪ هئي جو ڪوٽ پاتل هوندي بہ ڏڪڻي بند نہ پئي ٿئي. عمارت اندر گهڙندي ئي فرحت محسوس ٿي جو اتي سينٽرلي هيٽنگ سسٽم هيو. اسان لفٽ ذريعي ڇهين ماڙ تي پهتاسين جتي آڊيٽوريم ۾ پروگرام رٿيل هو. آڊيٽوريم جي ٻاهران رجسٽريشن ڪانپوءِ بيگ ميزبانن جي حفاظت ۾ ڏئي مان هال ۾ گهڙيس جتي ريانگ ۽ ٻيا عهديدار مونسان ايئن ڀاڪر سان مليا ڄڻ پراڻا دوست هجن ۽ گهڻي وقت ڪانپوءِ وري مليا هجن. سڀ کان اڳ هنن پنهنجي عهديدارن سان ملايو ۽ پوءِ ٻين ملڪن مان آيل صحافين سان. جن سان اتي ملاقاتون ٿيون ۽ باقي ڏينهن سفر ۾ گڏ گذارياسين انهن ۾ سنگاپور جو آئيوان لم Ivan Lim , منگوليا جو ڊولگر چلنبتارDolgor Chuluunbaatar , ملائيشيا جي نوريلا دائودNorila Daud , انڊونيشيا جو ايڊي سپارتوEddy Supraptoo , بنگلاديش جو شفيق البشر, ٿائلينڊ جوسلايڪناند وراسڪWirasak  Salayakanond , انڊيا جو برجيش پاٽيا, آمريڪا جي

ڪوريائي صحافڻ ڪيلي يمانوشي Kelly ، ميزبان تنظيم جو صدر سانگ ڪي لي Sang_ki Lee،تنظيم جو ڊائريڪٽر جون جئي چا Joon jai Cha ۽ ڪي ٻيا شامل هئا.

وقت جي پابندي ڪندي ٺيڪ ساڍي ڇهين وڳي پروگرام شروع ڪيو ويو. بلڪل مختصر تعارفي تقريرن کانپوءِ قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر هاڪ راءِ چوءِ Hak Rae Choi ڪي تقرير لاءِ سڏيو ويو جيڪو هيو ته خاص مهمان پر عام مهمانن وانگر وينو هو. سندس تقرير کانپوءِ برما جي هڪ فوٽو جرنلسٽ ناگائي ڪينجي بابت فلم ڏيکاري وئي جنهنکي برما جي سياسي وڳوڙن ۾ پيشيورانه فرض ادا ڪندي شهيد ڪيو ويو هو ۽ جنهنکي سال جي بهترين صحافيءَ جي ايوارڊ لاءِ چونڊيو ويو هو. ناگائي جهونو فوٽو جرنلسٽ هو ۽ زندگيءَ ۾ هو ڪيترن ئي خطرناڪ مرحلن مان گذري چڪو هو پر هڪ ڏينهن عوام ۽ پوليس جي ڇڪرين دوران گولي لڳڻ سبب ختم ٿي ويو. سندس لاش ڪافي دير تائين رستي تي پيو هيو. دستاويزي فلم ڏسي هال ۾ موجود سڀ ماڻهو ڏڪوئجي ويا. مونکي ڪي ٽي اين جي منير سانگيءَ جي ياد آئي جيڪو لاڙڪاڻي پرسان قبائلي جهيڙي جي ڪوريج ڪندي شهيد ٿي ويو. سرحد صوبي جو حيات الله خان ياد آيو جنهنکي اغوا ڪري ڇهن مهينن کانپوءِ قتل ڪري لاش اڇلايو ويو. اهڙا ڪيترائي صحافي ياد آيا جن پنهنجي پيشي سان سچائي ڏيکاريندي جان ڏني. اسان ڪي ايشيا جرنلسٽس ايسوسيئيشن جي جنرل اسيمبليءَ ۾ اهي ئي مسئلا کڻڻا هئا. منهنجي مقالي ۾ منير سانگي ۽ پاڪستان جي ٻين شهيد صحافين، سياسي پارٽين جي تشدد، سرڪار توڙي وڏيرن جي ڏاڍ جو شڪار ٿيل صحافين جو تفصيل سان ذڪر ٿيل هو.

ڏڪويل ماحول ان وقت ڪِل پوڳ ۾ متجي ويو جڏهن گلابي سوٽ ڪوٽ ۾ ڪوريائي ڪاميڊين اچي اسٽيج سنڀالي ۽ پوءِ هر مهمان وٽ وڃي انگريزي ۽ ڪوريائي ٻولين ۾ پوڳ چرچا ڪرڻ لڳو. اهو مزاحيا اداڪار مون وٽ به آيو ۽ ڪوريائي زبان ۾ ڪجھ جملا چيائين جيڪي مونکي سندس ٻنيان چوڻا پيا. منهنجي جملن جي ادائگي شايد چٽي هئي جو وڏيون تاڙيون وڳيون. انهن جملن جو مطلب خير عافيت پڇڻ هو. هونئن به جيڪڏهن ڪوريائي زبان ۾ اهي ڪي گاريون هجن ها ته مون ڪي ڪهڙي خبر پوي ها. (اڳي مان ۽ ڪي ٻيا سنگتي مزي خاطر پنهنجي پنجابي دوستن ڪي ڪجھ اگهاڙن سنڌي لفظن جي چڱي معنيٰ ڪري ٻڌائيندا هئاسين پر پوءِ جلدي کين حقيقت ٻڌائي ڇڏبي هئي).

پروگرام جي انهيءَ حصي ۾ تحفا به ڏناسين. مون هڪ سنڌي ٽوپي ڪاميڊين کي پارائي ۽ باقي هڪ ٽوپي ۽ به اجرڪ ٻين کي پارايم جن مان هڪ ڪوريائي صدر جو چيف سڪيورٽي آفيسر هو. اهو آفيسر اجرڪ ملڻ تي ڏاڍو خوش هو ۽ پروگرام ختم ٿيڻ تي خاص طور اچي مليو. تحفن ڏيڻ جو مقصد انهن ماڻهن کي خوش ڪرڻ هو جن ايسو سيئيشن جي سموري پروگرام رٿڻ ۾ مدد ڪئي هئي.

پروگرام جي انهيءَ حصي کان ئي اهو ڏکيو مرحلو شروع ٿيو جنهن جو ڊپ هو يعني کاڌي پيتي جو. شروعات امن ۽ دوستيءَ جي نانءُ پيگ پيئڻ سان ٿي. هر ميز تي روايتي ڪوريائي وائين جي ٻوتل رکيل هئي. ان کانپوءِ ٻيرن مختلف ڊش رکڻ شروع ڪيا. کاڌا ڏسي بک ته اجا وڌي وئي بلڪ آنڊا وتجڻ لڳا

جو گذريل رات کان بکايل هئس، پر کاڌن جي شڪل ڏسي پريشان ٿي ويس. پاسي ۾ ويٺل هڪ ڪوريائي ميزبان کي ماجرا ٻڌايم جنهن آٿت ڏني ته بيف ڪٽليٽ به مينو ۾ شامل آهن. بس پوءِ ته بيف، ڊبل روٽي ۽ فروٽ تي مارو ڪيم جنهن دوران ريڊ وائين به هلندو رهيو.

پروگرام جو آخري حصو موسيقيءَ جي محفل تي مشتمل هو جنهن جو موضوع هو : ايشيا ۾ پيار، امن ۽ دوستي. ٽن نوجوان ڇوڪرين، هڪ پيانو وڄائيندڙ عورت ۽ سندن هڪ استاد تي ٻڌل گروپ ڪنهن ڪوريائي ميوزڪ اڪيڊمي مان آيل هو. ميوزڪ لاءِ ڪو وڏو آرڪيسٽرا ڪونه هو بلڪ صرف پيانو هو جنهن کي وڄائڻ واري پرڪشش ۽ باوقار عورت هئي. سندن گروپ ليڊر به پروفيسر ليول جو ماڻهو هو جنهنکي سيني ماڻهن عزت پي ڏني. ڪوريائي ٻوليءَ ۾ ڳايل گيتن کي ته مان سمجهي نه سگهيس پر چوندا آهن ته موسيقيءَ جي پنهنجي زبان هوندي آهي سو قرباتتي مرڪ پرريل عورت جي وڄايل پيانو جي ڌنن تي مان ۽ مون جهڙا ٻيا غيرڪوريائي مهمان به جهومندا رهيا. گروپ ليڊر تي چار گيت ڳايا جنهن کان پوءِ سندن شاگرد ٽن ڇوڪرين وارو ورتو. پروگرام کي دلچسپ رنگ ان مهل آيو جڏهن ميائون ميائون ڪرڻ شروع ڪين. ميائون جي ادائگي ۽ منهن جي تاثرات مان ٻن ٻلين وچ ۾ ڪچهري ۽ تڪرار جي هنن ڀرپور عڪاسي ڪئي. هنن ثابت ڪيو ته دنيا جي سمورين ٻلين جي هڪ ئي ٻولي آهي.

پروگرام پنهنجي مخصوص وقت تي ختم ٿيو ۽ سڀ مهمان روانا ٿيڻ لڳا. ان مهل صدر جو چيف سڪيورٽي آفيسر وري اچي مليو ۽ سنڌ جي ثقافتي سوکڙي ڏيڻ تي ٿورو مڃيائين.

اسان به گهڻو ٿڪل هئاسين تنهنڪري هلڻ جي ڪئي سين. هوٽل وايبان ۾ رهائش هئي جيڪا تمام ويجهو هئي پر سامان گڏ هجڻ ۽ سخت ٿڌ جي ڪري ميزبانن ڪار ۾ اُتي پهچايو. ويهه ماڙ هوٽل جي پندرهين ماڙ تي اسان جا ڪمرا هئا. مونکي ۽ پاتيا کي هڪ سوئيٽ مليل هو جنهن ۾ ٽي بيڊ روم، اٽيچڊ باٿ، ڪشادو لائونج ۽ ڪچن شامل هئا.

مان پنهنجي ڪمري ۾ ويچي وهنجي سنهنجي تازو ٿي دريءَ مان ٻاهر جو نظارو ڪرڻ لڳس ته سامهون گهڻ ماڙ شيشن جي عمارت نظر آئي جيڪا پوليس هيڊ آفيس هئي. روشنين سان جرڪندڙ عمارت جي گيٽ تي يا آس پاس ڪوبه پوليس پهرو نظر ڪونه آيو جيئن اسان جي ملڪ ۾ هوندو آهي. ڪراچيءَ ۾ سينٽرل پوليس آفيس جي نه فقط گيٽ تي پر اندر به وڏا اتالا هٿيارن سان ليس هر وقت پوزيشن ۾ ويٺل نظر ايندا ۽ ڪير به بنا پاس جي اندر نه وڃي سگهندو. سڀ کان وڌيڪ غير محفوظ ويچارا پوليس آفيسر لڳندا آهن جن جي بچاءَ لاءِ سوين سپاهي مقرر هوندا آهن . هڪ پوليس آفيسر جي گاڏيءَ جي اڳيان پٺيان ڪيترين ئي موبائلون سائرن وڄائينديون هلنديون آهن . ڪوريا جي باقي سفر ۾ ٻن هفتن تي ٻن پوليس آفيسرن کي وڏين ڪارن ۾ گهمندي ڏٺم ته ميزبانن کان پڇي ويٺس. هنن ٻڌايو ته ڪوريا ۾ پوليس وارا ايئن ڪار ۾ پيٽرولنگ ڪندي نظر ايندا.

*

# ڪوريا ۾ پيو ڏينهن

مون تہ فارمل ڊريس طور پاڻ سان بہ فل سُوٽ کنيا هئا، پر مونکي خبر ئي ڪانہ هئي تہ ڪوريا ۾ ڇمائيندڙ ٿڌ هوندي. اُن جو اندازو پهرين رات ئي ستي هال وٽ ٽيڪسيءَ مان لهڻ شرط ٿي ويو هو جو جيستائين ميزبانن طرفان موڪليل چوڪري ٽيڪسيءَ واري کي پاڙو ڏئي، منهنجي ڪاڏي ايئن پي وڄي ڄڻ مرحوم جلال چانڊئي جي چپڙي وڄندي هجي.

رات تہ هوٽل ۾ خير سان گذري جو اُتي سينٽرلي هيٽنگ سسٽم هو. محسوس ئي نہ ٿيو تہ ڪنهن سرد ملڪ ۾ آيو آهيان. صبح جو نيرن ڪري نائين وڳي هوٽل مان روانگيءَ جو پروگرام هو. منهنجي نيرن چا ٿي هوندي اُهو هن مهل تائين ڪيل احوال مان سمجهي سگهجي ٿو.ڪوريائي ڪاڏو ۽ بي سائي چانهہ !ماٺ ڪري بن ٽن بسڪوٽن تي گذارو ڪيم ڇو تہ دير ٿي رهي هئي. هونئن ڪجهہ وقت هجي ها تہ ڪائڻ جي ٻي ڪا شئي ڳولي ونجي ها.

هوٽل جي ٻاهران هڪ شاهي ڪوچ انتظار ۾ بيٺل هئي. ڪوريائي ميزبان ايترا تہ نياز نوڙت وارا هئا جو اسان جو ڳرو سامان پاڻ کڻي ڪوچ جي خانن ۾ رکندا رهيا. رات جي ڀيٽ ۾ ٿڌ ڪجهہ گهٽ هئي پر ڪوٽ ڪانسواءِ چاڙهو ڪو نہ هو. ڪوچ اندر تہ ٿڌ جو احساس ئي ڪو نہ هو جو اُن ۾ هيٽنگ سسٽم هو. مٿان وري انسٽنٽ ڪافيءَ جو انتظام مزو اچي ويو.

اسان جي روانگي مانهاءِ ڳوٺ Manhae village ڏانهن هئي پر اُن کان اڳ پهرين منزل سام سنگ Samsungڪمپنيءَ جو هيڊ آفيس ڪامپليڪس هئي. جيئن ئي ڪوچ رواني ٿي تہ ايسوسيئيشن جي سيڪريٽري جنرل ريانگ اوهہ مائيڪ کڻي مختصر تعارفي تقرير ڪئي ۽ پوءِ هر مهمان ۽ ميزبان پنهنجو پنهنجو مختصر تعارف ڪرايو. ڪوچ ۾ اسان ڪل ويهہ پنجويهہ ڄڻا هئاسين، جن ۾ پاڪستان جي نمائندگي مون پي ڪئي، انڊيا مان پاتيا صاحب، انڊونيشيا مان مسٽر ايڊي، ملائيشيا مان هڪ پڪي عمر جي ٽريڊ يونين ليڊر عورت نوريلا، ٿائلينڊ جو پروفيسر سلاياڪانونڊ وراسڪ، بنگلاديش جو شفيق البشر، منگوليا جو چلنباتر ڊولگر، سنگاپور جو آئيوان لِم آمريڪا مان ڪوريائي صحافڻ مس ڪيلي، ايسوسيئيشن جي هڪ ترجمان چوڪري، ايسوسيئيشن جو صدر سانگ ڪي لي، هڪ نوجوان فوٽوگرافر ۽ ڪجهہ ٻيا شامل هئا.

هڪ تہ سنڌ سان ملندڙ راجستان جو پاتيا ۽ ٻيو تہ اردو ڳالهائيندڙ. ان ڪري مونکي ساٿس ويجهڙائپ محسوس ٿي ۽ ساڳيا جذبا پاتيا صاحب جا هئا. ان ڪري اسان ٻئي هڪٻئي پرسان ئي ويناسين ۽ سمورو وقت ڪچهري ڪندا رهياسين. هونئن سيئي ساٿي زنده دل هئا ان ڪري سڀ

هڪبئي سان چرچا پوڳ ۾ ڏاڙا نڪاءَ ڪندا رهيا. وچ ۾ ڪافيءَ جو دور ۾ ڊي وي ڊي DVDپليئر تي ڳانا به هلندا رهيا.محسوس ٿي نه ٿيو ته اسان سڀ هڪبئي سان پهريون ڀيرو مليا آهيون.

هوٽل تان روانو ٿيڻ کان ونئي ڪوڙ وقت درياءَ مان جائزو به وٺندو رهيس ته نيٽ شهر ڪُٽندو ۾ ڀهراڙي شروع ٿيندي، ڪي پڳل رستا نظر ايندا، پر اهڙو ڪو منظر نظر نه آيو. پري پري تائين خوبصورت رستا ايئن ٿي لڳا چڻ ويجهڙ ۾ ٺهيا هجن. لنڪ روڊن جو چار اهڙي نموني وچايل هو جو ڪابه گاڏي اوچتو شاهراهه تي نه پئي چڙهي بلڪ اندر پاس مان ٿيندي اچي مکيه ٽريفڪ سان پئي ملي جنهن سان ڪنهن به گاڏيءَ کي بريڪ هڻڻ جي ضرورت نه پئي پوي. ڪوريا جون شاهراهون حقيقي نموني سگنل فري هيون، ڪراچيءَ وانگر نه، جتي ايم ڪيو ايم جي شهري حڪومت اربين رپين جو مال ڪائڻ لاءِ سگنل فري ڪاريڊور ناهڻ جون ڪوڙيون دعوائون ڪري رهي آهي.

سيئول شهر ته گهٽو پنتي رهجي ويو هو پر اسان کي هر هنڌ شهري علائقو پي لڳو چوته شاهراهه جي ٻنهي پاسي خوبصورت عمارتون، اسٽور ۽ پيٽرول پمپ تعمير ٿيل هئا. ڪن هنڌن تي جبل ۾ شاهراهه جي وچ ۾ ٻني ٻارو به ڏسڻ ۾ آيو، پر لاٻارو ٿيل هو ۽ ٻهه يا پلال کي ايترو ته صفائيءَ سان پلاسٽڪ ۾ ويڙهي رکيو ويو هو جو هوائن لڳڻ سان هڪ ڪک پن به زيان نه ٿئي. اسان وٽ سنڌ ۾ لاٻارن کان پوءِ ٻهه يا پلال تي گارو هڻي ان کي زيان ٿيڻ کان بچايو ويندو آهي.

مون ۾ ياتيا اها ڳالهه به نوٽ ڪئي ته سجي سفر ۾ ڪٿي به اسان کي ڪا پراڻي يا ڊينٽ پيل گاڏي ڏسڻ ۾ ڪانه آئي. ياتيا ته گهڙيءَ گهڙيءَ ان جو اظهار به ڪيو. سندس خيال هو ته انڊيا ۽ پاڪستان به اهڙا ملڪ آهن  جتي ٻين ڳالهين سان گڏ پراڻين ۽ ڀڳل گاڏين وارو ڪلچر به ساڳيو آهي. ياتيا ڪنهن زماني ۾ ڀارت جي اطلاعات کاتي ۾ آفيسر هو ۽ ڪيترائي ڀيرا پاڪستان گهمي چڪو هو. جنرل ضياءجي زماني ۾ جڏهن اوجهڙي ڪئمپ وارن بم ڌماڪن اسلام آباد ۾ وڏي تباهي آندي هئي تڏهن به هو اُتي ترسيل هو.

ٽيهه چاليهه ڪلوميٽر سفر ڪرڻ ڪانپوءِ ڪوچ هڪ هنڌ بيٺي ته ٻئي چوڪريون ۽ ٻه ٽي ٻيا ساٿي لهي هڪ عمارت ۾ هليا ويا. پڇڻ تي ٻڌاين ته اهي ريسٽ روم Rest Roomآهن ۽ اسان جا ساٿي فريش Fresh ٿيڻ ويا آهن .ممڪن آهي ته گهڻن ئي پڙهندڙن کي ريسٽ روم جي خبر هجي، پر ڪي مون جهڙا به هونداجن کي ان جي ڄاڻ نه هوندي.مونکي به سچ ته 6 ست ورهيه اڳ نيپال جي دوري ۾ خبر پئي ته ريسٽ روم اصل ۾ ٽوائليٽ کي چيو وڃي ٿو. ڪٺمنڊوجي ڀهراڙيءَ ۾ دلڪش نظارن وارن جبلن تي گوڊاوري وليج رزارٽ ۾ ڊائننگ هال پرسان ٻن دروازن تي ريسٽ روم لکيل هو. هڪ تي مرد ۽ ٻئي تي عورت جي تصوير ٺهيل هئي. مونکي ماني کائڻ کانپوءِ هٿ ڌوئڻا هئا پر سوچ ۾ هئس ته ڪاڏي وڃان. ريسٽ روم لاءِ سمجهيم ته شايد آرام ڪرڻ جا ڪمرا آهن، پر پڇڻ تي خبر پئي ته اهي واش روم آهن جتي ”فريش“ به ٿي سگهبو. سچ ته فريش ٿيڻ جي خبر به هندستاني فلمن ۾ ٽي وي ڊرامن مان پئي جو اداڪارائون ڪنهن جي پڇڻ تي ٻڌائينديون آهن  ته هو فريش ٿيڻ ويون هيون. اسان وٽ عام طور

ٽوائليٽ Toilet لفظ استعمال ٿئي ٿو يا اجا بہ ٿورو ماڊرن تہ واش روم washroom. اسان سنڌي شهيد ڀٽي جي زماني ۾ ڪراچيءَ آياسين تہ شهر جي اڪثر سائن بورڊن Sign Boards ۽ بل بورڊن Bill Boards تي ٽُليٽ To let لکيل ڏسي حيران ٿيندا هئاسين تہ اتي ٽوائليٽ ڪٿان آيو. مونکي ڪوريا جي ريسٽ روم واري عمارت ڏسي پاڪستان جا ”ريسٽ روم“ ياد آيا جن ڪي پبلڪ ٽوائليٽ سڏيون ٿا ۽ جن مان اُٿندڙ ڌپ پري کان ئي حملو ڪري پڇڻ تي مجبور ڪندي آهي. پنج فُٽن جي سوڙهي ڪوٺيءَ ٻاهران وصوليءَ تي ويٺل ماڻهو تہ ڪنهن قسم جي حاجت تان ئي دل ڪٽائي ڇڏيندو آهي.

جيستائين اسان جا ساٿي ”فريش“ ٿي اچن، مان ڪوچ مان لهي پرسان رديءَ جي ٽوڪريءَ وٽ وڃي سگريٽ پيئڻ لاءِ بيٺم جو ڪوريا ۾ هر هنڌ سگريٽ نٿو پي سگهجي ،جتي رديءَ جي ٽوڪري رکيل هجي، پرسان سگريٽ پي ٽوٽو ان ۾ اڇلائي پوءِ روانو ٿجي. اسان پاڪستاني جيئن تہ قانون جا وڏا پابند آهيون (ملڪ کان ٻاهر، پنهنجي ملڪ اندر نہ) تنهنڪري مون بہ انهيءَ تي عمل ڪيو. اسان جو نوجوان ساٿي فوٽوگرافر بہ اتي سگريٽ پي رهيو هو. مون جڏهن سگريٽ دکائڻ لاءِ ماچيس کيسي مان ڪڍيو تہ حيران ٿي ويو. چيائين: اوهہ اولڊ فيشن. هن وٽ لائيٽر هو ۽ ماچيس هن لاءِ پراڻي زماني جي ڪا شئي هئي. ڪوريا اسان کان ايترو اڳتي نڪتل آهي.

جيئن مون مٿي ذڪر ڪيو تہ مان سيئول ختم ٿيڻ جي انتظار ۾ هيس، پر ميزبانن ٻڌايو تہ سيئول پوئتي رهجي ويو آهي ۽ هاڻي اسان سُوان ڪيانگي صوبي ۾ آهيون ۽ ٿورو اڳتي ئي سام سنگ ڪمپنيءَ جي هيڊ آفيس ايندي.

*

## سام سنگ شانتي نگر کان بہ وڏي

ڪجهہ دير جي سفر ڪانپوءِ ڪوچ سام سنگ ڪمپنيءَ جي گيٽ تي پهتي تہ اڳ ۾ ئي ڏنل هدايتن مطابق گارڊ گيٽ کوليو بيٺا هئا. اندر ڪجهہ رستا پار ڪرڻ ڪانپوءِ هڪ عمارت ٻاهران وڃي لٿاسين جتي ڪمپنيءَ جي عملدارن استقبال ڪيو. پهرين تہ هڪ آڊيٽوريم ۾ وڃي ويهارين جتي هڪ عام رواجي قد ڪاٺ جي شخص جنهن ڪي سادو سودو فل سوٽ پاتل هو، ڪمپنيءَ جي باري ۾ بريفنگ ڏيڻ شروع ڪئي. خبر پئي تہ اهو سادو سودو همراه دنيا اندر چانيل ڪمپنيءَ جو وائيس پريزيڊنٽ آهي. بريفنگ کانپوءِ هو اسان کي ان عمارت جي مختلف حصن ۾ گهمائيندو سام سنگ ڪمپنيءَ جون مختلف اليڪٽرانڪ مصنوعات ڏيکاريندو رهيو. اها ڪمپني جيڪي شيون ٺاهي ٿي، اِها سيني کي خبر آهي، تنهنڪري ان جي تفصيل ۾ ڪونہ ويندس، پر جنهن شئي اسان سيني جو ڌيان ڇڪايو اها هئي اسي انچ اسڪرين واري ايل سي ڊي ٽي وي جنهن سان گڏ شاهي قسم جا مائيڪ ۽ ڊيڪ بہ هئا.

انهيءَ تي ويءَ جي قيمت فقط هڪ لک ڊالر هئي يعني پاڪستان جا اسي لک رپيا. هن ٻڌايو تہ انهيءَ تي ويءَ جي اجا ڪمرشل پراڊڪشن شروع نہ ٿي آهي.

انهيءَ عمارت مان نڪري پنڌ ئي پنڌ مختلف آفيسون ٻاهران ئي ڏسندا اڳتي هلندا وياسين. بيشمار ماڻهن کي اسان هڪ گهڻ ماڙ عمارت ڏانهن ويندي ڏٺو. اسانکي بہ انهيءَ عمارت جي ڏهين ماڙ تي وٺي هليا جتي لنچ جو انتظام هو. ڪمپنيءَ جي وائيس پريزيڊنٽ ٻڌايو تہ پنجويهہ ايڪڙن تي پکڙيل اهو ڪامپليڪس فقط ريسرچ ۽ مصنوعات ۾ جدت آڻڻ لاءِ مخصوص آهي جتي ست هزار ورڪر ڪم ڪن ٿا ۽ منجهند جو ست ئي هزار ورڪر هڪ ئي وقت انهيءَ عمارت ۾ ماني کائيندا آهن ۽ ست هزار ورڪرن کي فقط اڌ ڪلاڪ ۾ ماني پيش ڪئي ويندي آهي تہ جيئن هو ماني کائي وري وڃي پنهنجي ڪم سان لڳن.

هن ٻڌايو تہ هر سال هنن کي پنهنجي مصنوعات کي مارڪيٽ جي چٽاڀيٽيءَ مطابق سستو ڪرڻ لاءِ تبديليون آڻيون پونديون آهن. انهيءَ اصول مطابق پيداواري لاڳت سان گڏوگڏ قيمت بہ گهٽائڻي پوندي آهي ۽ انهيءَ جي ڪري نئين ٽيڪنالاجي استعمال ڪري مصنوعات کي اجا وڌيڪ سادو ڪبو آهي. انهيءَ سان مصنوعات جو معيار ڪرڻ بابت منهنجي سوال تي هن اتفاق نہ ڪيو. سندس چوڻ هو تہ هتي فقط تحقيق ۽ نئين ٽيڪنالاجي ايجاد ڪئي وڃي ٿي جڏهن تہ مصنوعات جي تياريءَ لاءِ ڪوريا کانسواءِ دنيا جي ويهہ ملڪن ۾ پلانٽ هنيا ويا آهن تہ جيئن پيداواري لاڳت گهٽ رهي.

هتي ٿيل لنچ جو وري ذڪر ڪري اوهان کي بيزار نہ ڪندس چوتہ هتي مونکي بيف جا ڪجهہ ٽڪرا ملي ويا. باقي کاڌو منهنجي کائڻ کان چڙهيل هو. هڪ ڪوريائي روايتي ڊش جو هنن بہ ٿي پيرا ذڪر ڪيوءِ خاص طور اُن مهل جڏهن سام سنگ جون مصنوعات ڏسندي ريفريجريٽرن واري حصي ۾ آيا هئاسين. هڪ فرج ڏانهن اشارو ڪندي چيو ويو تہ هن ۾ ڪمچي سانڍي رکي سگهجي ٿي ۽ اميد تہ سفر ۾ اڳتي هلي اسان کي ڪمچي Kimchi کائڻ جو ضرور موقعو ملندو. ڪمچي ڪهڙي شئي هئي، اڳتي هلي خبر پئي تنهنڪري ان جو ذڪر بہ اڳتي هلي ڪبو.

اسان سام سنگ ڪمپنيءَ جي ڪامپليڪس تي نظر وجهندي روانا ٿياسين جتي هزارين ورڪرن جي رهائش جو بہ انتظام ٿيل هو. منهنجي اندازي مطابق سام سنگ جو Innovation Complex ڪراچيءَ جي سنڌي وسندي شانتي نگر کان بہ وڌو هو جڏهن تہ اهڙا ست ٻيا ڪامپليڪس ڪوريا جي ٻين علائقن ۾ هئا.

*

# مانهاءِ وليج ڏانهن سفر

سيئول کان سام سنگ تائين اسان ڏکڻ ۾ سفر ڪيو هو جنهن ڪانپوءِ Suwon وارو علائقو چڙهي اسان کي اُتر اوڀر ۾ ايڪسپريس وي Expresswayتي روانو ٿيڻو پيو. اسي سيڪڙو جابلو ملڪ هئڻ ڪري اڪثر هنڌن تي جبل کي ڪٽي سرنگهون Tunnels ٺاهيون ويون هيون. وڏي مهارت سان ٺاهيل ايترين سرنگهن مان لنگهندا رهياسين جو مون ته ڪوريا کي سرنگهن واري ملڪ جو نالو ڏئي ڇڏيو.

سئو کن ڪلوميٽر سفر ڪرڻ ڪانپوءِ وري هڪ هنڌ فريش ٿيڻ لاءِ بيهاسين. اها هڪ خوبصورت ريسٽورنٽ ۽ اسٽور تي مشتمل عمارت هئي جنهن جي آڏو وسيع پارڪنگ ايريا هئي. عمارت جي ٻاهران هڪ ٻه اسٽال لڳل هئا جن تي اُوني ٽوپيون کان وٺندي اليڪٽرانڪ جي سامان تائين مختلف شيون رکيل هيون. ڪوچ کان ٻاهر نڪرڻ تي خبر پئي ته اهي ٻن سوزوڪي پڪ اپ گاڏين تي گشتي اسٽال هئا. اهڙا اسٽال ڪوريا جي شاهراهن تي ريسٽورنٽن جي ٻاهران هر هنڌ نظر آيا.

کليل علائقو هئڻ جي ڪري ٿڌي بي انتها ٿڌ هئي. ڪوچ مان نڪرڻ جي پنج منٽن اندر منهنجو ٺٺو ونجي ويو. ان مهل گشتي اسٽال ڪم آيا جتان مون هڪ اُوني ٽوپي ڇئن ڊالرن ۾ خريد ڪئي جيڪا اسان وٽ وڏ ۾ وڏ پنجاهه روپين ۾ ملي پر هتي ان جي قيمت ٽڏهوڪي ڊالر جي اگهه مطابق ٽي سئو روپين برابر بيني. اها ٽوپي بعد ۾ سموري سفر ۾ ڪارائتي ثابت ٿي. ايئن سمجهو ته بس رات جو سمهڻ مهل لاهيندو هئس.

شام جو پنجين وڳي اسان جي گاڏي شاهراهه تان مڙي هڪ برساتي نديءَ جي پل پار ڪري خوبصورت ور وڪڙ رستن تان ٿيندي هڪ جبل جي دامن ۾ چار ماڙ عمارت جي پارڪنگ ايريا ۾ هلي بيني. ميزبانن اسان کي ٻڌايو ته سيئول کان اٽڪل اڍائي سئو ڪلوميٽر پري اهو مانهاءِ وليج آهي. اسان چوڌاري نهاريو پر پري پري تائين ڪٿي به ڪو ڳوٺ نظر ڪونه آيو سواءِ شاهراهه جي پاسي کان ۽ آس پاس پهاڙين تي نهيل خوبصورت گهرن جي.

شام جو پنجين وڳي سج لهڻ وارو هو تنهنڪري تڙ تڪڙ ۾ عمارت جي ٻاهران ڪجهه فوٽو ڪڍي اندر گهڙياسين. اها عمارت مانهاءِ اِن Manhae Inn هئي ۽ ڪنهن به طرح 3_Star هوٽل کان گهٽ ڪانه هئي. خوبصورت لائونج، رسيپشن، ڪانفرنس هال، ڪمپيوٽر، انٽرنيٽ، لفٽون، جديد سهولتن سان آراستا بيڊروم وغيره. ڪمري جي چاٻي وٺي وڃڻ لڳاسين ته اسان کي چيو ويو ته ساڍي پنجين وڳي ڊنر لاءِ ڊائننگ هال ۾ گڏ ٿيو. مقرر وقت تي رات جي مانيءَ لاءِ هال ۾ پهتاسين پر مان حيران هئس ته ايترو جلد رات جي ماني ڇو؟ ايترو سوير ماني کائڻ ڪانپوءِ رات جو دير سان ننڊ اچڻ تائين ته آنڊا وٺجي ويندا. استقبالي ڪائونٽر تي بيٺل ڪوريائي شخص کان پڇيم ته ٻڌايائين ته هن مسافرخاني ۾ گهڻو ڪري

ٻُڌمت جا ماڻهو اڇي رهندا آهن جيڪي سوير ئي ماني ڪائي رات جو ڏهين وڳي سمهي پوندا آهن چوته اَسر جو ٽين يا چئين وڳي سندن عبادت جو وقت هوندو آهي.

ڊائننگ هال ڪنهن جديد مسافرخاني جهڙو هو جنهن ۾ نفيس لوهي ٽيبلن جي ٻنهي پاسن ڪان ڪاٺ جون بينچون پيل هيون. ڪاڏو ڏيڻ لاءِ خواتين موجود هيون پر ان لاءِ اسان کي اسٽيل جي ٽري کڻي قطار ۾ بيهڻو هو. مختلف ڪاڏن جي وڏن اسٽيل جي ديگڙن مان هر ماڻهو پنهنجي پسند جو ڪاڌو وٺندو اڳتي وڌندو پي ويو. منهنجي نظر هين شين تان ڦرندي اچن چانورن ۾ گوشت جي ٻوڙ تي پئي ته خوش ٿي ويس. پڪ ڪرڻ لاءِ وري به هڪ مائيءَ کان پڇيم ته اهو واقعي بيف آهي؟ ته هن به ڪنڌ ڌوڻي ها ڪئي. مون جيئن ئي ٻوڙ ۾ چانور وني اڳتي وڌڻ جي ڪئي ته پنيان هڪ ساٿي ڪوريائيءَ روڪي ورتو ۾ ٻڌايائين ته اهو Pork يعني سوئر جو گوشت آهي. شڪر ڪيم ته بر وقت خبر پئجي وئي پر ڏک به ٿيو ته هاڻي رڳو رُکن چانورن تي گذارو ڪرڻو پوندو ۾ ٿيو به ايئن ئي. چانورن جا ٽي چار گرهه ڪائي سيني کان اڳ واندو ٿي ويهي رهيس بلڪ هتان جي روايت موجب ٿانوَ به کڻي وڃي واش بيسن ۾ رکيم. اوچتو انسٽنٽ ڪافيءَ جي پڙين تي نظر پئي ته پيٽ ۾ جڻ ساهه پئجي ويو.

رات جي مانيءَ کان هڪدم پوءِ چيو ويو ته, ساڍي ڇهين وڳي ڪانفرنس هال ۾ گڏ ٿيڻو آهي. ڪمري تي وڃي سگريٽ جا سُوٽا هڻي وري هيٺ لهڻو پيو. گڏجاڻي به اڍائي ڪلاڪ هلي جنهن ۾ مون ۾ ٻاهران آيل ٻين دوستن پنهنجي پنهنجي ملڪ ۾ صحافت ۾ صحافين سان ٿيندڙ ظلمن ۾ زيادتين بابت رپورٽ پيش ڪئي. وچ ۾ چانهه ۾ ڪافيءَ جو وقفو به ٿيو پر ان وقت حيران ٿي ويس جڏهن ڪوريائي مايون لاهوري گجرن جا به ڊش پيري کڻي آيو ن. پاتيا ۾ منهنجي ته جڻ عيد ٿي وئي. اسان نه رڳو ان مهل گجرون کاڌيون پر رات جو دير سان ڪمري ۾ کائڻ لاءِ به کڻي وياسين.

ڪانفرنس کانپوءِ هر ڪو پنهنجي ڪمري ڏانهن هليو ويو. مون ڪمري تي پهچي ٽي وي جا چئنل ڦيرائڻ شروع ڪيا پر سواءِ ڪوريائي ٻوليءَ جي ٻيو ڪوبه چئنل ڪونه هو. منهنجي بيڊروم جي مهاڙ سڄي شيشي جي هئي جنهن مان سامهون سانت سان پرپور جبل ڪر ڪنيون بيٺو هو. مان دير تائين سانت جي اونهائين ۾ رُلندو نيٺ سمهي پيس پر اَسُر ڌاري منهنجي اک کلي وئي. سڄي ڏينهن جي ٿڪ کانپوءِ به ٽي ڪلاڪ ننڊ ٿي هوندي پر ان وقت مون پاڻ کي تازو توانو محسوس ڪيو. منهنجي آڏو وري اهو ئي جبل هو جيڪو ڏينهن جو ته ساوڪ سان جنجهيل هو پر رات جو جڻ مٽس ڪاري چادر چڙهيل هئي. سانت ۾ سڪون جو اهڙو احساس مون کي اڳي ڪڏهن محسوس نه ٿيو هو. يقين ٿي ويو ته ٻڌمت جا پوڄاري ڇو اڇي هتي پوڄا ڪندا آهن . ڪير ڪهڙي به مَت جو هجي پر هتي هرڪو هن ڌرتيءَ ۾ انسانن جي خالق جي وڏي ذهني يڪسوئيءَ سان عبادت ڪري سگهندو

❊

# ٻڌ ڀڪشوءَ پاران انوکي لنچ

صبح جو سوير نيرن ڪري نائين وڳي جبل مٿي قديم مندر ڏانهن روانو ٿيڻو هو. هدايت موجب ائين وڳي ڌاري ڊائننگ هال ۾ پهتاسين تہ نيرن تيار هئي .مڇيءَ جو سُوپ (مصالحي واري پاڻيءَ ۾ مڇيءَ جا وڏا ٽڪرا ترندا رهيا هئا)، اوٻاريل اچا ڦڪا چانور، هلڪو مٺو اڌ پڪو آمليٽ وغيره. مون ڦڪن اوٻاريل چانورن تي گذارو ڪيو ۽ مٿان ڪافيءَ جو ڪوپ پي ٻاهر اچي لائونج ۾ جائزو وٺڻ لڳس جتي ڪوريا جي آزاديءَ جي هڪ هيرو ٻڌ پروهت Great Seon Master Seung Sahn جون تصويرون سندس تعارف سان گڏ لڳل هيون. استقبالي ڪائونٽر تي انگريزي ۽ ڪوريائي ٻوليءَ ۾ ڪتابڙا بہ رکيل هئا جن مان هڪ اڌ کڻي ورتم.ڪوريا وارن کي جپان سان آزاديءَ واري جنگ ۾ ٻڌ پروهتن ۽ سندن پيروڪارن جي ويڙهہ تي وڏو فخر هو.اصل ۾ انهيءَ ٻڌ پروهت جي ياد ۾ ٽن ڏينهن جي نمائش لڳل هئي جنهن ۾ سندس ڪتاب ۽ شاعري جا نمونا بہ رکيل هئا. سندس شاعريءَ جو هڪ انگريزي ترجمو بہ مون هٿ ڪيو.

چار ماڙ مانهاءِ اِن جي پرسان هڪ ٻي شاهي عمارت هئي جيڪا ڪوريائي تاريخ جي قديم ڪتابن، قلمي نسخن ۽ نوادرات جي ذخيرن سان ڀريل هئي. ٻنهي عمارتن جي آڏو ڪجهہ وکن تي آر سي سي اسٽرڪچر جو هڪ ڇاپرو ٺهيل هو جنهن ۾ سنڌ جي روايتي اَنُ رکڻ واري گُنديءَ کان بہ وڏي سائيز جو ڪاري رنگ جو گهنڊ Bell ، هڪ وڏي سائيز جو نغارو ۽ هڪ مڇيءَ جو مجسمو ٽنگيل هئا. اسان کي ٻڌايو ويو تہ ٻڌ مت جا پوڄاري اَسُر ويل عبادت شروع ڪرڻ کان اڳ گهنڊ، نغاري ۽ مڇيءَ کي وڄائيندا آهن. گهنڊ وڄائڻ لاءِ وڻ جي ٿُڙ جو هڪ حصو زنجيرن سان ٻڌل هو جنهن کي لوڏي لوڏي زور سان گهنڊ کي هٽبو آهي جڏهن تہ نغاري ۽ مڇيءَ لاءِ ڏونڪا هئا. چون ٿا تہ اَسُر ويل جي سانت ۾ گهنڊ جو آواز چئن ڪلوميٽرن تائين ٻڌڻ ۾ ايندو آهي. اهي ٽئي شيون وڄائڻ سندن عبادت جو حصو آهي. هتان آخري ڏينهن روانگيءَ کان اڳ اهي ٽئي شيون وڄائڻ جو موقعو مليو.

عمارت کان ٻاهر نڪرڻ تي ٿڌ وڪوڙي وئي جو خبر پئي تہ صبح جو سوير نہ رڳو برفباري ٿي هئي پر لاڳيتو مينهن بہ وسي رهيو هو. ٿڌ کان بچاءَ لاءِ مونکي ڪاري ٽوپي ڪم اچي وئي. اسان کي جبل تي وٺي وڃڻ لاءِ هڪ ننڍي ڪوسٽر جو انتظام ڪيل هو ڇوتہ ور وڪڙ جابلو چڙهائيءَ تي وڏي ڪوچ جو هلڻ ڏکيو هو. اهو سوراڪ جبل Seorak mountain سڏجي جيڪو ڪوريا جي وڏن جبلن مان هڪ آهي ۽ انهيءَ تي ٽي هزار فُٽ چڙهڻ ڪانپوءِ اٽڪل هڪ هزار ورهيہ پراڻو بائڪدام مندر Baekdam temple اچي ٿو.

ڪوسٽر خوبصورت ور وڪڙ رستن تان هلڻ لڳو تہ پنهي پاسن کان گهٽوٽٽو ڪاٺ جون ٺهيل من موهيندڙ ريسٽورنٽ، گيسٽ هائوس،سيڏي جا دڪان وغيرهہ نظر آيا. اها سندن ٻهراڙي هئي. وٽن ۾ ٻي ساوڪ سان جهنجهيل جبل جي وڪڙن، قدرتي چشمن جي شفاف پاڻيءَ جي وهڪري ۾ ٻين قدرتي نظارن کي ڏسندا مٿي سفر ڪندا رهياسين. سوچيم تہ ڪاش مان شاعر هجان ها تہ ضرور شاعري ڪريان ها. حقيقت آهي تہ اهڙي ماحول ۾ جتي قدرت جي سونهن ۾ سانت هجي تہ اندر ۾ رومانس جو هڪ عجيب احساس جنم وٺي ٿو. هي اهو احساس آهي جنهن ۾ دنياوي سوچن ۾ خواهشن جو ڪوبہ عمل دخل ناهي.

اڌ مني ڪلاڪ جي سفر ڪانپوءِ ڪوسٽر پهاڙي جهرڻن مان نڪتل نديءَ جي ڪپ تي هلي بيٺو. هيءَ ندي سنڌ جي کيرٿر جبل مان وهي ايندڙ نئن گاج ۾ اهڙين ٻين برساتي ندين جهڙي ويڪري تہ ڪانہ هئي، نہ ئي ان ۾ گاج جهڙي گجگوڙ ۾ طاقت هئي، پر ان جو شفاف پاڻي نديءَ جي پيٽ ۾ پٿرن سان ٽڪرائبو مٿانهين، ڪان هيٺ لهندو روح ۾ سمائجي ويندڙ سنگيت جهڙو آواز پيدا ڪندو وهي رهيو هو. نديءَ جي ٻئي ڪپ تي ڪاٺ جي مندر جون مختلف عمارتون هيون. پري کان ئي انهن جي بناوت ٻڌائي رهي هئي تہ اهي ٻُڌ مت جي ماڙهن جون عبادتگاهون آهن . اسان نديءَ جي پُل پار ڪري اتي پهتاسين تہ وڏي پروهت Chief Monk ۾ سندس نائبن اسان جو استقبال ڪيو جيڪي اڳ ۾ ئي پهتل هئا. وڏي پروهت جو نالو سامجو Samjo هو. سامجو وڏ ۾ وڏ پنجتيهہ سالن جي عمر جو لڳو ٿي. سندس ۾ ٻين نائب پروهتن جا مٿا ڪوڙيل هئا ۾ ڪراتي ماسترن جهڙي هلڪي سليٽي رنگ جي پتلون ۾ ننڍو گائون پاتل هئن. ٽڏ ۾ منهنجي حالت خراب هئي پر ڏنم تہ پڪشوئن تي انهيءَ جو ڪوبہ اثر ڪونہ هو.

اسان کي ڪاٺ جي ٺهيل هڪ هال ۾ ويهارين. بُوٽ هال جي ٻاهران لاهڻا پيا جو اندر فرشي نشست هئي. هر شخص جي ويهڻ لاءِ هڪ ڪُشن ۾ ننڍين ٽنگهن واري ننڍي ٽيبل هئي. هڪدم ٻن ڇوڪرين، جيڪي مانهاءِ اِن ۾ بہ ڪم ڪندي نظر آيون هيون ۾ هتي اچڻ ڪانپوءِ اهي بہ نائب پروهت نڪتيون، تن هر ٽيبل تي ميوو ۾ سبز چانهہ رکڻ شروع ڪئي. ڪائڻ پيئڻ جو سلسلو هلندي وڏي پروهت سان تعارف ڪرايو ويو. هن پنهنجو تعارف ڪرائيندي ٻڌايو تہ ڪيس ننڍي هوندي کان ئي پروهت ٿيڻ جو شوق هوءِ ان لاءِ هو مختلف مرحلا طئہ ڪندو منزل تي پهتو آهي.

تعارف کان پوءِ اسان جي تنظيم جي گڏجاڻي رکيل هئي جنهن ۾ ايندڙ ٻن سالن لاءِ عهديدار بہ چونڊيا هئا. گڏجاڻي ختم ٿيندي ئي منجهند جي مانيءَ جو وقت ٿي چڪو هو. ان مهل اسان جي ميزبانن ٻڌايو تہ وڏي پروهت جي خواهش آهي تہ لنچ سندس طرفان ڪريون. اسان کي ڪوبہ اعتراض ڪونہ هو پر منهنجي دل ٻڏي رهي هئي تہ ڪائڻ لاءِ الائجي ڇا ملندو.

گڏجاڻي هلندي ڪنهن مهل هال جو جائزو ونڻ تي مون کي چوڌاري ڪاٺ جي ڪارنيس تي ڪپڙي ۾ ٻڌل ڪيتريون ئي هڙون نظر آيون هيون. ڏسندي ئي ڏسندي پروهت ڇوڪرين هڙون لاٿيون ۾ هڪ هڪ هڙ اسان جي آڏو رکنديون ويون. ان وچ ۾ ننڍيون ٽيبلون هٽايون ويون هيون. اسان جي ويهڻ جي

ترتيب ساڳي رهي يعني هڪٻئي جي سامهون قطار ۾. ٽيبلن جي جاءِ هڻن والاري. ان ڪانپوءِ اعلان ٿيو تہ هڪ نائب پروهت اسان کي ٻڌ مت موجب ماني کائڻ جو طريقو ٻڌائيندو. نائب پروهت ٻنهي قطارن جي منڍ وٽ ويٺو ۽ ڪاٺ جو چپٽو وڄائي اعلان ڪيائين تہ سندس هدايتن تي عمل ڪندا وڃون. سندس پهرين هدايت هئي تہ هڙ جي ڳنڍ کولي ان مان اسٽيل جا چار پيالا ۽ چانور کائڻ لاءِ اسٽيل جون ٽي ٻہ اسٽڪس ڪڍي ٻاهر رکون. پيالا اهڙي سائيز جا هئا جو هڪ وڏو ٻيو ان کان ننڍو ٽيون ان کان ننڍو ۽ چوٿون وري ان کان ننڍو. پيالا هڪٻئي ۾ پيل هئا جن کي اسان الڳ ڪري رکيوهو. ان ڪانپوءِ هڪ پروهت مائي گرم پاڻيءَ جي وڏي ڪتلي ڪٽي آئي ۽ هر ماڻهوءَ جي وڏي پيالي ۾ پاڻي وجهندي وئي. هاڻي اسان کي هدايت ملي تہ ان پيالي کي آگهاري اهو پاڻي ٻئي پيالي ۾ وجهون ۽ وري ان کي آگهاري ٽئين ۽ اهڙي طرح پڇاڙيءَ ۾ چوٿين پيالي ۾ وجهي رکون.

هاڻي طعام ورهائڻ جو سلسلو شروع ٿيو پر ان کان اڳ هدايت ڏني وئي تہ ڪاڏو ايترو ئي ڪٽون جيترو کائي سگهون. ڪاڏو بچائڻو ناهي ۽ جنهن بہ جيترو بہ ڪاڏو بچايو هوندو اهو ڪيس ڪاٽڻو پوندو. سڀ کان پهرين اچن اوٻاريل چانورن جو ديگڙو هر ماڻهوءَ جي آڏو جهليو ويو. هر ڪنهن پنهنجي حساب سان چانور ڪنيا. مون بہ ٻہ ٽي چمچن جيترا چانور پيالي ۾ وڌا. ان ڪانپوءِ مختلف شڪلين ۾ ڀاڄيون ۽ ساڌاٽا پيش ڪيا ويا جن کي ڏسي منهنجي بک ئي مري وئي. مون پر ۾ وينل ڪوريائيءَ کان پڇيو هو تہ جيڪڏهن مان اهي شيون نہ کان تہ ميزبان پروهت دل ۾ تہ نہ ڪندو. سندس گرين سگنل ڪانپوءِ مون ٻي ڪابہ شئي نہ ورتي پر چانورن جي ٻئي دور ۾ وري ڪجھ چانور ڪٽي ورتم تہ جيئن رات تائين بک نہ مران.

چانورن جا ٻہ ٽي گرهہ هئا سي تہ مون منٽ ۾ ڪائي ورتا. ان کان پوءِ ويٺي ٻين جي حالت ڏٺم. هنن پليٽون تہ پري ڪنيون هيون پر اهڙا ڪاڏا نڙيءَ کان هيٺ ئي ڪونہ پيا لهن. ڪوريائي ساٿين، منگول ۽ سنگاپوري دوستن لاءِ گهڻو مسئلو ڪونہ هو پر ٻيا ساٿي ونجي ويل پي ڏٺا. خاص طور ياٿيا سان وڏي حالت هئي. جڏهن سيني ڪاڏو بس ڪرڻ جو اشارو ڏنو تہ پروهت سيني جي ٿانون تي نظر وڌي ۽ جنهن جي پيالي ۾ جيڪو ڪجھ بچيل هو اهو ان کي ختم ڪرڻ جي هدايت ڪئي جنهن تي هنن نہ چاهيندي بہ عمل ڪيو. ان ڪانپوءِ هدايت آئي تہ هڪ پيالي ۾ بچيل پاڻيءَ سان باقي استعمال ٿيل پيالا آگهاريو ۽ اهو ڪاڏي مليل پاڻي هڪ پيالي ۾ گڏ ڪريو. سيني ايئن ڪيو پر ان وقت وڏي جُٺ تي جڏهن نئون حڪم مليو. پروهت مائي هڪ بالٽي ڪٽي هر هڪ آڏو آئي ۽ چيو ويو تہ پيالي ۾ گڏ ٿيل پاڻي متاڇرو ڪري بالٽيءَ ۾ وجهو ۽ پيالي جي تري ۾ جيڪو پاڻي ۽ ڪاڏي جا ذرا بچن اهي پي وڃو. مون رب جو شڪر مڃيو تہ چانورن ڪانسواءِ ٻي ڪا شئي نہ ڪنئين هئم. منهنجي پيالي ۾ هڪ اڌ چانور جو داڻو هو سو پاڻيءَ جي ڍُڪ سان پي ويس. ٻين سان جيڪا حالت ٿي اها بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهي.

ايئن سمورا پيالا صاف ٿي ويا ۽ وري پروهت جي هدايتن موجب انهن کي هڙ ۾ ٻڌي رکي ڇڏيوسين. اسان کي ٻڌايو ويو تہ بالٽيءَ ۾ گڏ ٿيل پاڻي بہ ضائع نہ ڪبو ۽ اهو ٻاهر پکين جي لاءِ رکي ڇڏبو. ٻڌ مت واري روايتي

لنچ اسان کي ڏکي تہ لڳي پر حقيقت ۾ حياتيءَ ۾ نظم ضبط ۽ پنهنجو ڪم پاڻ ڪرڻ، سادگي ۽ خدا جي ڏنل رزق جو زيان نہ ڪرڻ جو وڏو سبق مليو.

روانگيءَ کان اڳ مندر جا مختلف حصا ڏيکاريا ويا. هتي رهندڙ پروهتن ۽ پوڄارين لاءِ بجليءَ سميت زندگيءَ جي هر سهولت موجود هئي.

*

## هڪ سئو تلائن وارو مندر

يادگار لنچ کانپوءِ اسان وري ڪوسٽر ۾ سوار ٿي واپس مانهاءِ اِن روانا ٿياسين جتان وري ڪوچ ذريعي اُڀرندي سمنڊ East Sea ۽ ساحلي ثقافتي شهر Gangneung ڏانهن روانو ٿيڻو هو. هن ڀيري مون ريانگ اوهہ سان ويهي معلومات وٺڻ شروع ڪئي. هن ٻڌايو تہ اهو جبل اجان بہ مٿي آهي پر گاڏيون فقط مندر تائين اچي سگهن ٿيون. ٻڌ پوڄاري عبادت لاءِ مندر ۾ تہ ايندا آهن  پر جن کي اجان وڌيڪ سانت ۽ سڪون سان عبادت ڪرڻي هوندي آهي يا چِلا ڪڍڻا هوندا آهن  تہ اهي پنڌ مٿي ويندا آهن. ڪاٺ جي مندر کي اصل حالت ۾ رکڻ لاءِ وڏو ڪم ٿيندو رهيو آهي. چيني ٻوليءَ ۾ دام جي معنيٰ آهي تلاء ۽ بائڪدام جو مطلب آهي هڪ سئو تلاءَ. مندر جو اصل باني جاجانگ Jajangنالي هڪ پروهت هو جنهن سِيلا گهراڻي Silla dynacity جي زماني ۾ هينگ ياءِ سا Sa _ Hangye نالي سان اهو مندر ٺاهيو پر جهنگ جي باهين ۾ اهو اڪثر سڙي ويندو هو. نيٺ اڳتي هلي هڪ پروهت سوراڪ جبل جي چوٽيءَ کان هيٺ ويندي پاڻيءَ جا هڪ سئو تلاءَ ڳٽي موجوده هنڌ مندر ٺاهيو ۽ ان کي بائڪدام مندر يعني هڪ سئو تلائن واري مندر جو نالو ڏنائين. کيس يقين هو تہ آئينده هي مندر نہ سڙندو. مندر جي موجوده جاءِ ان هنڌ آهي جتي بہ چشما گايا Gaya ۽ گُگاڪ   Gugakوهي اچي ملن ٿا ۽ پوءِ نديءَ جي شڪل ۾ هيٺ لهن ٿا. مندر وٽان اَٽ پيچرا مٿي جبل تي وڃن ٿا جن جي ذريعي ٻڌ پوڄاري مٿي وڃي عبادت ڪندا آهن . ايندڙ پنج سئو سالن تائين هي مندر باهين کان تہ بچي ويو پر ٻن حصن (ڏکڻ ۽ اُتر ڪوريا) ۾ ورهائجي ويل قوم وچ ۾ جنگ اُن کي تباهيءَ کان بچائي نہ سگهي. بائڪدام مندر جون موجوده ڪاٺ جون عمارتون  1957۾ مرمت ۽ تعمير ذريعي بحال ڪيون ويون. ڪوريائي حڪومت سوراڪ جبل تي ۽ اُن جي آسپاس وسيع ايراضيءَ ۾ پکڙيل ساوڻ ٻيلن کي سوراڪسن نيشنل پارڪ جي نالي سان محفوظ ڪيو آهي. چون ٿا تہ سياري ۾ سڄو جبل برف سان ڍڪجي ويندو آهي جنهن جي جهلڪ ٻن ڏينهن کان ڏسي رهيا هئاسين.

مانهاءِ ڳوٺ جي بہ دلچسپ ڪهاڻي آهي. اهو ڳوٺ اصل ۾ هڪ ٻڌ پروهت هئن يانگ اُن Han Yong _ Un جي نالي پٺيان آهي جنهن جو قلمي نالو مانهاءِ Manhae هو.

مانهاءِ 1879 ۾ڄائو ۽ 1944 ۾ وفات ڪيائين. هو ليکڪ، شاعر ۽ فلسفي هو. مانهاءِ هڪ ڳوٺاڻي اسڪول ۾ تعليم ورتي ۽ چوڏنهن ورهين جي عمر ۾ شادي ٿيس. ارڙهن ورهين جي عمر ۾ هو ٻڌ مت جي تعليم لاءِ سوراڪ جبل تي هليو ويو ۽ 1905 ۾ هو پروهت ٿيو. پنج ورهين ڪانپوءِ هن هڪ مضمون لکي ڪوريائي ٻڌمت جي غلط ڳالهين کي رد ڪيو ۽ ٻڌمت ۾ سڌارن لاءِ زور ڀريو. سندس خيال موجب سڌارن ڪانسواءِ ٻڌمت ۽ قوم جو جياپو ممڪن ڪونہ هو. مانهاءِ جبلن ۾ ويهي مراقبن بدران سرگرم جدوجهد ذريعي هن بيٺڪي ڪوريا جون تاريخي حقيقتون ڳولي لڌيون. سندس اهائي جدوجهد جپاني بيٺڪي راڄ جي خلاف تحريڪ جي شڪل اختيار ڪري وئي. 1914 ۾ هن ٻڌمت بابت هڪ رسالو ڪڍڻ شروع ڪيو ۽1919 ۾ ڪوريا جي آزاديءَ جو پڌرنامو لکڻ ۾ مدد ڪئي. هو انهن ايڪٽيهہ محبِ وطن ماڻهن مان هڪ هو جن آزاديءَ جي پڌرنامي تي صحيون ڪيون. مانهاءِ نہ رڳو آزاديءَ بابت مضمون لکندو رهيو پر اِن موضوع تي سندس تقريرون بہ وڏي تاريخي اهميت رکن ٿيون. 1926 ۾ سندس شاعريءَ جو مجموعو ڇپيو جنهن ۾ سندس مشهور نظم ”پيار جي خاموشي“ Silence of Love شامل هو. اهو نظم هن بائڪدام مندر ۾ رهڻ وقت لکيو هو. ڪوريائي ٻوليءَ ۾ لکيل نظم جو انگريزي ترجمو هن ريت آهي :

My love is gone, Ah my love, you are gone now

Shattering the azure splendor of the mountains,
you are gone along the narrow path
that opens out to the autumn-tinted woods;
.you are gone, reluctantly but resolutely cutting off all ties from me

The long standing bows, hard and shining as golden flower,
have turned into cold dust, blown away in the breath of sigh

The memory of the poignant first kiss,
having reversed the compass needle of my fate,
stepped backward and disappeared

Your sweet voice has made my ears failed and
your fair looks have made my eyes failed

As loving is also a human affair
.I have feared and worried about parting since we met
But parting comes upon us unawares and
.my startled heart breaks with renewed sorrow

Yet, since I know that to make our parting
the cause of idle tears is to break our love

I have transferred the irresistible surge of this sorrow
.and poured it over the summit of a new hope

Just as we fear parting when we met
.we believe we will meet again when we part

Ah, my love, you are gone, but I did not let you go,
.The love song, too weak to sustain its melody, curls around your silence

هن ناول ۾ لکيا ۽ ڪيترائي رسالا شائع ڪيا. سندس نظريو هو تہ ڌرم پنهنجي جاءِ تي ڪوڪلو آهي. ڌرم جو واسطو ڪارڻ Causes ۽ اثرن Effects سان آهي ۽ اهو انسان کي حقيقي زندگيءَ ڏانهن وٺي وڃڻ لاءِ دنيا ۾ اچي ٿو. مانهاءِ چوي ٿو تہ فاني ۽ آفاقي زندگيون هڪ ٻئي کان ڌار ناهن. مانهاءِ جي سوچ ۽ نظرين کي پکيڙڻ ۽ عمل لاءِ ناهيل هڪ تنظيم گذريل ڏهاڪو ورهين کان هر سال ايوارڊ ڏئي ٿي. آگسٽ 2004۾ ڏکڻ آفريڪا جي اڳواڻ نيلسن منڊيلا کي اهو ايوارڊ ڏنو ويو هو چوتہ آزادي، برابري ۽ امن بابت مانهاءِ ۽ منڊيلا جا نظريا هڪجهڙا آهن .

مانهاءِ ٻائڪدام مندر جو هڪ وڏو نالي وارو رهواسي هو پر اِتي ڏکڻ ڪوريا جو هڪ بدنام ماڻهو بہ ٻن ورهين تائين رهي چڪو آهي. اهو ڏکڻ ڪوريا جو اڳوڻو صدر چُن ڊُو هُوان Chun Doo Hwan هو جنهن 1980 ۾ فوجي بغاوت ذريعي اقتدار تي قبضو ڪيو. هو ڪوريائي شهرين جي قتلام ۽ ڪروڙين ڊالرن جي گهوٻين سبب ڪاسائيءَ جي نالي سان بدنام هو. نومبر1988 ۾ صدارت ڇڏڻ ڪانپوءِ هو رضاڪارانہ طور شهر ڇڏي زال سميت ٻن سالن لاءِ ٻائڪدام مندر ۾ وڃي رهيو تہ جيئن ڪير بہ ڪيس ڏسي نہ سگهي. هتي سندس ڪم سڄي مندر کي ٻُهاري ڏيڻ هو.

❋

## اُيرندي سمنڊ ڏانهن سفر

مانهاءِ اِن کان ڪوچ اُيرندي سمنڊ ڏانهن رواني ٿي تہ وري اهي ئي خوبصورت نظارا هئا. شاهراه جي ٻنهي پاسي وڏا جبل ۽ رستي جي پاسي کان جابلو ندي جنهن جي وچ مان شفاف جهرڻن جو پاڻي وهي رهيو هو اسان سان جڙ تہ گڏ ئي هيٺ سمنڊ ڏانهن لهي رهيا هئا. ريانگ اوهہ ٻڌايو تہ اُيرندي سمنڊ جي ڪناري کان اٽڪل ہ سئو ڪلوميٽر پري اوپر ۾ جپان آهي، جنهن پنجتيهہ سال ڪوريا کي غلام بنائي رکيو ۽ جڏهن آزاديءَ جي جنگ شروع ٿي تہ ٻُڌ پروهتن ان ۾ وڏو اهم ڪردار ادا ڪيو. جن جبلن جي وچ مان هيءَ شاهراه لنگهي رهي آهي، هي اهي ئي جبل آهن جتان هنن جپان خلاف گوريلا جنگ وڙهي.

ڳالهين ۾ سفر جي خبر ئي ڪانہ پئي ۽ اسان گينگنيونگ شهر پهچي وياسين جنهن کي عالمي ورثي واري شهر طور مڃتا مليل آهي. اهو ئي شهر ڪيترن ئي ڪوريائي دانشورن ۽ فلسفين جي پيدائش جو هنڌ بہ آهي. هن شهر جي آبادي بہ اڍائي لک کن مس آهي پر ايراضي گهڻي اٿس. سرڪاري انگ اکرن مطابق پنجاسي هزارن کان وڌيڪ گهرن جون عمارتون هن شهر ۾ آهن . اسان جي بس ويڪرن خوبصورت رستن تان هلندي هڪ وڏي گيٽ اندر داخل ٿي جنهن جي اندر وسيع ايراضيءَ ۾ ڪاٺ جي قديم گهرن جو سلسلو پکڙيل هو. اهي گهر چوڏهين صديءَ ۾ ان وقت جي شاهي گهراڻي جي رهائش لاءِ تعمير ڪيا ويا هئا. ڪاٺ جي گهرن جون ڇتيون ڪاٽيج وانگر هيون, ڪمرن جي آڏو ورانڊا, ٿڌ کان بچڻ لاءِ هر ڪاٽيج جي هيٺان باهہ ٻارڻ جو انتظام وغيره هو. هتي ايندڙ سياحن لاءِ پارڪ ۽ ريسٽورنٽ بہ موجود هئا. هر ڪاٽيج جي ٻاهران ان ۾ رهندڙ شاهي گهراڻي جي فرد جا تفصيل ۽ سندس زماني بابت تاريخي معلومات ڏنل هئي. هن شهر ۾ سياحت جون اڻ ڳڻت جايون هيون پر رڳو شاهي گهراڻي جي رهائش گهمندي ئي گهڻو وقت لڳي ويو ان ڪري ٻين ورثن کي ڏسڻ ملتوي ڪيوسين جن ۾ 1326 ۾ گوريو گهراڻي Goryeo dynasty جي بادشاه چُنگ سُڪ Chungsuk جو ٺهرايل پويلين بہ شامل هو جنهن لاءِ مشهور آهي تہ اتان پنج چنڊ هڪ ئي وقت ڏسي سگهجن ٿا:هڪ چنڊ آسمان تي, ٻيو ڍنڍ ۾, ٽيون مڌُ ڀريل گلاس ۾ ۽ بہ چنڊ محبوب جي نيڻن ۾. اها ڳالهہ ٻُڌي مون کي پنهنجي دوست شاعر غفار تبسم جي شاعري ياد آئي جنهن ۾ پرين جڏهن رات جو سمنڊ ڪناري بيٺو آهي تہ شاعر چوي ٿو:هڪ چنڊ تماشو هو ٻيو چنڊ تماشائي. سندس اهو ڪلام حنيف لاشاريءَ منهنجي گهر تي غفار تبسم سان ملهايل شام ۾ ڳايو هو.

شاهي رهائشن وٽان روانگيءَ کان اڳ هڪ ڪاٽيج جي ٻاهران ڍُهل شرنائين تي لوڪ داستان پيش ڪيو ويو جنهن ۾ ماسڪ پاتل هيرو, هيروئن ۽ ولين هوندا آهن . بدمعاش نوجوان ڇوڪر ۽ ڇوڪريءَ کي الڳ ڪرڻ چاهيندو آهي جنهن دوران ويڙهہ ٿيندي آهي. هتان جا ڍُهل تہ سنڌ جي ڍُهلن کان ٿورو مختلف هئا پر شرنايون ذري گهٽ هڪجهڙيون هيون. ماسڪ اندر ڪابہ ڇوڪري ڪانہ هئي پر هڪ ڇوڪرَ کي ئي ڇوڪريءَ جو ماسڪ پارايو ويو هو.

# ڪوريائي سانڍاڻي جو ميوزيم

اسان جي ٻي منزل هڪ ميوزيم هو جنهن کي ڏسي حيران ٿي ويس ته ڪوريائي قوم نه رڳو پنهنجي ثقافتي ورثي کي سانڍڻ جو شوق ۽ جذبو رکي ٿي پر حقيقت ۾ ان کي سڄي دنيا جي اڻلڀ شين کي هٿ ڪري سانڍڻ جو جنون آهي. ڏکڻ ڪوريا ۾ وڏي تعداد ۾ ميوزيم ٺهيل آهن. جن مان ٽيهه مشهور ۽ ذڪر جوڳا آهن . هنن نه رڳو لوڪ ورثي ۽ ثقافت توڙي قديم آثارن مان نڪتل شين جا ميوزيم ٺاهيا آهن پر جديد زماني جي همعصر فنڪارن جي ٺاهيل شين کي به سانڍڻ لاءِ ميوزيم قائم ڪيا ويا آهن. اسان وٽ ڪنهن سوچيو به ڪونه هوندو ته هٿ پيدا ٿيندڙ ڀاڄين، نڪر ۽ ٻين ٺهندڙ ٿانوَن، پرت، جهنگلي جيوت وغيره جا ميوزيم قائم ڪجن. پر ڪوريا وارن زراعت، ڀاڄين، رڌڻي ۾ استعمال ٿيندڙ ٿانوَن، سنگيت، پرت، تاريخ، هر قسم جي هنر، ڪاغذ، نيٽ ۽ ان مان ٺهندڙ سامان، جهنگلي جيوت، چانهه جي پوک ۽ ويندي سندن روايتي سانڍاڻي ڪِمچيءَ بابت ڌار ڌار ميوزيم قائم ڪيا آهن. ڪمچيءَ بابت ٻڌائيندو هلان ته بند گوبي، مُوري، ساوا بصر، ونگا، ڳاڙها مرچ، تيل، ٿُوم وغيره ملائي وڏين نادين ۾ وجهي زمين ۾ پوري ڇڏين. اهو ڪم هو نومبر يا ڊسمبر ۾ ڪندا آهن . سڄو سال اهي ناديون پوريل هونديون آهن . هزارين ورهين کان هو اهو سانڍاڻو ٺاهيندا اچن ۽ چون ٿا ته موسم جي خرابي يا قدرتي آفتن دوران ڪِمچي سندن ڪاڏ خوراڪ جو ڪم ڏيندي رهي آهي. ڪِمچيءَ جون ناديون ٿوري دير پهرين قديم ڪاٽيجز جي احاطن ۾ به رکيل ڏٺم ۽ بعد ۾ سفر دوران به نظر آيو ن. هاڻي فيڪٽريون تجارتي بنيادن تي ڪِمچي تيار ڪن ٿيون ۽ ماڻهو ان کي فِرجن ۾ سانڍي رکن ٿا. ميزبانن ٻڌايو ته هن وقت هڪ سئو سٺ قسم جو ڪِمچي سانڍاڻو ٺاهيو وڃي ٿو بلڪل ايئن جيئن سنڌ ۾ آچار جا مختلف نمونا ٺهن ٿا. ڪوريائي ماڻهو چانورن ۽ نُوڊلس سان ڪِمچي ملائي وڏي چاهه سان کائيندا آهن . ڪوريا ۾ هڪ ٽوڳ مشهور آهي ته ڪوريائي ڇوڪري ان ماڻهوءَ سان شاديءَ لاءِ هڪدم تيار ٿي ويندي جنهن جي گهر ۾ به ريفريجريٽر هجن ته جيئن هڪ ريفريجريٽر ۾ هوءَ رڳو ڪِمچي سانڍي سگهي.

ڳالهه هلي پئي ميوزيم جي، سو اهو ٻڌائڻ به ضروري آهي ته ڪوريا ۾ خانگي ميوزيم به آهن ۽ هينئر جنهن ميوزيم وٽ هلي بيهارين اهو هيو چيمسَري گراموفون ۽ ايڊيسن ميوزيم Chamsori Gramophone & Edison Museum جيڪو پڻ خانگي هو . هيءَ وڏي خوبصورت ڊزائن جي عمارت هئي جنهن جي ٻاهرين پاسي لڳل شيشن مان اندر هڪ هال ۾ چار پنج پراڻي زماني جي ماڊل جون ڪارون بيٺل نظر آيون. اهي فورڊ ڪمپنيءَ جون شروعاتي ٺاهيل ڪارون هيون جن مان هر هڪ تي سن ۽ تاريخ لکيل هئا. گاڏيون ايئن ٿي لڳيون جڻ هاڻي هاڻي ڪارخاني مان نڪتيون هجن. اهڙيون نئي گاڏيون ۽ اهڙي نئي بهترين حالت ۾ شايد به گاڏيون، جيڪي محمد علي جناح جي استعمال ۾ هيون، ڪراچيءَ ۾ سندس مقبري لڳ ٺهيل ميوزيم ۾ بيٺل آهن .

چيمسري ميوزيم جا مختلف سيڪشن هئا. هڪ حصو رڳو گراموفون واري ايجاد تي مشتمل هو ۽ پهرين گراموفون کان وٺي آخري تائين هر گراموفون جو نمونو رکي هڪ سئو سالن جي تاريخ کي محفوظ ڪيو ويو هو. اسان کي انهن مان ڪي ابتدائي ۽ ڪي بعد جا گراموفون وڄائي ڏيکاريا ويا. ٻئي حصي ۾ ايڊيسن جي ايجاد ڪيل پهرين بلب کان وٺي بجليءَ جو هر سامان رکيل هو جنهن ۾ استري ۽ واشنگ مشين به شامل هيون. هڪ ٻئي سيڪشن ۾ ٽي ويءَ جي پهرين ايجاد کان وٺي ان جي مرحليوار ايجادن جا نمونا رکيل هئا. گرائونڊ فلور، پهرين ۽ ٻي ماڙ تي لهندي چڙهندي جڏهن ٿڪاسين ته عمارت جي گول حصي جي ٽاپ فلور تي هڪ آڊيٽوريم ۾ اچي ويهارين جتي جديد ڪوريائي سئنيما جو مظاهرو ڪرڻ لاءِ فلم ڏيکاري وئي. فلم ڏسڻ سان به ثابت ٿيو ته اسڪرپٽ لکڻ، اداڪاري، هدايتڪاري سميت فلم پراڊڪشن جي هر شعبي ۾ هي پڙ آهن . هن خانگي ميوزيم وارن سڄي دنيا مان ساڍا چار هزار شيون گڏ ڪيون آهن جن مان پندرهن سئو نمائش لاءِ رکيل آهن . ميوزيم جي انهن سڀني ماڙين جي مٿان هڪ وڏي آبزرويٽري ٺهيل هئي، جنهن کي اسان چڙهي ڏنو ڇوته ميوزيم گهمندي سج لهي چڪو هو بلڪ ڪوريا وارن مطابق رات جي ماني‌ءَ جو وقت ٿي چڪو هو

*

## ڪوريا ۾ يا عليءَ جو نعرو

ميزبانن ٻڌايو ته هن شهر جي ڊپٽي ميئر جي طرفان اسان جي مانَ ۾هڪ هوٽل ۾ ڊنر هئي. ڪوچ هڪ شاهي عمارت ٻاهران هلي بيهارين. عمارت ڪوريائي فنِ تعمير جو نمونو هو ۽ هتي ڪاڌا به روايتي ڪوريائي قسم جا پيش ڪيا ويندا آهن. ان جو مثال به هڪدم نظر اچي ويو جو جڏهن ڏاڪڻ چڙهي مٿي پهتا سين ته مختلف ننڍا ننڍا هال ڏسڻ ۾ آيا جن ۾ ننڍين ڄنگهن واريون ٽيبلون قطارن ۾ رکيل هيون ۽ اُنهن جي ٻنهي پاسي ماڻهو ڪُشن تي ويٺل هئا. وڏي رش هئي جنهن مان هن هوٽل، هتان جي ڪاڌن جي مقبوليت ۽ ڪوريائي ماڻهن جو پنهنجي ثقافتي ۽ روايتي ڪاڌن سان لڳاءُ ظاهر پي ٿيو.

اسان جي لاءِ هڪ الڳ ڊگهو هال مخصوص هو. هر ڪو پنهنجي جاءِ تي جڏهن ويهي رهيو ته ڊپٽي ميئر سان تعارف جو سلسلو شروع ٿيو ۽ ڪجهه مختصر تقريرون ڪيون ويون. ڊپٽي ميئر ۾ هتان جي همراهن وانگر ڦُون ڦان ڪانه هئي. ڏاڍو بي تڪلف ماڻهو هو ۽ سچ ته جيڪڏهن نه ٻڌائن ها ته اسان کي خبر به ڪانه پوي ها ته اهو ڪو ڊپٽي ميئر آهي ڇوته هو نه ڪنهن پوليس پهري ۾ آيو ۽ نه ئي هن جي اچڻ تي ٻين گراهڪن کي هٽايو ويو.

ٿوري دير ۾ ٽي خواتين ويٽريسن ٽيبلن تي ڪاڏا رکڻ شروع ڪيا ته منهنجي دل سست ٿيڻ لڳي. ٻُڪ به ڏاڍي لڳي هئي جو منجهند جو ٻُڌ پروهت وٽ اوپاريل چانورن جا ٻه ٽي گرهه کاڌل هئا. کاڌي شروع ڪرڻ کان اڳ ڪوريا جو روايتي بيئر ۽ وهسڪي پيش ڪيا ويا. ماحول کي وڌيڪ بي تڪلف بنائڻ ۽ مزو ونڻ لاءِ اسان جي ايسوسيئيشن جي صدر اعلان ڪيو ته پهريون پيگ ڊپٽي ميئر جي مانَ ۾ پيئبو ۽ هر ملڪ مان آيل مهمان پنهنجي ملڪي روايت موجب وڏي واڪي اهو جملو چئي ٻڌائيندو. هر ٻاهرين مهمان ايئن ڪيو. جڏهن منهنجو وارو آيو  ته سوچ ۾ پئجي ويس. ڪجهه سمجهه ۾ نه آيو  سويا علي جو نعرو هنيم. نعرو هڻڻ جي دير هئي سيني موجود ماڻهن وڏي آواز ۾ هڪ  آواز ٿي يا علي يا علي جا نعرا هڻڻ شروع ڪيا. حضرت علي وڏي هستي آهي جنهن کي هن موقعي سان نٿو ملائي سگهجي. ممڪن آهي ته اهو غلط عمل هجي پر اُن مهل اِن نعري ئي مدد ڏني ۽ دل به مطمئن ٿي ته ڪوريا ۾ علي سائينءَ جو نعرو ته هڻي آيس.

ڊنر کانپوءِ وري واپس مانهاءِ اِن ڏانهن روانگي ٿي. رات جو جڏهن ذهين وڃي ڏاري اتي پهتاسين ته خيال آيو  ته نيٽ تيِ اِي ميل چيڪ ڪري وٺان. حيرت ٿي ته نيٽ جي اسپيڊ تمام گهٽي هئي. سنڌ جي ٻهراڙين وانگر نه جتي نيٽ کولي ڪلاڪ انتظار ۾ ويهڻو پوندو آهي. ڪراچيءَ مان آفيس وارن جي ميل هئي ته پنهنجي گهر رابطو ڪريان جيڪي ايترن ڏينهن کان ڪو اطلاع نه ملڻ ڪري پريشان هئا. پنهنجي وڏي  پٽ راهل جي به ميل اي ميل هئي. پٽ کي ميل ڪري تسلي ڏئي وڃي ڪمري تي ليٽيس. اُن مهل ننڍي پٽ روهيل جو سوچيم جيڪو منهنجي هر سفر مهل ضد ڪندو آهي ته هو به هلندو. ڪوريا جو ٻڌي به هو ضد ڪري بيٺو هو ته هن پيري مونکي اڪيلو وڃڻ نه ڏيندو. سندن ماءُ جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي، اها ته منهنجي صحافتي زندگيءَ کان چتيءَ طرح نه رڳو واقف پر عادي ٿي چڪي آهي، ملڪ اندر ڪو سفر هجي يا ملڪ کان ٻاهر، آفيس لاءِ سوير روانو ٿيڻو هجي يا اڌ رات جو واپسي ٿئي، تيار ڪري روانو ڪرڻ ۽ پوءِ واپسيءَ جو انتظار ڪرڻ سندس معمول رهيو آهي. ملڪ اندر سفر دوران ته فون تي رابطو رکندو رهيو آهيان پر ٻاهرين ملڪ مان سواءِ سريلنڪا جي مون ڪڏهن به ڪين فون ڪانه ڪئي. ايتري قدر جو 1990 ۾ پندرهن ڏينهن ڪابل ۽ دهليءَ ۾ هيس ته به گهر وارن سان ڪو رابطو ڪونه رکيم. ڪنهن زماني ۾ پاڪستاني اداڪار حنيف جو قصو پڙهيو هئم ته هو جڏهن فلم جي شُوٽنگ لاءِ پرڏيهه ويل هو ته اُتان زال کي خط لکندو رهندو هو پر زالس ڪڏهن به خط جو جواب نه ڏنس. واپسيءَ تي حنيف زال کي ڏوراپو ڏنو ته زالس سڀ خط ڪڍي آڏو رکيس جن مان ڪنهن ۾ به هن پنهنجي ايڊريس نه لکي هئي جنهن تي هوءَ جوابي خط موڪلي.

❉

## ڪوريا جو بلڊوزر صدر

معمول موجب صبح جو سوير اُٿي تيار ٿي بي دلي نيرن ڪري نوين وڳي هوٽل کان ٻاهر اچي نظارو ڪرڻ لڳس. ٽڏ ۾ ڪوبہ فرق نہ آيو هو پر حيرت ٿي تہ وڏو پروهت ۽ سندس نائب ڪوڙيل مٿي سان بي فڪرا گهمي رهيا هئا. جڏهن سڀ گڏ ٿي وياسين تہ پروهت اسان کي گهنڊ، نغارو ۽ مڇيءَ کي رِدم سان وڄائڻ جي پريڪٽس ڪرائي ۽ پوءِ پر واري عمارت ۾ وٺي هليو جنهن ۾ ڪوريا جي تاريخ، ادب، ثقافت، دانشورن ۽ ٻين شخصيتن تي ڪتابن ۽ قلمي نسخن جو ميوزيم هو. جيئن تہ روانگيءَ کي دير ٿي رهي هئي تنهنڪري اُتي گهڻو وقت ترسي نہ سگهياسين.

اسان جي اڄ جي منزل هئي گينگ وان صوبي Gangwon جو ساموندي شهر ناڪسن Naksan جيڪو پڻ اوير سمنڊ ڪناري هو. ساڳي ڪالهہ واري شاهراہ وٺي سفر ڪندا رهياسين. جڏهن شهري آباديءَ مان لنگهڻ ٿيو تہ ريانگ اوهہ ٻڌايو تہ ڪوريا ۾ صدارتي چونڊون ٿيڻ واريون آهن جنهن ۾ چار اُميدوار بيٺل آهن . هن هڪ بورڊ ڏانهن اشارو ڪري ڏيکاريو جنهن تي ترتيب ۾ چئن اُميدوارن جي تصويرن جا پوسٽر لڳل هئا. سڄي سفر ۾ ان کان سواءِ اهڙي ٻي ڪا شئي نظر ڪانہ آئي جنهن مان خبر پوي تہ ڪا چونڊ مهم هلي رهي آهي. هن ٻڌايو تہ صدارتي اُميدوارن جي نامزدگي سياسي پارٽيون ڪنديون آهن ۽ اهي اُميدوار وڏا ناٽي وارا هوندا آهن . چونڊون ڊسمبر ۾ ٿيڻيون هيون ۽ سندس خيال ۾ Lee Myung Bakجي چونڊجڻ جو وڌيڪ امڪان هو جيڪو اڳي هُنڊائي ڪمپنيءَ جو چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر هو ۽ بعد ۾ سيئول شهر جو ميئر بہ ٿيو. هو ڪنزرويٽوِ گرانڊ نيشنل پارٽيءَ جو اميدوار هو. ڪيس بُلڊوزر جي نالي سان سڃاڻن ۽ مزي واري ڳالهہ تہ بُلڊوزر ئي چونڊون کٽي ويو.

*

## مندرن ڪي ٻاهيون

ڳالهين ڳالهين ۾ خبر ئي ڪانہ پئي تہ سفر ڪيئن گذري ويو. ڪوچ ساموندي ڪناري سان گڏ شاهراہ تان هلندي شهري آباديءَ جي ويجهو پهتي ۽ پوءِ ڪاٻي پاسي هڪ پهاڙيءَ ڏانهن ويندڙ رستي ڏانهن مُڙي جتي وڻن جي قطارن ڪانپوءِ ڪاٺ جا مندر ۽ ٻيون عمارتون نظر اچي رهيون هيون. ڪوچ مان لهندي ئي ڏڪٽي وني وئي. ميزبانن جو خيال هو تہ مندر پرسان پيچرو وٺي سمنڊ ڏانهن نڪتل پهاڙيءَ ڏانهن وڃي ڪليل سمنڊ جي چولين جو نظارو ڪجي. ڪجهہ ساٿي تہ تيار ٿي ويا پر مون سميت ڪي دوست پهاڙيءَ تي چڙهڻ کان لنوائيندي بيهي رهياسين. وڏي تعداد ۾ سياح، مرد توڙي عورتون، جيڪي

سپ ڪوريائي هئا، چاڙهيون چڙهي ڪليل سمنڊ ڏي وڃي رهيا هئا. هڪ ڪوريائي ميزبان اسان کي وٺي فائبر جي ٺهيل هڪ ڪوٺيءَ ۾ وٺي هليو ته جڻ موسم ئي بدلجي وئي. اندر وچ ڪوٺيءَ ۾ هيٽر ٻري رهيو هو ۽ چانهه ڪافيءَ جو مڪمل بندوبست هو. اندر هڪ مرد ۽ هڪ عورت موجود هئا جيڪي مندر تي ڪم ڪندڙ پورهيتن منجهان هئا. اسان کي ٻڌايو ويو ته سِيلا گهراڻي Silla Dynacity جي ٽيهين بادشاه جي سفير وائسانگ دائسا Visangdaesa عيسوي سن 676 ۾ هي مندران وقت ٺهرايو هو جڏهن هُو چين ۾ ٻُڌمت جي تعليم پوري ڪري موٽيو هو ۽ ان هنڌ عبادت ڪئي هئائين. گذريل ٽيرهن سئو سالن ۾ هتي ست وڏيون باهيون لڳيون ۽ هي مندر ۽ ان جي پرپاسي جا ٻيلا سڙندا ۽ تباهه ٿيندا رهيا آهن . آخري باهه اپريل 2005 ۾لڳي جنهن ۾ سموري وٽڪاري ۽ مندر سڙي ويا ته حڪومت اٽڪل نَوَ ملين ڊالرن جي خرچ سان انهن کي نئين سر ٺهرائڻ شروع ڪيو ۽ هڪ سال ۾ وڏو ڪم پورو ڪري ورتو. هتي رڳو هڪ مندر ڪونه هو پر اهو مندرن جو ڪامپليڪس هو جنهن ۾ هڪ وڏي مندر جي آسپاس ننڍا ٻيا مندر ۽ پروهتن جي رهائش جا ڪمرا به هئا. هن وقت به هڪ اڌ مندر تي ڪم هلي رهيو هو.

٭

## گوتم ٻُڌ جي ٻُت کي سجدو

جيستائين اسان جا ساٿي سمنڊ جو نظارو ڪري موٽيا، اسان نه رڳو ڪافيءَ جا ٻه ٽي دور ڪري چڪا هئاسين پر مندرن جي باري ۾ به ڪوڙ جاڻ حاصل ڪري ورتي هئي. هاڻي مندر گهمڻ جو مرحلو هو. مندرن ڏانهن وڃڻ لاءِ هڪ وڏي گيٽ مان لنگهڻو هو جنهن جو نالو هوال جُو مَم Ilju mum جنهن جي معنيٰ جي خبر ته ڪانهي پر گيٽ تي اَوه بانگ سن ناڪسن سا Ohbangsan Naksan_sa نالو اُڪريل هو جيڪو هن مندر جو نالو هو.ڪوريائي ٻوليءَ ۾ ڪجهه نالن پٺيان "سا" اکر لکيل هوندو آهي جنهن جو مطلب پڇڻ جو خيال ان وقت ڪونه آيو پر مونکي پڪ آهي ته انهيءَ "سا" لفظ جو اج ڪلهه هندستاني ٽي وي ڊرامن ۾ استعمال ٿيندڙ لفظ "بابا سا" ۽ "چاچا سا" سان ڪو تعلق ڪونهي.

گيٽ ٽپڻ سان ئي مٿانهينءَ تي وڏو ڪارو گهنڊ، نغارو ۽ ڪاٺ جي رنگ برنگي ڊريگن مُنهين مڇي نظر آئي. مٿي ذڪر ڪري چڪو آهيان ته اهي ٽئي شيون ٻُڌمت ۾ عبادت لاءِ اهميت رکن ٿيون پر هتي خبر پئي ته مڇيءَ کي وڄائڻ جو مطلب مانيءَ جو وقت ٿي وڃڻ جو اطلاع ڏيڻ به آهي.

مٿانهين تي ئي مُکيه مندر هو جنهن ۾ ڪافي تعداد ۾ ڪوريائي مرد ۽ عورتون گوتم ٻُڌ جي وڏي شاهي سونهري ٻُت جي آڏو دعا گهرندي نظر آيا. قد ٻُت، نقش، لباس ۽ ٻوليءَ جي فرق جي باوجود ترقي يافتا ۽ صنعتي قوم سڏائيندڙ اهي ڪوريائي مون کي بلڪل اسان ۽ توهان جهڙا لڳا جيڪي من جي

شانتي ۽ مُرادون پوريون ٿيڻ جي لاءِ مسجدن، مندرن، پِيرن ۽ فقيرن جي درگاهن تي حاضريون پري دعائون گهرندا آهيون. انسان ڪيترو بہ ترقي ڪري وڃي ۽ پاڻ کي ڪيترو بہ سگهارو سمجهي پر هُو اندر ۾ کوکلو آهي ۽ من جي شانتيءَ لاءِ کيس پنهنجي خالق جو سهارو کپي بس معرفت جي ڳالهہ آهي سو هي ڪوريائي بہ ٻُڌمت جي ذريعي حقيقي خالق کان دعائون گهرن ٿا.

مندر اندر هڪ پروهت اسان جو استقبال ڪيو ۽ ڪوريائي ٻوليءَ ۾ مندر بابت ٻڌائڻ لڳو جنهن جو ترجمو هڪ ميزبان انگريزيءَ ۾ ڪندو ويو. جيڪو پاڻ بہ ٻُڌمت جو پوئلڳ هو. پروهت اسان کي ٻُڌمت تحت عبادت جو طريقو بہ ٻُڌائڻ لڳو. سندس خواهش هئي تہ اسان سندس ٻُڌايل طريقي موجب عمل ڪيون. اسان کي عجيب تہ لڳو پر تجربي خاطر اسان سندس پنيان ٿي بيناسين. اسان مان هر هڪ جي پيرن هيٺان هڪ ڪُشن هو. پروهت پيش امام وانگر اسان جي اڳيان ۽ سندس منهن گوتم ٻُڌ جي بُت ڏانهن هو تنهنڪري اسان جو رُخ بہ اُن بت ڏانهن هو. ڪوريائي ٻوليءَ ۾ هو جيڪو ڪجهہ پڙهندو ويو. اهو ٻُڌئون پيا پر سندس ٻي حرڪت نظر نہ آئي جو اسان جون نظرون هيٺ جهڪيل هيون. اوچتو هو هيٺ جهڪي سجدي ۾ ويو تہ سيئي سندس پنيان سجدي ۾ هليا وياسين. دماغ مان ٺڪاءَ نڪري ويا تہ بيلي هي ماٺهو ٺڳيءَ سان اسان کي هڪ بُت آڏو سجدو ڪرائي رهيو آهي. مون هڪدم پنهنجي رب کان ان خطا جي معافي گهري ڇو تہ الله کانسواءِ ڪنهنجي آڏو سجدو ڪرڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. مان دير تائين دل ئي دل ۾ الله وٽ وضاحتون ڪندو رهيس تہ ان سجدي کي ڪنهن بُت آڏو سجدو نہ سمجهي پر ٻين مذهبن ۽ عقيدن کي سمجهڻ جي ڪوشش ۾ هڪ غلطي ليکي. اسان هڪدم سجدي مان اُٿي ڪڙا ٿياسين. ياٿيا صاحب کي بہ اها حرڪت خراب لڳي هئي ڇو تہ هو هندو ڌرم جو پوئلڳ هو.

سڌارٿ يا گوتم ٻُڌ، جنهن ڇويهہ صديون اڳ نيپال ۽ هندستان جي ملندڙ علائقي ۾ جنم ورتو ۽ زندگي، موت ۽ وجود جي حقيقتن کي پرکيندي ڪنهن منزل تي پهتو جو کيس ٻُڌ (هنديءَ ۾ ٻڌي) Enlightened جو نالو مليو. تنهن سوچيو بہ ڪونہ هوندو تہ اڳتي هلي سندس پوئلڳ کيس سجدو ڪرڻ لڳندا. هونئن بہ جيئن ٻين مذهبن ۾ ڪيترين ئي بدعتون شامل ٿي ويون آهن تيئن ٻُڌمت ۾ بہ ٿيو آهي ۽ گوتم ٻُڌ جي بت کي سجدو ڪرڻ بہ انهن بدعتن مان هڪ آهي. نہ رڳو اهو پر ٻُڌمت ٻين مذهبن وانگر فِرقن ۾ ورهايل آهي. مان سمجهان ٿو تہ اهو ئي ڪارڻ هو جو مشهور پروهت مانهاءِ، جنهن جو ذڪر مان مٿي ڪري چڪو آهيان، ٻُڌمت ۾ سڌارن جي ضرورت محسوس ڪئي هئي. ڇون ٿا تہ هن وقت دنيا ۾ ٻُڌمت جا پنجتيهہ ڪروڙن کان وڌيڪ پوئلڳ آهن ۽ اسلام، عيسائيت ۽ هِندومت کانپوءِ دنيا جو اهو چوٿون وڏو مذهب آهي. ٻين مذهبن وانگر اِهو بہ مختلف فِرقن ۾ ورهايل آهي پر اُن جا بہ مکيہ فرقا آهن .

مهاتما گوتم ٻُڌ ڪرم (عمل)، ڌرم (حقيقتن کي پرکڻ جي سڏي واٽ) ۽ نِرواڻ (نئين جنم) جا نظريا ۽ عقيدا ڏنا ۽ پنهنجي پوئلڳن کي ڀرپور نموني همٿايو تہ هو پاڻ پنهنجي لاءِ مشعلِ راهہ بڻجن. سندس چوڻيءَ جو هي انگريزي ترجمو اڄ بہ مشهور آهي تہ . Be a lamp onto yourself

خير، اهو وڏو موضوع آهي. ڪنهن مذهب تي ڪجهہ جملن سان تبصرو نٿو ڪري سگهجي. ڇون ٿا

تہ ٻُڌمت جو جائزو وٺڻ سان اُن ۾ ڪيترين ئي بنيادي ڳالهين هندومت مان ورتل محسوس ٿينديون.مان سمجهان ٿو تہ ان ۾ گهڻي حد تائين سچائي بہ آهي جو ٻُڌمت جو جنم ۽ واڌ ويجهہ انهيءَ علائقي ۾ ٿي آهي جتي هندومت ڇانيل هئي ۽ ان وقت نہ عيسائيت ۽ نہ ئي اسلام جو نزول ٿيو هو. مون گذريل ڏينهن بائڪدام مندر جي وڏي پروهت سان ملاقات ۾ ڪائنس ٻُڌمت ۽ صُوفيِ اِزم ۾هڪجهڙائيءَ بابت پڇيو هو تہ هن هڪدم ان ڳالهہ کي رد ڪندي چيو هو تہ ٻُڌمت ڪنهن بہ ٻئي مذهب يا نظرئي مان ڪا شئي نہ ورتل آهي. اهو سندس پنهنجو خيال هو ۽ مان ان سان سهمت ڪونہ هئس. اسان سنڌ ۾ صوُفي سوچ رکندڙ پاڻ کي ٻُڌمت جي گهڻو ويجهو سمجهندا آهيون جو ٻنهي نظرين ۾ڪافي هڪجهڙائي لڳندي آهي.(هي سفرنامو لکندي هڪ ڏينهن هڪ سنڌي ٽي وي چئنل تي سائين امر جليل کي چوندي ٻُڌم تہ هو ٻُڌمت جو پوئلڳ آهي). حقيقت هيءَ آهي تہ صُوفي اِزم مذهبن جي اِسرارن کي سمجهڻ ۽ پرکڻ جو ئي نالو آهي جنهن ڪانپوءِ ئي سچائي ۽ سنئين واٽ نظر اچي ٿي. گوتم ٻُڌ بہ پنهنجي پوئلڳن کي اهو سبق ڏنو تہ هر ڳالهہ کي سمجهو پرکيو ۽ پوءِ عمل ڪريو. مان گوتم ٻُڌ جي ئي تعليم تي عمل ڪندي سندس ڪوريائي پوئلڳن کي سمجهڻ ۽ پرکڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هئس ۽ مون محسوس ڪيو تہ جيئن مُلان، پادرين ۽ هندو پنڊتن پنهنجي پنهنجي مذهبن جي شڪل بگاڙي آهي يا وقت گذرڻ سان گڏ سماج جون مختلف ڳالهيون ۽ بدعتون مذهبن ۾ شامل ٿي مذهب جو حصو ٿي ويون آهن، تيئن هتي ٻُڌ پروهتن ۽ ڪوريائي سماج بہ ساڳيو ڪردار ادا ڪيو آهي. هونئن بہ ٻُڌ مت هن وقت ٻتيهہ فرقن ۾ ورهايل آهي ۽ هر فرقي جا الڳ پوئلڳ آهن.

*

## راجستان ۾ رهندڙ ڪوريائي ڀڪشُو

اهي سوچون ڪٺي مان ٻين سان گڏ مندر مان ٻاهر نڪتس تہ ٻڌاين تہ هاڻي هتان جي وڏي پروهت سان ملڻ جو پروگرام آهي. مندرن جي هن ڪامپليڪس سان ئي پروهتن جا رهائشي ڪاٺ جا ڪمرا هئا جن مان هڪ ۾ اسان کي وٺي هلي ويهارين. منجهند جو وقت ٿي رهيو هو سو مونکي ڊپ وٺي ويو تہ هاڻي بائڪدام مندر جهڙي لنچ ڪرڻي پوندي ۽ ڪوريائي ميزبانن سان اهڙي انديشي جو اظهار بہ ڪيم جنهن تي هو ڏاڍو کليا ۽ آٿت ڏنائون تہ لنچ ڪنهن ٻئي هنڌ آهي.

هتي جنهن وڏي پروهت سان ملاقات ٿي تنهن جو نالو هو جيانگ نِم Jeongnym . بائڪدام مندر جي وڏي پروهت جي پيٽ ۾ هي مُرڪندڙ منهن وارو ڪلمُک ماڻهو هو. ساڻس تعارف مهل خاص طور مون سان تفصيلي تعارف ڪرايو ويو ۽ مون بہ ضروري سمجهيو تہ کيس ٻُڌايان تہ مان سنڌي ۽ مسلمان آهيان

۾ سنڌي ماڻهو مذهبي ڪٽرپڻي بدران هر مذهب کي عزت جي نظر سان ڏسن ٿا. جيئن ٻُڌمت سيڪاري ٿي ته ڪوبه گناهه نه ڪريو يعني ڪوبه غلط ڪم نه ڪريو چڱائيءَ جو ٻج پوکيو ۽ دل ۽ دماغ کي خراب سوچن کان پاڪ رکو تيئن اسان جو مذهب به اهو ئي درس ڏئي ٿو. ان سان گڏوگڏ سنڌين تي صُوفي اِزم جو به اثر آهي. هي پروهت زندگيءَ جا ڪجهه ورهيه ٻُڌمت جي تعليم جي حوالي سان راجستان واري علائقي ۾ گذاري چڪو هو. مون کيس ٻُڌايو ته راجستان ڀارت جو اهو علائقو آهي جيڪو سنڌ سان ملي ٿو ۽ سنڌ جي ٿر ۽ راجستان جي ثقافت بلڪل هڪجهڙي آهي.

هن پروهت سان ڪافي دير ڪچهري ڪري, لذيذ ميوا کائي ۽ سائي چانهه پي جڏهن اٿياسين ته هن اسان سڀني کي ٻُڌمت واري گهنڊ جو ننڍي سائيز جو هڪ هڪ نمونو سوکڙيءَ طور ڏنو جنهن جي قيمت هڪ سئو ڊالر (ڪوريائي ڪرنسي وون هڪ لک) هئي.

*

## ٿُوم جي استعمال جو نئون تجربو

جبل جي مٿانهينءَ تان سمنڊ جي مست ڇولين کي ڏسندي هاڻي اسان جو قافلو شهر ڏانهن روانو ٿيو جتي ليمپ Lamp ريسٽورنٽ ۾ لنچ جو انتظام هو. هڪ ئي ڪُٽنب جون ٻه ٽي عورتون هي ريسٽورنٽ هلائيندڙيون آهن . روايتي نموني سان مختلف ڪمرن ۾ فرشي نشست هئي. هر شئي سليقي سان رکيل ۽ صفائي ايتري جو پنهنجي ديس جي هوٽلن جو حال ياد ڪري احساسِ ڪمتري پئي محسوس ٿي. هتي به اسان ڪُشنن تي آمهون سامهون ويناسين ۽ وچ ۾ ننڍين پاوَن واريون ميزون هيون جن جي وچ ۾ وري گئس جا چُلها لڳل هئا. اسان جي ويهڻ شرط مايون سرگرم ٿي ويون ۽ مختلف کاڌا ميزن تي رکڻ شروع ڪيائون. مان هر کاڌي کي ڏسندو رهيس. سوچيم ته هي به شايد لوُمڙي ۽ ٻَگهه پڪيءَ واري دعوت آهي جنهن ۾ ميزبان کائيندو رهندو ۽ مهمان بکيو ئي رهندو. پر ان مهل پيٽ ۾ ساهه پيو جڏهن پٽاٽي جون ٽڪيون آيون. سوچيم ته گهٽ ۾گهٽ هڪ شئي ته کائڻ جهڙي آئي. پر وارن ٻين ساٿين پنهنجي حصي جون به ٽڪيون مونکي ڏنيون جو مان ٻي ڪنهن شئي کي هٿ ئي ڪونه پي وڌو. ان وچ ۾عورتن گئس جا چُلها ٻاريا ۽ اُنهن تي رکيل فرائنگ پين ۾ گوشت جا ٽڪرا رکنديون ويون. گوشت سان گڏ هنن ٿُوم جون وڏيون ڳڙيون به رکيون ۽ گوشت کي اُٿلائڻ لاءِ چمٽا به ڏئي ويون. مون کي پڪ هئي ته اهو پورڪ يعني سوئر جو گوشت هوندو پر عورتن ۽ ٻين سڀني پڪ ڏني ته اهو بيف آهي ۽ هتان جي روايتي طريقي موجب پاڻ پچائي گرم گرم کائڻو آهي. منهنجا ته مزا ٿي ويا. ڪوريا جي روايتي بيئر Cass ۽ وائين Sojoسان گوشت جا ٽڪرا هلندا رهيا. زندگيءَ جو هڪ نئون تجربو اهو ٿيو ته ٿُوم جي ڳڙين کي گرمائش تي ڀُرندي ڏٺم ۽ ان مان نڪرندڙ سٽيپ کاڌي جي تيل جو ڪم ٿي ڏنو. هيءَ يادگار لنچ هئي

جنهن ۾ پوڳ چرچا، نچڻ ڳائڻ ٿيندو رهيو. چون ٿا تہ ڪوريائي عورتون ڪاڏي ۾ ٿُوم جو استعمال تمام گهڻو ڪن ٿيون.

جيئن تہ هتان سيئول روانو ٿيڻو هو ۽ پنڌ پري هو تنهنڪري نہ چاهيندي بہ روانا ٿياسين. ڪافي دير تہ ساموندي شاهراھ رستي سفر ٿيندو رهيو جنهن دوران ڪوچ ۾ بہ چرچا پوڳ ۽ نچڻ ڳائڻ ٿيندو رهيو. اها رات منهنجي واپسيءَ جي هئي جو ٻارهين وڳي فلائيٽ جو وقت هو. ٻين ٻاهرين دوستن جي واپسي صبح جو هئي. پروگرام موجب سيئول ۾ الوداعي ڊنر رکيل هئي پر دير ٿيڻ جي ڪري اها ملتوي ڪري واٽ تي شاهراہ تي هڪ ريستورنٽ ۾ هلڪو ڦلڪو کاڌو کائي سيئول روانا ٿياسين جتي پوري نائين وڳي رات جو پهتاسين. هوائي اڏي تي پهچڻ ۾ فقط هڪ ڪلاڪ هو جوتہ انٽرنيشنل فلائيٽ لاءِ بہ ڪلاڪ اڳ پهچڻو هوندو آهي ۽ بس جو انتظار ڪرڻ جو مطلب هو فلائيٽ وڃائڻ تنهنڪري ميزبان تنظيم جو صدر مونکي پنهجي ڪار ۾ ڪٽي ايئرپورٽ روانو ٿيو جيڪو هڪ سئو ڪلوميٽر پري هو.

*

# ڪوريائي ٻولي

هوائي اڏي ڏانهن سفر ڪندي ڪوريا بابت ڪچهريءَ جو وڌيڪ وقت مليو ويو جوتہ هڪ سئو ڪلوميٽر فاصلو هڪ ڪلاڪ ۾ طئہ ٿئي ها. خوبصورت جرڪندڙ رستن، پُلين ۽ فلاءِ اوورن تان لنگهندي منهنجي اک تہ نظارن ۾ هئي پر مان هن کان سوال بہ پڇندو ٿي ويس. مان ٻولين جو ماهر تہ ناهيان پر منهنجي دلچسپي سدائين ان ڳالھ سان رهي آهي تہ جتي بہ وڃان اتي اُتان جي ٻوليءَ بابت ضرور پُڇان. سو مسٽر ليءَ کان مون ڪوريائي ٻوليءَ بابت ڪيترائي سوال ڪيا. انهيءَ کان اڳ سيئول موٽندي ڪوچ ۾ ريانگ اوھ سان بہ ڪوريائي ٻوليءَ بابت ڪجھ ڪچهري ٿي هئي.

ڪوريائي ٻولي اُتر ۽ ڏکڻ ڪوريا جي قومي ۽ سرڪاري ٻولي آهي. چون ٿا تہ چين جي هڪ خودمختيار علائقي يان بيان Yan Bian جي سرڪاري ٻولي بہ اهائي آهي. هڪ ڪاٿي موجب اَٺ ڪروڙ ماڻهو ڪوريائي ٻولي ڳالهائن ٿا. پر تنهن هوندي بہ تاريخ ۾ اُن کي اڪيلي ٻولي Isolate Languageطور سڏيو ويو آهي. شروع ۾ اها چيني ٻوليءَ مان اوڌر ورتل الف ب يا لِپيءَ هَان جَا Hanja ذريعي لکي ويندي هئي. پندرهين صديءَ جي وچ ڌاري 1443 ۾ ان وقت جي بادشاه سيجانگ Sejong ڪجھ ماهرن جي هڪ ٽيم جوڙي جن ڪوريائي ٻوليءَ کي پنهنجي الف ب ڏئي هَانِ گُل Hangul جي نالي سان لکت جو سرشتو رائج ڪيو. اهو لفظ بہ مختلف لفظن جي سڌريل معياري شڪل آهي جنهن جي معنيٰ آهي قومي ٻولي. هن لپيءَ ۾ ڏھ Vowels ۽ چوڏهن Consonents آهن.

باوجود پنهنجي ڌار لپيءَ جي، ڪوريائي ٻوليءَ جا ڪيترائي لفظ لکڻ ۾ چيني ٻوليءَ جهڙا آهن ۽ فقط سندن اُچارڻ ۾ فرق آهي. مثال ڏينڊي ريانگ اوهہ ٻڌايو هوتہ اسڪول لفظ ٻنهي ٻولين ۾ ساڳي طرح لکبو پر سندن اُچار ڌار آهي.

ڪوريائي ٻولي جپانيءَ سان بہ ملي تہ منگوليائي ٻوليءَ سان بہ. چوتہ ڪجهہ سئو سال اڳ منگول حڪمران بہ ڪوريا تي قابض رهيا تنهنڪري سندن ٻولين ۾ بہ ايتري ويجهڙائپ آهي جو ريانگ اوهہ جو چوڻ هو تہ ڪين چيني يا جپاني ماڻهن جي ڀيٽ ۾ منگوليائي ماڻهن سان ڳالهائڻ ۾ سولائي ٿيندي آهي.

هونئن اينسائيڪلوپيڊيائن موجب ڪوريائي ٻولي آلتائي ٻولين ural_ Altaic Languages منجهان يعني ترڪي، جپاني، منگوليائي، هنگري وغيره ٻولين جي گروپ مان آهي جيڪي التائي Altaicجابلو سلسلي جي حوالي سان سڏجن ٿيون. اهو جابلو سلسلو وچ ايشيا کان يورپ تائين پکڙيل آهي.

مسٽر ليءَ ٻڌايو تہ ڏکڻ ڪوريا ۾ سيئول ۽ اُن جي آسپاس واري علائقي ۽ اُتر ڪوريا ۾ اتان جي گادي واري شهر پيانگ يانگ ۽ پرپاسي واري علائقي واري ڪوريائي ٻولي معياري يا Standard ٻولي سڏجي ٿي. مون کي اُن مهل سنڌ ۽ سنڌي ٻولي ياد آئي جو انگريزن پنهنجي راڄ وقت سنڌي ٻوليءَ جي موجوده لپي تيار ڪرائي هئي ۽ انهيءَ لاءِ هنن تعليمي ۽ ٻوليءَ جي ماهرن جي ٽيم جوڙي هئي جن نہ رڳو الف ب ٺاهي پر سنڌ جي وچولي واري علائقي ۾ ساهتيہ پرڳڻي نوشهري فيروز پريا. دربيلي ۽ پرپاسي جي ٻوليءَ کي معياري سنڌي ٻوليءَ جو درجو ڏنو هو جيڪا سنڌ جي ڪتابي ٻولي سڏجي ٿي.

ڪوريا وارن پنهنجي اڪيلي ٻوليءَ کي پنهنجي اصل شڪل ۾ قائم رکڻ سان گڏوگڏ رومنائيزيشن Romanizationذريعي ان قابل ناهيو آهي جو ملڪ جي سمورن شهرن ۾ رستن، گهٽين، مکيہ عمارتن وغيره جا نالا رومن لپيءَ ۾ لکيا وڃن ٿا تہ جيئن ٻاهران ايندڙ ماڻهو انهن کي سولائيءَ سان پڙهي سگهن. ان ڏس ۾ هنن گهڻو ڪم ڪيو آهي جنهن کي هو Revised Romanization of Korean Languageياد ڪن ٿا. رومن لپيءَ ۾ ڪوريائي لفظ لکڻ جا ڪجهہ مثال هن ريت آهن : ٻورچيخانو Bueok، ٻاهر Bak ، ڀت يا ديوار Byeok ، ڳائي گوشت جون ٽانڊن تي پچايل چاپون Kalbi ، ڀاڄيءَ مليل اڇا چانور Bibimbap ۽ راند روند ۾ وڏي مهارت رکندڙ ماڻهو Gosu ۽ ماڻهن کي وندرائيندڙ مائي Kisaeng.

*

# ٻولين جي رومنائيزيشن

موجوده جديد زماني ۾ ۽ خاص طور انٽرنيٽ ۽ موبائل فون جي اچڻ کانپوءِ ٻولين جي رومنائيزيشن جي اهميت وڌي وئي آهي. پر حقيقت ۾ مختلف قومن جي ڏاهن ماڻهن وڏي عرصي کان ان ڏس ۾ ڪم ڪيو آهي ته جيئن پنهنجي ٻولين کي ترقي وترائي سگهن. ترڪيءَ جي ڪمال اتاترڪ 1925 ۾ پنهنجي ٻوليءَ لاءِ عربي ۽ فارسيءَ بدران رومن لپي اختيار ڪرائي جڏهن ته انڊونيشيا ۾ 1972 ۾ تڏهوڪي صدر سوئيڪارنو فرمان جاري ڪري هڪ هزار ورهين کان رائج Kawi لپيءَ جي جاءِ تي رومن لپي متعارف ڪرائي. مون کي ياد آهي ته مارچ1990۾ افغانستان جي گادي ڪابل ۾ اتان جي ڪابل يونيورسٽيءَ جي پروفيسر زيار Zyar سان روزانو منهنجون ڪچهريون ٿينديون هيون ۽ اڪثر موضوع ٻولي هوندو هو. ڊاڪٽر پروفيسر زيار پشتو ٻوليءَ جو محقق هو ۽ هن جرمنيءَ مان پي ايچ ڊي ڪئي هئي. هو پشتو جي فارسي لپيءَ بدران رومن لپي اختيار ڪرڻ تي تحقيق ڪري رهيو هو. ان ڏس ۾ هو پشتو جي ڊڪشنري شايع ڪري چڪو هو جنهن ۾ رومن لپي شامل هئي. تڏهوڪي افغان صدر ڪامريڊ نجيب الله جي حڪومت ان ڪم لاءِ مالي مدد جو وعدو ڪيو هئس. پروفيسر زيار ئي ٻڌايو هو ته انڊونيشيا ۾ اتان جي مقامي ٻولين ۾ ڇپجندڙ اخبارن ۾ هر خبر جي ڪالم پرسان ساڳي خبر رومن لپيءَ ۾ به ڇاپي وڃي ٿي.

مون کي جيتري ڄاڻ هئي ان مطابق هڪ زماني ۾ سنڌي ٻوليءَ لاءِ به رومن لپي اختيار ڪرڻ جي مهم هلي هئي پر سنڌ جي اديبن ۽ دانشورن ۾ اختلاف پيدا ٿيڻ سبب اها ڪامياب نه ٿي. مون پروفيسر زيار سان سنڌي ٻوليءَ لاءِ رومن لپيءَ بابت به خيالن جي ڪافي ڏي وٺ ڪئي هئي. سندس خيال هو ته سنڌيءَ جو حرف "ڙ" انگريزيءَ جي حرف r (نَنڊي آر) جي هيٺان هڪ ٽٻڪو ڏيڻ سان اُچاري سگهجي ٿو جڏهن ته حرف "ڻ" جو اُچار انگريزي حرف n (ننڍي اين) جي هڪ ڄنگهه هيٺان هڪ ٽُٻڪو ڏيڻ سان ڪيدي سگهجي ٿو.

پروفيسر زيار کي انگريزي ٻوليءَ تي به عبور حاصل هو. هڪ ڏينهن هو پنهنجي انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيل شاعري لکي کڻي آيو. سندس هٿ اکر لکيل اها شاعري اڄ به مون وٽ سانديل آهي. شاعري هن ريت آهي:

Love's Offerings
I made a garland
of tears of blood
like the beads of rubies
.to adorn your beautiful neck

This garland, a lovely present
An offering of my love
for your acceptance
.to put round your lovely neck
(With my best regards to my friend Nasir Aijaz_ Zyar)

شڪر آهي جو پروفيسر زيار مون کي نصير اعجاز لکيو هو نہ تہ افغانستان ۾ اڪثر ماڻهو مون کي نصير حجاز سمجهندا هئا ۽ هڪ افغان اخبار ۾ ڇپيل منهنجي انٽرويو ۾تہ منهنجو نالو نصير حجاز ئي لکي ڇڏيو هئن. (افغانستان جي سفر جو تفصيلي ذڪر اڳتي ڏنل آهي). ظلم تہ ڪنهن زماني ۾ هلال پاڪستان اخبار جي هڪ ڪمپازيٽر ڪيو هو جنهن بدنام ڌاڙيل نصير فقير جي گرفتاريءَ جي خبر هن ريت ڪمپوز ڪئي :سنڌ جو بدنام ڌاڙيل نصير اعجاز گرفتار. قسمت جي ڳالهہ تہ سندس اها غلطي اهڙي پروف ريڊر پڪڙي جيڪو سدائين پِنڪين ۾ هوندو هو.

مان سمجهان ٿو تہ سنڌي ٻوليءَ جي رومنائيزيشن, سندس اصل ٻاونجاهہ حرفن واري لپيءَ کي برقرار رکندي نہ رڳو نهايت ضروري پر سولي بہ آهي جنهن سان سنڌي ٻوليءَ کي بچائي ۽ ترقي ڏياري سگهجي ٿي. سنڌي ٻوليءَ جي رومنائيزيشن نہ ٿيڻ جي ڪري هن وقت اسان جا ستر اسي سيڪڙو سنڌي رومن اردو ۾ يا انگريزيءَ ۾ ايس ايم ايس ڪن ٿا. ڪي ماڻهو شايد اهڙا هجن جيڪي رومن سنڌيءَ ۾ نياپا ڪندا هجن. سچ تہ ان مهل رت ٿهڪندو آهي جڏهن سنڌين کي, جن ۾ منهنجا پنهنجا مٽ مائٽ ۽ اولاد بہ شامل آهن, اردوءَ ۾ ايس ايم ايس ڪندي ڏسندو آهيان. ان مهل سوچيندو آهيان تہ سنڌي ٻوليءَ جو دشمن ٻيو ڪير نہ پر اسان پاڻ آهيون.

مونکي خبر ناهي تہ سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي رومنائيزيشن تي ڪنهن ڪم ڪيو آهي يا نہ, پر پارت ۽ دبئيءَ ۾ رهندڙ هندو سنڌين ان ڏس ۾ گهڻو ڪم ڪيو آهي جڏهن تہ منجهن بہ ان حوالي سان وڏا اختلاف رهيا آهن . ڊاڪٽر ديال آشا, ڊاڪٽر رام بخشاڻي, ڪشور لالواڻي, گووند چندرماڻي ۽ پونم مالاڻيءَ جا نالا ان ڏس ۾ ذڪر جوڳا آهن جن جون ڪاوشون مختلف ويب سائيٽن تي ڏسي سگهجن ٿيون. سندن چوڻ آهي تہ عرب رياستن ۾ بہ ٽي لک جڏهن تہ سنڌ کي ڇڏي باقي دنيا ۾ هڪ ڪروڙ سنڌي آهن ۽ سندن ڪوشش آهي تہ ڪين سنڌيءَ جي رومنائيزيشن ڏانهن راغب ڪجي.

ڳالهہ ڪتان جو ڪتان وڃي نڪتي پر ڇا ڪجي جو ماءُ جي ٻوليءَ جو معاملو ئي ڪجهہ جذباتي آهي. جنهن نموني اسان هن وقت سنڌي ٻوليءَ جي شڪل بگاڙي رهيا آهيون, اردوءَ کان متاثر ٿي ان جو گرامر ۽ جنس بدلائي رهيا آهيون, ان تي منهنجو اندر جڙ تہ چيربو آهي, تنهنڪري هتي هن موضوع تي ڪجهہ ڊيگهہ تي وئي هجي تہ معاف ڪجو. اوهان پاڻ سوچيو تہ هڪ سنڌيءَ جي واتان گهٽيءَ کي گليِ, جُهونگارڻ کي گنگنائڻ, ڪتابن کي ڪتابون, ڪلاس کي ڪلاسون, موسم سني آهي کي موسمُ سنو آهي جهڙا لفظ ۽ جملا ٻُڌبا تہ ڇا حالت ٿيندي. اهڙي سنڌي سپ کان پهرين سردار قريشيءَ نالي هڪ

پنجابيءَ جي واتان ٻُڌم ۽ لکندي ڏنم. هي شخص پهرين منٽ ميڙ ڪري سراج ميمڻ صاحب هٿان هلال پاڪستان اخبار ۾ سب ايڊيٽر ٿيو ۽ پوءِ سازشون ڪري ان جو ايڊيٽر ٿيو ۽ اخبار کي تباهه ڪيائين. ورڪرس يونين جي عهديدار جي حيثيت ۾ هن 32 ملازمن جا نالا لکي شيخ سلطان ٽرسٽ جي ڊپٽي ايڊمنسٽريٽر مرحوم علي احمد بروهيءَ کي پيش ڪيا هئا ته انهن کي نوڪريءَ مان ڪڍڻ سان اخبار جو نقصان ختم ٿي ويندو. ايئن وڏي تعداد ۾ ماڻهن کي بيروزگار ڪرائي هو انعام طور ايڊيٽر ٿيو. هن نه رڳو خبر ايجنسين جي سروس بند ڪرائي ڇڏي پر ڪراچي يونين آف جرنلسٽس جي يونٽ چيف جي حيثيت ۾ جڏهن مون ماڻهن کي بيروزگار ڪرڻ تي احتجاج ڪيو ته مون ۽ هڪ ٻئي اسٽاف رپورٽر ڄي اين مغل کي به ڪڍيو ويو. اسان جي برطرفيءَ وارو حڪم هن ريت هو The post of staff reporter has been abolished and your services are no more required جنهن جو مطلب هو ته اخبار مان رپورٽر جي پوسٽ ئي ختم.

ڪوريا ۾ مون ڏٺو ته هر ماڻهوءَ کي انگريزي ڪانه ٿي آئي. ڪنهن کي ٿوري ۽ ڪنهن کي تمام گهٽ انگريزيءَ جي ڄاڻ هئي. ڪي ته اهڙا به هئا جن کي انگريزي آئي ٿي پر انهن ڪوريائي ٻوليءَ ۾ ڳالهايو ٿي ۽ ان جو انگريزي ترجمو ڪري ٻڌايو ٿي ويو. مون کي تجسس هو ته ڪوريا وارن جو ايتري ترقي ڪئي آهي اها هنن سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي تعليم ڪوريائي ٻوليءَ ۾ حاصل ڪرڻ سان ڪئي آهي يا نه. هوائي اڏي ويندي اهو سوال مون مسٽر ليءَ کان ڪيو جنهن ٻڌايو ته انگريزي فقط هڪ سبجيڪٽ طور پڙهائي ويندي آهي جڏهن ته باقي سموري تعليم ڪوريائي ٻوليءَ ۾ ڏني وڃي ٿي. ان ڳالهه تي هنن کي فخر هو اسان وانگر ڪمتريءَ جي احساس جا شڪار ڪونه هئا.

❊

## واپسيءَ جو سفر

هوائي اڏو اچي چڪو هو مسٽر لِي مون کي اندر آخري منزل تائين پهچائي واپس هليو ويو. مان باقي وقت لائونج ۾ گهمندي گذاريو جو ان ڪانپوءِ دبئيءَ تائين ڏهه ڪلاڪ لاڳيتو جهاز ۾ سفر ڪرڻو هو. ٻارهين وڳي جڏهن جهاز اڏامڻو ته مان به لت کوڙي سمهي پيس جو خبر هئي ته ڪوريائي ڪاڏو وٺندو ڪونه. دبئي هوائي اڏي تي پهتاسين ته اتي به اجان فجر جو وقت هو ڇو ته اسان اوير کان اولهه ڏانهن سفر ڪيو هو جتي سج اڀرڻ ۾ اجان گهڻي دير هئي. دبئي ڊيوٽي فري مال ۾ گهمندي ٽي ڪلاڪ گذاري وري ڪراچيءَ لاءِ سفر شروع ڪيوسين ۽ نيٺ صبح جو ڏهين وڳي اچي ڪراچيءَ پهتاسين. ننڊ ۽ ٿڪُ ذهن تي سوار هئا تنهنڪري سمهڻ پي چاهيم پر سچ ته ايئن پي لڳو ڄڻ هاڻ خواب ڏسي اٿيو آهيان ۽ خواب ۾ مان ڪوريا گهمي آيو آهيان. مون کي اها خبر ئي ڪانه هئي ته ايندڙ سال وري خوابن جي اها ڌرتي گهمڻ جو موقعو ملندو.

❊

# پيهر سفر

آگسٽ 2008۾ هڪ ڏينهن اِي ميل ڏسندي اوچتو ريانگ اوهہ جي ميل تي نظر پئي جنهن وري ڪوريا جي دعوت موڪلي هئي. هن پيري ستين ڪان ڏهين آڪٽوبر تائين موسمياتي تبديلين بابت هڪ ڪانفرنس ۾ پيون ڪيترين ئي سرگرميون رٿيون ويون هيون. مون کي ان لاءِ پاڪستان ۾ موسمياتي تبديلين، ماحولياتي گدلاڻ ۾ حڪومت پاران ورتل اُپائن ۾ پاليسين بابت هڪ پيپر تيار ڪري اڳواٽ موڪلڻو هو. لکڻ لاءِ وقت تہ ڪافي هو پر ساڳئي وقت پارت جي هڪ آن لائن ۾ پرنٽ مئگزين لاءِ بہ پاڪستان ۾ ڪميونٽي ريڊيو جي صورتحال بابت آرٽيڪل لکي وقت تي موڪلڻو هو. تنهنڪري ڪم ڪجهہ وڌي ويو. ذهن ۾ ويزا وارا ڏچا بہ هئا جو گذريل پيري بلڪل آخري ڏينهن يعني فلائيٽ واري ڏينهن ويزا ملي هئي. تنهنڪري هن پيري سوچيم تہ پهرين ويزا جو مسئلو حل ڪجي ۾ پوءِ باقي تياريون ڪجن. هن پيري خوشقسمتيءَ سان ٽن ڇڪرن ۾ ويزا ملي وئي جو ڪوريائي قانصلخاني وارن جو مون تي پروسو ٿي ويو هو. هنن ڏٺو تہ هي شريف ماڻهو آهي جيڪو ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿي بنا ڪنهن گند ڪرڻ جي موٽي ٿو اچي تنهنڪري هن مان ڪو بہ خطرو ڪونهي. هڪ ڏينهن ويزا فارم جمع ڪرائڻ ويس، ٻيو دفعو انٽرويوءَ لاءِ گهراين ۾ ٽئين چڪر ۾ وچي ويزا ڪنيم. اُن ڪانپوءِ لکڻ جي ڪم ڪي جُنبي ويس ۾ واعدي مطابق رپورٽون ٻنهي پاسي موڪلي ڇڏيم.

هن پيري سوچيم تہ ڪوريا جي سفر لاءِ ٻيو ڪو رستو وٺان جو اڳي پيري دبئيءَ ڪان لاڳيتو ڏهہ ڪلاڪ سيئول تائين سفر ڪري ڪڙهجي پيو هئس ۾ مٿان وري ڪاڏو بہ ڪائڻ جهڙو نہ. سو ٿائي ايئر ويز جي فلائيٽ جي ٽڪيٽ ورتم. اها فلائيٽ بئنڪاڪ ۾ هانگ ڪانگ ڪان ٿيندي سيئول پهچي ها. ان سان ٿائلينڊ ۾ هانگ ڪانگ تہ نہ پر انهن جا هوائي اڏا گهمي ڪو نئون جهان تہ ڏسي سگهان پيو. وقت ذري گهٽ ايترو ئي لڳي پيو بس فرق اهو هو تہ ڪراچيءَ ڪان چئن ڪلاڪن ۾ بئنڪاڪ پهچي اتي ٽي ڪلاڪ هوائي اڏي تي گذارڻو هو. اتان وري هانگ ڪانگ پهچي ڪلاڪ ڪن ڪانپوءِ سيئول هلڻو هو. اهو بہ آسرو هو تہ ڪاڏو ڪجهہ چڱو ۾ ڪائڻ جوڳو ملندو.

❇

# جهاز جو مٽجڻ ۽ سامان جو گم ٿيڻ

منهنجي فلائيٽ چوٿين آڪٽوبر تي رات جو ٻارهن لڳي پنجويهه منٽن تي هئي جيڪو عيدالفطر جو ٻيو ڏينهن هو. ان ڏينهن منجهند جو تياريءَ ۾ هئس تہ ٽريول ايجنٽ جي فون آئي تہ ٿائي ايئر ويز جي فلائيٽ منسوخ ٿي وئي آهي ۽ انهن جا سمورا مسافر هاڻي ڪيٿي پئسفڪ جي فلائيٽ ۾ سفر ڪندا، جنهن لاءِ اسان کي هوائي اڏي پهچي ڪيٿي پئسفڪ جي ڪائونٽر تي رابطو ڪرڻ گهرجي. ڪي ايئر لائينون گهٽو ڪري مسافر گهٽ هجڻ سبب فلائيٽون منسوخ ڪري مسافر ٻين جي حوالي ڪنديون آهن. بلڪل ايئن جيئن هتي ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد وچ ۾ هلندڙ بسون مسافر گهٽ هجڻ ڪري انهن کي ٻين بسن ۾ چاڙهي ڇڏينديون آهن.

مون کي ٻڌايو ويو هو تہ فلائٽ جو ساڳيو وقت هوندو پر هوائي اڏي تي پهچڻ بعد خبر پئي تہ ڪيٿي پئسفڪ جي اُڏام اڌ ڪلاڪ دير سان هئي. ڪيٿي پئسفڪ وارن بورڊنگ ڪارڊ ڏيڻ مهل ٻڌايو تہ بئنڪاڪ کان اڳتي سفر اهو ئي ٿائي ايئر ويز ۾ ٿيندو ۽ منهنجي بئگ بہ بئنڪاڪ ۾ ملي ويندي. انهيءَ جهنجهٽ کان واندو ٿي وڃي لائونج جي Smokers` Zone ۾ وينس جو وقت بہ گذارڻو هو ۽ اهڙي انتظار ۾ سگريٽ ئي ساٿ ڏيندو آهي. (هاڻي پاڪستان ۾ ڪنهن بہ هوائي اڏي تي سموڪرس زون ڪونهي.) مون وانگر ان ڪمري ۾ ٻيا بہ گهڻائي سگريٽ پيئڻ وارا هئا. جن ۾ سکر جو هڪ سنڌي واپاري بہ شامل هو. جنگهہ کان ٿورو معذور هي شخص شلوار قميص ۾ پري کان پڌرو هو. تعارف ٿيڻ تي هن ٻڌايو تہ پنهنجي هڪ پناڻ دوست سان گڏ هو تفريح لاءِ بئنڪاڪ وڃي رهيو آهي. تفريح جو لفظ استعمال ڪندي هو ڏُو معنيٰ انداز ۾ مُرڪيو هو ۽ مان بہ سندس مطلب سمجهي ويس.

فلائيٽ جو انتظار ڪجهہ وڌندو ٿي ويو جو ساڍي ٻارهين وڳي ڪانپوءِ خبر پئي تہ جهاز هاڻي اجان پهتو آهي ۽ اهو ئي جهاز وري اسان کي کڻي هلندو. خُدا خُدا ڪري انتظار ختم ٿيو ۽ ڪراچيءَ مان روانا ٿياسين. بئنڪاڪ هوائي اڏي تي پهتاسين تہ اتان جي وقت موجب صبح جا ست ٿي چڪا هئا ۽ ٿائي ايئر ويز جو هڪ همراهہ منهنجي نالي جو پليڪارڊ کڻي مونکي وٺڻ لاءِ بيٺو هو. هن ٻڌايو تہ ٿائي ايئر ويز جي سيئول لاءِ فلائيٽ ستين وڳي رواني ٿي چڪي آهي تنهنڪري هاڻي مون کي ڏهين وڳي واري فلائيٽ جو انتظار ڪرڻو پوندو. هن مون کي بورڊنگ ڪارڊ وٺي ڏنو ۽ هڪ هنڌ پهچائي مون کي چيو: لائونج ۾ گهمي ڦري توهان کي وقت گذارڻو پوندو. هن اهو بہ ٻڌايو تہ منهنجي بئگ مون کي سيئول ۾ ملي ويندي.

مون حساب ڪيو تہ سيئول پهچندي رات ٿي ويندي جڏهن تہ ڪوريائي دوستن کي ڏنل وقت شام جو هو ۽ هنن مون کي اتي وٺڻ لاءِ ماڻهو موڪلڻ جو ٻڌايو هو. سوچيم تہ ايئن نہ ٿئي جو اهي ماڻهو انتظار

ڪري هليا وڃن ۽ مان خوار ٿي وڃان. اهو سوچي هوائي اڏي جي سائبر ڪيفي تي وڃي ڪوريائي دوستن کي اِي ميل ڪري پهچڻ جي پروگرام ۾ تبديليءَ کان آگاهه ڪيم ۽ دعا گهريم ته هو اها ميل پڙهن نه ته مون سان وڏي جُٺ ٿيندي جو هوائي اڏي کان هوٽل تائين پهچڻ لاءِ تڪليف ڪرڻي پوي ها. مون کي اها خبر ئي ڪانه هئي ته بئنڪاڪ کان هانگ ڪانگ ٿيندو جڏهن اِنچيان هوائي اڏي تي پهچندس ته رات ٿي وڃڻ جي باوجود مون کي وٺڻ لاءِ ٻه خوبصورت ڇوڪريون منهنجو انتظار ڪري رهيون هونديون پر منهنجي بئگ غائب هوندي. جڏهن سڀ ماڻهو پنهنجو سامان کڻي روانا ٿي ويا تڏهن پڪ ٿي ته منهنجي بئگ گم آهي. ٿائي ايئر ويز جي ڪائونٽر تي رابطو ڪرڻ تي خبر پئي ته هنن ڪيٿي پئسفڪ جي جهاز مان بئگ لاٿي ئي ڪانه هئي ۽ اها هانگ ڪانگ وڃي پهتي آهي جو اهو جهاز بئنڪاڪ مان اوڏانهن ويندو هو. ٿائي ايئر ويز وارن پڪ ڏني ته بئگ صحيح سلامت ٻئي ڏينهن شام جو مون کي سيئول ۾ هوٽل تي پهچائي ڏيندا. اهو ٻُڌي مان ٻن ڪپڙن ۾ گهران نڪرڻ وانگر هوائي اڏي کان ٻاهر نڪري آيس جتي ٻه نوجوان ڇوڪريون ڪلاڪن جا ڪلاڪ انتظار ڪرڻ جي باوجود ايئن مُرڪي پاٻوهه وچان اچي مليون ڄڻ منهنجون پراڻيون واقفڪار يا ويجهيون مائٽياڻيون هيون. بئگ جي گم ٿيڻ جو ٻُڌي هنن هڪدم فون تي ٿائي ايئر ويز وارن سان رابطو ڪيو ۽ مون کي پڪ ڏني ته سڀاڻي هوٽل تي بئگ پهچي ويندي. هنن هوائي اڏي جي ٽڪ شاپ تان ڪائڻ پيئڻ جون شيون وٺي زوريءَ منهنجي حوالي ڪيون ۽ پوءِ آٽي ڪوچ ۾ ويهاري هوٽل ڏانهن روانو ڪيون. مون کي ٻيو ڪو فڪر ڪونه هو ڇوته پئسا، پاسپورٽ ۽ ٽڪيٽ مون وٽ هئا، بس ساڳين ڪپڙن ۾ ٻئي ڏينهن شام تائين گذارڻو هو.

اِنچيان هوائي اڏي کان سيئول تائين مختلف رُوٽن تي هر ڏهن منٽن تي ڪوچ هلي ٿي ۽ هڪ پاسي جو ڀاڙو سورهن ڊالر آهي جنهن کي روپين ۾ مٽجي ته تيرهن سئو روپين کان وڌيڪ ۽ ڪوريائي وون ۾ حساب ڪجي ته سورهن هزارن کان وڌيڪ ٻيهن ٿا. ڪوچ ۾ هر ايندڙ ۽ ان ڪانپوءِ اڳيئين اسٽاپ لاءِ اڳواٽ رڪارڊ ٿيل اعلان ٿئي ٿو. تنهنڪري مون کي اولمپڪ پارڪٽيل هوٽل تي لهڻ ۾ ڪو مسئلو نه ٿيو جتي اسان جي رهائش هئي. مان ان وقت حيران ٿي ويس جڏهن استقبالي ڪائونٽر تي پهچڻ شرط ريانگ اوهه جي فون آئي ۽ بئگ گم ٿيڻ تي افسوس ڏيکاريائين. ڪيس هوائي اڏي وارين ڇوڪرين اڳواٽ ٻڌائي ڇڏيو هو. مون بئگ بابت وڌيڪ سوچڻ ڇڏي ڏنو ۽ ڪمري جي چاٻي وٺي وڃي آرام سان ليٽي پيس. مون سان زندگيءَ ۾ اهڙو واقعو پهريون پيرو ٿيو هو جڏهن ته هندستاني اداڪار اميتاڀ بچن موجب هو پنجاه سٺ ڀيرا سامان وڃائي چڪو هو. سوچيم ته بئگ نه ملي ته صبح جو وڃي ڪجهه ڪپڙا خريد ڪري وٺندس، پر اهڙو موقعو نه آيو جو ٻئي ڏينهن سج لٿي ڪانپوءِ ايئر لائين وارا هوٽل تي بئگ پهچائي ويا. مون کي بس اهو هڪ ڏينهن ساڳين ڪپڙن ۾ بنا شَيو جي گذارڻو پيو.

سفر جو ٿَڪُ ٽورو گهٽيو ته ڪمري جي دريءَ مان ٻاهر جو نظارو ڪيم. هن ڀيري ٻه پندرهين ماڙ تي ڪمرو مليو هو. ايترو مٿانهينءَ کان ۽ اهو ٻه رات جي ان پهر، سيئول جو ميٽروپوليٽن شهر سانت جي سمنڊ ۾ ٻُڏل ٿي لڳو. بس لکين ڪروڙين لائيٽون ٽانڊاڻن جيان ٽمڪي رهيون هيون ۽ رستن تي موٽر

گاڏيون وڏي سڪون سان هلي رهيون هيون جو ڪين پاڪستانين جيان ڪا بہ جلدي ڪانہ ٿي لڳي جو زوردار هارن وڄائين يا اوورٽيڪ ڪن.

سمهڻ کان اڳ مون بہ دنيا جي هر ماڻهوءَ وانگر ٽي وي هلائي چئنل ڦيرائڻ شروع ڪيا. پر خبر هيم تہ ڪوريائي چئنلن کانسواءِ ٻيو ڪوبہ چئنل ڪونہ هوندو. سو ٿوري دير ڪانپوءِ ماٺ ڪري ٽي وي بند ڪري ڇڏيم.

*

## شهيد بينظير جي پرستار سان ملاقات

ڇهين آڪٽوبر تي صبح جو گرائونڊ فلور تي ريسٽورنٽ ۾ نيرن تي سنگاپور جي مسٽر آئيوان ۽ هانگ ڪانگ جي مسٽر ڊونلڊ گئسپر Donald Gasper سان ملاقات ٿي جيڪو هانگ ڪانگ جرنلسٽس ايسوسيئيشن جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽيءَ جو ميمبر هو. آئيوان سان پهرين بہ ملاقاتون هيون جڏهن تہ ڊونلڊ پهريون پيرو مليو هو. نيرن تي ۽ پوءِ هوٽل جي لابيءَ ۾ ٻين گهڻن ئي ساٿين سان ملڻ ٿيو. هن ڀيري ٽيهن کان وڌيڪ صحافين کي گهرايو ويو هو جن ۾ ايران، مصر، دبئي، روس، نيپال، ميڪسيڪو، فلپائين، سريلنڪا، ڪمبوڊيا، چين، جپان، بنگلاديش، ڀوٽان، منگوليا، انڊونيشيا، ملائيشيا، ڪويت ۽ ڪجهہ ٻين ملڪن جا صحافي مرد ۽ عورتون شامل هئا.هن ڀيري عورتن جو انگ چڱو خاصو هو. ايران ۽ روس مان بہ بہ عورتون آيل هيون جڏهن تہ وچ اوير وارا بہ ٽي همراهہ پاڻ سان زالون بہ وٺي آيا هئا. انڊونيشيا مان هن ڀيري بہ ايڊي آيوهو جڏهن تہ ملائيشيا جي نمائندگي نوريلا ڪئي، جيڪا ننڍي قد جي ٿلهي پڪي عمر جي اڻ پرڻيل عورت هئي ۽ مان ڪيس نوريلا جي بدران گوريلا سڏيندو هئس. هندستان مان ياتيا صاحب سان گڏ هڪ ٻيو ساٿي پَرمُود ماٿُر بہ آيل هو. ياتيا ٻُڍايو تہ رات پهچڻ شرط هن منهنجي پُڇا ڪرائي هئي. ماٿُر سان بہ هن غائباڻو تعارف ڪرائي ڇڏيو هو ۽ نتيجي ۾ سمورا ڏينهن اسان ايئن گذاريا ڄڻ اسان جي ڪا پراڻي ياري هئي.

هوٽل جي لائونج ۾ دبئيءَ مان آيل همراهہ سان تعارف ٿيو تہ پاڪستان جو ٻُڌي هڪدم شهيد بينظير ڀٽو جو ذڪر ڪيائين. هو شهيد بينظير جو وڏو معترف هو ۽ ٻُڌايائين تہ دبئيءَ ۾ سندس گهر شهيد بينظير جي رهائش جي ويجهو هو ۽ هُو اڪثر ڪيس ڪار ۾ ايندي ويندي ڏسندو هو.

ايئن ميل ملاقاتن ۾ اچي منجهند جو وقت ٿيو جو ميزبانن اعلان ڪيو تہ منجهند جي ماني سيئول جي هڪ زون جي ڊپٽي ميئر جي پاران هڪ هوٽل ۾ رکيل آهي جنهن لاءِ روانو ٿيڻو آهي. ڊپٽي ميئر هڪ عورت هئي جنهن جي لنچ ڪائڻ لاءِ سيئول جي هڪ گهڻ ماڙ هوٽل ۾ وڃڻو پيو. روايتي تعارف ۽ تقريرن

ڪانپوءِ ڪائڻ پيئڻ جو سلسلو هليو ۽ توهان سمجهي سگهوٽا تہ مون کي پنهنجي ڪاڏي لاءِ ڪيترا ڪشالا ڪاٽڻا پيا هوندا. پر هن پيري مون ٻُک کان بچڻ جو رستو ڳولي ورتو. مون تُوش، ميون ۽ جُوس تي مارو ڪيو ۽ سڄي دوري ۾ اهو ئي فارمولا ڪم آيو.

*

## چُنگي اسٽريم

لنچ تہ بس چڻ ڏينهن جي شروعات هئي ڇوتہ حيران ڪندڙ ۽ ڪوريائي ماڻهن کي شابس ڏيڻ تي مجبور ڪندڙ شيون تہ اڃا هاڻ ڏسڻ لاءِ وڃڻو هو. اسان کي شهر جي ڪشادن رستن تان گهمائي ڦيرائي ڪوچ اچي هڪ اهڙي هنڌ بيهيون جتي هڪ وڏي اسٽيج ٺهيل هئي ۽ اتي آرڪيسٽرا تي وڏي آواز ۾ موسيقي هلي رهي هئي. ڪوچ مان هيٺ لهندي مون کي بيزاري ٿي تہ شايد اهي گانا بجانا ٻُڌڻا پوندا، پر ٿوري ئي دير ۾ سوچ بدلائڻي پئي جو اڳتي عقل چرخ ڪندڙ نظارا هئا. اسان هتي اها شئي ڏسي رهيا هئاسين جيڪا گهٽ ۾ گهٽ پاڪستان ۾ تصور بہ نہ ٿا ڪري سگهون. اسان کي ٽن گروپن ۾ ورهايو ويو ۽ هر گروپ کي هڪ گائيڊ ڏنو ويو جيڪي اسان کي ان اسٽيج کان هيٺانهينءَ واري پاسي وٺي وڃڻ لڳا. اسٽيج تي آرڪيسٽرا ۽ آسپاس ڪجهہ اسٽال ڏسي ذهن ۾ آيو هو تہ شايد سندن ڪو فيسٽيول هوندو. پر جڏهن اسٽيج جي پاسي کان نڪري اڳتي هلياسين تہ خبر پئي تہ ان جي هيٺان صاف شفاف پاڻي نڪري هڪ خوبصورت جهرڻي جي شڪل ۾ وهي رهيو هو. اٽڪل پنجاهہ فُٽ ويڪري پٽيءَ جي وچ ۾ شفاف جهرڻي جو پاڻي لاڙهينءَ تي وهي رهيو هو جنهن جي ٻنهي پاسي پاٿ ٺهيل هئي. پاڻيءَ جي اونهائي مشڪل سان ڏيڍ فُٽ ڪن هئي جنهن جي تري ۾ هر وقت ٻرندڙ روشنيون جرڪي رهيون هيون ۽ سوين ننڍيون رنگا رنگي مڇيون پاڻيءَ جي وهڪري جي سونهن وڌائي رهيون هيون جيڪو هترادو ٺاهيل پٿرن جي رنڊڪن سان ٽڪر ڪائي هلڪي سنگيت جو احساس ڏياريندي اڳتي وڌي رهيو هو. وهڪري جي ٻنهي پاسي پٿر جي ٻڌنچن ۽ ڍِڪن تي ڪي اڪيلا ۽ ڪي جوڙين جي شڪل ۾ ڇوڪرا ڇوڪريون ويٺل هئا جن مان ڪي راز نياز جي ڳالهين ۾ رُڌل هئا تہ ڪي ڪتاب پڙهي رهيا هئا.

گائيڊ ٻڌايو تہ قديم زماني کان ان هنڌ تان هڪ قدرتي جهرڻو وهندو هو جتي هن وقت اسٽيج ٺهيل آهي. جهرڻي جي پاڻيءَ جو وهڪرو ٻارهو ئي جاري رهندو هو ۽ 6 ڪلوميٽر اڳتي هلي هڪ ٻئي واهہ ۾ وڃي پوندو هو جتان وري اهو هئن نديءَ Han river ۾ وڃي ڇوڙ ڪندو هو جيڪا سيئول شهر جي وچ مان لنگهي ٿي. اولهہ کان اوڀر ڏانهن وهندڙ جهرڻي کي صديون اڳ جوسيان گهراڻي Joseon dynasty جي زماني ۾ گائيچيان Gaecheon يعني کليل وهڪري يا واهہ جو نالو ڏنو ويو. جوسيان گهراڻي جي ٽئين بادشاه تاءَ جونگ Taejong جي زماني ۾ هر ٻئي ٽئين سال ان ننڍڙي واهہ تي پُليون ٺاهي انهيءَ جا

بند مضبوط ڪيا ويندا هئا. بادشاهه يَونگ جو Yeongjo تہ انهيءَ ڪم کي قومي رٿا جي حيثيت ڏئي ڇڏي هئي.

ڪوريا تي جپان جي قبضي دوران ان جهرڻي ۾ سندس وهڪري کي چيانگ چيان Cheonggycheon جو نالو ملي ويو جنهن کي هاڻي مختصر ڪري چُنگي اسٽريم Chunggye stream سڏيو وڃي ٿو. جپاني بينڪي حڪمرانن انهيءَ وهڪري کي مٿان ڍڪڻ جي رٿا ناهي پر ان تي وڏو پئسو خرچ ٿئي ها تنهنڪري اها رٿا ممڪن نہ ٿي سگهي. جپان کان آزاديءَ کان پوءِ 1948 کان وٺي ان هنڌ رستا ناهڻ لاءِ پٿرن جا ڍير گڏ ٿيل هوندا هئا. ان کان بہ ورهيہ پوءِ ڪوريائي جنگ (ڏکڻ ۽ اتر ڪوريا وچ ۾) شروع ٿي جيڪا ٽي سال هلي ۽ ان عرصي ۾ وڏي لڏپلاڻ ٿي جنهن جي نتيجي ۾ وڏي تعداد ۾ ماڻهو اچي ان جهرڻي واري پٽيءَ ۾ آباد ٿيا تہ اهو سمورو علائقو هڪ وڏي ڪچي آباديءَ ۾ بدلجي ويو. هر پاسي جهوپڙيون، گند ڪچرو ۽ ريتيءَ جا ڍير هوندا هئا (بلڪل ايئن جيئن ڪراچيءَ ۾ لياري ۽ ملير ندين جي ٻنهي ڪپن تي پاڪستان جي ٺهڻ مهل صوبن مان آيل لوڏ آباد آهي ۽ تازو لياري ايڪسپريس وي ٺهڻ جي باوجود اڄ بہ ٻنهي ندين جي ڪپن تي ڏارين جون جهوپڙيون، ڪچيون پڪيون جايون ۽ گندگيءَ جا ڍير بدنما داغ وانگر موجود آهن ). ان صورتحال ۾ جهرڻو ۽ سندس وهڪرو بلڪل ڍڪجي ويا. ويهہ سالن تائين اها صورتحال برقرار رهي جنهن کانپوءِ صدر پارڪ چُنگ هِي Park Chung_Hee جي زماني ۾ اتي Elevated Highway تعمير ڪرڻ شروع ڪيو ويو جيڪو وڃي 1976 ۾ مڪمل ٿيو. ڏکڻ ڪوريا جو اهو ڪامياب صنعتي ترقي ۽ جدت جو دور هو. وقت سان گڏ هن علائقي ۾ گهڻ ماڙ عمارتون ۽ واپاري موڪز ٺهندا ويا ۽ نتيجي ۾ اهو هڪ ترقي يافتہ ۽ جديد پرگٽيل ۽ ماحولياتي حساب سان اڻ وڻندڙ علائقو محسوس ٿيڻ لڳو.

صنعتي قوم کي قدرتي ۽ وندر ورونهن واري ماحول جي گهرج هئي جنهن کي محسوس ڪندي 2003 ۾ تڏهوڪي ميئر ۽ هاڻوڪي صدر، جنهن کي مان ٻڌائي چڪو آهيان تہ ڪوريائي ماڻهو بلڊوزر جي نالي سان ياد ڪن ٿا، هڪ اهڙي رٿا ناهي جيڪا اڳتي هلي صدارتي چونڊ ۾ سندس ڪاميابيءَ جو ڪارڻ بڻجي وئي. اها رٿا هئي قدرتي چشمي ۽ ان جي 6 ڪلوميٽر ڊگهي وهڪري جي بحالي. اها هڪ وڏي رٿا هئي ڇوتہ هڪ تہ جهرڻو سُڪي نوٽ تي چڪو هو ۽ انهيءَ جهڙي وهڪري لاءِ روزانو هڪ لک ويهہ هزار ٽن پاڻي گهربل هو ۽ ٻيو تہ وڏي پيچ ڊاهہ سان گڏ بي انتها پئسو خرچ ٿئي ها. شروع ۾ ان رٿا جي وڏي مخالفت ٿي پر پوءِ جڏهن ڪم شروع ٿيو تہ مانار ٿي وئي. هن رٿا لاءِ الڳ ادارا ناهيا ۽ ماهر مقرر ڪيا ويا ڇوتہ نہ رڳو قدرتي چشمي کي بحال ڪرڻو هو پر ان هنڌ ناهيل قديم پُلين کي بہ اصل حالت ۾ آڻڻو هو. انهن ۾ بہ تاريخي پُليون گوانگتونگيو Gwangtonggyo ۽ سپياگيو Supyogyo بہ هيون جن کي ڪنهن زماني ۾ بادشاهن پنهنجي اچ وڃ لاءِ ٺهرايو هو. ميئر صاحب بلڊوزر هلرائي Elevated Highway توڙي بيون اڏاوتون ختم ڪرائي ڇڏيون. 900 ملين ڊالرن جي خرچ سان سيپٽمبر 2005 ۾ اها رٿا مڪمل ٿي وئي ۽ اڄ اهو علائقو مقامي ۽ ٻاهرين سياحن لاءِ وندر جو وڏو مرڪز آهي. هي سِٽون

پڙهندي توهان جو ذهن سوچي رهيو هوندو تہ نيٺ ان جهرڻي ۾ پاڻي ڪٿان آيو ؟ اهو ئي سوال اسان پنهنجي گائيڊ کان ڪيو جنهن ٻڌايو تہ ويهہ پنجويهہ ڪلوميٽر پري وهندڙ هڻن نديءَ Han river مان پنجهٽ هزار ٽن پاڻي روزانو ڇڪي جهرڻي جي قديم هنڌ وٽان ڇڏيو وڃي ٿو جيڪو وري وهي وڃي نديءَ ۾ پوي ٿو.حيرت جي ڳالهہ هيءَ آهي تہ اهو پاڻي صاف ۽Chlorinated هوندو آهي، بهرحال ان کي پيئڻ جي اجازت ناهي. وهڪري جي 6 ڪلوميٽر ڊيگهہ آهي پر ان تي ٻاويهہ ننڍيون وڏيون پُليون آهن جڏهن تہ ٻنهي پاسي اچ وڃ لاءِ نہ رڳو پاٿ پر پٿر جي ديوارن تي رنگ ۽ اُڪر جي ڪم سان قديم بادشاهن جون سرگرميون ڇڻ تہ ڪوريا جي سموري تاريخ بيان ڪن ٿيون. گائيڊ اسان کي هڪ ڏيڍ ڪلوميٽر تائين پنڌ وني سمورا تفصيل ٻڌائيندو هليو. هن ٻڌايو تہ بادشاهہ يونگ جَو جهرڻي ۾ ان جي وهڪري کي هڪ واهہ جي شڪل ۾ قائم رکڻ لاءِ ٻہ لک پورهيتن کي لڳائي ان جي کاٽي ڪرائي هئي. هاڻي مشيني دور آهي پر مون کي يقين آهي تہ موجوده رٿا تي ٻہ هزارين لکين پورهيت ڪم سان لڳا هوندا.

٭

## برلن واري پور ٿيل پِٽ جو ٽڪر ۽ اُميدن جي پِٽ

گائيڊ جي واتان ديوار تي اُڪريل تاريخ ٻُڌندي اسان هڪ پُل جي ڏاڪڻ چڙهي هڪ شاهراهہ تي آياسين جيڪو تجارتي مرڪز هو ۽ رستي جي ٻنهي پاسي فاسٽ فُوڊ ريسٽورنٽس، گارمينٽس،گفٽس ۽ پين شين جا اسٽور هئا. پُل جي پرسان ئي شاپنگ سينٽر جي آڏو هڪ ڪشادي کليل حصي ۾ 6 فُٽ اُچي ۽ ڏهہ فُٽ کن ڊگهي پِٽِ جي ٽڪري کي ڏسي اسان سڀ حيران ٿي وياسين تہ اهو پراڻي پِٽِ جو ٽڪر هن خوبصورت علائقي ۾ ڇو رکيو ويو آهي. گائيڊ ٻُڌايو تہ اهو جرمنيءَ جي ديوارِ برلن جو ٽڪرو آهي جيڪو ٻنهي جرمنين جي ملي هڪ ٿي وڃڻ ڪانپوءِ جڏهن ديوارِ برلن کي ڍڳو ويو تہ اتان اهو يادگار طور آڻي هتي رکيو ويو. هڪ قوم کي ٻن حصن ۾ ورهائيندڙ ديوارِ برلن جو پيچي پور ٿيڻ ۽ جرمن قوم جو ملي هڪ ٿيڻ ڪوريائي عوام لاءِ وڏي تاريخي اهميت رکي ٿو ڇاڪاڻ تہ اها قوم پاڻ بہ ٻن حصن ۾ ونديل آهي جنهن کي عوامي جمهوريہ ڪوريا ۽ ريپبلڪ آف ڪوريا ۽ عام لفظن ۾ اُتر ۽ ڏکڻ ڪوريا سڏجي ٿو. ديوارِ برلن اناويهہ ورهيہ جرمن قوم کي ٻن حصن ۾ ورهائي رکيو هو. ٻي مهاياري لڙائيءَ جي نتيجي ۾ هٽلر جي جرمني چئن قوتن آمريڪا، برطانيا، فرانس ۽ اڳوڻي سوويت يونين جي قبضي ۾ اچي وئي هئي. انهن ملڪن جرمنيءَ کي چئن حصن ۾ ورهائي ڪنيو هو پر اڳتي هلي آمريڪا، برطانيا ۽ فرانس پنهنجي ٽن حصن کي ملائي اولهہ جرمنيءَ جي نالي سان ملڪ ٺاهيو تہ سوويت يونين بہ پنهنجي قبضي واري

حصي ڪي اوڀر جرمنيءَ جو نالو ڏئي ڇڏيو. جرمنيءَ جي هڪ حصي ۾ سرمائيداري نظام ۽ ٻئي ۾ سوشلسٽ سرشتو قائم هو. هي اهو زمانو هو جڏهن ٻن وڏين قوتن آمريڪا ۽ سوويت يونين وچ ۾ سرد جنگ شروع ٿي چُڪي هئي. سرد جنگ ۾ آمريڪا جي حڪمت عمليءَ تحت اوڀر جرمنيءَ مان وڏي پئماني تي لڏپلاڻ شروع ڪرائي وئي ۽ نتيجي ۾ ڪجهه سالن اندر پنجويهه لک ماڻهو اوڀر جرمنيءَ مان اولهه جرمنيءَ ڏانهن لڏي ويا. ان صورتحال کي روڪڻ لاءِ اوڀر جرمنيءَ جي اختيارين ٻارهين ۽ تيرهين آگسٽ1961 جي وچ واري رات جرمن گاديءَ واري شهر برلن، جنهن جي اڌ حصي تي سندن حڪومت هئي، ان کي هڪ سئو ميلن ۾ فوجي ترڪون ٻيهاري لوهي لوڙهو ڏئي ڇڏيو. اڳتي هلي وري ڏهه فُٽ وٿي ڇڏي وري ٻيو لوڙهو ڏنو ويو. ٽئين مرحلي ۾ ڪنڪريٽ جا وڏا ٿنيا کوڙيا ويا ۽ چوٿين مرحلي ۾ 1975-80دوران اٽڪل ٻارهن فُٽ اُوچا ۽ ساڍا چار فُٽ ويڪرا ڪنڪريٽ جا سلئب کوڙيا ويا. اها ديوار نائين نومبر 1989 تي پڄي پورا ٿي ۽ ٻئي سال هٽرادو طور ورهايل جرمنيون ملي هڪ ٿي ويون. چون ٿا ته برلن جي ديوار کي جڏهن پڇڻ جو اعلان ٿيو ته جرمن عوام خوشيءَ ۾ جڻ ته چريو ٿي پيو ۽ ماڻهو ڪين اٺاويهه سالن ٿائين ورهائي رکندڙ پِٽ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ ۾ لڳي ويا.

ڪوريائي ماڻهن کي ٻه وري ملي هڪ ٿيڻ جي وڏي آس آهي جنهن جو اظهار هنن جهرٽي ۽ ان جي وهڪري سان گڏ هڪ پاسي سيرامِڪ سان ناهيل پنجاه ميٽر ڊگهي ۽ ذري گهٽ اڍائي ميٽر اُچي ڀِت ٻيهاري ان کي سجايو آهي ۽ نالو ڏنو اٿن Wall of Hope اُميدن جي ڀِت.

❋

# ڦُٽپاٿي پامسٽ، فقير ۽ پراڻن ڪتابن جي بازار

هاڻ اسان جو پنهنجي طور گهمڻ ڦرڻ جو وارو هو. اسان ٽولن جي شڪل ۾ ٽڙي پکڙجي دڪانن جو جائزو وٺڻ لڳاسين. هن علائقي ۾ اسٽورن جو اسٽائل بلڪل ڪراچيءَ جي صدر وارن اسٽورن جهڙو هو جن جو سامان نُماءَ خاطر دڪانن کان ٻاهر فُٽ پاٿ تي بہ رکيل هوندو آهي. فُٽ پاٿ تي ئي گهوڙين، موچين ۽ ٻين جا اسٽال بہ لڳل هئا. پر خاص ڳالهہ هيءَ هئي تہ اهي سڀ وڏي ترتيب سان وينل هئا ۽ ڪنهن بہ نموني فُٽ پاٿ تي لنگهندڙن لاءِ رنڊڪ نہ ٿي بڻيا.موچين پنهنجي لاءِ اڇي رنگ جي پلاسٽڪ سان هٽ راڊو ڪئبن ٺاهي ڇڏيا هئا تہ جيئن سندن سامان ۽ جُوتن وغيره سان علائقي جي خوبصورتيءَ تي ڪو اثر نہ پوي. ڪوريائي ماڻهو اسان جهڙائي انسان آهن تنهنڪري اتي فُٽ پاٿ تي پامسٽ بہ موجود هئا تہ ڪين هٽ ڏيڪارڻ وارن جو بہ چڱو تعداد هو. ساڳي وقت مُنڊين ۾ پائڻ لاءِ پٿر وڪڻڻ وارن جا اسٽال بہ لڳل هئا.

اسان جو خريداري ڪرڻ جو ڪو خاص مُوڊ ڪونہ هو پر تڏهن بہ هر دڪان تي مختلف شيون ۽ انهن جون قيمتون ڏسندا اڳتي وڌندا پيا وياسين. قيمتون ڪوريائي ڪرنسيءَ جي حساب سان هزارن ۾ لکيل هيون. مثال طور ڏهہ هزار، پندرهن هزار، ويهہ هزار وَون.جن کي پڙهي ڏڪي پيا وجون پر اصل اندازو تڏهن پي ٿيو جڏهن انهن کي ڊالرن ۾ مٽائي حساب پيا ڪريون. ان وقت هڪ ڊالر ۾ هڪ هزار وَون هئا جنهن جو مطلب تہ ڏهہ هزار وَون جا ڏهہ ڊالر پي ٿيا. پاڪستاني اسي رُوپيا هڪ ڊالر ۾ هئا ۽ ان حساب سان قيمت بيني تي اٺ سئو رُوپيا. مون کي سوڪڙين جي هڪ دڪان تي ڪوريائي ثقافتي نموني جو وِنڊ چِن پسند اچي ويو جنهن جي قيمت هئي ڏهہ هزار وَون. مون دڪاندار مائيءَ کي گهٽوئي چيو تہ قيمت گهٽائي پر نہ مڃيائين. نيٺ هڪ طريقو سوچيم ۽ وچي پنهنجي ٽيم جي ڪوريائي ميزبان ڇوڪريءَ مِس گرم ليءَ Miss Garam Lee کي وٺي آيس تہ اها ڪوريائي ٻوليءَ ۾ هن سان سوديبازي ڪري. سندس اچڻ سان فائدو ٿيو ۽ اها شئي اٺ ڊالرن ۾ ملي. گرم لي نوجوان، پڙهيل لکيل خوبصورت ڇوڪري هئي، جيڪا اسان جي سفر جا سمورا ڏينهن صبح جو سوير کان رات جو دير تائين هلچل ڪندي هئي پر ڪڏهن بہ سندس منهن تي ٿڪُ يا بيزاري ڏسڻ ۾ نہ آئي. مان ۽ منهنجا هندستاني دوست اڪثر ساڻس يوڳ ڪندا هئاسين ۽ هوءَ هميشہ کلندي ۽ مرڪندي رهندي هئي. ڪوريائي ٻوليءَ ۾ گرم جو مطلب آهي ندي پر ڪيس ٻڌايو هوسين تہ سنڌي،اردو يا هندي ٻوليءَ ۾ گرم جو مطلب ڇا آهي. انهيءَ تي بہ کلندي چيو هئائين:

Oh! really?

هندستاني دوست پرمود ماٿر چوندو هو ته سندس پٽ به جوان آهي ۽ جيڪڏهن گرم لي راضي هجي ته ٻنهي جي شادي ڪرائي ڇڏيان.

گهمندي گهمندي سج لهڻ وارو هو. اسان هڪ مقرر پوائنٽ تي پهچي باقي ساٿين جو انتظار ڪرڻ لڳاسين جو اتان گڏجي وري رات جي ماني لاءِ وڃڻو هو. اها پوائنٽ انهيءَ ڪمرشل ايريا جو چيڙو هو. ان هنڌ انتظار ڪندي اوچتو منهنجي نظر پير واري روڊ تي پئي جنهن جي فُٽ پاٿ تي هڪ شخص ليٽيو پيو هو ۽ سندس پير ۾ خيرات لاءِ ڪجهه رکيل هو. ڪوريا جي گذريل ۾ هاٽوڪي دوري دوران مون کي اهو پهريون فقير ڏسڻ ۾ آيو هو. مزي جي ڳالهه ته ڪلاڪ اڌ مان اتي موجود هئس ۽ لاڳيتو ان تي نظر رکندو رهيس پر ان وچ ۾ نه ڪنهن راهگير کيس ڪا خيرات ڏني ۽ نه ئي هن فقير پاڪستاني فقيرن وانگر راهگيرن کي چنبڙي چتو ڪري پنڻ جي ڪوشش ڪئي.

اسان کي ٻڌايو ويو ته اهو سمورو علائقو خريداريءَ جو وڏو مرڪز آهي. خاص ڳالهه ته ان ساڳي علائقي ۾ پراڻن ڪتابن جي بازار به هئي جيڪا اسان کي گهمڻ جو موقعو نه ملڻ سبب ڏسي نه سگهياسين. چون ٿا ته ان بازار ۾ پراڻن ڪتابن جا به سئو دڪان هوندا هئا پر هاڻي انهن جو تعداد گهٽجي پنجاهه تي ويو هو. پراڻن ڪتابن جي بازار جو ٻڌي سوچيم ته رڳو اسان پاڪستان وارا ئي پراڻن ڪتابن جا خريدار ناهيون. مون کي ڪراچيءَ جي ريگل چوڪ ۽ گلشن اقبال وارين بازارن سان گڏ لاهور جي انارڪلي بازار جي مُهڙ وٽ هر آچر تي لڳندڙ بازار ياد آئي. مون کي ياد آهي ته 2004 ۾ لاهور ۾ رهڻ دوران پنهنجي عادت موجب پراڻن ڪتابن جي ڳولا ۾ انارڪلي گهمي رهيو هئس ته پراڻن ڪتابن جي ڍيرن ۾ شاه جو رسالو به پيل نظر آيو  هو جيڪو سکر جي ڪنهن پبلشر جو ڇپرايل هو ۽ ڪتاب تي ڪنهن سنڌي عورت جو نالو ۽ صحيح ٿيل هئي، جنهن جو تعلق ڪنهن سومرا خاندان سان هو.

لاهور جي ڳالهه نڪتي آهي ته هڪ وڌيڪ دلچسپ ڳالهه ٻڌائيندو هلان. هڪ ڏينهن هڪ پنجابي وڪيل رانا منيرالحسن سان آفيس جي معاملن تي ڳالهائڻ لاءِ ويس. پُراڻي انارڪليءَ جي مُهڙ وٽ عمارت ۾ سندس آفيس هئي. عمارت جي ٻاهران وڪيلن جي نالن جا بورڊ لڳل هئا. رانا منير پنهنجي نالي جي بورڊ ڏانهن اشارو ڪندي چيو هو :سائين اهو بورڊ غور سان ڏسو. مون ڏٺو ته سندس اُردوءَ ۾ لکيل نالي جي مٿان خالص سنڌي لکت ۾ لکيل هو :ٻيلي ڪري آيا. رانا منير ٻڌايو ته هُو آهي ته ڪماليه پنجاب جو پر سندس پيڻ سيوهڻ جي سيدن ۾ پرڻيل آهي ۽ هن پاڻ به مئٽرڪ ڪان پوءِ باقي تعليم سيوهڻ ۾ حاصل ڪئي، ايل ايل بي حيدرآباد مان ڪئي، ڪجهه وقت نوڪري ۽ وڪالت به سنڌ ۾ ڪئي جنهنڪري کيس سنڌي لکڻ، پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ اچي ٿي. سندس آفيس ۾ شاه جو رسالو به رکيل هو.

❊

## ڪروز ۾ ڊنر

سڀ دوست گڏ ٿي چڪا هئا ۽ بسون بہ تيار بيٺيون هيون. سڀني جو خيال هو تہ هتان سڌو هوٽل تي هلبو ۽ ٿورو ٽڪُ لاهي تازو توانو ٿي پوءِ ڊنر لاءِ هلبو پر ميزبانن کي بہ اندازو هو تہ هوٽل تي هلي وري سڀني کي گڏ ڪرڻ ڏکيو هو تنهنڪري هنن اتان ئي اسان کي هَئن ندي Han river تي وٺي هلڻ جو اعلان ڪيو جتي هڪ ڪُروز Cruise تي ڊنر جو انتظام هو. هَئن ندي وچ سيئول مان لنگهي شهر کي ٻن حصن ۾ ورهائڻ سان گڏ ان جي خوبصورتيءَ کي بہ وڌائي ٿي. ڪوريائي اختيارين بہ قدرت جي ڏنل ان سوکڙيءَ جي اهميت جو احساس ڪندي ان تي خوبصورت پُليون ۽ ڪنارن تي وٽڪاري ۽ وندر ۽ ورونهن جا وڏا انتظام ڪيا آهن. اسان جون بسون جڏهن مختلف رستن تان ٿينديون نديءَ جي ويجهو پهتيون تہ رات هجڻ جي باوجود ندي چڙ تہ جرڪي رهي هئي. ان جي ڪنارن تي پري پري تائين گل ڦُوٽا ۽ انهن جي وچ ۾ هڪ وڏي حصي ۾ مقامي ۽ ٻاهرين سياحن لاءِ گهمڻ ڦرڻ لاءِ انتظام هو. وڏي ايريا تہ رڳو پارڪنگ لاءِ مخصوص هئي جتي ڪارُن ۽ ٻين گاڏين جي رش هئي. مون کي سچ تہ پنهنجي سنڌو ياد اچي وئي جيڪا سکر ۽ روهڙيءَ جي جاڙن شهرن جي وچ مان لنگهي ٿي پر نہ ئي سکر پاسي ۽ نہ وري روهڙيءَ پاسي ان کي خوبصورت بنائڻ جي ڪا ڪوشش ڪئي وئي آهي. اڄ تائين ٻنهي شهرن ڪا ترقي نہ ڪئي آهي تہ سنڌوءَ جا ڪنارا ڪهڙو اوج ڏسي سگهندا. قدرت جي ڏنل هن سوکڙيءَ کي ترقي وٺرائڻ کان جيترو اسان جي حڪمرانن اکيون ٻُوٽيون آهن، ايترو ئي اسان عام سنڌي ماڻهن پنهنجي ڌرتي، پنهنجي اثاثن ۽ وسيلن کان لاتعلقي ڏيکاري آهي. انهيءَ ڪري اڄ سکر ۽ روهڙي هجي يا ڄامشورو ۽ حيدرآباد هجي يا ڪوٽڙي ۽ حيدرآباد هجي، جتي سنڌو انهن جاڙن شهرن کي ڌار ڪري ٿي، تنهي هنڌن تي سُڄ پئي واڪا ڪري. رات جو تہ نهيو سانجهيءَ کان اڳ ئي انهن علائقن مان لنگهندي ڊپ پيو ٿيندو آهي.

هَئن ندي ڪوريائي اُپٻيٽ جي امنوڪ Amnok ، تُومين Tumen ۽ ناڪدانگ Nakdang ندين کانپوءِ چوٿين ڊگهي ندي آهي. دائدوڪ Daedeok مان نڪرندڙ هيءَ ندي اصل ۾ ٻن ندين Nam Hanيا South Han ۽ Buk Han يا North Han جو ميلاپ آهي. Gyeonggi_Do صوبي ۾ Yangsu_riعلائقي ۾ ٻنهي ندين جو ميلاپ ٿئي ٿو جتي ان کي هَئن گئنگ Hangang سڏجي ٿو. ڪوريائي ٻوليءَ ۾ گئنگ نديءَ کي چون ٿا. هيءَ ندي 514 ڪلوميٽر ڊگهي آهي. سيئول وٽان سندس ويڪر هڪ ڪلوميٽر آهي. هيءَ ندي اڳتي وڃي اِمجِن Imjin نديءَ سان ملي ٿي جيڪا ڪيس اولهہ يا پِيلَي سمنڊ Yellow sea ۾ ڇوڙ ڪرائي ٿي. سنڌوءَ وانگر هَئن ندي جا بہ مختلف نالا رهيا آهن . ڪنهن زماني ۾ ان کي دائسُو Daesu بہ سڏيندا هئا تہ ڪڏهن ان کي آريسُو Arisu ۽ اُگنيها Ugniha

جو نالو بہ ڏنو ويو. سنڌوءَ جيان ئي ڪنهن زماني ۾ اها ندي چين سان واپار لاءِ اهم آبي رستو هئي پر ان تي ڪيترائي ڊيم ٺهڻ ڪانپوءِ اها ڳالهہ نہ رهي آهي. ڪوريا وارن بهرحال ماحولياتي تباهيءَ کان بچڻ لاءِ نديءَ ۾ پاڻيءَ جي وهڪري کي هڪ مخصوص حد تي قائم رکيو آهي. اهو ئي سبب هو جو اڄ بہ انهيءَ نديءَ ۾ ڪرُوز هلي سگهن ٿا. مان حيران هئس تہ آڪٽوبر مهيني ۾ جڏهن سنڌوءَ ۾ واري پئي اُڏامندي آهي، ان وقت هتي ايترو پاڻي هو جو ڏيڍ بہ سئو ماڻهن جي گنجائش واري ريسٽورنٽ وارو هي ڪروُز جنهن تي اسان سوار هئاسين، آرام سان هلي رهيو هو. پاڪستان ۾درياه سُڪل آهن ۽ اسان پاڻيءَ تي وڙهي رهيا آهيون پر هتي معاملو اُبتڙ هو. مون اهو ذڪر هندستاني دوست پرمود سان ڪيو تہ هن بہ حيران ڪري ڇڏيو ۽ ٻڌايائين تہ آڪٽوبر ۾ تہ هندستان جي درياهن ۾ بہ پاڻيءَ جي ڪا کوٽ ناهي.

بهرحال، ڪوريا ۾ هيءَ بہ منهنجي يادگار رات هئي. ڪافي دير تائين ڪروُز اسان کي نديءَ ۾ گهمائيندو رهيو جنهن وچ ۾ ڊنر بہ هلندي رهي تہ تقريرون بہ ٿينديون رهيون. رات جو يارهين وڳي ڌاري اسان واپس هوٽل تي پهتاسين تہ منهنجي گم ٿيل بئگ انتظار ۾ هئي. شُڪر ڪيم ۽ ڪمري تي وڃي ٽن ڏينهن کان پاتل ڪپڙا بدلايم. هاڻي ضروري هو تہ ڪراچيءَ ٻارن کي خيرعافيت جو اطلاع ڪريان نہ تہ وري هو گذريل پيري وانگر پريشان ٿي وينا منهنجي آفيس فونون ڪن ها، سو هوٽل جي سائبر ڪيفي ۾ وڃي انٽرنيٽ تي ويٺس.

❊

## مُنهنجي سنڌو سُڪل ڇو؟

ستين آڪٽوبر اسان جو پهريون باضابطا مصروفيتن جو ڏينهن هو ڇوته ان ڏينهن ماحوليات جي حوالي سان اجلاس رکيل هو. نيرن ڪانپوءِ سڌو اسان کي ڀاونجاهه ماڙ ٽريڊ سينٽر ۾ وڃڻو پيو جتي اسان جو اجلاس ٻه ڀاونجاهين ماڙ تي هو. مختلف ماهرن ماحولياتي تباهي جي حوالي سان پنهنجا مقالا پيش ڪيا جن مان هڪ ٻن جي مقالن جو سڌو نشانو اتر ڪوريا هو. ان مرحلي تي ۽ اڳتي هلي بلڪل واضح طور محسوس ٿيو ته هن سموري منڊل جو مقصد اتر ڪوريا خلاف پرچار ڪرڻ هو. هڪ محترمه سُوسن رِچي Susan Ritchie جنهن جو تعلق ڪئناڊا جي هڪ اداري First Steps سان هو تنهن اُتر ڪوريا ۾ کاڌ خوراڪ جي صورتحال ۽ ماحولياتي تباهي$ جي موضوع تي ملٽي ميڊيا ذريعي اتر ڪوريا جون تصويرون ۽ ڪجهه انگ اکر ڏيکاري اهو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ته اتر ڪوريا جا ماڻهو بک ۽ بدحاليءَ واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهن. سنڌن رهائش غريباڻن گهرن ۾ آهي جتي جو ماحول صحتمند ڪونهي. مون کي سنڌس ڳالهين ۾ گهٽو وڌاءُ محسوس ٿيو. غربت دنيا جي هر ملڪ ۾ آهي، پراڻا غريبن وارا گهر ٻه هر هنڌ آهن ۽ اتر ڪوريا ۾ ٻه هوندا، پر دستاويزي فلمون ۽ ٻيو مواد ڏسڻ ڪانپوءِ ان قسم جي پرچار غلط محسوس ٿئي ٿي. منهنجو هڪ دوست صحافي گهڻا ورهيه اڳ چين کان ٿيندو وچي اتر ڪوريا پهتو هو ۽ ڪجهه سال اتي رهي آيو. هن ٻڌايو هو ته سوشلسٽ ڪوريا ۾ حڪومت پنهنجي شهرين جي هر ضرورت پوري ڪري ٿي. هر شهريءَ کي سندس ڪُٽنب جي ڀاتين جي حساب سان گهر مليل هو هر شهريءَ جو مفت علاج، کاڌو پيتو ۽ تعليم، اسڪول تائين پهچڻ لاءِ بسون، آفيسن ۾ ڪم ڪندڙن لاءِ مفت يونيفارم، هر نئين ڄمندڙ ٻار لاءِ ازخود کير کان وٺندي کاڌي پيتي تائين هر شئي حڪومت طرفان فراهمي وغيره جهڙيون سهولتون ميسر هيون. باقي ضرورتن لاءِ پگهار الڳ ملندي هئن.

پرائمريءَ کان يونيورسٽيءَ تائين مفت تعليم، سستي اگهه تي راشن، هڪ افغانيءَ ۾ (هڪ رُپئي ۾ ٽيويهه افغاني) ڪوچ ۾ سوار ٿي سڄو ڪابل شهر گهمڻ جهڙيون سهولتون ته جنگ ۾ تباهه ٿيل افغانستان ۾ ڪامريڊ نجيب الله جي زماني ۾ ٻه هيون ته اتر ڪوريا ته گهڻو اڳتي نڪتل آهي تنهنڪري اجلاس ۾ ٿيندڙ پرچار ۾ دم محسوس نه ٿيو.

اجلاس ۾ پرمود ماٿر ۽ ڀاٽيا صاحب وارن هماليه جبلن بابت هڪ دستاويزي فلم ڏيکاري جنهن ۾ ان ڳالهه تي زورهو ته گليشيئر تيزيءَ سان ڳري رهيا آهن ۽ اڳتي هلي انهن جي ختم ٿيڻ سان پاڻيءَ جو بحران پيدا ٿي سگهي ٿو. انهيءَ دستاويزي فلم ٻه منهنجي ذهن ۾ گهڻا ئي سوال تازا ڪري ڇڏيا جن تي مان گهڻي ئي وقت کان سوچيندو رهندو هئس. عالمي رپورٽن ۾ سدائين پڙهندا رهندا آهيون ته هاڻي دنيا

۾ جنگيون لڳنديون ته اهي پاڻيءَ جي معاملي تي هونديون. ان حد تائين ته ٺيڪ آهي، پر سوال هيءُ آهي ته جيڪڏهن گليشيئر تيزيءَ سان ڳري رهيا آهن  ته پوءِ درياهن ۾ ٻوڏ هجڻ گهرجي ها. جيڪڏهن ٻوڏ نه ته پلا درياهه ڪجهه ته پريل هجن ها. ڪوريا جي درياهه کي پريل ڏسي ۽ هندستان جي درياهن ۾ پاڻي هجڻ جو ٻُڌي ان سوال جو جواب به ملي وڃي ٿو ته پوءِ سوال اُٿي ٿو ته سنڌوءَ جي پيٽ ۾ چوبارهوئي واري اُڏامندي رهي ٿي. سنڌو به هماليه جي مانسروور ڍنڍ مان تڏهن وهي نڪري ٿي جڏهن اتي گليشيئر رِجي ٿو. جيڪڏهن اهو گليشيئر به ٻين وانگر تيزيءَ سان  ڳري ٿو ته پوءِ سنڌوءَ ۾ به پاڻي هجڻ گهرجي، نه ته گليشيئر ڳرڻ واري ٿيوريءَ تي به مون کي شڪ ٿو ٿئي. جيڪڏهن منهنجا دليل غلط هجن ته مهرباني ڪري ڪو دوست منهنجي جاڻ ۾ واڌارو ڪري. (رڳو هڪ سال 2010 جي ٻوڏ کي دليل طور نه ڏنو وڃي)

اجلاس شام تائين هلندو رهيو.سڄو ڏينهن تقريرون ٻُڌي جڏهن اوٻاسين جا نڪاءَ شروع ٿيا ته تائڪوانڊو گرانڊ ماسٽر جهُون هِي Jhoon Rhee ڊگهي تقرير شروع ڪئي جنهن جو موضوع هو ”تائڪوانڊو، صحت ۽ ماحوليات“ .اسي ورهين جي جهوني وڏي جاندار نموني ڳالهائڻ شروع ڪيو ۽ بس ڪرڻ جو نالو ئي نٿي ورتائين. مس مس پروگرام پورو ٿيو جنهن ڪانپوءِ وري هوٽل واپس آياسين جتي رات جو مرحبائي ڊنر هئي. ڪوريائي سنگيت، ثقافتي ٽيبلو ۽ تقريرن کان پوءِ ايوارڊن جو مرحلو هو جنهن ۾ هن پيري ٻين سان گڏ هندستان جي پاٽيا صاحب جي بزرگيءَ کي به مانُ ڏيندي ڪيس لائيف اچيومينٽ ايوارڊ ڏنو ويو. مرحبائي ڊنر کي ”ايشيا ۾ پيار، امن ۽ دوستي“ جو نالو ڏنو ويو هو.

❊

# ڪوريائي ٽي وي ۽ وارن جي هڙتال

صبح جو سيئول مان روانگيءَ جو ڏينهن هو. پروگرام موجب هوٽل جي لابيءَ ۾ گڏ ٿي وڃي ڪوچ ۾ ويهاسين ته اعلان ٿيو ته پهرين سيئول شهر اندر ئي هڪ ٽي وي اسٽيشن تي هلبو جتي جا ملازم هڙتال تي آهن . اوڏانهن هلڻ جو مقصد ساڻن يڪجهتي ڏيکارڻ هو. ٽي وي چئنل جو نالو ته هاڻي ياد ڪونهي پر هڪ گهڻ ماڙ عمارت جي ڏهين فلور تي انهيءَ جي آفيس هئي. هڙتالي ملازمن وڏو آڌر ڀاءُ ڪيو ۽ سندن احتجاج جا ڪارڻ ٻُڌايا. سندن چوڻ هو ته ڪوريائي سرڪار جا سٺ سيڪڙو شيئر خريد ڪيل آهن ۽ تازو ئي سرڪار پنهنجو نئون مئنيجنگ ڊائريڪٽر مقرر ڪيو آهي جنهن تي هو احتجاج ڪري رهيا آهن . هنن آفيس جون ميزون ۽ ٻيو فرنيچر لابيءَ ۾ سٽي نئين عملدار جي آفيس ۾ اچڻ وارو رستو ئي بند ڪري ڇڏيو هو جنهنڪري نئون ايم ڊي صاحب پنهنجي آفيس جو منهن به ڏسي ڪونه سگهيو هو. اسان جي صحافي اڳواڻن هڙتالي ملازمن جي حق ۾ ڪو به بيان جاري ڪرڻ کان پاسو ڪيو چوته سٺ سيڪڙو شيئر هجڻ ڪري قانوني طور حڪومت کي پنهنجو ايم ڊي مقرر ڪرڻ جو حق هو. مون کي هن پيري ڪوريائي ٽريڊ يونين اڳواڻن ۽ پاڪستاني مزدور اڳواڻن جي طور طريقن ۾ گهڻو فرق نظر ڪونه آيو. جيڪڏهن وڏو فرق هيو به سهي ته اهو هيو پاڪستاني مزدورن ۽ ملازمن جي بدتر مالي ۽ سماجي حالت ۽ ڪوريائي ماڻهن جي خوشحال زندگيءَ جو. اسان ساڻن زباني ساٿ جو اظهار ڪندي سندن احتجاجي بئنر ڏسندا (چوته ڪوريائي ٻوليءَ ۾ بئنر چپيل هئا) هيٺ لٿاسين ته عمارت جي ٻاهران فُٽپاٿ تي ڪوريائي سماج جو هڪ اهڙو ڪردار نظر آيو  جنهن کي ڏسڻ سان اندازو ٿيو ته اهڙا ماڻهو ورلي ئي سهي پر هتي به آهن  ضرور. هيءُ وڏي عمر جو ماڻهو هو جنهن کي پُراڻي پينٽ ۽ ٽي شرٽ پهريل هئي. هڪ ننڍڙي گودڙي پر ۾ رکيل هئس ۽ پاڻ پٽ تي ليٽيو پيو هو. کيس عمارت ۾ ويندي مهل به ڏٺو هئم پر گهڻو ڌيان ڪونه ڏنو هئم. جنهن حالت ۾ هو شروع ۾ هو انهيءَ حالت ۾ ئي پيل هو. ماڻهو ايندا ويندا رهيا پر هن ۾ ڪا چُر پُر ڪانه آئي، نه هن ڪنهن کان خيرات گهري ۽ نه ئي ڪنهن لانگهائوءَ کيس ڪجهه ڏنو. ٻن ڏينهن اندر اهو انهيءَ قسم جو ٻيو ڪردار هو.

جيستائين سڀ ساٿي گڏ ٿين اسان فُٽپاٿ تي بيهي پرپاسي جو جائزو وٺڻ لڳاسين. هتي اسان کي پنهنجي ملڪ جي ٿوري گهڻي جهلڪ نظر آئي. مثال طور فُٽپاٿ لڳ فُروٽ جو اسٽال جنهن ٿورو گهڻو فُٽپاٿ تي به قبضو ڪري ورتو هو. پر اسٽال تي ميوو صاف سٿرو هو نه انهن تي مکين جا ولر ويٺل هئا ۽ نه ئي دز جا تهه چڙهيل هئا. تهه هئا ته اهي ڪپڙي جي ڄاريءَ جا ته جيئن ميوو صاف رهي.

*

# ايف ايم ريڊيو

ٿوري ئي دير ۾ اسان جون بسون روانيون ٿيون ته سيئول جي رستن تان لنگهندي مون کي هڪ هنڌ هڪ گهڻ ماڙ عمارت ٻاهران ايف ايم 105 ريڊيو جو بورڊ نظر آيو. اڄڪلهه دنيا ۾ ريڊيو جو زمانو موٽي آيو آهي ۽ هر ملڪ ۾ ايف ايم ريڊيو اسٽيشنن جو جار پکڙيل آهي. ٻين ملڪن کي ته ڇڏيو پاڪستان جهڙي ملڪ ۾ جتي سرڪاري ڪنٽرول واري ريڊيو پاڪستان کانسواءِ ڪنهن ٻئي ريڊيو جو تصور به ڪونه هو اتي هڪ سئو کان وڌيڪ ايف ايم ريڊيو خانگي شعبي ۾ کلي چڪا آهن جن جو چڱو خاصو تعداد سنڌ ۾ به آهي. ڪراچيءَ ۾ ته ڏهه ٻارهن ايف ايم ريڊيو اسٽيشنون آهن پر نوري آباد کان وٺندي حيدرآباد، ميرپور خاص، ٽنڊو محمد خان، عمرڪوٽ، ٽنڊوآدم، دادو، نوابشاهه، لاڙڪاڻو خيرپور ۽ گهوٽڪيءَ تائين ريڊيو اسٽيشنون کلي چڪيون آهن. ٿر تي سرڪار سڳوريءَ مهرباني ڪري مِٺي شهر ۾ ايف ايم ريڊيو قائم ڪيو آهي. اسان وٽ اٿهوند آهي ته ڪميونٽي ريڊيو اسٽيشن جي جن جي هندستان، نيپال ۽ اهڙن ٻين ملڪن ۾ وڏي اهميت آهي. انهن ملڪن ۾ غير سرڪاري تنظيمون رضاڪاراڻي بنيادن تي ڪميونٽي ريڊيو هلائي عوام منجهه جاڳرتا پيدا ڪن ٿيون. هندستان ۾ خاص طور هارين ۽ آبادگارن لاءِ ڪميونٽي ريڊيو وڏو ڪم ڪري رهيا آهن. پاڪستان ۾ سرڪار رڳو انهيءَ ڊپ ۾ ڪميونٽي ريڊيو جا لائسنس نٿي ڏئي ته متان اهي نشرياتي ادارا حڪومت ۽ ملڪ مخالف پرچار لاءِ نه استعمال ٿين. اهو ڊپ هندستان، نيپال ۽ ٻين ملڪن کي ڪونهي. نيپال، جتي شهنشاهيت خلاف وڏي جدوجهد هلندي رهي، اتي به بيشمار ڪميونٽي ريڊيو قائم هئا. 2002 ۾ نيپال جي دوري دوران کٽمنڊو ۾ ساگر ماٿا (هماليه جبل جي چوٽي مائونٽ ايورسٽ جو نيپالي نالو) نالي سان قائم ڪميونٽي ريڊيو اسٽيشن گهمي آيو هئس. ٽن ڪمرن جي هڪ ننڍڙي جاءِ ۾ اها ريڊيو اسٽيشن قائم هئي جنهن کي هڪ اين جي او هلائيندي هئي. هنن نه ڪڏهن سرڪاري اشتهار هلايا نه سرڪاري امداد ورتي، بلڪ جعلي حڪيمن ۽ سگريٽن جي اشتهارن هلائڻ کان به انڪاري هئا ته جيئن معاشري ۾ بگاڙ پيدا نه ڪجي. ان جي اُبتڙ پاڪستان ۾ ايف ايم ريڊيو جي گهڻائي جعلي حڪيمن جي اشتهارن تي هلي ٿي جو پاڪستان جي اليڪٽرانڪ ميڊيا ريگيوليٽري اٿارٽي ريڊيو جا لائسنس ڪروڙن ۾ نيلام ڪري ٿي ۽ اهومهانگو لائسنس وٺڻ وارا خرچ ڪيڍڻ لاءِ هر قسم جا اشتهار هلائڻ لاءِ تيار آهن. پاڪستان حڪومت جي اهليت جو اندازو به انهيءَ مان ڪري سگهجي ٿو ته سوات جي علائقي ۾ مُلان فضلُ الله وڏي عرصي تائين غير قانوني طور ايف ايم ريڊيو هلائيندو رهيو پر ان کي ڪجهه نه ڪري سگهي. جڏهن ته آزاد ڪشمير ۾ نَو هزار فُٽ بلند جابلو شهر ڏيرڪوٽ ۾ هڪ معمولي ريڊيو مڪينڪ اڄ تائين ڪيترائي ريڊيو ٽرانسميٽر ٺاهي ڪشميري تنظيمن کي وڪرو ڪري چڪو آهي. ٻه سال کن اڳ ڏيرڪوٽ جي دوري ۾ ان شخص سان ملاقات به ٿي هئي. پاڪستان ۾ ايف ايم ريڊيو جي حوالي سان هڪ سروي لاءِ

مان جڏهن اتي پهتو هئس تہ ڪجهہ ماڻهن سنڌس باري ۾ ٻڌايو هو جنهن ڪان پوءِ ساڻس ملڻ ڪانسواءِ هليو وڃڻ مون کي ايئن پيي لڳو جڻ منهنجو ڪم اڌورو هو. اتان جي مقامي دوستن سان گڏ جڏهن سنڌس دڪان تي پهتو هئس تہ حيران ٿي ويس جو هو سنهڙو نوجوان ڇوڪرو هو ۽ لڳوئي نہ ٿي تہ ڪيس ريڊيو ٽرانسميٽر ٺاهڻ ايندو هوندو. پهرين تہ هو ٻہ ٻڃي ويو هو تہ شايد ڪا سرڪاري ٽيم ڪيس ٻڌڻ آئي آهي پر يقين ڏيارڻ تي هو دڪان ڇڏي هڪ هوٽل تي هلي اسان کي تفصيل ٻڌائڻ لاءِ تيار ٿيو هو. سنڌس چوڻ هو تہ ريڊيو ٽرانسميٽر ٺاهڻ تي ڪل پندرهن ويهہ هزار رپيا خرچ اچي ٿو.

❋

## وري سُوئر جو گوشت

اسان جو قافلو سيئول شهر مان نڪري گئنگ وَون Gangwon صوبي ڏانهن روانو ٿيو جتي چُلوَون Chulwonواري علائقي ۾ هڪ ريسٽورنٽ ۾ لنچ جو انتظام ٿيل هو. هن صوبي ۾ اسان اُتان جي صوبائي حڪومت جا مهمان هئاسين ۽ جيئن ئي قافلو سندن حدن ۾ پهتو ته اُتان جو ڊائريڪٽر انفارميشن ۽ ٻيا عملدار به قافلي ۾ شامل ٿي ويا. اسان جو سفر اُتر ڏانهن هو ڇوته پروگرام موجب ڪوريائي جنگ ڪانپوءِ ٻنهي ڪوريائن پاران غير فوجي قرار ڏنل علائقو De_militarized Zone گهمڻو هو جيڪو گئنگ وَون صوبي ۾ هو جنهن جون سرحدون اُتر ڪوريا سان ٿي مليون. منجهند جو هڪ وڳي ڪانپوءِ اسان ڳاڙهي مٽيءَ واري جابلو علائقي ۾ هڪ ريسٽورنٽ ۾ پهتاسين جتي اسان جو شدت سان انتظار ٿي رهيو هو ڇوته مقرر وقت کان ذري گهٽ ڏيڍ ڪلاڪ ليٽ هئاسين. ريسٽورنٽ جي عمارت ڪوريائي ثقافت جي عڪاسي ڪري رهي هئي. عمارت جي ڇت ڪاٺ جي ڪاٽيج وانگر هئي ۽ اندر به سمورو ڪاٺ جو ڪم ٿيل هو. ڪاٺ جي فرش تي ننڍين ڄنگهن واريون ميزون ۽ ٻنهي پاسي ويهڻ لاءِ ڪُشن رکيل هئا. مهمانن جي ويهڻ شرط ميزبان عورتون سرگرم ٿي ويون. ڪوريائي کاڌن جا قسمين قسمين ڊش لڳي ويا جن ۾ پنهنجي هٿ سان پچائڻ لاءِ گوشت جا ٽڪر به شامل هئا. گوشت نه ڪائڻ وارن هڪ ڊار ڪُنڊ وجي وسائي. مان گوشت ڪائڻ وارن سان گڏ وينس پر اوچتو خيال آيو ته پهرين پڪ ڪريان ته گوشت سوئر جو ته ناهي ۽ ٿيو به ايئن. گوشت واقعي سوئر جو هو. مان اُٿي ڪڙو ٿيس ته سيني جو ڏيان ڇڪيو ۽ ڪين سبب ٻڌائڻو پيو. ميزبان تنظيم جو سيڪريٽري ريانگ اوه مون کي وٺي عربن واري پاسي آيو ۽ ٻڌايائين ته مسلمان هجڻ ڪري اهي بيف کائي رهيا آهن پر مون کي لڳو ته اهو به سوئر جو گوشت هو سو مون بهتر سمجهيو ته اڄ ڀاڄي خورن جو پاسو ونجي. اتي به رڳو اوباريل اڇا چانور نصيب ۾ هئا.

❋

# ڪورياڪي ورهائيندڙ سرحد

هتان کان غير فوجي علائقو اجان ٻه اڍ مُني ڪلاڪ جي پنڌ تي هو. رستي جي ٻنهي پاسي ڪٽي فصل بيٺل هئا ته ڪٽي لاٻارو ٿيل هو. ٻهراڙي هئڻ جي باوجود بهترين رستا ۽ رستن جي ٻنهي پاسي ڪچو پٽو پر نهايت سنوت ۾ ۽ ڪٽي ٻه ڪو ڪڏو وغيره ڪونه هو جيئن اسان وٽ ٻهراڙين ۾ هوندو آهي. اڍ ڪلاڪ کن ڪانپوءِ اسان هڪ گيٽ وٽ پهتاسين جتان غير فوجي علائقو شروع ٿيو پر اتي فوجي بيٺل هئا. اسان کي ٻڌايو ويو ته هن علائقي ۾ ڪئميرا جو استعمال منع ٿيل آهي. ڪجهه دير ور وڪڙ رستن تان هلندي بسون وڃي هڪ وڏي پارڪنگ ايريا ۾ بيٺيون. فرلانگ کن پري پهاڙيءَ جي مُنڍ وٽ هڪ عمارت نظر اچي رهي هئي. پارڪنگ کان وٺي ان عمارت تائين سمورو علائقو سيمينٽ سان پڪو ٿيل هو. عمارت سان لڳ پليٽفارم ٺهيل هو جتي بجليءَ تي هلندڙ ريل ڪار بيٺل هئي. ٻنهي بسن جا سوار ۽ صوبائي عملدار ريل ڪار ۾ سوار ٿياسين ته اها اسان کي ڪٽي مٿي جبل تي هلي ۽ اسان حيران ٿي وياسين ته اتي دنيا ئي ٻي هئي. هڪ وڏي تي چار ماڙ جديد عمارت ۽ آڏو وسيع دالان. هن عمارت ۾ نوجوان فوجي ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون پهري تي نظر آيا. اندر ڪشادو آڊيٽوريم، هال، ميوزيم، لائبريري ۽ آفيس جا ڪمرا هئا. هتي اچڻ کان پوءِ اندازو ٿيو ته اهو ٽوئر ٻه اُتر ڪوريا مخالف پرچار جو هڪ حصو هو. هوندن ته عمارت جي هر حصي مان توڙي ٻاهرين کليل حصي مان غير فوجي علائقي جو نظارو ٿيو پي پر اسان کي آڊيٽوريم ۾ آڻي ويهاريو ويو جنهن جي سامهون واري يعني اُتر ڪوريا ڏانهن رُخ واري سموري ديوار شيشي جي هئي ۽ اُتي هڪ وڏي دُوربين رکيل هئي جنهن جي ذريعي ٻنهي ڪوريائن جي غير فوجي علائقي جو پري پري تائين نظارو ڪرايو ويو. اُتي ئي انهيءَ علائقي جو ماڊل رکيل هو جنهن کي ڏسڻ سان هر ماڻهو سولائيءَ سان علائقي جي جاگرافي سمجهي سگهيو پي. عمارت جي هڪ ماڙ تي اسان کي اهو ميوزيم ٻه گهماين جنهن ۾ هنن ٻنهي ڪوريائن جي وچ ۾ لڳل جنگ جي تباهڪارين جي عڪاسي ڪئي هئي. اُتر ڪوريا خلاف سندن پرچار ۾ ٻه وڏي مهارت هئي ۽ سچ ته سندن سوچ ۽ نظرين سان ڪٽي ڪنهن کي ڪيترو ٻه اختلاف هجي پر سندن مهارت تعريف جي قابل هئي. اهو سڀ ڪجهه ڏيکارڻ دوران ٻُڌايو ويو ته اُتر ڪوريا پنهنجي پاسي وسيع علائقي ۾ باهيون ڏئي جهنگ ۽ سموري ساوڪ ساڙي ڇڏي آهي جنهن جا ماحولياتي اثر پيدا ٿي رهيا آهن . بهرحال اسان کي اهڙي صورتحال ڏسڻ ۾ ڪانه آئي. ساوڪ ۽ وڻ ٽڻ هِن پاسي ٻه هئا ته هُن پاسي ٻه. انهيءَ جي اُبتڙ مون ڏٺو ته هڪ واهه اُتر کان ڏکڻ پاسي يعني اُتر ڪوريا کان ڏکڻ ڪوريا ڏانهن بنا روڪ وهي رهيو هو. اهو دائمي وهڪرو هو جنهن جو

پاڻي ڏکڻ ڪوريا ۾ اچي هڪ ڍنڍ جي شڪل اختيار ڪري ويو هو ۽ اهو ئي پاڻي ڏکڻ ڪوريائي زراعت لاءِ ڪم تي آيو . پاڻيءَ جي وروڪڙ وهڪري علائقي جي خوبصورتيءَ کي وڌائي ڇڏيو هو. اُتر ڪوريا اِن واهه جو پاڻي ڪڍهن به روڪڻ جي ڪوشش نہ ڪئي آهي. مون سوچيو تہ اهو واهه ، جنهن ٻنهي ڪوريائن کي ڳنڍي رکيو آهي، قدرت جي پاران هڪ ثبوت آهي تہ ڪوريا هڪ ئي ڌرتي آهي جنهن کي ڪن قوتن پنهنجي مفادن خاطر حصن ۾ ورهائي ڇڏيو هو. اها قوم ويچارا وساري هڪ ٿيڻ چاهي ٿي پر اُهي ئي قوتون کين پاڻ ۾ ورهائي رکڻ گُهرن ٿيون.

پروگرام جو مکيہ حصو هڪ ٺهراءُ بحال ڪرڻ هو جنهن ۾ دنيا کي عام طور ۽ هن علائقي کي خاص طور ماحولياتي تباهيءَ کان بچائڻ لاءِ حڪومتن کي اپيل ڪئي وئي هئي. اهو پڌرنامو بعد ۾ ميڊيا کي جاري ڪيو ويو.

انهيءَ موقعي تي اسان کي غير فوجي علائقي بابت لٽريچر بہ ڏنو ويو جنهن موجب اهو علائقو يعني De_Militarized Zoneمجموعي طور 248 ڪلوميٽر ڊگهو آهي ۽ انهيءَ جي ڪل ايراضي 907 ڪلوميٽر بيهي ٿي جنهن مان 58 سيڪڙو يعني هڪ سئو پنجيتاليهہ ڪلوميٽر ڊگهو پٽو جنهن جي ايراضي پنج سئو اُٺٽيهہ ڪلوميٽر ٿئي ٿي، هن ئي صوبي ۾ آهي. خوبصورت نظارن واري هن علائقي ۾ سنڌ وانگر پرڏيهي پکيئڙا بہ وڏي تعداد ۾ اچن ٿا تہ ٻي جهنگلي جيوت بہ جام آهي جنهن ۾ هڪ سئو چائيتاليهہ اڻلڀ جاندارن سميت ٻہ هزار ست سئو سورهن جانور بہ شامل آهن تہ ستهٺ اهڙا جاندار بہ آهن جن جي نسل کي ختم ٿيڻ جو خطرو آهي. سنڌ وانگر هتي بہ پنج هزار ورهيہ پراڻي ثقافت جا آثار آهن، جن کي گنگ وَون صوبي جي حڪومت سانڍڻ لاءِ اُپاءَ ورتا آهن.

❋

## صبح جي سانت واري ڌرتي

جڏهن سج لهڻ وارو ٿيو تہ اسان بہ هتان ڪُوچ ڪرڻ جا سانباها ڪيا. اسان جي منزل پنجيتاليهہ هزار آباديءَ وارو پيانگ چئنگ Pyeongchang شهر هو جيڪو هن صوبي جي گاديءَ جو هنڌ هو ۽ جتي يارنهن ماڙ چُنچيان Chuncheon هوٽل ۾ اسان جي رات جي رهائش جو انتظام ٿيل هو. هوٽل تي پهچي، ڪمرن ۾ سامان رکي اسان کي هڪدم ڊنر لاءِ هال ۾ اچڻو پيو جتي صوبي جو ڊپٽي گورنر بونگ ڪِي هَان Bongkee Hahn خاص مهمان هو. خاص مهمان جي سڪيورٽيءَ لاءِ ڪوبہ خاص انتظام ڪونہ هو. هو عام ماڻهوءَ وانگر آيو. سڀني سان رِلي ملي ڪچهريون ڪري هليو ويو. پاڪستاني گورنرن، وزيرن، صلاحڪارن ۽ وينديءَ ناظمن وانگر سندس اڳيان پٺيان هٿياربند گارڊ ڪونہ هئا ۽ نہ ئي سندس گاڏي جي اڳيان پٺيان تيز سائرن وڄائيندڙ پنجاهہ گاڏين جو قافلو هو.

هن دعوت جي خاصيت هئي مڪئيءَ جا اوباريل سنگ ۽ ڪوريا جو Lotus flower wine جنهن نہ رڳو ايراني صحافڻ پُونہ نِداءِ Pooneh Nedai کي بہ ريجهائي وڌو پر سنگاپور مان آيل سِک عورت ستونت ڪور Satwant Kaur ، جنهن گڏيل قومن جي ماحولياتي اداري جي نمائندگي ٿي ڪئي، تنهن کي تہ اهو وائين ايترو وڻي ۽ چڙهي ويو جو ڪمري تي وڃڻ مهل وائين جي بوتل بہ پاڻ سان کڻي وئي تہ جيئن اڪيلائيءَ ۾ بہ وڃي ڪجهہ پيگ هڻي.

دعوت ختم ٿي تہ رات جا يارنهن بہ ڪونہ ٿيا هئا. اسان وٽ ان مهل رات اڃان جوان ٿيندي آهي، پر هتي موڪلاڻي ڪري ڪمرن تي وڃڻ جو وقت هو. مان يارهين ماڙ تي پنهنجي ڪمري جي بالڪنيءَ ۾ بيهي شهر جي چمڪندڙ ٽانڊاڻن جي پٺيان سانت ۽ سڪون جي سمنڊ ۾ ٻُڏل جبلن جو نظارو ڪري وڃي سمهي پيس. صبح جو سوير جڏهن اک کُلي تہ تيار ٿيڻ کان اڳ وري وڃي بالڪنيءَ ۾ بيٺس ۽ جڏهن ٻاهر نهار ڪيم تہ ڪوريا لاءِ قديم زماني کان مشهور نالو ”صبح جي سانت واري ڌرتي“ Land of Morning Silence بلڪل سچ لڳو.

صبح جي سانت واري ڌرتي هجڻ جون ثابتيون تہ خاص طور مانهاءِ وليج ۾ ملن ٿيون جتي گذريل دوري ۾ وڃڻ ٿيو هو پر اڄ وري هڪ رات مانهاءِ وليج کان مٿي جبلن ۾ بائڪدام مندر ۾ گذارڻي هئي جتي ملندڙ سانت ۽ سڪون جي بيپناهہ احساس کي لفظن ۾ بيان نٿو ڪري سگهجي

*

## پٿرن جون ڏيريون
## ۽ ڪوريائين جو اعتقاد

صبح جي پروگرام ۾ ماحولياتي مسئلن بابت پنهنجي پنهنجي ملڪ جي رپورٽ پيش ڪرڻ ۾ اڌ ڏينهن گذري ويو. منجهند جي ماني کائي بس ڪئي سين ته روانگيءَ جو اعلان ٿيو ۽ قافلو هلي پيو. سچ لهڻ کان ٿورو اڳ اسان مانهاءِ وليج واري هوٽل تي وڃي پُڳاسين جتي اسان کي گذريل پيري وانگر وڏيون بسون ڇڏي ننڍين ڪوسٽرن ۾ سوار ٿي مٿي جبل تي وڃڻو هو. هتي وري به اسان جو ميزبان نوڙهو نوجوان مها ڀڪشُو هو جيڪو پنهنجي ساٿي نائب ڀڪشوئن سميت بائڪدام مندر تائين هليو جتي هنن اسان جي لاءِ کاڌي پيتي، رهائش ۽ ٻين سرگرمين جو انتظام ڪيو هو. اسان کي ٻُڌايو ويو ته هن پيري هوٽل ۾ ڪمرا اڳئي پريل هجڻ ڪري جبل واري مندر ۾ رهڻ جو بندوبست ڪيو ويو آهي. هونئن به ڪوريا ۾ سياحت لاءِ ايندڙن واسطي مندرن ۾ رهائش جو پروگرام خاص طور شامل ڪيو ويندو آهي ۽ سندن ويب سائيٽن ۽ سياحتي لٽريچر ۾ ان جو ذڪر ٿيل هوندو آهي.

هڪ پاسي وڻن سان جهنجهيل جبل ۽ ٻئي پاسي کاهيءَ جي وچ ۾ وهندڙ جهرڻي جا ڊِيما سُر ٻُڌندي پُر پيچ رستي تان مٿي ويندي اسان سڀ جڻ ته مدهوش هئاسين. مندر وٽ پهچندي سج لهي چڪو هو. اُن مهل ڪجهه پانڊي جوڙا مندر کان هيٺ ويندي نظر آيا جڏهن ته هڪ اڌ جوڙو اُتي موجود هو. جيئن ئي اسان گاڏين مان لٿاسين ته ڀڪشو سيني کي وٺي مندر جي مکيه عمارت ڏانهن وڃڻ لڳو. مان سمجهي ويس ته هو ٻُڌمت موجب عبادت جو طريقو ٻُڌائيندو. تنهنڪري مان انهن سان گڏ نه ويس. هڪ ته ٿڪل هئس ۽ ٻيو ته مون ٻُڌ جي بُت کي سجدو ڪرڻ نه پي چاهيو. پاڻيا به جهونو هئڻ سبب مندر جي هڪ عمارت ٻاهران ڊِڪيءَ تي ويهي رهيو. ڏٺم ته ڪمبوڊيا جي فري لانس صحافڻ راس سوٿيا Ros Sothea جيڪا پنهنجي ملڪ ۾ بي بي سي ريڊيو لاءِ به ڪم ڪندي هئي، پاسو وٺي ويهي رهي هئي. هيءَ سيپڪڙي ننڍي قد جي سڀ کان ننڍي عمر جي ڇوڪري هئي. هرڪو کيس بي اعتباريءَ سان ڇوندو هو ته هوءَ ايڏي ننڍي عمر ۾ ڪيئن ٿي صحافڻ ٿي سگهي. پر سندس ڳالهائڻ ۽ ڪم ڪار مان محسوس ٿيندو هو ته اها سيپڪڙي پنهنجي شعبي جي ڀرپور ڄاڻ رکي ٿي. مان کيس پنهنجي ڌيءُ وانگر پيش ايندو هئس. منهنجي نظر جڏهن راس تي پئي ته هن اشاري سان مونکي سڏي پنهنجي ڀرسان ويهڻ لاءِ

چيو ۽ پوءِ پنهنجي پرس مان هڪ بيدو ڪڍي ٻڌايائين ته صبح هوٽل مان روانگيءَ مهل هن ٻه بيدا ڪٽي ورتا هئا ته جيئن ڪنهن مهل بک لڳڻ تي کائي سگهجن. هينئر ڪيس بک لڳي هئي ۽ آرام سان کائڻ جو موقعو به هو پر سندس اُميدن تي پاڻي هارجي ويو جو جيئن ئي هن کل لاهڻ لاءِ بيدي کي ڏِڪيءَ تي هنيو ته خبر پئي ته اهو اوباريل نه پر ڪچو بيدو هو. مانڙي ڪري اهو بيدو اڇلايائين ۽ ٻيو بيدو پرس مان ڪڍيائين. پڪ هئي ته اهو به ڪچو هوندو ان ڪري اهو به اڇلائڻو پيس. هن انهن کي اوباريل ان ڪري سمجهيو هو جو بيدن جو رنگ هلڪو ناسي هو.

ان مهل چڱي اونداهي ٿي چُڪي هئي پر مون ڏٺو ته هڪ جوڙو جابلو نديءَ جي پيٽ ۾ ويهي پٿر ميڙي رهيو آهي. مان هوريان هوريان ڪري سندن ويجهو ويس ته جيئن هنن جي مصروفيت ۾ خلل نه پوي ۽ مان به ڏسان ته هو ڇا پيا ڪن. ويجهو وڃڻ تي خبر پئي ته هو ننڍا پٿر ميڙي ڍيري ناهي رهيا هئا پر اهڙي نموني جو اها ڍيري ڪنهن ننڍي مناري وانگر هينان ويڪري يعني ان جو بنياد ويڪرو ۽ پوءِ مٿي سوڙهي. اهڙيون اڻ ڳڻت ڍيريون نديءَ جي پيٽ ۾ نظر آيون جيڪي هتي ايندڙ جوڙن ناهيون هيون. مون انهيءَ جوڙي کان ڪجهه پڇڻ گهريو پر ڪين انگريزي ڪانه ٿي آئي پر تڏهن به سندن اشارن مان سمجهي ويس ته اهي ماڻهو هتي عبادت ڪرڻ ڪانپوءِ مُرادون پوريون ٿيڻ لاءِ اهي پٿريون ميڙي ڍيريون ناهيندا آهن . گذريل دوري ۾ به مون اهي ڍيريون ڏٺيون هيون پر انهن تي ڌيان ڪونه ڏنو هئم. هن ڀيري اهو منظر ڏسي وري به اها ئي سوچ اُڀري ته ڪيڏي به ترقي ڪرڻ ۽ سائنسي قوم بڻجي وڃڻ جي باوجود ڪوريائي آهن ته انسان جن جي اندر ۾ اهو شخص ويٺل آهي جيڪو آفاقي قوت جو محتاج آهي ۽ مختلف طريقن سان پنهنجون آسون ۽ مُرادون پوريون ٿيڻ جون دعائون گهري ٿو. ان مهل اونداهي هئڻ ڪري صحيح تصوير ڪڍي نه سگهيس پر سچ ته مٿان جبل تان لهندڙ جهرڻي جي مست ڪندڙ سنگيت ۽ وهڪري جي ٻنهي پاسي پري پري تائين پکڙيل پٿرن جي ڍيرين جو روح جي گهراين تائين اثر ٿي رهيو هو. ڪوريائي جوڙو جبل کان هيٺ واپسيءَ جي سفر تي هليو ويو پر مان اتي گم سم بيٺو رهيس. مون کي پنهنجي هڪ صحافي دوست خليل ٻگهئي جو پنجويهه ٽيهه ورهيه اڳ جرمنيءَ مان واپسيءَ تي ٻڌايل واقعو ياد آيو . سندس ڪنهن جرمن فئمليءَ سان دوستي ٿي وئي هئي جن کيس پنهنجي گهر دعوت تي گهرايو پر جيئن ئي هن سندن گهر ۾ قدم رکڻ ٿي چاهيو ته کيس ترسڻ لاءِ چين ۽ گهر جي وڏڙي هڪدم وچي هڪ گلاس کٽي آئي جنهن ۾ سِڪا پيل هئا. هن مائيءَ خليل کي چيو ته هو به هڪ سِڪو گلاس ۾ وجهي ۽ پوءِ گهر ۾ داخل ٿئي. هن ايئن ئي ڪيو ۽ سندس پڇڻ تي کيس ٻڌايو ويو ته سندن ڌيءَ جوان آهي پر اڃان شادي نه ٿي اٿس. سندن اعتقاد آهي ته هر مهمان گلاس ۾ سِڪو وجهندو ۽ جڏهن گلاس اهڙن سِڪن سان پرجي ويندو ته سندن ڌيءَ جي شادي ٿي ويندي.

جڏهن باقي ساٿي عبادت جو طريقو ڏسي واپس آيا ته ٻڌايو ويو ته هاڻي مندر سان لڳ ڪاٺ جي رهائشي ڪمرن ۾سامان رکبو ۽ پوءِ وري هڪ هال ۾ گڏ ٿبو. هڪ هڪ ڪمري ۾ فرش تي فوم جا گدا وڇائي ٽن چئن ڄڻن کي سمهڻو هو. اهو ٻُڌي دبئي ۾ ٻين هنڌن تان آيل عربن اتي رهڻ کان نُپ نابري واري ۽ چيائون ته کين

واپس موڪلڻ جو انتظام ڪيو ويجي. هنن جي ضد تي ڪين ۽ سندن زالن کي ڪار ۾ چاڙهي واپس روانو ڪيو ويو ۽ جبل کان هيٺ مانهاءِ ڳوٺ جي ڪنهن گيسٽ هائوس ۾ ڪين رهايو ويو. باقي عورتن هڪ پاسي وارا ڪمرا ۽ اڪيلو باٿ روم قبضي ۾ ڪيا ۽ مردن پنهنجي سنگت جي حساب سان ڪمرا ورهائي ڪنيا. مون، پاتيا ۽ پرمود هڪ ڪمرو ڪنيو پر پوءِ هانگ ڪانگ ۽ ملائيشيا جا همراه بہ اسان جا پارٽنر ٿي ويا. ماڻهو تہ بئي چڱا هئا پر مون کي اڌ رات کان وڏيڪ ايستائين جاڳڻو پيو جيستائين غشي نہ چڙهي چو تہ ٻنهي يارن جا کونگهرا نہ هئا چڻ تہ ٻہ بگهڙ هڪٻئي کي ڏسي ڏند شيڪي غرائي رهيا هجن.

اسان سامان ڪمرن ۾ رکي سامهون هڪ ٻي ڪاٺ جي عمارت جي هال ۾ گڏ ٿياسين جتي ننڍين ٽيبلن جي چوڏاري سيني کي فرشي نشست ڪرٽي هئي. هڪ قطار ۾ هر ٽيبل جي ٻنهي پاسي هڪ هڪ ماڻهوءَ کي ويهڻو پيو ۽ اهڙي طرح ٻنهي قطارن جي مهڙ وٽ هڪ يڪشو وينو تہ انگريزي حرف يُو U جي شڪل ٺهي وئي. پهرين هن يوگا جا مختلف عمل ڪري ڏيکاريا ۽ انهن جي افاديت ٻُڌائي. اسان جي سامهون ٽيبلن تي هر هڪ جي آڏو هڪ اڇو ٽوال، اسٽيل جو هڪ وڏو پيالو هڪ ننڍي پيالي جنهن ۾ سائي چانهن جي پتي پيل هئي ۽ گرم پاڻيءَ سان ڀريل هڪ هڪ ٿرماس رکيل هئا. هاڻي انهن کي استعمال ڪرڻ جو وارو هو. يڪشوءَ ٻُڌايو تہ اهي شيون روح ۽ ذهن کي سُڪون ڏيڻ لاءِ استعمال ٿينديون.

يڪشوءَ جي هدايت تي اسان سائي چانهہ جي پتِيءَ واري پيالي ڪٽي ٿورو مٿانهينءَ کان وڏي پيالي ۾ ڪيرائي. سندس چوڻ هو تہ بلڪل خاموشيءَ ۾ ان پتِيءَ جي وڏي پيالي ۾ ڪرڻ جو هلڪو آواز بہ وڏو سُڪون بخشيندڙ آهي. انهيءَ کانپوءِ ٿرماس مان گرم پاڻي اسٽيل جي وڏي پيالي ۾ وجهڻ ۽ هڪدم پنهنجي مُنهن کي ٻنهي هٿن جي گهيري ۾ وجهي پيالي جي مٿان آڻي ڊگها ساهہ کڻڻ لاءِ چيو ويو. ان عمل مهل اسان کي پنهنجي مٿان ٽوال بہ رکڻو هو تہ جيئن سائي پَتِيءَ واري گرم پاڻيءَ مان اُٿندڙ ٻاڦ جو اسان جي منهن تي پورو اثر ٿئي. اسان ان مهل تائين ٽوال اندر ڊگها ساهہ کڻندا رهياسين جيستائين پاڻي ٺڏو نہ ٿي ويو. ان عمل دوران يڪشو ڳالهائيندو بہ رهيو. ان عمل سان واقعي ذهن کي سُڪون مليو ويو ۽ ٿڪَ جو احساس بہ گهٽجي ويو. يڪشوءَ جو چوڻ هو تہ اسان اهو پاڻي پي بہ سگهون ٿا پر اسان مان ڪنهن بہ ان تي عمل نہ ڪيو.

*

# پَلو جَلُ

لاڳيتو فرش تي جهوڪو ماري ويهڻ سان ٿڪجي پيا هئاسين سو هرڪو ٽڙي پکڙجي ليٽي پيو. ان مهل منهنجي ڪن تي آواز آيو "پَلو جل" تہ مان چرڪي پيس.بنگلاديش مان آيل ATV جو نيوز ايڊيٽر ڀانُو رنجن چڪرابورتي Bhanu Ranjan Chakraborty پنهنجي هڪ ساٿيءَ کي ان پاڻيءَ بابت پوڇ ۾ ڪجھ چئي رهيو هو. مون هڪدم سندن پاسو وڃي ورتو ۽ مطلب سمجهڻ جي باوجود ڪانئس پڪ ڪرڻ لاءِ پُڇا ڪيم. هن ٻڌايو تہ بنگاليءَ ۾ پلو يعني سنو ۽ جل يعني پاڻي. مون کيس ٻڌايو تہ سنڌيءَ ۾ بہ پلو جو مطلب سنو آهي جڏهن تہ جل سان ملندڙ لفظ جَرُ کُوهن مان نڪرندڙ يعني زيرُ زمين پاڻيءَ لاءِ استعمال ٿئي ٿو. ڳالهائڻ لاءِ مون کي پسند جو موضوع ملي ويو چوتہ مان سدائين ٻين ٻولين ۾ سنڌيءَ جهڙا يا انهن سان ملندڙ جُلندڙ لفظ پيو ڳوليندو آهيان.هن ٻُڌايو تہ بنگالي ٻوليءَ ۾ هُو بہ سنڌيءَ وانگر ماءُ کي امان ۽ پيءُ کي بابا سڏين جڏهن تہ چانھ کي چاءِ چون جيڪو ڪورِيائي ٻوليءَ ۾ بہ استعمال ٿئي ٿو. اهڙي طرح ٻيا بہ ڪوڙ لفظ هڪجهڙا هئا جيڪي هينئر ذهن تان لهي چڪا آهن . سنڌ کان هڪ هزار ميل پري هجڻ جي باوجود بنگالي ٻوليءَ ۾ سنڌيءَ سان ملندڙ لفظن جي هجڻ تي مون کي ڪا گهڻي حيرت ڪانہ ٿي چوتہ حيرت مون کي 2002 ۾ ان وقت ٿي هئي جڏهن هماليائي ملڪ نيپال ۾ سنڌي لفظ ترائي ٻُڌو هئم. اسان کي ڪٺمنڊوجي ٻاهران هڪ جبل تي وٺي ويا هئا جتي ٻج پوکي وڏي ايراضيءَ ۾ هٽرادو ٻيلو تيار ڪيو ويو هو. ان ٻيلي ڏانهن سفر بہ ڏاڍو يادگار هو چو تہ گهاٽي ٻيلي ۾ جبل تي وڃڻ لاءِ جيئن ئي اسان روانا ٿيا هئاسين تہ زبردست وَڏَ ڦُڙو شروع ٿي ويو هو ۽ اڃا منزل تي پهتا بہ ڪونہ هئاسين تہ ڳڙو پوڻ شروع ٿي ويو. اٽڪل ڏيڍ هزار فُٽ بلنديءَ تي گاڏيون چڙهي ڪجھ پنڌ هلڻو پيو جنهن ڪانپوءِ ڳپل وقت هڪ چوڪنڊيءَ هيٺ پٿر جي بئنچن تي ويهي گرم گرم چانھ پي وسڪاري ۽ ڳڙي جو مزو وٺندا رهيا هئاسين. بعد ۾هڪ خوبصورت عمارت جي آڊيٽوريم ۾ هڪ آفيسر اسان کي ٻيلي واري رٿا بابت بريفنگ ڏني. اهو آفيسر گهڙيءَ گهڙيءَ ترائي لفظ استعمال ڪري رهيو هو ۽ مان هر ڀيري ڏيان سان اهو لفظ ٻُڌڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هئس تہ متان سمجهڻ ۾ ڪا غلطي تہ نٿو ڪريان. سندس بريفنگ ڪانپوءِ چانھ پاڻيءَ مهل مون ڪانئس ترائي لفظ جي معنيٰ پُڇي تہ هن بلڪل سنڌي لفظ واري معنيٰ ٻُڌائي. سنڌي ۽ نيپالي ٻولين ۾ ترائي لفظ اها ساڳي معنيٰ رکي ٿو جنهن معنيٰ سان اهو تر ۾

استعمال ڪيو ويجي ٿو يعني وارِيءَ جي پِٽن جي وچ وارو علائقو جتي برسات جو پاڻي لهي اچي گڏ ٿئي ٿو. پِٽائيءَ بہ ترائي لفظ کي پنهنجي ڪلام ۾ استعمال ڪيو آهي. سُر سارنگ ۾ هڪ هنڌ چوي ٿو:

پَري ٿَلَ ترائيون، جوڙي هليون جُوءِ.

ساڳي سُر ۾ ٻئي هنڌ تہ ۾ وسڪاري جي حوالي سان چوي ٿو:

بَر وُٺا، ٿَرَ وُٺا، وُٺيون ترايون.

(بدر ابڙي بہ پنهنجي 1996 ۾ ڇپيل نيپال جي سفرنامي ”ڀڳوانن جي ڀُونءِ“ ۾ سنڌيءَ سان ملندڙ ڪجھہ نيپالي اکرن جو ذڪر ڪيو آهي. مثال طور نيپالي اکر تال ۽ سنڌي اکر تلاءُ).

مان ٻولين جو ماهر تہ ناهيان پر جيئن مٿي ذڪر ڪيو اٿم، جتي بہ ويندو آهيان تہ سنڌيءَ جهڙا يا اُن سان ملندڙ لفظ ڳوليندو آهيان. مثال طور جڏهن ڪُنار نديءَ جي ڪنڌيءَ تي آباد (۽ پوءِ ائين آڪٽوبر 2005 واري زلزلي ۾ تباهہ ٿيل) بالاڪوٽ ۽ ڳڙهي حبيب الله واري علائقي ۾ وڃڻ ٿيو تہ اتي هندڪو ٻوليءَ ۾ سنڌي لفظ ”مانيءَ ڳيو“ يا ”ڊوڊو“ ٻُڌڻ ۾ آيو . اهڙي طرح پنجاب جي مختلف علائقن ۾ سلوار لاءِ ٺيٺ سنڌي لفظ سُٿڻ استعمال ڪندي ٻُڌم. هندستان وارا پنهنجي هندي ٻوليءَ ۾ اَنُ، ڍِڍُ، پگهار، کِيسو ۽ اهڙا ٻيا انيڪ لفظ استعمال ڪن ٿا جيڪي اسان وٽ سنڌيءَ ۾ مُروج آهن . ڪشمير ۽ سرحد صوبي کي الڳ ڪندڙ جهلم درياهہ جي ٻنهي پاسن واري علائقي ۾ بہ ڳالهائجندڙ ٻولين ۾ سنڌيءَ سان ملندڙ لفظ موجود آهن.

سنڌ کان ويندي ڪشمير تائين ٻولين ۾ هڪجهڙائي ڇو آهي؟ هڪ تہ چوندا آهن تہ گهڻا ئي زمانا اڳ سنڌ ڪشمير تائين هوندي هئي. هونئن بہ سنڌو سڀيتا جو دائرو هماليا تائين آهي جتان مانسروور ڍنڍ مان سنڌو ندي وهي نڪري ٿي. (ان حساب سان هماليائي ملڪ نيپال ۾ سنڌي لفظ ترائيءَ جي موجودگيءَ تي بہ حيرت نہ ٿيڻ گهرجي). هونئن، سنڌ جي هڪ وڏي ماهر لسانيات ڀيرومل مهرچند آڏواڻي وراڻيہ اڳ لکيل پنهنجي ڪتاب ۾ چيو آهي :صدين کان سنڌ، پنجاب ۽ ڪشمير جا رهاڪو هڪٻئي سان گهڻو لَهہ وِچُڙ ۾ آيا آهن ۽ خود ڪشمير وارو پاسو پنجاب سميت ڪيترو ئي وقت سنڌ جي حڪومت هيٺ هو. تنهنڪري سنڌيءَ جو انهن ٻولين سان جهجهو ناتو ٿيو آهي.

هو اڳتي لکي ٿو :اڄ بہ ڏسو تہ سنڌي ٻولي سنڌ جي اُتر ڏي اُباوڙي طرف سرائڪي يا اُڀي جي ٻوليءَ جو نمونو اختيار ڪندي بهاولپور ڏي بہ اها ئي بيهڪ ڏاريندي ملتاني ٻوليءَ سان وڃي ڳنڍي آهي، ۽ ملتاني ٻولي لاهور ۽ امرتسر طرف آٽلڪي ڦرندي ڦرندي وڃي پنجابيءَ سان گڏي آهي، جنهنڪري ايئن چئي سگهجي ٿو تہ سرائڪي ٻولي جڻ تہ وچون ڏاڪو يا وچ واري ڪڙي آهي جا سنڌيءَ کي پنجابيءَ سان ڳنڍي ٿي، ۽ پنجابي ٻولي اُتر ڏي ڪشميريءَ سان وڃي گڏي آهي. انهيءَ ريت سنڌ کان وٺي ڪشمير تائين ٻولين جو پاڻ ۾ ڪڙو ڪڙي سان ڳنڍيو پيو آهي. ٻولين جي انهيءَ ناتي اهو بہ سمجهي سگهجي ٿو تہ آڳاٽا لوڪ اهائي واٽ وٺي آيا هئا يعني ڪشمير کان پنجاب ۽ بهاولپور ۾ ٻيٺڪون وجهندا پوءِ سنڌ ۾

پنهنجا ماڳ جوڙي اچي وينا هئا. هن وقت جيتوڻيڪ انهن سڀني هنڌن جون ٻوليون پنهنجي پنهنجي نموني آهن، تہ بہ اُچارن ۽ نحوي بناوت ۾ هڪٻئي سان گهڻي مشابهت رکن ٿيون.

پشتو ٻوليءَ ۾ بہ اڻ ڳڻت اهڙا لفظ آهن جيڪي سنڌيءَ ۾ ڳالهائجن ٿا. انهيءَ جو سبب اهو آهي تہ اهي لفظ اصل عربي ۽ فارسيءَ مان ورتل آهن. ڪجهہ پناڻ دوستن مطابق سنڌيءَ واري لفظ ڪٽ کي هو ڪٽ سڏين جڏهن تہ ڄِيِ لاءِ وٽن ملندڙ جُلندڙ لفظ آهي جَبہَ. ڊوڊي، فيصلو ملنگ، فقير، ماهي ۽ اهڙا ٻيا بہ ڪيترائي لفظ پشتو ۾ عام آهن . انهيءَ موضوع تي لکجي تہ ماتليءَ جي مرحوم رئيس ڪريم بخش نظاماڻيءَ جي آتم ڪٿا ”ڪيئي ڪتاب“ وانگر شاهي واليوم لکي سگهجن ٿا. نندي ڪنڊ جي ملڪن ڪان وٺندي ايران، افغانستان ۽ عرب ملڪن تائين سنڌيءَ سان ملندڙ لفظن جي موجودگيءَ کي ڏسندي ڀيرومل مهرچند لکي ٿو تہ هن سڄي خطي ۾ رڳو اسان جي سنڌي ٻولي هڪ ڳنڍيندڙ ڪڙو يا وچ وارو ڏاڪو آهي جيڪو هندستان جي ٻولين کي ايراني ٻولين سان ڳنڍيو بيٺو آهي.

ٻولين جي حوالي سان منهنجي ڪچهري بي بي سي ريڊيو جي مشهور شخصيت رضا علي عابديءَ سان بہ ٿيل آهي. هو سنڌونديءَ بابت ڪتاب شير دريا جو ليکڪ آهي. سندس چوڻ آهي تہ عربي ۽ فارسي لفظ اردوءَ ۾ نوڪي ان ٻوليءَ کي وڏو نقصان پهچايو ويو آهي ۽ جيڪڏهن ان کي پاڪستان جي مقامي ٻولين سان ويجهو ٿيڻ جو موقعو ڏنو وڃي ها تہ اردو اجا وڌيڪ شاهوڪار ۽ عوامي ٻولي ٿي اُڀري ها.

❋

# مانهاءِ مندر ۾ گذاريل رات

انهيءَ ڪان اڳ جو پڙهندڙ بيزار ٿين،مان واپس بائڪدام مندر ڏانهن اچان ٿو جتي يوگا بابت يڪشوءَ جي ڏنل عملي سبق ڪان پوءِ اسان ڪي رات جي مانيءَ لاءِ پرسان ئي نهيل ميس ۾ وٺي ويا. ٻُڌمت وارو ڪاڏو اسان جي انتظار ۾ هو. هرهڪ ماڻهو اسٽيل جي ٽري Tray کڻي قطار ۾ بيهي ويو. منهنجي اک پاسي ۾ رکيل ميوي تي هئي پر جيستائين اتي پهتس تيستائين ميوو ختم ٿي چڪو هو ۽ جيئن ته باقي شيون ڪاڻڻ کان چڙهيل هيون تنهنڪري اوٻاريل چانورن جا ٻه ٽي چمچا کڻي وڃي ٽيبل تي ويٺس. اسٽيل جي ٽري ۾ بلڪل ايئن خانا ٺهيل هئا جيئن هندو برادريءَ ۾ مختلف ڪاڌن لاءِ ڌار ڌار خانن وارا ٿالهه هوندا آهن . ماني ڪائڻ کان پوءِ هرڪنهن کي پنهنجو ٿالهه پاڻ ڌوئڻو هو جنهن لاءِ پڻ ميس جي ساڄي هال اندر ئي پاسي تي واش بيسن لڳل هو. اتي به قطار ۾ لڳڻو پيو. ٿالهه صحيح ڌوئون ٿا يا نه، اهو ڏسڻ لاءِ ٻه هڪ يڪشو اتي بيٺل هو ۽ جنهن به شخص جي ٿالهه تي ڪاڌي جي ڪا ذري يا چانور جو هڪ داڻو به نظر ٿي آيو ته ان کي واپس ٿي ڪيائين ۽ وڏي ڳالهه ته ان کي وري وڃي قطار ۾ بيهي پنهنجي واري اچڻ جو انتظار ڪرڻو ٿي پيو. اها جُٺ چانور جي هڪ داڻي جي ڪري مون سان به ٿي.

چانورن جا ٻه چار گرهه ڪائڻ سان بک ته ڪانه لٿي پر اُڃ به وڌي وئي. مون پاڻيءَلاءِ هيڏي هوڏي نهاريو ته شيشي جي فرج ۾ اسٽيل جا ٿرماس ۽ گلاس نظر آيا پر ان مهل ڏاڍي ڪاوڙ لڳي جڏهن ٿرماس مان گلاس ۾ پاڻي اوتڻ سان گلاس به گرم ٿي ويو ڇوته ٿرماس ۾ سخت گرم پاڻي پيل هو. خبر پئي ته هن ٿڌي علائقي ۾ ڪاڌي کانپوءِ گرم پاڻي ئي پيئندا آهن .

ٻاهر ڪليل علائقي ۾ چنڊ ظاهر ٿي چڪو هو ۽ سندس جوڀن رات جي سانت کي خمار چاڙهي ڇڏيا هئا. سيني مردن ۽ عورتن جو مُوڊ هو ته مڌُر سنگيت جهڙن آوازن سان جبل تان هيٺ لهندڙ نديءَ جي پُل تي هلي چانڊوڪيءَ جو نظارو ڪجي، پر مون واري ساٿي پرمود ماٿر جو بيو مُوڊ هو. ماٿر مون کي وٺي ڪمري تي آيو ۽ بيگ کولي اُن مان هندستاني رم جي بوتل ڪڍيائين. هتي وري به پاڻيءَ جو مسئلو هو. سو هو وري پاڻيءَ جي ڳولا ۾ نڪتو پر ڪيس وري به ميس مان گرم پاڻيءَ جا ٿرماس مليا. ٻُک ۾ ٻصر به پلو وانگر اسان گرم پاڻيءَ ۾ رم ملائي به ٽي پيگ پي ورتا. اهو اسان جي زندگيءَ جو پهريون تجربو هو :هڪ ته سخت گرم پاڻيءَ ۾ مَڌُ پيئڻ ۽ اهو به هڪ مندر ۾.

مان ڪمري کان ٻاهر نڪري ٿڌي موسم جو مزو ۽ رهائشي ڪمرن جو جائزو وٺڻ لڳس. قطار ۾ ٺهيل ڪاٺ جي ڪمرن آڏو ڇئن پنجن فُٽن جو ورانڊو ٺهيل هو ۽ ڪمرن جي پنيان جهرڻو وهي رهيو هو

جنهن جو مڌُر آواز سڄي رات ٻُڌڻ ۾ ايندو رهيو. سڄي رات ان ڪري جو مٿي ٻُڌائي چُڪو آهيان تہ هانگ ڪانگ ۽ ملائيشيا جي همراهن جي خطرناڪ کونگهرن دير تائين جاڳائي رکيو هو. کونگهرن جي آوازن جو اثر ختم ڪرڻ لاءِ مون پنهنجو سڄو ڌيان جهرڻي جي آوازن ڏانهن لاڙي ڇڏيو هو جيڪي مون کي آزاد ڪشمير جي گاڏي مظفر آباد ايندي ويندي سرحد صوبي جي حد ۾ ڳڙهي حبيب الله ۾ ڪُنار نديءَ جي ڪنڌيءَ تي رات جي اونداهيءَ ۾ چپلي ڪباب کائيندي ٻُڌل مڌر آوازن جي ياد ڏياري رهيا هئا.

صبح جو مندر مان روانگي هئي. اَسُر ڌاري سمهڻ ۽ تڏ هجڻ ڪري صبح جو هنڌ مان نڪرڻ تي دل ئي ڪانہ پئي چوي. پر نيٺ اُٿڻو پيو. شُڪر ٿيو جو قافلي جي عورتن جنهن باٿ روم تي قبضو ڪيو هو. اهو سندن جلدي تيار ٿيڻ جي ڪري واندو ٿي چڪو هو ۽ مون کي وهنجي تيار ٿيڻ ۾ ڪو مسئلو نہ ٿيو. نيرن جي لاءِ ميس ۾ وياسين تہ اهو ئي ڪوريائي ڀاڄين جو ڪاڏو پيش ڪيو ويو جنهن کي نہ کائڻ ئي بهتر سمجهيم. چانهہ لاءِ واجهہ وڌاسين تہ مڪئيءَ جهڙي ٽيسٽ جهڙو گرم پاڻي مليو جنهن کي پڻ ٽيبل تي رکي ٻاهر نڪري آياسين. ان مهل قسمت ساٿ ڏنو جو قافلي جي روانگيءَ تائين وقت گذاريندي ميس جي سامهون ڪاٺ جي هڪ هال ۾ ويس جتي ڪوريائي ثقافتي شين جو اسٽور هو ۽ اتي ئي گرما گرم اِنسٽنٽ ڪافيءَ جو انتظام بہ هو. ٻين لاءِ تہ ان ڪافيءَ جي قيمت مقرر هئي پر اسان مهمانن کي مفت ۾ ڪافي ڏني وئي. ڪافيءَ جا ٻہ ڪوپ پيئڻ کان پوءِ وڃي خمار لٿا.

*

# ڪوريا ۾ گورک جبل جي ياد

ساڳيا پُر پيچ رستا وٺي جبل تان هيٺ لهي مانهاءِ ڳوٺ واري هوٽل تي پهچڻو هو جتي اسان جون وڏيون بسون بيٺيون هيون. آرام واري زندگي گذارڻ جي عادي ماڻهن لاءِ ڪنهن جبل تي مندر ۾ ڪمري اندر پٽ تي جنرل وارڊ وانگر پنج ماڻهن سان سمهڻ ۽ نه ڪائڻ جهڙو ڪاڏو ملڻ هيو ته ڏاڍو ڏکڻ مرحلو پر حقيقت ۾ زندگيءَ جو هڪ وڏو تجربو هو ۽ اسان مان ڪنهن ڪي به انهن تڪليفن سبب ميزبانن تي ڪنهن قسم جي ڪاوڙ ڪانه هئي. بعد ۾ته انهن عرب سڳورن ڪي، ۽ خاص طور سندن زالن کي به وڏو پڇتاءُ ٿيو ته هو باقي ساٿين ڪي ڇڏي ڇو هليا ويا ۽ زندگيءَ جي انوکي تجربي کان محروم رهيا. مون کي ته ان کان به وڌيڪ سخت حالتن ۾ هڪ رات گورک جبل تي گذارڻ جو تازو ئي تجربو ٿيو هو. اهو 24مئي 2008 جي ڳالهه آهي جڏهن ائڪشن ايڊAction Aid تنظيم ۽ جوهي شهر جي هڪ مقامي تنظيم جي گڏيل پروگرام تحت دعوت تي اسان جوهيءَ پهتا هئاسين. ڪراچيءَ کان جوهي ۽ ويندي گورک کان هيٺ هڪ لڪ تائين انتهائي سخت گرمي هئي. گاڏين جي به کوٽ هئي جو سواءِ فور وِهيل ڊرائيوِ جي ٻي ڪابه گاڏي مٿي گورک تي وڃي ڪانه پئي سگهي. گورک تي وڃڻ جا اُميدوار گهڻا هئا پر ڪيترن ڪي اُن لڪ وٽان واپس وڃڻو پيو. نصير مرزا به ڪجهه خواتين فنڪارائن کي هڪ وئن ۾ وٺي حيدرآباد کان پهتو هو پر هنن کي به موٽڻو پيو. خوشقسمتيءَ سان ڊاڪٽر ذوالفقار سيال، ڊاڪٽر مشتاق ڦُل، ڪجهه ٻين اديبن، شاعرن ۽ منهنجو گورک تي وڃڻ جو انتظام ٿي ويو. گاڏين جي انتظار ۾ اتي اسان کي سانجهي ٿي وئي هئي ۽ اتي اجا بيٺائي هئاسين ته سنڌ اسيمبليءَ جي اڳوڻي اسپيڪر حسين هارون ۽ ٻين جي گاڏين کي گورک تان واپس لهندي ڏٺوسين. خبر پئي ته گورک تي وڏو ميڻهن وسيو هو جنهن جو هلڪو اثر گورک کان پندرهن ويهه ڪلوميٽر هيٺ ان علائقي تي به پيو هو. وسڪاري جو اندازو گورک تي ويندي به ٿيو جو اُڀين چاڙهين تي گپ ٿي چڪي هئي ۽ رات جو انهيءَ خطرناڪ چاڙهين تي چڙهڻ خطري کان خالي نه هو. ڪجهه تڪرن ۾ ته پڪو روڊ ٺهيل هو پر اڪثر هنڌن تي گپ هئي جتان گاڏيون چڙهڻ مهل بند ٿي پئي ويون. رات جو ساڍي انين ڏاري مس گورک تي پهتاسين ته عجيب منظر هو. بارش ۽ تيز هوائن ۾ شاميانا اُڏامي چڪا هئا ۽ ڏيڍ به سئو ماڻهو کُليل ميدان ۾ پيل ڪرسين تي ويٺل هئا. ڪي ماڻهو گرم اوني ڪَيس پائي گهمي رهيا هئا. انهن مان به تي ڄڻا منهنجي ويجهو آيا ته خبر پئي ته ٻئي صحافي دوست ناز سهتو ۽ الهه بخش راٺوڙ هئا جيڪي ڪي تي اين ۽ مهراڻ ٽي ويءَ لاءِ گورک فيسٽيول

جي ڪوريج ڪرڻ آيا هئا. مون کين پوڳ ڪندي چيو تہ يارو چوٿا پنهنجي جوانيءَ ڪي شرمايوايترا گرم ڪَپس پائي پيا گهمو؟ ان تي رانوڙ چيو هو :سائين پنج منٽن ڪانپوءِ وري پنهنجي راءِ ڏجو.

واقعي پنج منٽن ڪانپوءِ نہ رڳو منهنجي راءِ متجي چُڪي هئي پر حالت خراب ٿي وئي هئي جو مان ڪراچيءَ مان اڌ ٻانهن واري شرٽ پائي نڪتو هئس ۽ هتي سخت ٿڌ ڪي منهن ڏيڻ لاءِ گرم ڪوٽ ۽ ڪَپسن جي ئي ضرورت هئي. هٿ بغلن ۾ وجهي ڏند پِڪُوڙي بيٺو هئس ۽ ان حالت ۾ ڳالهائڻ بہ ڪونہ ٿي ٿيو. منهنجي حالت کي ڏسي دادوءَ جي دوست ولي چانڊئي کي خيال اچي ويو جنهن چيو تہ هلو هلي ڪجهہ بندوبست ڪريون. گورک تي هيءَ اها چوٽي هئي جتي مرحوم بشير انصاريءَ شهيد بينظير ڀٽو جي ٻي حڪومت ۾سيوهڻ ڊيولپمينٽ اٿارٽيءَ جو مئنيجنگ ڊائريڪٽر هجڻ دوران ذاتي دلچسپي وٺي پٿرن ۽ گچ پلستر سان بہ ڪمرا ۽ وراندو ٺهرايو هو ۽ پلاسٽڪ جون ڪرسيون ۽ سوزوڪي جيپ آڻي بيهاري هئي. سندس عهدو ختم ٿيو تہ انهن ڪوٺڙين جو بہ ڪو اوهي واهي ڪونہ رهيو ۽ هاڻي اهي جُهري ڪِرڻ واريون هيون جنجي ڇت کي ٽيڪون ڏئي بيهاريو ويو هو. ميزبانن جوهيءَ مان هنڌ بسترا آڻي اتي رکيا هئا جن مان هڪ فوم جو گدو، هڪ سَوڙ ۽ بہ وهاڻا ڪڍي ولي چانڊئي ڪرسين جي پنيان ميدان ۾ وڇايا ۽ مان بنا تڪلف جي سَوڙ ويڙهي گدي تي ليٽي پيس. ڪجهہ فرحت ملي پر تيز ٿڌين هوائن وچي مٿو ورتو هو سو ٻيو ڪو رستو نہ ڏسي هڪ ڪُرسيءَ جو غلاف لاهي مٿي کي ويڙهي ڇڏيم. ايئن ميدان ۾ ليٽي رات جو دير تائين فنڪارن جا ڪلام ٻُڌم ۽ پوءِ ٻين وانگر ڪلئي آسمان هيٺ ئي سمهي پيو هئس. وچ ۾ جڏهن مانيءَ لاءِ سڏ ٿيو هو تہ بہ اتي ڪا ميس ڪانہ هئي ۽ نہ ئي ڪي ٽيبلون ڪُرسيون يا زمين تي وڇائڻ لاءِ ڪي فراسيون هيون. بلڪ پَٽ تي جهوڪو هٽي اونداهيءَ ۾ ٻوڙ ٻُلاءِڪائي اُٿي ڪڙا ٿيا هئاسين. گورک تي نانگ بلائن ۽ وِڇُن جو بہ گهٽو ڊپ هو پر اسان وٽ ٻيو ڪو رستو بہ ڪونہ هو. ڪن ماڻهن چالاڪيءَ سان سيني ڪان اڳ وچي پراڻن ڪمرن تي قبضو ڪيو هو ۽ هڪڻي تي ستجي سمهي پيا هئا. اڳوٽي وڏي وزير ارباب رحيم جي زماني ۾ گورک کان بہ ٿورو مٿي هڪ پهاڙيءَ تي فائبر جو ڪاٽيج ٺهرايو ويو هو جتي ڪن آفيسرن جو قبضو هو. بهرحال رات ايئن گذري وئي جو خبر بہ ڪانہ پئي تہ ڪلئي آسمان هيٺ پٽ تي سُتل هئاسين. صبح جو سوير اُٿياسين تہ نہ ميزبانن جو ۽ نہ ئي انهن گاڏين جو ڪو اتو پتو هو جن ۾ هو اسان کي چاڙهي سنڌ جي آسمان تي مستقبل جي شهر ۾ پهچائي ويا هئا. وهنجڻ جو تہ هتي تصور ئي نٿي ڪري سگهياسين. تنهنڪري هرڪنهن پنهنجي پاڻيءَ جي بوتل مان مُنهن تي چندبو هٽي گذارو ڪيو. پراڻن ڪمرن ويجهو ڏُونهين دُکندي آسرو ٿيو تہ متان چانهہ چُڪو ملي پر اُتي بہ ڪن همراهن اڳي ئي چانهہ چَٽ ڪري ڇڏي هئي. آسرو لاهي هاڻي واپس ورڻ جو فڪر ڪيوسين. هڪ ڊاٽسن پِڪ اَپ وارو ڪرسيون ۽ ٻيو سامان کڻڻ آيو هو جنهن کي ڊاڪٽر ذوالفقار ۽ ڊاڪٽر مشتاق منٿ ميڙ ڪري تيار ڪيو تہ ڏوڪڙ وٺي ۽ ٻهرين اسان کي اُن لڪ تائين پهچائي جتي سندن گاڏيون بيٺيون هيون. اهو گاڏيءَ وارو همراه اسان لاءِ فرشتو ثابت ٿيو نہ تہ

ميزبانن اسان کي رڻ ۾ رُلائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي هئي. اهي پنهونءَ جا مائٽ ثابت ٿيا جيڪي سسئيءَ کي سُتل ڇڏي آسُر ويل ئي ماٺ مِيٺ ۾ هليا ويا هئا.

گاڏي ته اسان تن جڻن ڪئي هئي پر پلو گهڻن ئي همراهن جو ٿي ويو جن ۾ ڪي پوليس وارا به شامل هئا جن کي سندن عملدارن اتي ڊيوٽيءَ لاءِ ڇڏيو هو ۽ وري سندن ڪا سار نه لڌي. گاڏي ايتري ته اوور لوڊ هئي جو مٿان اُوچائيءَ تان لهندي لاڳيتو بريڪون هڻڻ سبب ان مان دُونهان پئي نڪتا. بهرحال خير سان وڃي هيٺ پهتاسين ۽ ميزبانن کي دعائون ڏيندا پنهنجي ماڳن ڏي روانا ٿي وياسين.

مون ۽ ڪجهه دوستن گورک تي وڃڻ جي ڪوشش 1992 ۾ به ڪئي هئي جڏهن اتي وڃڻ لاءِ ڪو به رستو ڪونه نهيو هو. تن ڏينهن ۾ گل محمد عمراڻي دادوءَ جو ڊپٽي ڪمشنر هو ۽ هن پنهنجي ذاتي دلچسپي وٺي مقامي زميندارن ۽ فوجين کان مدد وٺي پٿرن کي بلاسٽ ڪرائي ٽريڪ ٺهرايو هو. سندس خواهش هئي ته ڪي صحافي دوست ڪراچيءَ مان اچن ۽ گورک تي وڃي سير ڪري ان تي لکن ته جيئن اختياريءَ وارن جو ڌيان ڇڪجي ۽ هِل اسٽيشن واري رٿا تي ڪجهه عمل ڪن. سندس چوڻ تي صحافي ۽ انجنيئر دوست عزيز رانجهاڻي خاص ڪراچيءَ آيو ۽ شاعر صحافي انور پيرزادي (مرحوم)، صحافي ۽ آرڪيالاجسٽ بدر ابڙي، جاويد سومري، جيڪو ان وقت دي نيوز اخبار ۾ هو ۽ پوءِ بي بي سي لنڊن هليو ويو ۽ مونکي دادوءَ پهچڻ جي دعوت ڏئي ويو جتان اسان کي گورک لاءِ روانو ٿيڻو هو.

اهو جنوري 1993 جو مهينو هو ۽ شايد پهرين يا ٻي تاريخ هئي جو اسان شام ڌاري دادوءَ کان ڊپٽي ڪمشنر جي پجيرو ۾ روانا ٿيا هئاسين. ڊي سي پاڻ به هلڻو هو پر اوچتو ڪيس سرڪار ڪراچيءَ سڏائي ورتو هو. هن بهرحال اسان لاءِ سمورو بندوبست ڪري ڇڏيو هو. پروگرام موجب رات ڄِنيءَ کان اڳتي منڇر ڍنڍ جي ڪپ تي 1916 ۾ انگريزن جي ٺهرايل ڊاڪ بنگلي ۾ گذارڻي هئي. اتي پهتاسين ته آبدار ۽ ٻيا سرڪاري ملازم انتظار ۾ هئا. ڪجهه ماڻهن کي اسان پاڻيءَ جا ٽين پري ڪاٺ جي ڏاڪڻ تي چڙهي ڊاڪ بنگلي جي ڇت تي نهيل ٽانڪيءَ ۾ وجهندي ڏٺوسين ته ڏاڍو خيال ٿيو. کين حڪم هو ته ڊي سي صاحب جي مهمانن لاءِ پاڻيءَ جو انتظام ڪرڻو آهي. اسان جڏهن ساڻن همدرديءَ جو اظهار ڪيو ته ٻين موجود ملازمن ٻڌايو ته هي ڪم هنن لاءِ ڏکيو ڪونهي، هو ته ڪلهن تي ڪرسيون ۽ ٻيو ڳرو سامان کڻي پيرين پنڌ گورک تي وڃي چڪا آهن. اهو ٻُڌي اسان کي ساڻن ڪچهريءَ جو شوق جاڳيو. ڪم کان واندا ٿيڻ تي کين پاڻ وٽ گهرائي ورتوسين. انهن مان هڪ دُر محمد ۽ ٻيو خير محمد لاشاري هو جن ٻُڌايو ته آگسٽ 1989 ۾ جوهيءَ ۾ هو ڊيوٽيءَ تي هئا ته کين اوچتو حڪم آيو ته گاڏين ۾ ويهو. کين گاج نئه تي انگريزن جي نهرايل پراڻن بنگلن وٽ ڇڏيو ويو جن کي گاج بنگلا به سڏين ٿا. سندن تعداد هڪ سئو کن هو ۽ سيني کي ٻُنن تي ڪرسيون ۽ ٻيو سامان کڻايو ويو. اتان سندن پنڌ سفر شروع ٿيو هو.ان مهل شام جا 6 ٿيا هئا. هو گاج جو پاڻي ٽپي اڳتي هليا. سندن چوڻ موجب اهو پاڻي اڇو هوندو آهي پر ان کي ڪارو پاڻي سڏين ۽ 1921 جي رڪارڊ ۾ به ان کي ڪارو پاڻي ئي سڏيو ويو آهي. ان پاڻيءَ تي تماڪ جي پوک ٿئي ٿي پر وڏي هاضمي وارو پاڻي آهي. اڳتي هلندي هنن لڪ لعنتاڻي کان اولهه ڏانهن رُخ رکيو

۾ پاڙيءَ جا ٽي ڍورا ٽپيائون. رات جو ڏهين يارهين وڳي هو هڪ چشمي تي پهتا جنهن جو نالو بازگر هو جيڪو سندن چوڻ موجب آخري پاڙي هو جنهن کان پوءِ جابلو علائقو شروع ٿي ٿيو.ماني کائڻ کان پوءِ وري سندن سفر شروع ٿيو ۽ صبح جو چئين وڳي ڌاري هو جبل جي پاڙ وٽ پهتا. ان جبل کي مقامي ماڻهو ڪارو جبل سڏين ٿا ۽ جو ته اهو جبل سيمينٽ جي تهن وانگر آهي. ان جبل جا ست ڏاڪا يا چڙهايون آهن جن تي چڙهي اهو قافلو صبح جو سادي ائين وڳي ڪاري جبل جي چوٽيءَ تي پهتو. گورک جي پاڙ تائين پهچڻ ۾ ڪين ٻه ڪلاڪ ۽ گورک جي ٻيو نمبر چوٽيءَ تي پهچڻ ۾ اڍائي ڪلاڪ ٻيا لڳا. ان چوٽيءَ کي مهتل سڏين. گورک جي اصل چوٽي ان کان ٻه ٻه هزار فُٽ مٿي آهي. مهتل چوٽيءَ تي پهچڻ کان پوءِ ڪين ٻڌايو ويو ته وزير اعظم بينظير ڀٽو اتي اچڻي آهي. اها پنجاهه کن ايڪڙ ايراضي هئي جتي بينظير صاحبه جو هيليڪاپٽر لٿو هو. ان علائقي ۾ بروهين ۽ لُنڊن جا گهر هئا جيڪي ٻني ٻارو ڪندڙ هئا. ان چوٽيءَ تان اُتر ۾ بلوچستان جي شهر جموريو (جيئن هنن ٻڌايو) جون بتيون رات جو صاف نظر ايندڙ ٿيون آهن. سڄي رات ۽ اڌ ڏينهن جي سفر ۾ سندن جُتيون ٻه ڇڄي ٽڪر ٽي ويون هيون.هنن ٻڌايو ته آگسٽ جي مهيني ۾ اتي سخت ٿڌ ۽ تيز خشڪ هوا هئي. ڀٽرن تي پير رکڻ سان لڳو ٿي جڻ برف تي پير پيو.

شهيد بينظير ڀٽو جي خواهش هئي ته گورک کي هل اسٽيشن طور ترقي وٺرائي ۽ ان لاءِ هن ٺٽي ڏهوڪي سنڌ ايرڊ زون ڊيولپمينٽ اٿارٽيءَ وارن کي فزيبلٽيءَ لاءِ پنج ڪروڙ رپيا ڏنا هئا پر ان اداري جا بدعنوان عملدار اهي پنج ڪروڙ رپيا ايئن هضم ڪري ويا جو اوڳرائي به ڪانه ڏنن. ان کان اڳ وزير اعظم محمد خان جوڻيجي جا ڏنل پنج ڪروڙ به هنن ايئن ڦٻايا هئا.

ٻئي ڏينهن صبح جو اسان وري سفر تي نڪتاسين ۽ جابلو علائقي جي مُنڍ وٽ ڪاڇي جي آخري ڳوٺ ٽنڊي رحيم مان سُونهان ۽ ڪاڏي پيتي جو سامان ڪٺي اڳتي هلياسين. واٽ تي مختلف ماٿرين ۽ برساتي ندين کي پار ڪندا نيٺ اصل جبل تي چڙهڻ لڳاسين ته رستي جي سختين جو پتو پئجي ويو. ڊي سي صاحب جي بلاسٽ ڪرائي تيار ڪرايل ٽريڪ تي تيز ڇُهنبدار پٿرن جي ڪري جيپ جي رفتار صفا گهٽ ڪرڻي پئي ۽ هوريان هوريان ڪري اجان ٻه هزار فُٽ بلنديءَ تي مس پهتاسين ته هڪ وَرُ چڙهندي جيپ جو ٽائر برسٽ ٿي پيو. ڊرائيور ٽائر بدلائي اسان کي ڪٺي اڃا هليو ئي مس ته اهو ٽائر به ڦاٽي پيو. هاڻي ڇا ڪجي؟ نه اڳتي وڃي پيا سگهون نه پُٺتي. خوشقسمتيءَ سان ٿورو ئي اڳيرو هڪ سڌو ميدان هو. ڊرائيور گاڏي آهستي آهستي ڪري اتي هلي بيهاري ۽ اسان سڀ پنڌ ئي پنڌ هلياسين. اجا ميدان ۾ پهتاسين ته مينهن شروع ٿي ويو. هڪ سخت سيءُ ۽ مٿان مينهن, سو ٽڪرڙ ۾ ڪانيون گڏ ڪري هڪ ڪنڊيءَ جي وڻ ويجهو ڪٺي مچ ٻاريوسين. تڏهن نه موبائل فونون هيون جو مدد لاءِ ڪنهن سان رابطو ڪجي ها ۽ جيڪڏهن هجن به ها ته جبل تان سگنل ڪم ئي نه ڪن ها. ان فڪر ۾ هئاسين ته ڊرائيور خوشخبري ٻڌائي ته جيپ ۾ وائرليس لڳل آهي. ڊي سيءَ جي سرڪاري جيپ هجڻ سبب وائر ليس ڪم اچي وئي ۽ ڊرائيور هڪدم دادوءَ اطلاع ڪري ٻڌايو ته ڊي سي صاحب جا مهمان جبل تي ڦاٿل آهن. هاڻي جيستائين مدد اچي تيستائين وقت گذارڻو هو. ڪاڏي ۾ پاڙيءَ جي ڪوٽ ڪانه هئي سو بي

فڪرا تي آس پاس جي ٽڪرين تي لهندا چڙهندا رهياسين. ان علائقي ۾ جاگري ٻيرن جا هزارين ٻوٽا هئا.ان ڏينهن اسان ننڍڙا ڳاڙها ٻير ايترا ڪاڌا جو زندگيءَ ۾ نه ڪاڌا هونداسين.

سڄو ڏينهن گذري ويو ۽ اسان گهڙيءَ گهڙيءَ ٽنڊي رحيم واري پاسي ٻيا نهاريون پر ڪنهن گاڏيءَ جو نالو نشان به نظر ڪونه آيو. نيٺ سج لٿي ڌاري ڪنهن گاڏيءَ ڪي ايندو ڏسي پيٽ ۾ ساهه پيو. اها پوليس جي پڪ اپ گاڏي هئي جنهن ۾ هو پجيرو جيپ جا به ٽائر ۽ پاٽيءَ جا ڳولر ڪٽي پهتا هئا. پوليس وارا جوهيءَ جي ڪنهن زميندار جي پجيرو جا به ٽائر ڪيڏي ڪٽي آيا هئا. هاڻي اسان ڪي فيصلو ڪرڻو هو ته اڳتي گورک لاءِ سفر جاري رکجي يا موٽ ڪائجي. اڪثريت راءِ هئي ته موٽ ڪائجي ڇو ته اڳتي رستي جي حالت جي خبر ڪانه هئي ۽ جيڪڏهن اهي ٽائر به برسٽ ٿي وڃن ته پوءِ ڇا ڪبو. سو اتان ئي سڌو واپس وڃي اڌ رات ڌاري دادوءَ پهتاسين. به ٽي ورهيه پوءِ بدر ابڙي ۽ مرحوم انور پيرزادي ڪي مرحوم بشير انصاريءَ جي مدد سان گورک چوٽيءَ تي وڃڻ جو موقعو مليو هو.

بائڪدام واري جابلو مندر ۾ هڪ رات جي رهائش, ٿڌي موسم ۽ ڪاڏي پيتي جي صورتحال جو ذڪر ڪندي پنهنجي ڌرتيءَ جون ڪجهه سارو ٽيون به ٿي ويون.

*

# واپسيءَ جو سفري شاعري

اها ڏهين آڪٽوبر 2008 جي تاريخ هئي جڏهن اسان سيئول ڏانهن واپسيءَ جو سفر شروع ڪيو. صبح جو ميس ۾ اسان جي سنگاپور واري ساٿي آئيوان Ivan اسان مان هرهڪ کان بائڪدام مندر ۾ اُتان جي ماحول بابت راءِ ورتي هئي ۽ اسان حيران ٿي وياسين جڏهن واپسيءَ جي سفر ۾ هن انهن مختلف جملن کي سهيڙي شاعريءَ جو روپ ڏئي ڇڏيو. شاعري هن ريت هئي

Baekdam Revelry

Swirling clouds,
Pale grey sky,
Lofty peaks,
Swathed in Autumn green,
Mother Nature in tranquil repose,
Falling leaves dance in the breeze,
Rouge on a lady's cheek,
Burst of beauty,
Gurgling, singing stream,
Stir sweet memories of love and home,
Stone pagodas of prayers,
Whispers of peace and harmony.

آئيوان ڏکڻ ۽ اُتر ڪوريا وچ ۾ امن ۽ اتحاد لاءِ به پنهنجي جذبن کي شاعري جي شڪل ۾ هن ريت پيش ڪيو:

Observing 'Peace' at the DMZ

Flying geese in V-formations,
Cut lines in the evening sky,
Buoyed by chilling winds,
They stream far and wide

Down below the leaden mass of DMZ,
Desolate, deserted, a cheerless sight,
Barb wires set humans and wild life apart,
Watch out, keep out for land mines unseen,
No natural haven, it's a 'huge cage',
Counting the days of no-war, no-peace

❊

# آمريڪي عيسائي مدرسا ۽ هندستان ۾ بدعنواني

آئيو ان جي شاعري ٻُڌڻ ڪانپوءِ بہ اجان گهڻو سفر هو تنهنڪري هرڪو پنهنجي پاسي ۾ ويٺل سان ڪچهريءَ ۾ لڳي ويو. مون ڪي ٿورو موقعو تہ آمريڪي خاتون سُوسن رِچي Susan Ritchie سان ڳالهائڻ جو مليو جنهن ڪانپوءِ اِنچيون سٽيءَ Incheon City تائين ياٽيا سان ڪچهري ڪندو رهيس. پاڪستان ۾ خاص طور اُتان جا مدرسا سُوسن رِچيءَ جي ڪچهريءَ جو موضوع هئا. جيئن دنيا وارن جي نظر ۾ پاڪستاني مدرسا دهشتگرديءَ جون نرسريون بڻيل آهن تيئن سُوسن جي بہ ساڳي سوچ هئي، پر ڳالهين ئي ڳالهين ۾ هن مڃي ورتو تہ سندن ملڪ ۾ عيسائين جا بہ سوين مدرسا Seminaries آهن، جتي وڏي تعداد ۾ عيسائي مائٽ پنهنجي اولاد کي داخل ڪرائن ٿا. فرق رڳو اهو آهي تہ انهن عيسائي مدرسن ۾ مذهبي تعليم سان گڏ جديد تعليم بہ ڏني وڃي ٿي جڏهن تہ باقي تعليمي ادارن ۾ مذهبي تعليم قطعي طور منع آهي.

ياٽيا سان گهڻو ٽڻو هندستاني فلمن، اداڪارن ۽ ٽي وي ڊرامن بابت ڪچهري ٿي جنهن دوران انڪشاف ٿيو تہ هندستاني ماٺهو هاٽي ڪهاڻي گهر گهر ڪي ۽ ساس ڀي ڪڀي بهُو ٿي جهڙن ڊرامن مان بيزار ٿي چُڪا آهن ۽ هاڻي تہ اخبارن ۾ بہ انهن تي وڏي تنقيد ٿي رهي آهي. شُڪر ٿيو جو اهي ڊراما اڳتي هلي بند ٿي ويا. ڳالهين ئي ڳالهين ۾ ياٽيا پنهنجي ملڪ اندر بدعنوانين جا بہ ڪيترائي قِصا ٻُڌايا تہ مون کي سندن ئي هڪ فلم جو ڊائلاگ ياد آيو: نِنانوي (نوانوي) فيصد هندستان بي ايمان ڦِر ڀِي ميرا ديس مهان.

سندس ڳالهين مان لڳو تہ سرڪاري آفيسن ۾ مٿيئن سطح کان هيٺيئن سطح تائين ۽ سياستدانن کان ويندي زندگيءَ جي هر شعبي ۾ پارٽ ۽ پاڪستان اندرڪرپشن جو هڪ جهڙو ڪلچر آهي. پارٽ جي ايڪسائيز کاتي جي موٽر وهيڪل رجسٽريشن شعبي ۾ ياٽيا سان ٿيل جُٽ جو ٻُڌي بلڪل ائين لڳو چڻ هو اسان جي ملڪ جي ايڪسائيز کاتي جي ڳالهہ ڪري رهيو هجي.

هونئن بہ پاڪستان، هندستان ۽ بنگلاديش جي وچ ۾ بک، بدحالي، غربت، سياسي گهوٽالا، ڪرپشن ۽ اهڙيون ٻيون گهٽيون ئي هڪجهڙائيون نظر اينديون آهن.

❊

# مُرڪو ٻه انگريزيءَ ۾

اجان سفر جاري هو تہ ايسوسيئيشن جو سيڪريٽري جنرل ريانگ آوھہ ٻين مهمانن سان گپ شپ ڪندي اچي اسان جي پر ۾ ويٺو تہ موضوع بدلجي ڪوريائي ٻوليءَ ڏانهن هليو ويو. سندس چوڻ هو تہ ڪوريائي ٻولي بظاهر ڏکي آهي پر 6 مهينا ڪن هتي رهڻ سان چڱي خاصي سکي سگهجي ٿي. ڪوريائي ٻولي سيکارڻ لاءِ ڊڪشنريون ۽ ٻيا ڪتاب بہ موجود آهن. جيئن اڳ ۾ ئي ذڪر ڪري چڪو آهيان تہ رومن الف ب Romanization ڪوريائي ٻوليءَ کي سولو ڪري ڇڏيو آهي، شهرن، بازارن، اسٽيشنن ۽ ٻين جاين جا نالارومن لِپيءَ ۾ پڙهڻ سان وڏي مدد ملي ٿي. ان ڪان سواءِ سياحت بابت ڪتابڙن ۾ عام استعمال جا انگريزي جملا ۽ سندن ڪوريائي ترجمو ڏئي وڏيڪ سولائي ڪئي وئي آهي. ان جا ڪجهہ مثال هيٺ ڏجن ٿا :

I am sorry ڪوريائي Mian_hamnida

Good morning ڪوريائي Annyeong_haseyo

Excuse me ڪوريائي Sillye_hamnida

Goodbye ڪوريائي Annyeonghi_gaseyo

You are welcome ڪوريائي Cheonmaneyo

Nice to meet you ڪوريائي Mannaseo bangawoyo

Station ڪوريائي Gichayeok

Hospital ڪوريائي Byeongwon

Market ڪوريائي Sijang

Restaurant ڪوريائي Sikdang

Airport ڪوريائي Gonghang

Toilet ڪوريائي Hwajangsi

ريانگ آوھہ سان اهي ڳالهيون ڪندي جڏهن انچيون شهر جي ويجهو پهتاسين تہ موسم بہ بدلجي چڪي هئي ۽ هلڪي بوند وسي رهي هئي. شهر جي مختلف رستن تان ٿيندي اسان جون بسون انهيءَ

علائقي ۾ گهڙيون جيڪو سمنڊ کي پوئتي ڌڪي ناهيو ويو هو. اِن کي نئون سانگدو شهر New Songdo City سڏين ٿا. هن نئين شهر بابت ٻڌائڻ کان اڳ اِنچيون جي باري ۾ ڪجهه ٻڌائيندو هلان. هي شهر ڪوريا جي گادي سيئول ۽ بُسن Busan کانپوءِ ٽيون نمبر وڏو شهر آهي. اهو 475 عيسوي سن ۾ بادشاهه جانگسو Jangsu جي زماني ۾ هڪ ننڍڙي شهر جي شڪل ۾ آباد ٿيو جنهن ۾ رهندڙ ماڻهن جو ڪل تعداد چار هزار ست سئو هو. هي شهر ڪراچيءَ وانگر مهاڻن جي ننڍڙي وستيءَ مان وڌي وڏو بين الاقوامي شهر بڻجي ويو جنهن ۾ وڏو هٿ ساموندي بندر جو هو جيڪو1883 ۾ قائم ڪيو ويو. اڄ هي پنجويهه لکن جي آباديءَ جو شهر آهي جنهن کي وڌيڪ ترقي وٺرائڻ ۾ بين الاقوامي هوائي اڏي جو به ڪردار آهي. تاريخ ۾ هن شهر جا نالا متبا رهيا آهن. ايستائين جو مختلف نالن سان سڏجندي اهو اِنچان تي ويو. سن 2000 تائين به هن شهر جو نالو اِنچان Inchon هو جيڪو بعد ۾ اِنچيان Incheon تي ويو. هن وقت اهو عالمي واپاري مرڪز آهي. هي شهر پهرين گيانگي Gyeonggi صوبي جو حصو هو پر 1981 ۾ ان کي ڊار ميٽروپوليٽن شهر جي حيثيت ڏني وئي. اهو شهر سيئول سان حدون ملڻ جي باوجود انتظامي طور ان کان الڳ آهي. سيئول ۽ اِنچيون وچ ۾ نه رڳو روڊ رستن جو ڄار وڇايل آهي پر ٻئي شهر سب وي Sub Way ذريعي به ڳنڍيل آهن.

اِنچيون شهر تي آمريڪي اثر وڌيڪ آهي. ان جو هڪ سبب هي آهي ته 1950 ۾ ڪوريائي جنگ دوران اُتر ڪوريا جي مقابلي لاءِ آمريڪي فوجون هتي لاٿيون ويون هيون. جنهن کانپوءِ به هتي آمريڪي سيڙپ گهٽي رهي. آمريڪا ۽ ڏکڻ ڪوريا هن شهر کي سنگاپور ۽ هانگ ڪانگ وانگر انگريزي ڳالهائيندڙن جو شهر بنائڻ لاءِ به سرگرم آهن ۽ انهيءَ مقصد سان 7 فيبروري 2007 تي ان کي Free English Zone پروگرام تحتIncheon English City پڌرو ڪيو ويو. مزي جي ڳالهه ته ان پروگرام جو سرڪاري نعرو ئي آهي Smile with English يعني ته هن شهر ۾ مُرڪ به انگريزي هجڻ کپي.

آمريڪي اثر جو اندازو هن ڳالهه مان به ٿي سگهي ٿو ته اِنچيون شهر جو توسيعي منصوبو نئون سانگدو شهر به آمريڪا ۽ ڪوريا جو جوائنٽ وينچر آهي جنهن ۾ آمريڪي ڪمپني Gale International جو ستر سيڪڙو حصو آهي. ٽيهه ارب ڊالرن جي خرچ سان نئون شهر اڏڻ لاءِ سمنڊ کي پوئتي ڌڪي پندرهن سئو ايڪڙ زمين تيار ڪئي وئي آهي جتي پنجهٺ هزار ماڻهو آباد ٿيندا ۽ تي لک ماڻهو روزگار سانگي اچي سگهندا. چاليهه سيڪڙو علائقي ۾ ته وڻڪاري ۽ پارڪون هونديون ته جيئن ماحولياتي گدلاڻ نه ٿئي. باقي علائقي ۾ پنجهٺ ماڙ ٽريڊ ٽاور، ڪنوينشن سينٽر، انٽرنيشنل اسڪول ۽ ٻيون وڏيون رٿائون شامل هونديون. هن نئين شهر کي ڪيترائي ڪلوميٽر ڊگهي ساموندي پُل ذريعي اِنچيون هوائي اڏي سان ڳنڍيو ويو آهي ته جيئن ٻين ڊگهن رستن تي ٽريفڪ ۾ ڦاسجڻ بدران ان پُل ذريعي پندرهن منٽن ۾ هوائي اڏي تي پهچي سگهجي.

اسان جي بسن کي مختلف رستن تان ڦيرائيندي اچي پنجهٺ ماڙ ٽريڊ ٽاور ڀاهران بيهارين. هيءَ گهڻ ماڙ عمارت ويجهڙ ۾ ئي جُڙي راس ٿي هئي تنهنڪري ان ۾ في الحال ڪا سرگرمي ڪانه هئي، پر

جيئن تہ اتي اسان جهڙن وفدن جو اچڻ وڃڻ هو تنهنڪري عمارت جي مکيہ در اندر بُوٽ لاهي اندر وڃڻ لاءِ وڏي تعداد ۾ جُتيون (چمپل) رکيل هيون. اسان کي اندر هڪ خوبصورت آڊيٽوريم ۾ ويهاريو ويو جتي پهرين تہ ڪجھ ڪائڻ پيئڻ لاءِ ڏنو ويو جو کين ٻڌايوسين تہ صبح کان وٺي سفر ۾ آهيون ۽ ادائي وڳي تائين منجهند جي ماني نصيب ڪانہ ٿي آهي، ۽ پوءِ آمريڪي ڪمپنيءَ جي سمورين رٿائن بابت بريفنگ ڏني وئي. سيئول روانگيءَ کان اڳ انٽرنيشنل اسڪول جي وسيع عمارت جو بہ دورو ڪرايو ويو جنهن کي ڏسي هوش ئي اُڏامي ويا. بہ ماڙ عمارت ايتري تہ وڏي هئي جو ان جا مختلف سيڪشن گهمندي چنگهون سُور ڪرڻ لڳيون. اسڪول جي عمارت جي وچ واري حصي ۾ هڪ وڏو آڊيٽوريم هو جنهن ۾ سئنيما هائوس وانگر ڪرسين. هال جي پنهي پاسن ۽ وچ منجهان لنگهہ هئڻ سان گڏ ڪشادي اسٽيج هئي جنهن جو هڪ حصو جنهن تي آرڪيسٽرا وغيره ويهي سگهي، اهڙي مڪينزم تحت هو جو بٽڻ دٻائڻ سان ظاهر ٿي اسٽيج سان ملي پي ويو ۽ وري بٽڻ دٻائڻ سان اهو هوريان هوريان ٿي هيٺ غائب ٿي پي ويو. مون کي اهو سسٽم سُنو تہ لڳو پر حيرت ڪانہ ٿي چوتہ پاڪستان ٺهڻ کان گهٽ اڳ کان وٺي ويهين صديءَ جي سٺ واري ڏهاڪي تائين اهڙو هال ۽ اهڙي اسٽيج اسان جي ڳوٺ پريا ۾ بہ هئا. ڪوريا جي هن جديد هال کي ڏسي مون کي پنهنجي ڳوٺ جي ياد اچي وئي جتي ورهاڱي وقت هندستان لڏيندي سنڌي هندن ڪوڙومل چندن مل اڪيڊمي هاءِ اسڪول (ڪي سي اڪيڊمي هاءِ اسڪول) منهنجي والد مرحوم قادربخش جي حوالي ڪيو هو جنهن کي پوءِ منهنجي چاچي مرحوم جميل احمد سنياليو ۽ 1965 تائين هلايو جڏهن سرڪار ان کي پنهنجي تحويل ۾ ورتو. اهو هڪ تاريخي اسڪول هو جنهن جي شاهي عمارت وڏي ايراضيءَ ۾ پکڙيل هئي. اسڪول جي سائنس ۽ ڊرائنگ هالن ۾ جيڪو سامان مون ان وقت ڏٺو اهو اڄ بہ ملڪ جي ڪنهن وڏي اسڪول ۾ ناهي. اسڪول ۾ ٻاهران آيل شاگردن لاءِ بورڊنگ هائوس، راندين جو ميدان، لائبريري کان سواءِ فنڪشن ڪرائڻ لاءِ وڏو آڊيٽوريم هو جيڪو ڊراما هال جي نالي سان مشهور هو. ان هال اندر بہ بلڪل سئنيما هال وانگر ويهڻ جو انتظام هو جيئن پٺيان ويٺل بہ آرام سان اسٽيج تي ڏسي سگهن. ان زماني ۾ بجلي ڪانہ هئي تنهن ڪري ويٺلن کي گرميءَ کان بچائڻ لاءِ ڇت ۾ شاهي قسم جون جهليون لڳل هونديون هيون جن کي اسڪول جا ملازم ڇڪيندا رهندا هئا. اسٽيج تي هر قسم جو منظر پيش ڪرڻ جو مستقل انتظام هو. مثال طور زمين ڦاٽڻ يا آسمان تان ڪنهن جو لهڻ، ان لاءِ اسٽيج جي هڪ حصي کي بٽڻ دٻائڻ سان غائب ڪري سگهجي پيو يا لوهي چڪرين ذريعي رسيءَ سان ٻڌل ٽوڪريءَ ۾ ماڻهو آسمان تان لهي سگهيو ٿي. جيل جو منظر هجي يا ٻيو ڪو ان لاءِ پينٽنگ ٿيل سلائيڊنگ پردا اسٽيج جي ريلنگس ۾ فِٽ ٿيل هوندا هئا.اسٽيج جي پٺيان ميڪ اپ روم هوندو هو. ڊراما هال، ان جي چوڌاري ورانڊن ۽ ٻين ڪمرن ۾ خوبصورت ٽائيلون لڳل هونديون هيون. مون کي اڄ بہ ياد آهي تہ اسڪول جي مالي مدد لاءِ بابا ڊراما لکندو هو ۽ چاچا اسڪول جي شاگردن، اُستادن ۽ علائقي جي فنڪارن جي مدد سان اهي ڊراما اسٽيج ڪندو هو. ان زماني ۾ ضلعي جا عملدار ڊپٽي ڪليڪٽر هوندا هئا جن کي خاص مهمان طور گهرايو ويندو هو. ان دور جو ڊرامو ”انارڪلي“اڄ بہ ياد

ڪيو ويجي ٿو جنهن ۾ انارڪليءَ جو ڪردار ڪندڙ سائين فتح علي شاھ اجان حيات آھي. مون ڪي ان زماني ۾ پيش ڪيل هندستاني گاني ”رمتا وتا ويا مين ني دل تجھ ڪو ديا“ جي پيروڊي ”رن جا ٻچا مئا، جنھن منھنجا ٽيڙ ڪنيا“ اڃا تائين نہ وسري سگھي آھي. اسڪول کي سرڪار سڄوريءَ تحويل ۾ ورتو تہ شھر جي سيدن سڄورن اسڪول، ڊراما ھال ۽ ٻين عمارتن تي پنھنجو حق ڄمائي اسڪول جي مکيہ عمارت وڪڻي ڇڏي ۽ ڊراما ھال کي ڍھرائي ڪوارٽر نھرائي مسواڙ تي ڏئي ڇڏيا. اڄ ساھتيہ پرڳڻي جي ان تاريخي ورثي جو نالو نشان بہ ڪونھي. ذاتي مفاد، لوڀ ۽ لالچ سنڌ جي تاريخي ورثن کي ميساري ڇڏيو آھي.

سانجھيءَ ڌاري اسان سيئول ڏانھن سفر شروع ڪيو جتي گرانڊ حيات ھوٽل ۾ ٿورو آرام ڪري الوداعي ڊنر ۾ شريڪ ٿيڻو ھو. سيئول ڏانھن سفر ڪندي واٽ تي مون کي جڏھن ڪوريا جو ريلوي نيٽ ورڪ نظر آيو تہ وري ڳوٺ جون سارون ورائي ويم. پنھنجي ڳوٺ پريا سٽيءَ ۾ ننڍي ھوندي کان اڄ تائين جيڪو بہ گھران نڪرندو ۽ ڪير پڇندو تہ ڪاڏي ٿو وڃين، تہ جواب ملندو:ايجنسيءَ تي ٿو وڃان. ايجنسي پريا شھر جي ان ڪمرشل علائقي جو نالو آھي جتان قومي شاھراھ لنگھي ٿي. ان تي ايجنسي نالو انھيءَ ڪري پيو جو ورھاڱي کان اڳ اتي ريلوي بُڪنگ ايجنسيءَ جي آفيس ھئي جتان سڄي ھندستان جي ڪنھن بہ علائقي لاءِ اوٽ موٽ جي ٽڪيٽ وٺي سگھبي ھئي ۽ مسافرن کي 6 ميل اوير ۾ پريا روڊ ريلوي اسٽيشن تائين پھچائڻ ۽ کڻي اچڻ لاءِ لاري ھلندي ھئي. آزاديءَ کانپوءِ اھو سڀ ڪجھ ختم ٿي ويو. اڄ جيڪڏھن مان چوان تہ ٻن اڍائي ھزارن واري آباديءَ جي ان ننڍڙي ڳوٺ ۾ تڏھن ھوزريءَ جو ڪارخانو بہ ھو تہ شايد ڪير اعتبار نہ ڪري.

ريلوي لائينن تي سنڌ جا ننڍا ننڍا شھر تہ ھالي ووڊ جي ڪلاسڪ فلمن ۾ ڏيکاريل شھرن جو ڏيک ڏيندا ھئا. ٽنڊي آدم کان نڪري ھالا، سڪرنڊ، مورو، نارو شاھ ۽ نوشھرو فيروز کان ٿيندي پڏعيدن وٽ مين لائين سان ملندڙ ۽ وري اتان نڪري محرابپور تي وڃي دنگ ڪندڙ لُوپ لائين سفر جو بھترين وسيلو ھو. ايم آر ڊيءَ جي تحريڪ کانپوءِ آمر ضياءَ سنڌ وارن کي سزا ڏيڻ لاءِ لُوپ لائين بند ڪرائي ڇڏي. چون ٿا تہ ان وقت ضياءَ جي منٺار نواز شريف سنڌ جي ريلوي لائينن جو لوھ پنھنجي ”اتفاق“ اسٽيل مل لاءِ کڻڻ جو پلان ناھيو ھو. اھو لوھ نواز شريف کي تہ نصيب ڪونہ ٿيو پر اڄ تائين ڪنھن بہ حڪمران سنڌ جي ريلوي نظام کي بحال ڪرڻ جي بہ ڪوشش نہ ڪئي ۽ ريلوي اسٽيشنن جون تاريخي عمارتون زبون حال ۽ لوھي پٽڙيون زمين اندر دٻجي چُڪيون آھن. لُوپ لائين کانسواءِ انگريزن سنڌ جي ڏکڻ اوير ضلعن ۾ ميٽر گيج لائين وڇائي ان کي ھندستان جي ٻين علائقن سان ملائي ڇڏيو پر اڄ اٽڪل ساڍن پنج سئو ڪلوميٽرن جي ميٽر گيج لائين مان مشڪل سان ٽي سئو کن ڪلوميٽر ريلوي لائين گاڏين ھلائڻ لائق بچي آھي سو بہ چار پنج ورھيہ اڳ پارٽ سان ناھ تحت کوکراپار لائين کولڻ لاءِ مرمت ڪري تيار ڪئي وئي. اڳي ٻاڦ تي ھلندڙ اھا ٽرين ٿرين لاءِ پاڻيءَ جو وسيلو بہ ھئي. اسيءَ واري ڏھاڪي ۾ سنڌ جي اطلاعات واري کاتي ھڪ دستاويزي فلم ناھي ھئي جنھن ۾ ڏيکاريو ويو ھو تہ ٻاڦ تي ھلندڙ

ٽرين جو ٽري ماڻهو توڙي ڊور انتظار ڪندا آهن ۽ جيئن ئي گاڏي ڪوڪراپار اسٽيشن تي پهچندي آهي ۽ ٻاڦ واري انجڻ پاٽي هارڻ Shunting شروع ڪندي آهي تہ نہ رڳو ٽري ماڻهو ڏول پرڻ ۾ لڳي ويندا آهن پر ڊور بہ پنهنجي اُڃ اُجهائيندا آهن . اها دستاويزي فلم اڄ بہ اطلاعات کاتي جي رڪارڊ ۾ محفوظ هوندي.

سنڌ جي هن تباهہ ٿيل ريلوي نظام سان منهنجون ننڍپڻ جون يادگيريون ڳنڍيل آهن . مون پرائمريءَ جا پنج درجا مورو شهر ۾ پڙهيا ۽ جڏهن 1965 جي جنگ لڳي تہ دوست يار رات جو روزانو بليڪ آئوٽ ۾ ريلوي اسٽيشن تي وڃي ويهندا هئاسين جيڪا اسان جي گهر جي ويجهو هوندي هئي. جنگ ڪانپوءِ حالتن اسان کي مورو مان ٽنڊو آدم لڏڻ تي مجبور ڪيو تہ اسان ٽرين ذريعي ئي سفر ڪيو. مورو ريلوي اسٽيشن تي ڪوئلن واري ڪاري انجڻ سان هلندڙ ٽرين جو انتظار اڄ بہ منهنجي ذهن تي نقش آهي. 6 ورهيہ پوءِ ڊسمبر 1971 ۾ هڪ پيرو وري اهائي ٽرين ڪم آئي جڏهن مان والدهہ ۽ ننڍن ڀائرن کي وٺي ڳوٺ ڪنهن شاديءَ تي وڃي رهيو هئس. ان ڏينهن حيدرآباد مان سرڪاري بس ۾ سفر ڪندي مٽياريءَ وٽ پهتا هئاسين تہ جنگ جو اعلان ٿي چڪو هو جنهنڪري بس ڊرائيور رات جي اونداهيءَ ۾ ڪنهن نموني موري تائين پهچايو پر اڳتي هلڻ کان انڪار ڪيائين. شهر ۾ بيٺل رضاڪارن اسان کي ٽرين ذريعي سفر ڪرڻ جي نہ رڳو صلاح ڏني پر اونداهہ ۾ رهنمائي ڪري اسٽيشن تائين پهچائي ويا جتان وري اسان ريل ۾ سوار ٿي نوشهري فيروز پهتاسين ۽ اتان ٻئي ڏينهن پريا وياسين.

سيئول ڏانهن سفر ڪندي ڪيترن ئي هنڌن تي ٽرينون ۽ ٽرامون نظر آيو ن. هتي خانگي ڪمپنيون ريلوي نظام هلائين ٿيون جنهن ۾ هاءِ اسپيڊ ٽرينون بہ شامل آهن. ستر واري ڏهاڪي کان هتي جديد ريلوي نظام قائم ڪيو ۽ انتهائي ڪاميابيءَ سان هلائي رهيا آهن. لکين ڪوريائي روزانو انهن ٽرينن ۾ سفر ڪن ٿا ڇوتہ اهو هتان جو بهترين ٽرانسپورٽ سرشتو آهي. اسان وٽ پاڪستان ۾ تہ ٽرام جو تصور ئي ختم آهي. ستر واري ڏهاڪي ۾ ڪراچيءَ مان ٽرام کي نيڪالي ڏني وئي پر ڪوريا ۾ اڄ بہ ٽرامون هلي رهيون آهن .

سنڌ جي ساروڻين هلندي سيئول ۾ اسان جي منزل اچي وئي. وقت ايترو گذري چڪو هو جو آرام جو موقعو نہ مليو ۽ اسان کي ڪمري تي سامان رکي هيٺ هال ۾ اچڻو پيو جتي ڊنر ۽ ثقافتي پروگرام رکيل هو. پروگرام دير تائين هلندو رهيو جنهن جي هڪ خاص ڳالهہ هيءَ هئي تہ عرب عورتن اتي مردن سان بغاوت جو اعلان ڪيو. ابو ظهبيءَ مان آيل مسز راشا پنهنجي تقرير ۾ چيو :اسان کي افسوس آهي تہ پنهنجي مردن جي چوڻ تي هلي بائڪدام مندر ۾ رات نہ گذاري سين. مڙسن جو چوڻ مڃڻ ان وقت مجبوري هئي پر هاڻ ان تي افسوس آهي. اڄ مان ۽ اسان ٻيون عرب عورتون اعلان ڪريون ٿيون تہ آئينده پنهنجي مڙسن جو ڪوبہ غلط فيصلو نہ مڃينديوسين.

ثقافتي پروگرام ۾ سڀ کان وڌيڪ متاثر ڪندڙ پرفارمنس نابين ٻارڙن ۽ ٻارڙين جي هئي جن ڪنهن جي سهاري بنا اسٽيج تي اچي موسيقي ۽ ڊانس جو مظاهرو ڪيو. سندن پروگرام جو نعرو هو Evangeliجنهن جو مطلب آهي پيار پکيڙڻ.

صبح جو سوير اسان جي پنهنجي پنهنجي ملڪ روانگي هئي. رات جا ڪجهه ڪلاڪ ئي بچيا هئا.

انتظار ۾ ننڊ ڪانه تي آئي پر ٿورو آرام بہ ضروري هو. آخري رات منهنجو روم پارٽنر سري لنڪا جو هڪ اخباري يونين ليڊر ڊرما سِري لنڪاپيلي هو. هن نہ ڪئي هم نہ تم گوڏ ٻڌي ليٽي پيو. سندن گوڏ ريشمي ڪپڙي جي پوتڙي جي هوندي آهي، جنهن کي هو شايد بہ ٽي وڪڙ ڏئي ايئن ٻڌندا آهن جو بلڪل ٽائيٽ ٿي ويهندي اٿن. ساڳيو طريقو انڊونيشيا ۽ بنگلاديش وارن جو آهي. سيئول ۾ پهرين جنهن هوٽل ۾ رهڻ ٿيو اتي بہ راتيون منهنجو پارٽنر اِنڊونيشيا جو مسٽر ايڊي هو ۽ هو بہ رات جو گوڏ ٻڌي سمهندو هو. هڪ رات ايڊيءَ دلچسپ سوال پڇيو. هن منهنجي بوُٽ تي باٽا لکيل ڏسي پڇيو :اهو بُوٽ توهان انڊونيشيا مان خريد ڪيو آهي؟ مان وائڙو ٿي ويس ۽ چيومانس تہ هن اهو ڪيئن سمجهيو. اهو بوُٽ تہ پاڪستان جو آهي. ان تي ايڊيءَ وراڻيو تہ اصل ۾ باٽا تہ انڊونيشيا جي ڪمپني آهي نہ. مون کيس ٻڌايو تہ باٽا انڊونيشيا ۽ پاڪستان ئي نہ پر سڄي دنيا ۾ پکڙيل آهي

❋

# قصو Tim Tim جو

صبح جو اٺين ڏاري فلائيٽ هئي جنهنڪري مون ڪي ڇهين وڳي هوٽل مان روانو ٿيڻو هو. رات جو ننڊ نہ آئي ڪانہ تنهنڪري ٽڙيل پکڙيل سامان بئگ ۾ بند ڪري چڙيو هئم ۽ پوءِ ويٺي پاسا ورايم. صبح جو ڇهين ڪان اڳ چيڪ آئوٽ ڪري وڃي هوٽل جي لائونج ۾ ويهي ايئر پورٽ واري بس جو انتظار ڪرڻ لڳس. اهوئي وقت اوير تيمور مان آيل هڪ ساٿيءَ جوئل ماريا پريئرا Joel Maria Pereira جي روانگيءَ جو هو سو هُو بہ سامان کڻي اچي پهتو. هوٽل کان ٻاهر سخت ٿڌ هئي سو ٻئي ڄڻا ٿوري دير ٻاهر اچي وري اندر پچي پيا اچون. جوئل جي اچڻ سان خوشي ٿي تہ هوائي اڏي تائين ڪچهريءَ لاءِ ڪو ماڻهو تہ مليو. جوئل اوير تيمور جنهن جو سرڪاري نالو تيمور ليسٽ Timor Leste آهي، جي صدر جو پبلڪ رليشن يا ميڊيا آفيسر هو. آسٽريليا جي اُتر اولهہ ۾ 6 سئو چاليهہ ڪلوميٽر پري ڏکڻ اوير ايشيا جو اهو نئون ملڪ آهي جنهن کي ايڪيهين صديءَ ۾ آزادي حاصل ڪندڙ پهرين ملڪ هئڻ جو اعزاز مليو. 20 مئي 2002 تي آزادي ماڻيندڙ هڪ ٻيٽ تي قائم هي ننڍڙو ملڪ جنهن کي واڳوڻ وارو ٻيٽ Crocodile's Island بہ سڏين. ايشيا ۾ فلپائين کان پوءِ ٻيو ملڪ آهي جيڪو رومن ڪئٿولڪ آهي. ڪنهن زماني ۾ پورچوگيز ان تي قابض هئا، وچ ۾ جپان قبضو ڪيو جنهن کان پوءِ وري پورچوگيز بحال ٿيا پوءِ اهو انڊونيشيا جو حصو رهيو. عالمي قوتن جي مدد سان آزاديءَ جي جنگ وڙهي اهو الڳ ملڪ تہ بڻيو پر مزي جي ڳالهہ تہ تيمور ٻيٽ جي اڌ تي اهو ملڪ ٺهيو ۽ اڌ ٻيٽ اڃان بہ انڊونيشيا جو حصو آهي. 1975 ۾ انڊونيشيا جو حصو بڻجڻ ڪانپوءِ ان کي Timor Timur ۽ مختصر ڪري TimTim سڏيو ويندو هو. هن ملڪ جي ڪل پکيڙ پندرهن هزار چار سئو ڏهہ چورس ڪلوميٽر ۽ آبادي ڏهہ يارهن لک مس آهي. ڳڏيل قومن جي نگرانيءَ ۾ هلندڙ هن ملڪ جي ڪرنسي آمريڪي ڊالر آهي. آباديءَ جو گهڻو تڻو حصو گاديءَ واري شهر دِلِي Dili ۾ ۽ اُن جي آسپاس رهي ٿو. ملڪ جو سربراهہ صدر آهي جنهن جي عوامي ووٽ ذريعي سڌي چونڊ ڪئي وڃي ٿي.

بس ۾ هوائي اڏي ويندي جوئل دلچسپ ڳالهہ ٻڌائي تہ مئي 2006 ۾ ملڪ جي آرمي ۽ پوليس ۾ ويڙهہ شروع ٿي وئي جنهن ۾ چاليهہ ماڻهو مارجي ويا ۽ هزارين ماڻهن کي گهر ڇڏي ڀڄڻو پيو جنهن کان پوءِ وقت جي وزير اعظم آسٽريليا، نيوزيلينڊ، ملائيشيا ۽ پورچوگال کي گذارش ڪري سندن فوجون مدد لاءِ گهرايون، جن اچي امن قائم ڪيو. ان وزير اعظم کي بہ استعيفا ڏيڻي پئي هئي. هن ملڪ جا اهم وسيلا ان جي سامونڊي حدن ۾ موجود تيل ۽ گئس جا ذخيرا آهن، جن تي دنيا جي وڏين طاقتن جي نظر آهي.

آسٽريليا ۾ ڪي ٻيا ملڪ تيل ڪيڊي آمدنيءَ مان هن ملڪ کي حصو ڏيندا. اڪثر ماڻهو ٻني ٻارو ڪن ٿا. خاص طور ڪافيءَ جي پوک ڪئي ويجي ٿي. عمارتي ڪاٺ به هن ملڪ جي آمدنيءَ جو وسيلو رهيو آهي. پنجاهه سيڪڙو کان وڌيڪ بالغ ماڻهو اڻ پڙهيل آهن ۽ عورتن ۾ تعليم ته بنهه گهٽ آهي. ساڍا چار سئو ورهيه غلاميءَ ۾ رهندڙ هن ملڪ جي ماڻهن جو شاعريءَ سان لڳاءُ آهي, جنهن جو اندازو هن ڳالهه مان ڪري سگهجي ٿو ته سندن وزير اعظم به شاعر آهي. ڪي رالا زانانا گسمائو Kay Rala Xanana آزاديءَ کانپوءِ تيمور جو پهريون صدر هو ۽ پوءِ آگسٽ 2007 ۾ ملڪ جو چوٿون وزير اعظم ٿيو. ڪيس باباءِ قوم جي حيثيت آهي جو هو آزاديءَ لاءِ به وڙهيوهو. هو قومي تحريڪ ۾ سرگرم ٿيڻ کان اڳ پورچوگيز فوج ۾ آفيسر هو. پاڻ صدارت ڇڏي وزير اعظم چونڊيو ۽ سندس جاءِ تي ان وقت جي وزير اعظم جوز مينيوئل راموس Jose Manuel Ramos کي صدر چونڊيو ويو. جوئل سندس ملڪ ۾ شادين مرادين, ريتن رسمن, عشق محبت ۽ پسند جي شادين بابت به گهڻو ڪجهه ٻُڌايو پي پر ڳالهين ۾ وقت ويو گذري ۽ هوائي اڏو اچي ويو جتان اسان کي الڳ فلائيٽس ۾ روانو ٿيڻو هو.

شادين ۾ هو به رسمن جا شوقين آهن, باقي عشق محبت جي معاملن ۾ ڪارو ڪاريءَ واري رسم هنن وٽ ڪانهي.

*

# فڪر هوائي اڏن جو

هوائي اڏي تي اميگريشن ۾ ٻين ڪاروائين ڪان واندو ٿي وقت گذاري لاءِ اندر گهمندو رهيس. جهاز تائين وڃڻ لاءِ بورڊنگ ڪارڊ تي گيٽ نمبر لکيل هو سو ڏاڍو بي فڪرو هئس پر جڏهن وقت ويجهو آيو ته پريشان ٿي ويس جو اها گيٽ ته ڪٿي به نظر ڪونه ٿي آئي. نيٺ ايئر پورٽ جي عملي ڪان پڇا ڪيم جنهن ٻڌايو ته ڏاڪڻ لهي هيٺ وڃبو جتان هڪ ريل ڪار ڪٽي گهربل گيٽ تائين پهچائيندي. ايئن مان وڃي جهاز تائين پهتس. ڪوريا جي گذريل سفر وقت ريل ڪار جو سرشتو ڪونه هو پر هنن جي وسيع ڪار پارڪنگ ۾ ٻيو گهڻو ڪجهه زيرِزمين هو جنهن لاءِ لفٽ ذريعي هيٺ لهڻو ٿي پيو. هڪ سال ۾ هنن هوائي اڏي جي ايتري ته توسيع ڪئي هئي جو پنڌ وڌي ويو هو ۽ مسافرن کي پنڌ کان بچائڻ لاءِ هنن ريل ڪار متعارف ڪئي هئي.

مان حيران هئس ته هڪ سال اندر هنن ايترو ڪم ڪيئن مڪمل ڪري ورتو. مون کي سنگاپور جو چانگي Changi هوائي اڏو ياد آيو جتي سيپٽمبر 2000 ۾ وڃڻ ٿيو هو. City State سڏجندڙ سنگاپور هڪ ٻيٽ تي قائم آهي جيڪو هڪ ڪازوي ۽ پُل ذريعي ملائيشيا سان ڳنڍيل آهي. سندس آسپاس 63ننڍا ٻيٽ پکڙيل آهن. معاشي لحاظ کان انتهائي شاهوڪار ۽ ايشيائي چيتو سڏجندڙ هن ملڪ جي ڪل پکيڙ 6 سئو سٺ چورس ڪلوميٽر آهي. زمين جي کوٽ هجڻ جي ڪري هتان جي سرڪار سمنڊ کي پوئتي ڌڪي وسيع هوائي اڏو تيار ڪيو هو جتي پڻ مسافرن لاءِ هڪ ٽرمينل کان ٻئي ٽرمينل تائين وڃڻ لاءِ جديد ريل ڪار هلائي ٿي وئي. جنهن هنڌ هوائي اڏو ٺاهيو ويو هو اتي ساموندي ڪناري تي چانگي نالي سان هڪ ڳوٺڙو هو جنهن جو نالو هوائي اڏي تي رکيو ويو. هن هوائي اڏي جي خوبصورتي اها آهي ته جهاز جي لهڻ ۽ چڙهڻ مهل مسافر نه رڳو سمنڊ جو نظارو ڪن ٿا پر پاڻ کي به جڻ سمنڊ جي سطح تي ترندو محسوس ڪندا. جيئن جيئن جهاز هيٺ لهي ٿو يا مٿي چڙهي ٿو ته سنگاپور جي آسپاس ڪيترائي ننڍا ٻيٽ نظر اچن ٿا جن تي پڻ زندگي روان دوان هوندي آهي. چون ٿا ته ڪجهه ڏهاڪن اندر سمنڊ کي ڌِڪي يا پائي سنگاپور جي ايراضي ست سئو چئن ڪلوميٽرن تائين وڌائي وئي آهي ۽ ايندڙ ٻن ڏهاڪن ۾ وڌيڪ هڪ سئو ڪلوميٽر زمين حاصل ڪئي ويندي. ڪن هنڌن تي ته ننڍن ٻيٽن جي وچ واري علائقي کي ملائي وڏڙو ٻيٽ ٺاهيو ويو آهي. هتي اسان وٽ منهوڙي جي پير ۾ بابا ۽ ڀِٽ ٻيٽن تي رهندڙن کي ايڪيهين صديءَ ۾ بنيادي انساني سهولتون به اجان ڪونه ملي سگهيون آهن. ڪوريا جي ٻئي سفر ۾ ايندي ويندي هانگ ڪانگ هوائي اڏي تي به ٽي ڪلاڪ ترسڻو پيو هو. هن ٻيٽ جي هوائي اڏي تي به جهاز کي لهڻ ۽ چڙهڻ مهل ڪافي دير سمنڊ مٿان هيناهون اُڏامڻو پوي ٿو ۽ ڊپ ٿيندو آهي ته ڪٿي سمنڊ ۾ هلندڙ لانچن ۽ جهازن سان ٽڪرائجي نه وڃي. پر ان لحظي ڪن جي انديشي تي قدرتي

نظارا حاوي ٿي ويندا آهن. اسان وٽ ڪراچيءَ جو هوائي اڏو سمنڊ کان ته پري آهي پر جڏهن سري لنڪا ويندڙ يا عرب رياستن ڏانهن ويندڙ هوائي جهاز ايئر پورٽ تان اُڏامڻ کانپوءِ ساموندي ڪناري وارو رُوٽ اختيار ڪندا آهن ته سنڌ جي سمنڊ جا نظارا دير تائين نظر ايندا آهن . هنن هوائي اڏن جو احوال اوريندي جيڪڏهن مان سيوهڻ واري هوائي اڏي جو ذڪر نه ڪريان ته ناانصافي ٿيندي. شهيد بينظير ڀٽو جي آخري حڪومت ۾ مرحوم عبدالله شاهه جي وڏ وزارت دوران تعمير ٿيل هي شاهڪار اڄ تائين استعمال ٿيڻ بنا پيو آهي. شروع وارن ڏينهن ۾ ممڪن آهي ته ڪا هڪ اڌ فلائيٽ هلائي وئي هجي پر جيئن ئي پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت ختم ٿي تيئن ئي هن هوائي اڏي کي بند ڪيو ويو. هوائي اڏي جي حوالي سان سيد عبدالله شاهه تي گهڻائي الزام هنيا ويا جن جي تفصيل ۾ مان وڃڻ نه ٿو چاهيان پر هن هوائي اڏي جي لوڪيشن ايتري ته خوبصورت آهي جو مرحوم عبدالله شاهه جو دشمن به ان جي تعريف ڪرڻ کان سواءِ رهي نه سگهندو. ايشيا جي سڀ کان وڏي مٽي پاٽيءَ (هاٽي ڪاري پاٽيءَ) واري ڊنڊ منڇر جي ڪنڌيءَ تي ٺهيل هن هوائي اڏي جي خاصيت هيءَ آهي ته جهاز جي لهڻ ۽ چڙهڻ مهل منڇر جا نظارا مسافرن جي من کي موهي وجهندا. جهاز جيڪڏهن صبح جو لهي ۽ چڙهي يا شام جو لهي ۽ چڙهي، منڇر مان اُڀرندڙ ۽ لهندڙ سج ۽ چنڊ ته مسافرن کي مست ڪري ڇڏيندو پر ڇا ڪجي هتان جي گندي سياست کي جنهن سنڌ جي سياحت کي ترقي وٺرائڻ لاءِ تعمير ڪرايل هن هوائي اڏي کي بيڪار بنائي ڇڏيو. سنڌ جا ٻيا هوائي اڏا جهڙوڪ حيدرآباد، نوابشاهه، جيڪب آباد وغيره به بيڪار ئي پيل آهن . فقط سکر ۽ موهن جو دڙو هوائي اڏا مهرباني ڪري استعمال ڪيا وڃن ٿا. جيڪب آباد وارو هوائي اڏو ته سنڌ جو نه بلڪ آمريڪا جو فوجي اڏو بڻجي چڪو هو.

سنڌ جي هوائي اڏن لاءِ جهاز نه هلائڻ جو سبب عام طور اهو ٻڌايو وڃي ٿو ته مالي لحاظ کان اهي فزيبل ناهن يا ٻين لفظن ۾ چئجي ته اهي ڪمائڻ وارا نه پر نقصان ڏيڻ وارا هوائي اڏا آهن جو ماڻهو ايتري ويجهي پنڌ لاءِ جهاز بدران بسن ۾ سفر کي ترجيح ڏين ٿا. مون کي ياد آهي ته کٺمنڊو ۾ پروگرامن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ نيپال جي مختلف علائقن مان صحافي جهازن ۾ آيا هئا ۽ سندن چوڻ هو ته سندن ملڪ ۾ ننڍن جهازن جو وڏو نيٽ ورڪ آهي ۽ جابلو رستن تي سفر ڪرڻ بدران جهازن ۾ سفر وڌيڪ سولو آهي. کٺمنڊو هوائي اڏي تي واقعي کوڙ ننڍا جهاز بيٺل نظر آيا هئا. جيڪڏهن سنڌ ۾ به ننڍا هوائي جهاز هلايا وڃن ته هوائي سروس ڪامياب ٿي سگهي ٿي. مون کي ياد آهي ته مرحوم وزير اعظم محمد خان جوڻيجي جي زماني ۾ سنڌڙي ايئر فورس بيس تان هوائي سروس شروع ڪئي وئي هئي. ان وقت جي وڏي وزير سيد غوث علي شاهه کان هوائي اڏي جو افتتاح ڪرايو ويو هو جنهن لاءِ سيد غوث علي شاهه ۽ اسان صحافين کي تيرهن سيٽن واري هڪ جهاز ۾ ڪراچيءَ کان سنڌڙيءَ وٺي ويا هئا ۽ اُتان پوءِ ساڳئي ننڍڙي جهاز ۾ سکر ويا هئاسين جو وڏي وزير کي عام جلسي لاءِ اتي لهڻو هو. اسان ان ئي جهاز ۾ سکر کان واپس ڪراچيءَ آيا هئاسين. 1988 ۾ اها سروس شروع ڪئي وئي ۽ ڪجهه مهينن اندر جوڻيجو حڪومت برطرف ٿيڻ شرط ان کي ختم ڪيو ويو هو. اهڙا جهاز سنڌ جي هر هوائي اڏي لاءِ هلي سگهن ٿا پر

مخصوص لابيون اهو ڪڏهن بہ نہ چاهينديون. ڪجهہ ورهيہ اڳ جنرل پرويز مشرف جي حڪومت ۾ خانگي ايئر لائين ايئر بِلو نوابشاه لاءِ سروس شروع ڪئي هئي جنهن جي افتتاحي اُڏام ۾ مان بہ سوار هئس، پر خبر ناهي تہ اها هلي پئي يا بند ٿي وئي. مشرف جي سڄي دور ۾ حيدرآباد جا واپاري ۽ صنعتڪار وڏيون ڪوششون ڪندا رهيا پر پي آءِ اي اُتان اُڏامون شروع نہ ڪيون. 2008 ۾ پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت اچڻ ڪان پوءِ آسرو ٿيو ۽ وڏا واعدا بہ ڪيا ويا پر ڪجهہ نہ ٿيو. شابس آهي پنجاب جي ملتان، فيصل آباد ۽ سيالڪوٽ جي صنعتڪارن کي جن نہ رڳو اتي هوائي اڏا ٺاهڻ لاءِ حڪومت کي پئسو ڏنو پر پي آءِ اي جون باقائدا اُڏامون بہ شروع ڪرائي ڇڏيون.

ڪوريا، هانگ ڪانگ ۽ بئنڪاڪ جا هوائي اڏا تہ انتهائي جديد تعمير جو نمونو آهن، پر نيپال وارن ڪٺمنڊوهوائي اڏي جي تعمير ۾ جدت بدران پنهنجي ثقافت کي ترجيح ڏني آهي. نيپال امير ملڪ ناهي ان ڪري سادي سُودي عمارت اٿن، پر اُن جي خوبصورتي پڪين ڳاڙهين سِرُن سان ان جي اڏاوت ۾ آهي. نيپال ۾ عمارتون اسان وانگر گهڻو ڪري پڪين ڳاڙهين سِرُن سان تعمير ڪيون وجن ٿيون. پاڪستان ۾ پهريون دفعو لاهور جو نئون هوائي اڏو ڳاڙهين سِرُن سان ناهي هتان جي ثقافتي تعمير کي اُجاگر ڪيو ويو آهي.

❋

## نالن ۾ هڪجهڙائي

اڏاوتن ۾ هڪجهڙائيءَ سان گڏوگڏ مان ڪجهه ٻين ڳالهين ۾ هڪجهڙائيءَ جو به ذڪر ڪندس. اهي هڪجهڙايون آهن شهرن جي نالن ۾. مثال طور سنگاپور، لليتپور،شهدادپور، شڪارپور، شاهپور وغيره. پهريون ڀيرو سنگاپور وڃڻ تي اُتي ميزبانن مان هڪ ٻڌايو هو ته سنگاپور Singapore ته انگريزيءَ ۾ سڏجي ٿو پر اصل ۾ اهو مَالَي Malay ٻوليءَ ۾ Singapura آهي جنهن جو مطلب آهي شينهن جو شهر. Lion City سِنگ Singa سنسڪرت ۾ شينهن کي سڏين ٿا ۽ پُور Pura اڪر اصل ۾ سنسڪرت جي اڪر پُورم Puram مان ورتل آهي جنهن جو مطلب آهي شهر. اهو پس منظر ٻڌائي ٿو ته سنگاپور، نيپال جي لليتپور ۽ سنڌ جي شهدادپور، شڪارپور ۽ اهڙن ٻين شهرن جي "پُور" واري لاڳاپي پٺيان اصل ۾ سنسڪرت جو ئي هٿ آهي. هونئن سنگاپور ۽ سنڌ ۾ هڪ وڏيڪ هڪجهڙائي اها به آهي ته ٻئي ملڪ پورچوگيزن جي ظلم جو شڪار ٿيا هئا. جيئن پورچوگيزن 1613 ۾ سنگاپور کي باهه ڏني هئي تيئن هنن سنڌ (ٺٽي) کي به ساڙيو هو.ڪوريا کان واپسيءَ تي هانگ ڪانگ کانپوءِ آخري اسٽاپ بئنڪاڪ هو. هوائي اڏي تي ڪجهه ڪلاڪ ترسڻ کانپوءِ جهاز وري اُڏاڻو ته اُن ۾ گهٽا مسافر ڪونه هئا. خالي سيٽن جو فائدو وٺي هرڪو به به سيٽون والاري سمهي پيو. منهنجي پرسان واري سيٽ تي ڪراچيءَ جي ٿائي قانصلخاني جي هڪ خاتون مسافر ويٺل هئي ۽ مون سوچيو ته ٿائلينڊ جي صورتحال بابت ڪانئس حال احوال وٺندس پر هن کي به ننڊ جو وڏو فڪر هو سو وڃي پر وارين خالي سيٽن تي سمهي پئي.

ٿائليند ۾ انهن ڏينهن ۾ وڏو سياسي مانڌاڻ متل هو جنهن جو اندازو اخباري رپورٽن مان ٿيو پي. ڪراچيءَ واپس پهچڻ جي ڪجهه ڏينهن کانپوءِ خبرون پڙهيون سين ته حڪومت جي مخالفن وڏا مظاهرا ڪيا ۽ اچي بئنڪاڪ هوائي اڏي تي قبضو ڪين جيڪو اَٺ ڏينهن جاري رهيو. ان عرصي ۾ هزارين مسافر هوائي اڏي تي قاٿل رهيا. شُڪر ٿيو ته منهنجي واپسي انهن ڏينهن ۾ ڪانه هئي.

حيرت ۽ ساراهه جي قابل ڳالهه اها آهي ته بئنڪاڪ هوائي اڏي تي جديد هٿيارن سان ليس ويٺل فوجين هوائي اڏي تي قبضو ڪندڙ عوام تي هڪ به گولي نه هلائي. اسان جي ملڪ ۾ ايئن ٿئي ها ته الائجي ڪيترا لاش ڪرن ها. حڪومت فوج کي به ڀيرا حڪم ڪيو ته قبضو ڇڏائي پر اُن انڪار ڪيو. فوج جي سربراهه جو چوڻ هو ته عوام جي معاملن ۾ مداخلت نه ڪبي. نيٺ هوائي اڏي تان قبضو تڏهن ختم ٿيو جڏهن آئيني عدالت 2 ڊسمبر تي ٽن پارٽين جي گڏيل حڪومت کي ٽوڙي ڇڏيو. 25 نومبر کان 2 ڊسمبر 2008 تائين سواءِ هڪ حج اُڏام جي ٻي ڪا به اُڏام رواني نه ٿي سگهي هئي. ٿائليند ۾ پيپلز پاور پارٽي PPP ٻن ٻين پارٽين سان گڏجي حڪومت ناهي هئي پر جيئن ته هن آئين ۾ ترميمون آڻڻ ٿي چاهيون ۽ پيپلز الائنس فار ڊيموڪريسي Peoples Alliance for Democracy ان ڳالهه جي مخالف هئي تنهنڪري سياسي مانڌاڻ متو جنهن دوران آگسٽ کان وٺي پارليامينٽ هائوس جو گهيرو براڊڪاسٽنگ هائوس ۽ ريلوي اسٽيشن تي قبضي وغيره جا سلسلا هلندا رهيا هئا

# افغانستان

سوشلسٽ افغانستان جو سفر 1990

# Afghanistan

*A Vist to Socialist Afghnistan 1990*



## ڪراچيءَ کان ڪابل تائين

ڊسمبر 1989 ۾ هڪ ڏينهن صبح ساڻ سيد غلام شاه منهنجي گهر اچي پهتو ۽ چيائين ته جلد ئي افغانستان ۾ شهيد عبدالصمد اڇڪزئي جي ياد ۾ ڪانفرنس ٿيڻي آهي جنهن ۾ سنڌ مان به هڪ وفد شريڪ ٿيندو ۽ ان وفد ۾ تون به شامل هوندين تنهنڪري پاسپورٽ وغيره نهرائي ڇڏ. تڏهن پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت پاسپورٽ جي طريقي کي گهڻو سولو ڪري ڇڏيو هو ۽ خاص طور صحافين کي پوليس ويريفڪيشن کان آجو قرار ڏنو هو تنهنڪري مون جلد ئي پاسپورٽ نهرائي ڇڏيو. ان کان پوءِ انتظار شروع ٿيو ته ڪڏهن ٿو ڪابل مان سڏ ٿئي. جنوري1990 جي وچ ڌاري ڪراچيءَ ۾ سيد غلام شاه تي ايم ڪيو ايم وارن خوني حملو ڪيو ۽ هو زخمي ٿي وڃي جناح اسپتال داخل ٿيو جتان پوليس وري کيس ئي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري وئي. مٿان وري مارچ ۾ افغانستان جي صدر ڪامريڊ نجيب الله جي حڪومت خلاف سندس ئي وزير دفاع شاهنواز تنائيءَ بغاوت ڪئي جيڪا ناڪام وئي پر اسان جو ڪابل وارو دورو شڪ ۾ پئجي ويو هو. پر ان وقت حيرت ٿي جڏهن جيئي سنڌ محاذ جو دوست عبدالخالق جوڻيجو هڪ ڏينهن صبح جو سوير اچي پهتو ته شام جو ٽين وڳي فلائيٽ آهي تنهنڪري تيار رهه. مان حيران ته نه ويزا ورتل، نه ٽڪيٽ، نه ڪا تياري، اهو سفر ڪيئن ٿيندو. منجهند جو وري اطلاع مليو ته اجا ڪجهه ڏينهن ترسو. هڪ ڏينهن آفيس پهتس ته اطلاع مليو ته جيئي سنڌ محاذ جو چيئرمن عبدالواحد آريسر ۽ ٻيا انتظار ڪري انڊين قانصلخاني پهتا آهن . اتي پهتس ته هُو به پريشان ويٺا هئا. پختونخواه ملي عوامي پارٽيءَ وارا ويزا نهرائي وڃي چڪا هئا ۽ شام جو سندن فلائيٽ هئي. اسان سندن اڏي تي پهتاسين ته نياپو مليو ته سڌو هوائي اڏي تي پهچو. منهنجي ويزا تصويرون نه هجڻ ڪري ٿهي نه سگهي. آريسر جي ويزا تيار هئي سو اسان کيس هوائي اڏي پهچائڻ لاءِ ڀڄاسين پر اتي پهچي خبر پئي ته آريسر نه وڃي سگهندو ڇو ته ليٽ ٿيڻ سبب بورڊنگ ڪارڊ وٺڻ جو وقت ختم ٿي چڪو هو. آريسر مون چيو ته قدرت طرفان اهو طئه ٿيل آهي ته اسان کي گڏ ئي هلڻو آهي. واپس ورياسين ۽ مون هڪدم تصويرون نهرائي دوستن کي ڏئي ڇڏيون جن ٻئي ڏينهن ئي ويزا نهرائي ورتي. هاڻي انتظار هو سيٽن جي ڪنفرميشن جو ۽ ڪنهن اهڙي فلائيٽ جو جيڪا ڪراچي دهلي ڪابل ڪنيڪٽنگ فلائيٽ هجي نه ته وري ڪجهه ڏينهن دهليءَ ۾ ترسڻو پوي ها. ان زماني ۾ پاڪستان مان افغانستان لاءِ اُڏامون بند هيون تنهنڪري دهليءَ رستي وڃڻو پوندو هو ۽ ان لاءِ هندستان جي ويزا وٺڻي پوندي هئي. افغانستان وڃڻ وقت دهليءَ ۾ ترسڻ نه ٿي گهريوسين جو ڪابل واري سيمينار ۾ شريڪ ٿيڻو هو پر ٿيو اُن

جي اُبتڙ. جيستائين ڪابل پهتاسين تہ سيمينار پُورو ٿي چڪو هو بس پوءِ تہ رڳو هيون ميل ملاقاتون ۽ گهمڻ ڦرڻ.

دهلي هوائي اڏي تي گذاريل وقت جو احوال اڳ ۾ ئي سفرنامي جي مُنڍ ۾ ڏئي چڪو آهيان تنهنڪري ورجاءِ کان بچندي اڳتي هلجي. افغان ايئر لائين جو جهاز ڏهين وڳي کان پوءِ اُڏاڻو ۽ ٻارهين وڳي ڪابل هوائي اڏي تي لٿو. دهليءَ کان ڪابل پوڻن ٻن ڪلاڪن جو سفر آهي. هوائي اڏي تي تازي ناڪام بغاوت ۾ تباهہ ٿيل ڪجهہ جهازن جو ملبو پيل هو جنهن تي جهاز مان لهڻ شرط ئي نظر پئي پر سيڪنڊن اندر ئي هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ جو هوش نہ رهيو ڇو تہ ٻاهر ايتري ٿڌ هئي جو لڳو تہ ڄڻ ڪنهن فريزر ۾ اُڇلايو هجي. سخت ٿڌ سبب ڏند پِڪُوڙي ٽرمينل بلڊنگ تائين پنڌ ڪيوسين جيڪا حيدرآباد واري سنڌ روڊ ٽرانسپورٽ ڪارپوريشن جي ڊيپوءَ سان ملندڙ جُلندڙ هئي. عمارت جون دريون بہ پڳل هيون جنهن مان ٻُت ۾ سُيون چُڀيندڙ هوا اندر اچي رهي هئي. اسان وٽ مارچ ۾ گرمي ۽ هتي ماريندڙ ٿڌ. مون تہ هڪدم بيگ مان ڪوٽ ڪڍي پاتو تڏهن وڃي سامت ۾ آيس. ٽرمينل جي پڳل درين مان چوڌاري پري پري تائين پکڙيل برف پوش جبل نظر اچي رهيا هئا. هوائي اڏي تي مسافرن جي چڪاس جو نہ ئي ڪو نظام هو ۽ نہ ئي اسان جو سامان کولرايو ويو. افغان حڪومت جو هڪ نوجوان عملدار عماد ۽ پختونخواه ملي عوامي پارٽيءَ جو اڳواڻ عبدالرحيم مندوخيل اسان کي هوائي اڏي تي وٺڻ آيا هئا جن سان گڏجي سڌو ڪابل جي انهيءَ علائقي ۾ آياسين جيڪو جديد بنگلن تي مشتمل هو ۽ چون ٿا تہ تڏهوڪي سوويت يونين جي مدد سان ڪابل جو اهو نئون علائقو تيار ڪيو ويو هو جتي شهيد مير مرتضيٰ ۽ سندس ڀاءُ شاهنواز ڀُٽو جلاوطنيءَ دوران رهندا هئا ۽ اتي شاديون بہ ڪيائون .اسان جي ڪار مائيِ وَند چوواتي کان ٿيندي اچي هڪ ريسٽ هائوس وٽ بيني هئي. اهو پهاڙي علائقو بيبي ماهرو جبل سڏجي جنهن کي 1841 ۾ انگريزن کي شڪست ڏيندڙ وزير اڪبر خان جي نالي سان منسوب ڪيو ويو هو. مائي وَندَ قنڌار کان پنجونجاهہ ميل پري هڪ ڳوٺ جو نالو آهي جتي 1880 ۾ افغان قبيلن متحد ٿي انگريز فوج کي شڪست ڏني هئي. اها جنگ هڪ شاعر عورت جي ڪري بہ مشهور آهي جنهن جو نالو ڪي مامالَي ۽ ڪي ملالا ٻُڌائن ٿا. هيءَ دلير عورت افغان جهنڊو کڻي دشمن فوج کي للڪاريندي رهي ۽ پنهنجي قبيلن جي نوجوانن کي بہ پنهنجي شاعريءَ سان همٿائيندي رهي. سندس هي شعر ڪابل ۾ مائي وند چونڪ تي تهيل يادگار تي لکيل هو:

منهنجا محبوب جيڪڏهن تو مائي وند لاءِ آخري پساهن تائين جنگ نہ وڙهي

تہ قسم کڻان ٿي تہ تون رُسوائيءَ کان پلئہ بچائي نہ سگهندين.

23مارچ جو ڏينهن ريسٽ هائوس ۾ آرام ڪندي ۽ پاڪستان مان آيل ٻين دوستن سان ڪچهريءَ ۾ گذريو جن ۾ شير علي باچا، لالا اصغر، اڪبر اچڪزئي ۽ اسلام آباد مان آيل هڪ پبلشر اي رحيم شامل هئا.

24 مارچ صبح جو ساڍي ڏهين وڳي افغان عملدار عماد اسان کي سرڪاري وئن ۾ ڪابل شهر گهمائڻ هليو. اسان شهر جي مختلف رستن تان ٿيندا سپ کان پهرين هڪ پهاڙيءَ تي شهيدن جي قبرستان پهتاسين. جنهن جي گيٽ تي لکيل هو :وطن يا ڪفن. ڪلاشنڪوف بردار سپاهي گيٽ تي بيٺل هئا جن مان هڪ اسان سان گاڏيءَ ۾ ويٺو ۽ اندر قبرستان تائين هليو. ٽيهه چاليهه ايڪڙ ايراضيءَ ۾ پکڙيل هن قبرستان ۾ پاويهه هزارن کان وڌيڪ شهيد دفن هئا جن يارهن ورهين ۾ سامراجي قوتن جي پِنو هٿ نوڪين مجاهدن سان ويڙهه ۾ جان ڏني هئي. هي به نتي جي مڪليءَ واري قبرستان وانگر وڏي ايراضيءَ تي پکڙيل ته هو پر هتي مڪليءَ جي قبرن وانگر پٿر تي اُڪر يا ٻي ڪاريگري ٿيل ڪانه هئي.هي عام قبرون هيون پر فرق اهو هو ته هر قبر جي ڪُتبي تي دفن ٿيل شخص جي تصوير لڳل هئي.

قبرستان کان پوءِ اسان جي منزل ڪابل يونيورسٽي هئي جتي سوين شاگرد ۽ شاگردياڻيون جينس جي پينٽن ۽ اسڪرٽن ۾ گهمي ڦري رهيا هئا. هتي ٻڌايو ويو ته پرائمريءَ کان اعليٰ تعليم تائين سمورو خرچ سرڪار ڀري ٿي ۽ شاگردن کي داخلا جي لاءِ به خوار ٿيڻو نه ٿو پوي ڇو ته سيڪنڊري تعليم کان پوءِ Aptitude ٽيسٽ وٺي شاگردن کي ان حساب سان مختلف ادارن ۾ داخل ڪيو وڃي ٿو. شاگردن کي ڪتاب به مفت ڏنا ويندا هئا. ڪابل يونيورسٽيءَ ۾ ان وقت سورهن هزار شاگرد زير تعليم هئا ۽ هتي ميڊيڪل، قانون، ادب، ٻولين ۽ ٻين علمن جا شعبا هئا. هتي شاگرد يونين ۽ ٻيون تنظيمون به هيون پر ڪوبه جهيڙو نه ٿيندو هو ۽ نه ئي فائرنگ جو سلسلو. تنهنڪري شاگرد ۽ شاگردياڻيون آزاد ماحول ۾ ٻي ڏِيُون ٿي گهمي رهيون هيون. حڪومت طرفان تعليم تي ايترو ڌيان ڏنو ٿي ويو جو جڏهن سال اڳ جلال آباد تي دشمنن حملو ڪيو ته اتان يونيورسٽيءَ جي سمورن شاگردن کي هڪدم ڪابل منتقل ڪيو ويو ته جيئن سندن پڙهائي متاثر نه ٿئي.

برف سان ڍڪيل هندوڪش جبل جي هنج ۾ قائم ڪابل شهر جي ڪشادن رستن تان ٿيندي اسان اهو علائقو به گهميو جتي صدر ڊاڪٽر نجيب الله به ورهيه اڳ تائين هڪ فليٽ ۾ رهندو هو. ڪابل شهر جي آبادي ان وقت پنجويهه لک ڪن هئي ۽ شهر جو وڏو حصو پراڻين پٿر جي عمارتن تي مشتمل هو. گهڻ ماڙ عمارتون گهٽ هيون. افغانستان ۾ سرد موسم سبب وڻ ٽڻ گلن ۽ پنن کان وانجهيل هئا. ڪشادن رستن جي ٻنهي پاسن کان خالي وڻن جون قطارون هيون جن ۾ ٿوريون ٿوريون گونچ ڦُٽڻ جون نشانيون بهار جي مُند اچڻ جو اشارو ڏئي رهيون هيون.

گهمندا ڦرندا اسان هڪ وڏي شاهي محل جهڙي عمارت وٽ پهتاسين جيڪا پٿر جي ٺهيل هئي ۽ ان جي تاريخي حيثيت پري کان پڌري هئي پر ان تي تازي بمباريءَ سبب تباهيءَ جا آثار ظاهر هئا. اها عمارت بادشاهه امان الله جو محل هو پر ان وقت اُتي وزارت دفاع جي آفيس هئي جنهن تي تازو ڇهين مارچ تي وزير دفاع شاهنواز تنائيءَ جي ناڪام بغاوت دوران بمباري ڪئي وئي هئي. شاهنواز تنائي بغاوت ناڪام ٿيڻ تي جهاز ۾ ڀڄي پشاور ۾ اچي لٿو هو. اسان کي ٻُڌايو ويو ته تنائي صبح ساڻ ئي ڀڄي ويو هو ۽ منجهند جو هڪ وڳي سندس حامين وزارت دفاع کي گهيري ۾ ورتو هو. اتي ويڙهه ٿي

جنهنڪري عمارت کي نقصان ٿيو. ان عمارت جي سامهون قومي عجائب گهر کي بہ نقصان پهتو هو. ان کان سواءِ بگرام هوائي اڏي تي بہ ويڙهہ هلي جتان هٿي ڏينهن صبح جو قبضو ڇڏايو ويو هو. ڪل پنج جهاز ڪابل مٿان لامارا ڏئي بمباري ڪندا رهيا جنهن ۾ ڪيترائي گهر ڊٺا ۽ هڪ سئو ويهہ ماڻهو مارجي ويا هئا.

ايئن ئي شهر گهمندي ڪابل جي هڪ پراڻي علائقي منجهہ اچي نڪتاسين جتي لڳو ٿي تہ ڄڻ ڪراچيءَ جي ايمپريس مارڪيٽ واري علائقي ۾ اچي نڪتا آهيون. ڦُٽپاٿن تي جُتين، ڪپڙن ۽ ٻئي سامان جا اسٽال ايئن ئي سجايل هئا جيئن ايمپريس مارڪيٽ واري علائقي ۾ پناڻ ۽ افغاني ڪاروبار ڪندي نظر اچن ٿا. اڪثر اسٽال ٽُلهين پڪل مانين جا هئا جنهن لاءِ ٻُڌايو ويو تہ اهي خاص افغاني مانيون آهن، جيڪي ڪيترن ئي ڏينهن تائين خراب نہ ٿينديون آهن. اهي اندران نرم رهنديون آهن ۽ خاص طور محاذ تي فوجين لاءِ ڪم اچن ٿيون. انهيءَ علائقي ۾ ئي قديم مسجدِ پُلخشطي هئي جنهن جي منارن ۽ ڀتين کي بہ شاهنواز تنائيءَ جي بغاوت دوران بمباريءَ ۾ نقصان پهتو هو. لارينس آف عريبيہ جي نالي سان مشهور انگريز جاسوس ڪرنل لارينس مسلمان جو ويس ڪري ڏهہ سالن تائين ان مسجد ۾ رهيو هو ۽ انگريزن جي پلان تحت وقت جي بادشاه امان الله خان جي خلاف بغاوت جي باهہ ڀڙڪائڻ لاءِ ڪم ڪندو رهيو. بغاوت لاءِ هن فوج جي هڪ پاڃوڪڙ وارنٽ آفيسر بچہ سقہ کي تيار ڪيو هو. بچہ سقہ هونئن تہ بهادر هو پر ڌاڙيلن سان مقابلي ۾ هٿ آيل هٿيار پنهنجي ڪمانڊر کي نہ ڏيڻ تان کيس جيل ۾ وڌو ويو هو جتان هُو ڀڄي نڪتو ۽ پاڻ بہ وڃي ڌاڙيل ٿيو. سندس هڪ ساٿي برطانوي سفارتخاني ۾ ڪم ڪري چُڪو هو. جنهن جي ڪري هن جو رابطو ڪرنل لارينس سان ٿيو جنهن کين بغاوت لاءِ استعمال ڪيو. ڪرنل لارينس جي مدد سان ڌاڙيل بچہ سقہ جنوري 1929 ۾ امان الله جو تختو اُونڌو ڪري افغانستان جو امير بڻيو ۽ کيس حبيب الله غازيءَ جو لقب ڏنو ويو. ڪرنل لارينس جو ڪم مڪمل ٿي چُڪو هو.

مسجد جي تاريخي حيثيت سبب افغان حڪومت وقت بہ وقت ان جي مرمت لاءِ وڏا فند ڏيندي رهندي هئي ۽ تازي بغاوت ۾ ٿيل نقصان کان پوءِ بہ 6 ملين افغاني (ڪرنسيءَ جو نالو) ڏنا ويا هئا.

واپس ريسٽ هائوس ڏانهن ايندي اسان ان تاريخي بنگلي کي ڏسڻ ضروري سمجهيو جتي سُرخپوش اڳواڻ خان عبدالغفار خان پاڪستان مان اچي ترسندو هو. بغاوت دوران بمباريءَ ۾ غفار خان جو اهو بنگلو بہ تباه ٿي ملبي جي ڍير ۾ بدلجي چڪو هو. ان بنگلي جي سامهون واري بنگلي ۾ بلوچ اڳواڻ خير بخش مري جلاوطنيءَ دوران رهندو هو.

25مارچ جو ڏينهن اسان جي لاءِ اهم هو ڇوتہ ان ڏينهن اسان جي ملاقات صدر نجيب سان ٿيڻي هئي. صبح جو اطلاع مليو تہ ڪنهن بہ وقت ملاقات جو سڏ ٿي سگهي ٿو. ٻارهين وڳي ڌاري سڏ آيو پر جيستائين پهتاسين تہ دير ٿي وئي ۽ سندس ٻي ميٽنگ شروع ٿي وئي. اسان موٽي اچي ريسٽ هائوس تي ويهي رهياسين. منجهند جو اڍائي وڳي وري سڏ پهتو تہ اسان بہ مينهن واچ ڪندا وڃي وزارت خارجا جي

آفيس پهتاسين جتي گڏجاڻي رکيل هئي. صدر نجيب سان ڏيڍ ڪلاڪ گڏجاڻي هلي جنهن ۾ عبدالرحيم مندوخيل، شير علي باچا، لالا اصغر، اي رحيم، اڪبر اچڪزئي، عبدالوحد آريسرءِ مان شريڪ هئاسين.

صدر نجيب سان اسان جي ملاقات يادگار هئي ڇوته ٻن ورهين کان پوءِ مارچ 1992ع ۾ هن استعيفا ڏيڻ جو اعلان ڪيو هو ته جيئن غير جانبدار عبوري حڪومت لاءِ رستو ڏئي ۽ ايئن اپريل ۾ سندس حڪومت ختم ٿي. چار ورهيه ڪيس گڏيل قومن جي آفيس ۾ پناهه وٺي رهڻو پيو هو جتان وحشي انتهاپسند مُلن ڪيس ۽ سندس ڀاءُ کي پڪڙي 27 سيپٽمبر 1998 تي سرعام بجليءَ جي ٿنڀي ۾ لٽڪائي ڦاسي ڏئي ڇڏي ۽ سندن مڙه ڪيترن ئي ڏينهن تائين اتي لٽڪندا رهيا هئا. ملاقات ۾ نجيب جيڪو ڪجهه ڳالهايو اهو جيئن جو تيئن هيٺ ڏيان ٿو :

”جنگ ڪنهن کي به فائدو نه ڏنو آهي. اسان نه ٿا چاهيون ته اسان جو عوام جنگ ۾ مرندو رهي ۽ قبرستان نهندا وڃن. عوام جنگ کان نفرت ڪري ٿو. سوويت فوجون واپس ويون ته اسان به واٽي تي بيٺل هئاسين. اسان هڪ راهه چونڊي ۽ منهن ڏنوسين. هونئن عام طور روزانو نوي کن ماڻهو فوج ۾ ڀرتي ٿيندا هئا، هاڻي پنج 6 سئو ماڻهو ڀرتي ٿين ٿا ڇوته اهي سمجهن ٿا ته هيءَ وطن پرستي ۽ قوم پرستيءَ جي جنگ آهي. گلبدين حڪمتيار وارا جيڪڏهن ان وقت هٿيار ڇڏي امن جي ڳالهه ڪن ها جڏهن جنيوا ٺاهه جي نتيجي ۾ سوويت فوجون افغانستان مان هليون ويون هيون ته ماڻهو سمجهن ها ته هيءَ سندن وطن پرستي آهي، پر هاڻي عوام انهن جو ساٿ نه ڏيندو ڇوته هُو سمجهن ٿا ته گلبدين وارا ڪين پاڪستان جي وات ۾ اُڇلائيندا. گلبدين جي پٺيان پاڪستان جي آءِ ايس آءِ وارا آهن. افغانستان ۾ اسان جو تختو اونڌو ٿئي ها ته نه رڳو هتي بنيادپرست قبضو ڄمائن ها پر پاڪستان ۾ موجوده جمهوريت (پ پ پ حڪومت) ختم ٿئي ها ۽ ايران، سوويت يونين ۽ هندستان لاءِ به مسئلا پيدا ٿين ها. گلبدين بدنام آهي. ايران اڳ ۾ئي سندس آفيسون بند ڪري چڪو آهي. نواز شريف (ان وقت پنجاب جو وڏو وزير ۽ مرڪز ۾ پ پ پ حڪومت جو سخت مخالف، جيڪو نه وزير اعظم بينظير ڀٽو کي پروٽوڪول ڏيندو هو ۽ نه ئي حڪومت جي دعوت تي ڪنهن گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ ٿيندو هو) انين مارچ 1990 تي وفاقي وزارت جي گڏجاڻيءَ ۾ رُڳو ان ڪري شريڪ ٿيو ته خبر وٺي سگهي ته افغانستان ۾ ٿيل بغاوت ڪهڙي مرحلي تي آهي. اها ڪامياب ٿي يا نه ته جيئن هُو بينظير حڪومت کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪوششون تيز ڪري سگهن. افغانستان ۾ بغاوت کي ڇيپاڻڻ سان پاڪستان ۾ بينظير ڀٽو جي حڪومت بچي وئي آهي.

اسان غير سرمائيدارانه رستو ڇڏي قومي مصالحت جي راهه اختيار ڪئي آهي ته جيئن امن قائم ٿئي. سُني موت ملي آهي. هڪ سال ۾ نوي هزار ماڻهو وطن ڏانهن موٽي آيا آهن . بين سيني علائقن ۾ امن آهي ۽ فقط پاڪستان سان ملندڙ علائقن ۾ حرڪتون ٿين ٿيون. آزادي ۽ خودمختياريءَ کي قائم رکڻ لاءِ دنيا جي ٻين حصن ۾ وڙهندڙ قومن ۾ افغانستان به شامل آهي. اڄ اسان ان حيثيت ۾ آهيون جو ڳالهين جي ٽيبل تي ويهون ته اسان مٿي ۽ گلبدين وارا هيٺانهان هوندا. اهي رڳو ان ڪري دهشتگردي ڪري

رهيا آهن تہ جيئن منهنجي مٿان تلوار لٽڪندي رهي ۽ مان ڳالهين ۾ سندن شرط مڃان. گلبدين وهابي ۽ سعودي حڪومت جو ايجنٽ آهي. نئين سال (نوروز 21 مارچ) تي هٿ ٺوڪين مجاهدن جي اڳواڻن پنهنجي پيغام ۾ پاڻ افغان عوام آڏو مڃيو تہ "افسوس هڪ سال ۾ اسان ڪجهہ نہ ڪري سگهياسين." سوويت فوجن جي واپسيءَ مهل هٿ ٺوڪين مجاهدن سمجهيو هو تہ هاڻ انقلابي حڪومت ۾ دم ڪونهي ۽ جهٽ ڪري وٺنداسين پر اهو هنن جو خواب هو جيڪو پورو نہ ٿيو. جلال آباد تي بہ هنن ڇهين مارچ 1989 تي حملو ڪيو هو ۽ هيءَ ناڪام بغاوت بہ هنن ڇهين مارچ تي ڪئي. انقلابي عوام ۽ انقلابي فوج آخر ڪيئن پنهنجي ڪوشش تي پاڻي ڦيري هنن جو ساٿ ڏين ها."

ڳالهين جي آخر ۾ نجيب چيو هو:" بينظير ڀٽو لاءِ بهتر هو تہ اهڙي ڪمزور حڪومت وٺڻ بجاءِ مخالف ڌُر ۾ ويهي ها. ڪمزور رُجعت پرست گهڻو وقت حڪومت هلائي نہ سگهن ها ۽ بينظير کي سڏي حڪومت ڏني وڃي ها. هينئر هُوءَ سون جي پڃري ۾ قيد پکيءَ جيان آهي."

شهيد بينظير ڀٽو جي تڏهوڪي حڪومت دوران ايم ڪيو ايم وارا پ پ پ کي دوکو ڏئي حڪومت کان ڌار ٿي ويا هئا ۽ ڪراچيءَ ۾ پهرين آڪٽوبر 1988 کان شروع ڪيل سنڌين جو قتلام جاري رکيو پي آيا. اهو ڪو ڏينهن ڪونہ هو جڏهن سنڌين جا ٻورين ۾ بند لاش نہ ملندا هجن. مون ڊاڪٽر نجيب کان جڏهن ڪابل جي حالتن بابت سوال ڪيو تہ وراڻيائين:" ڪابل جون حالتون ڪراچيءَ کان بهتر آهن " سندس جواب مان اندازو ٿيو تہ پاڪستان جي اندروني حالتن تي سندس نظر هئي.

گڏجاڻيءَ جي پڇاڙيءَ ۾ هن هڪ فارسي شعر پڙهيو جنهن جو ترجمو هن ريت آهي :

سنئين سڌي رستي تان هلڻ ڪهڙي مردانگي آهي، مرد تہ اهو جيڪو ڏنگي رستي تان هلي ڏيکاري.

گڏجاڻيءَ مان اُٿڻ کان اڳ مون ۽ عبدالواحد آريسر نجيب کي اجرڪ اوڍرايو.

نجيب فليٽ مان منتقل ٿيڻ جي باوجود بادشاهہ ظاهر شاهہ واري محل ۾ نہ بلڪ صدارتي آفيس ويجهو هڪ پراڻي عمارت ۾ رهندو هو. شاهنواز تنائيءَ جي بغاوت دوران هڪ بم هن کان ٽيهہ ميٽر پري ڪريو هو جنهنڪري بچي ويو. ان وقت سندس عمر ٽيتاليهہ ورهيہ هئي. سندس گهر واري فتانہ بادشاهہ امان الله خان جي خاندان مان هئي ۽ کين ٽي ڌيئر هيلا، اونئي ۽ مسڪ هيون.

اقتدار وري بہ اقتدار آهي. جيئن مغل حڪمرانن جي تاريخ پيءُ ۽ ڀائرن کي مارائڻ يا قيد ڪرڻ جي واقعن سان ڀريل آهي تيئن هتي بہ ڪجهہ ايئن ٿيو. نجيب کي جڏهن پنهنجي هڪ ياءُ صديق تي شڪ پيو تہ هو مخالفن سان مليل آهي تہ کيس نظربند ڪرائي ڇڏيائين. بعد ۾ آزاد ٿيڻ تي صديق آمريڪا ڀڄي ويو.

افغان صدر سان ملاقات ڪانپوءِ واپس ريسٽ هائوس اچي ماني کائي مان ۽ اي رحيم وري شهر گهمڻ وياسين. اصل مقصد هندستاني ڪرنسيءَ مان جان ڇڏائڻ هو ڇوتہ ان ڪرنسيءَ جي ڪري وڏي جُٽ ٿي هئي جنهن جو احوال اڳ ئي ڏئي چُڪو آهيان. مون پنهنجي سمورن هندستاني رُپين جا ڊالر ورتا ۽ آريسرجي خواهش تي ڪجهہ افغان ڪرنسي. سندس هندستاني ڪرنسي واپسيءَ ۾ دهلي شهر ۾ رڳو

رڪشا ۽ ٽيڪسيءَ واري کي پاڙو ڏيڍ لاءِ ڪم آئي ۽ باقي وري به ڪراچيءَ ۾ اچي مٿائي جان چڙائي هئي سين.

ڪرنسي مارڪيٽ مان واپسيءَ تي پيام اخبار جي نمائندا ڇوڪرين کي انٽرويوءَ لاءِ منتظر ڏٺم. ٻئي ڏينهن هُو انٽرويو ڇاپي اخبار جي ڪاپي به ڏئي ويون. اخبار ڏسي اندازو ٿيو ته اخباري صنعت جي حساب سان افغانستان اسان کان گهڻو پوئتي هو. انهيءَ رات ڪابل ٽي ويءَ تان صدر نجيب سان اسان جي ملاقات جي خبر به فلم سان گڏ نشر ڪئي وئي.

ڪابل ٽي ويءَ جا پروگرام شام جو پنجين وڳي شروع ٿيندا هئا جڏهن ته سوويت چينل ڏينهن رات نظر ايندا هئا. ڪابل ٽي ويءَ تان پشتو ۾ ڊب ٿيل انگريزي فلمون، پشتو ۽ فارسيءَ ۾ لوڪ گيت، پاپ ميوزڪ ۽ ٻيا پروگرام ڏيکاريا ويندا هئا جن ۾ نوجوان خوبصورت فنڪار ۽ فنڪارائون فن جو مظاهرو ڪندا هئا. هندستاني فلمن جا گانا به جام ڏيکاريا ويندا هئا.

ناشناس نالي هڪ مشهور ڪلاڪار ۽ انگارا نالي خوبصورت فنڪارا کي قومي فنڪار جي حيثيت حاصل هئي. ناشناس ادب ۾ پي ايڇ ڊي هو ۽ روسي، اردو، انگريزي، پشتو، فارسي ۽ ڪجهه ٻين ٻولين تي عبور حاصل هئس. انگارا پاڻ ته وڏي ڳائڻي هئي پر سندس مڙس به گٽارسٽ هو. ناشناس، انگارا ۽ سندس مڙس افغان انقلاب کان پوءِ ملڪ ڇڏي جرمنيءَ ۾ وڃي رهيا پر پوءِ به هتي سندن گيتن جي نشر ٿيڻ تي بندش ڪانه هئي. ڪابل ٽي ويءَ تان سندن خوبصورت گيت ٻڌڻ جو موقعو مليو. ميزبانن ٻُڌايو ته افغانستان ۾ سئنيمائون به آهن   جتي پشتو فارسي ۽ هندستاني فلمون ڏيکاريون وڃن ٿيون. شهر ۾ گهمندي هڪ اڌ هنڌ تي سئنيما نظر آئي هئي جتي پاڪستان جي سئنيمائن وانگر وڏا پوسٽر لڳل هئا. ان زماني ۾ وي سي  آر جو به وڏو رواج هو جنهن تي هو هندستاني فلمون شوق سان ڏسنداهئا. اهو شوق اسان به پورو ڪيو.

26مارچ تي صبح جو سوير اک کلي ته ڪمري جي شفاف شيشي واري ديوار جي پريان برفباري جاري هئي. ايئن ٿي لڳو ڄڻ آسمان مان ڪير ڀُورو ٿيل برف يا ٽاٽيل ڪپهه وسائي رهيو هجي. مان هڪدم اٿي برفباريءَ جي خوبصورت منظر ۾ گم ٿي ويس. ريسٽ هائوس جي لان تي ڄڻ لوڻ هاريل هو. وڻن جون ٽاريون برف جي ڀُوري سان جهنجهيل هيون. ساڍي نائين وڳي تائين برف وسندي رهي. ڏهين وڳي اسان تيار ٿي خريداريءَ لاءِ نڪتاسين ته هلڪو مينهن وسي رهيو هو.

مارڪيٽن ۾ افغانين سان گڏ وڏي تعداد ۾ سک واپاري به هئا. جپان، روس، انڊيا ۽ دنيا جي ٻين ملڪن جو ڪپڙو ۽ ٻيو هر قسم جو سامان موجود هو. افغان ڪرنسي افغانيءَ جو مُلهه تمام ڪريل هو (پاڪستان جي هڪ رُپئي ۾ ٽيويهه ۽ هندستاني رُپئي ۾ ڇويهه افغاني ) ٿنهنڪري ڪپڙي جو هڪ وال به گهٽ ۾ گهٽ ٽي سئو افغانين ۾ ٿي مليو. 555 سگريٽن جي پاڪيٽ جي قيمت هئي ساڍا ٽي سئو افغاني ۽ هڪ جاگر 6  هزار افغانين ۾ ٿي مليو. انهن مارڪيٽن ۾ ممڪن آهي ته ڪو سنڌي واپاري به

هجي پر مون کي نظر نہ آهيو. پروفيسر زيار، جنهن جو ذڪر پهرين ڪري چڪو آهيان، تنهن ٻڌايو هو تہ شڪارپور جا سنڌي هندو واپاري وڏي تعداد ۾ پراڻي زماني کان قنڌار ۾ آباد آهن.

شام جو واپس ريسٽ هائوس تي پهتاسين تہ عماد بہ آيو ۽ صدر نجيب پاران ڪجھ سُوکڙيون ڏئي ويو. منهنجي سُوکڙين ۾ هڪ ريڊيو ٽيپ رڪارڊر بہ شامل هو. انهيءَ رات سياسي معاملن وارو نائب وزير نُوراللہ اسان سان ملڻ آيو جنهن سان دير تائين ڳالهيون ٿينديون رهيون.

27مارچ تي رمضان المبارڪ جي پهرين تاريخ هئي. صبح جو سوير اُٿياسين تہ هلڪو مينهن وسي چُڪو هو ۽ آسمان جُهڙالو هو. نيرن ڪري ڏهين وڳي ڌاري وري شهر گهمڻ نڪتاسين. اسان جو مهماندار عماد گڏ هو. آريانا ايئر لائين وارن کان واپسيءَ لاءِ سيٽن جو بہ پُڇڻو هو. هڪڙو چڪر ڪرنسي مارڪيٽ جو بہ هنيوسين پر پهرين روزي سبب مارڪيٽ بند هو. اسان اجا اُتي ئي بيٺا هئاسين تہ وڏا ڌماڪا ٻُڌڻ ۾ آيا. اسان تہ پريشان ٿي وياسين پر عماد چيو تہ فڪر جي ڳالھ ڪانهي. رات جو ڪابل ٽي ويءَ تان خبرن ۾ ٻڌاين تہ پُلِ محمود علائقي ۾ بہ راڪيٽ ڪريا هئا جنهن مان هڪ مسافرن سان پريل هڪ بس تي ۽ ٻيو هڪ عمارت تي ڪريو هو. ڪل ستاويھ ماڻهو فوت ۽ ويھ ڄڻا زخمي ٿيا هئا. اهي راڪيٽ ڪابل کان ويھ ڪلوميٽر پري پغمان جي علائقي ۾ جبلن ۾ لڪل هٿ ٺوڪين مجاهدن فائر ڪيا هئا. افغان عوام کي اسلام پسند "مجاهدن" پاران اهو پهرين رمضان جو تُحفو هو.

رات جو سُمهڻ کان اڳ صدر نجيب جي موڪليل ريڊيو کي ڦيرائڻ شروع ڪيم تہ ريڊيو پاڪستان لڳي ويو جنهن تان وزير اعظم بينظير ڀُٽو جي تقرير هلي رهي هئي. ڪراچي ڇڏي 6 ڏينهن ٿي چُڪا هئا ۽ محترما جي تقرير ٻُڌڻ ايترن ڏينهن کان پوءِ پنهنجي ڌرتيءَ سان جڻ تہ پهريون رابطو هو. منهنجو ذهن ڪراچيءَ کان ڪابل تائين ڪيل سفر جو سوچيندي گهڻو ماضيءَ ڏانهن هليو ويو جڏهن مولانا عبيداللہ سنڌي انگريز راڄ خلاف هلايل ريشمي رُومال تحريڪ جي سلسلي ۾ زميني رستي کان ڏينهن جا ڏينهن جبل جهاڳيندو سنڌ کان افغانستان پهتو هو.

28مارچ تي اسان کي ڪراچي ڇڏي ستون ڏينهن هو. مصروفيتون گهڻو ڪري ختم ٿي چُڪيون هيون. هڪڙو خيال ٿيو تہ ڪابل کان نڪري ٻيا علائقا بہ ڏسجن. خاص طور اُتر ۾ ايشيائي رياستن سان ملندڙ علائقو پر پوءِ جوکو نہ کنيوسين. هوائي جهاز جون سيٽون ڪنفرم نہ ٿيڻ جي ڪري ٽن ڏينهن کان جڻ تہ ايئن ئي ويٺا هئاسين. شهر گهمڻ کان پوءِ پروفيسر زيار سان باقائدا ڪچهري ٿيندي هئي.

هاڻي اسان سوچيو تہ ٻين کان ڌار اسان بہ ڄڻا الڳ دهليءَ تائين سيٽ وٺون. اسان جي چوڻ تي عماد ايئر لائين جي آفيس ويو ۽ شام جو ٻُڌايائين تہ ٻنهي جون سيٽون ڪنفرم ٿي ويون آهن پر بہ ڏينهن ڇڏي ٽئين ڏينهن فلائيٽ رواني ٿيندي. دهليءَ ۾ ڪٽن پاڳ، اُتان وري پنهنجي طور ڪراچيءَ لاءِ سيٽ وٺڻ جي ڪوشش ڪبي.

فلائيٽ نہ هجڻ جو خاص سبب هو موسم جي خرابي. ان ڏينهن بہ صبح کان مينهن وسي وهيو هو. جنهن ڪري ٿڌ بہ تمام گهٽي وڌي وئي هئي ۽ اسان جو ٻاهر وڃڻ نہ ٿيو. رات جو وزيرِ سرحدات سليمان

لائق اسان سان ملڻ آيو . هُو تمام گهڻو نياز نئڙت وارو شخص هو. اچڻ شرط چيائين :حالتون خراب هجڻ ڪري مهمان نوازيءَ ۾ ڪوتاهي ٿي هجي تہ معاف ڪجو. توهان جي اچڻ جي خوشيءَ ۾ اسان کي روايت موجب اُٺ قربان ڪرڻ کپي ها پر اسان ايئن نہ ڪري سگهيا آهيون جنهن لاءِ معافي گهران ٿو.

سليمان لائق گهڻي دير تائين اسان سان ويٺو رهيو ۽ افغانستان جي حالتن تي وڏي تفصيل سان ڳالهايائين. هن چيو: ”جنگ جي ڪري افغانستان جي اقتصادي حالت تباهہ ٿي وئي آهي. افغان ڪرنسيءَ جو مُلهہ ڪري چُڪو آهي. اڳي هڪ ڊالر ۾ چاليهہ افغاني هئا ۽ هاڻي 6 سئو. گوشت بہ هندستان مان گهرائڻو پوي ٿو. رستا تباهہ ٿي ويا آهن. ڏهہ لک ايڪڙ زمين سُڪي برباد ٿي چُڪي آهي. گذريل سال مانيءَ ڳيي لاءِ ماڻهن جون قطارون لڳل هيون.“

سليمان لائق چيو:”دنيا ۾ جيترو افغان انقلاب جي مخالفت ٿي آهي، ڪنهن ٻئي انقلاب جي نہ ٿي هوندي. سڀ رُجعت پسند افغان انقلاب جي خلاف متحد آهن . پئسو عربن جو هٿيار آمريڪا جا ۽ تنظيم ۽ جنگ ڪرائيندڙ پاڪستان آهي. انهن جا ٻيا رُجعتي ساٿاري ملڪ بہ سندن مدد ڪري رهيا آهن . اسپين ۾ جمهوري انقلاب جي مدد لاءِ دنيا جا ترقي پسند ويا هئا پر هتي معاملو اُبتڙ آهي. سوويت يونين مدد لاءِ آيو تہ سڄي دنيا واويلا ڪئي. نيٺ اسان ان کي چيو تہ واپس وڃو اسان پاڻ انقلاب جو دفاع ڪنداسين. هڪ ٻيري آفريڪا ويندي ڪويت ۾ ٿورو ترسڻو هو. هوائي اڏي تي اختياريءَ وارن کي جڏهن معلوم ٿيو تہ مان افغان انقلاب سان لاڳاپيل آهيان تہ منهنجي ايتري بيعزتي ڪيائون جو مان حيران ٿي ويس. دل چيو تہ کانئن پُڇان تہ ڇا سندن اسرائيل سان جهيڙو ختم ٿي ويو آهي؟

نجيب جي هن ساٿيءَ جا سنڌين لاءِ تاثرات هن ريت هئا :

”پشتونن کان وڌيڪ سنڌين جو قدر ڪريون ٿا ڇو تہ اهي سُجاڳ آهن ۽ جدوجهد ڪري رهيا آهن . جي ايم سيد کي پراڻي وقت کان سُڃاڻون ۽ سندس مضبوط قومپرست نظرئي سبب کيس پنهنجو بہ رهبر سمجهون ٿا. پنهنجي پيرسنيءَ جي باوجود هو جڏهن دهليءَ ويو هو تہ مان سندس دليري ۽ همت کان متاثر ٿيو هئس. هُو واقعي سچو سنڌي آهي. اسان سنڌين سان سندن جدوجهد ۾ گڏ آهيون. غلاميءَ جون زنجيرون ضرور ٽٽنديون.“

29مارچ تي سڄو ڏينهن مينهن وسندو رهيو. سڄ جو نالو بہ ڪونہ هو. صبح جو ڏهين کان ٻارهين وڳي تائين شهر جو چڪر هنيم ۽ جنرل پوسٽ آفيس مان دهليءَ وينا شرنگيءَ کي ٽيليگرام موڪليم تہ 31 مارچ تي پهچي رهيو آهيان. باقي ڏينهن ڪچهرين ۾ گذريو. رات جو ماني کائي ڪمري ۾ وياسين تہ آريسر جلدي سمهي پيو ۽ مان وينس ريڊيو جي سُئي گهمائڻ. اوچتو آڪاشواڻي جوڌپور تان سنڌي ڪلام شروع ٿيا. وري جو ڦيرايم تہ خيرپور ريڊيو جو بلڪل صاف آواز آيو . سنڌ مان سنڌي آواز ٻُڌي دل خوش ٿي وئي. وڌيڪ مزو تڏهن آيو جڏهن سينگهار علي سليم جو ڳايل ڪلام ”آءُ وريو نٿي وران“ ۽ عابدا پروين جو ڳايل ”ڪيئن پرچايان توکي، ڪيئن ريجهايان توکي، ڏس ڪو ڏي“ ٻُڌم. ان کان پوءِ محمد يوسف جو ڪلام ”سُڌ نہ سورن جي ڪل ڪا مون کي“ ٻُڌم.

30مارچ تي صبح جو سج ڏسي آٿت ٿي تہ موسم بدلي آهي ۽ جهاز جي اُڏام ۾ ڪا رنڊڪ نہ پوندي. سڄو ڏينهن وري بہ ڪچهرين ۽ وي سي آر تي فلم ڏسڻ ۾ گذريو. رات جو عماد سان ڊگهي ڪچهري ٿي جنهن دوران مان ڪانئس افغانستان جي سماجي، سياسي ۽ اقتصادي حالتن بابت سوال پُڇندو رهيس.

عماد، جيڪو اصل ۾ وزارتِ سرحد جو عملدار هو تنهن ٻُڌايو تہ نجيب حڪومت زرعي سڌارا آندا جنهن تحت "ڪيڙي سو ڪائي" واري پاليسي اختيار ڪري هر هاريءَ کي ٽيهہ جريب زمين ڏني وئي. هارين تي چاڪاڻ تہ جاگيردارن جو ڊپ ويٺل هو تہ متان اهي کين مارائي ڇڏين، تنهنڪري هاري بہ هتان ڀڄي ملڪ ڇڏي ويا. ان ڪري زمينون ويران ٿي ويون ۽ زرعي پيداوار ختم ٿي وئي. هاڻي صدر نجيب قومي مصالحتي پاليسيءَ تحت سرمائيدارن کي ڪارخانا هڻڻ جي اجازت ڏني ۽ پرڏيهي سرمائيدارن کي بہ سيڙپ ڪرڻ جي آڇ ڪئي آهي. حڪومت سرمائيدارن کي ڪارخانا هڻڻ لاءِ قرض بہ ڏئي رهي آهي. ان سان گڏ حڪومت ۽ سرمائيدار گڏيل سيڙپ بہ ڪري رهيا آهن .ملڪ ۾ چينيءَ جو سامان ناهڻ جا ڪارخانا،سائيڪلن ناهڻ جا ڪارخانا، ڪوڪا ڪولا، اسپيئر پارٽس، ٽيڪسٽائل صنعتون، زيتون جو تيل ناهڻ جو ڪارخانو جُوس ناهڻ جا ڪارخانا وغيره نهي چُڪا آهن . صنعتي مزدور صبح جو اٺين ڪان منجهند جو ڏيڍ وڳي تائين ڪم ڪن ٿا. سندن علاج مفت ٿئي ۽ اٽو ۽ گيهہ بہ مفت ملين. ٻيو سامان بازار مان رعايتي اگهہ تي کين ملي ٿو جنهن لاءِ حڪومت طرفان مزدورن کي ٽوڪن مليل آهن . بازار ۾ رعايتي اگهہ ان حد تائين گهٽ آهن جو هڪ ڪلو چانهہ جي پتي، جنهن جي عام قيمت پندرهن سئو افغاني آهي، اها پورهيتن کي ٽي سئو ۾ ڏني ٿي وئي. هارين ۽ پورهيتن جي ڀلائيءَ لاءِ هڪ تنظيم سازمانہ انقلابي زحمت ڪشان افغانستان Revolutionary Organization of Toiling People of Afghanistanبہ ناهي وئي هئي. هارين جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ حزبِ عدالت دهقانان بہ قائم ڪئي وئي هئي. شُوراءِ زنانہ افغانستان جي نالي سان عورتن جي تنظيم بہ قائم هئي جنهن جي اڳواڻ ايران ۾ اڳوڻي سفير معصومہ عصمتي وردڪ هئي.

هن ٻڌايو تہ اڳي مذهبي معاملن بابت هڪ کاتو هوندو هو پر هاڻي هڪ مڪمل وزارت قائم آهي.

اسلامي علوم يونيورسٽيءَ تائين وڌايا ويا هئا ۽ هڪ ڌار اسلامي يونيورسٽي بہ قائم ڪئي وئي هئي.

حڪومت ڪيترين ئي مسجدون بہ نهرايون آهن ۽ مولوين کي بہ باقاعدا پگهار ملندي آهي.

افغانستان ۾ عام ملازم جي پگهار گهٽ ۾ گهٽ پنج هزار افغاني هئي جڏهن تہ اوور ٽائيم الڳ ملندو هئن. فوجين جي پگهار سِول ملازمن کان وڌيڪ هئي.

جنگ جي ڪري آبپاشي نظام تباهہ ٿي چُڪو هو پر بارشن، چشمن ۽ درياهہ مان ڪئنالن ڏانهن پاڻي ڇڪي ڪجهہ زمين سيراب ڪئي ٿي وئي جنهن تي ڪڻڪ، جوئر، چقندر ۽ ٻيا فصل پوکيا ٿي ويا. ڪينُو نارنگيون، انگور، گدرا، هنداڻا، ڏاڙهون، شفتالو زردالو وغيره هتان جا خاص ميوا آهن.

عماد ٻُڌايو تہ انقلاب کان پوءِ روزانو رات جو ڪرفيو لاڳيتو جاري آهي. وچ ۾ ٻن سالن لاءِ ڪرفيو ختم ٿيو پر جنوري 1989 ۾ سوويت فوجون واپس وڃڻ تہ ڪرفيو وري شروع ڪيو ويو. پارٽي ميمبر

فوجي لباس پائيندا آهن جڏهن تہ اهي دفاع خُودي (پنهنجي حفاظت پاڻ) تحت پنهنجي پاڙن ۾ سڪيورٽيءَ جو انتظام ڪن ٿا جنهن لاءِ حڪومت کين پاڻ هٿيار ڏنا آهن . پارٽيءَ جا ميمبر رات جو پاڻ ڊيوٽي ڪندا آهن ۽ هر ميمبر لاءِ هفتي ۾ ٻہ ڏينهن مقرر آهن.

31مارچ افغانستان ۾ اسان جو آخري ڏينهن هو. صبح کان ئي واپسيءَ جو انتظار هو. نيرن ڪري مان ۽ آريسرپاڪستان مان تازو آيل افراسياب خٽڪ سان ملڻ وياسين جيڪو انهيءَ ريسٽ هائوس ۾ رهيل هو جتي مرتضيٰ ڀٽو ۽ شاهنواز ڀٽو جلاوطنيءَ دوران رهندا هئا ۽ اتي ئي افغان ڇوڪرين سان پرڻيا هئا. افراسياب وٽ پاڪستان جي ڊيموڪريٽڪ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو صدر بہ آيل هو.

منجهند جو افغان نائب وزير آغا نورالله الوداعي ملاقات لاءِ آيو جنهن کان پوءِ مهماندار آفيسر عماد سان گڏ هوائي اڏي ڏانهن روانا ٿي وياسين. پوڻن ٻن ڪلاڪن جي سفر کان پوءِ جڏهن دهليءَ جي اندرا گانڌي انٽرنيشنل ايئر پورٽ تي لٿاسين تہ وينا شرنگيءَ جو پاءُ اسان کي وٺڻ لاءِ پهتو هو پر هتي بہ اسان جيئن تہ افغان حڪومت جا مهمان هئاسين تنهنڪري افغان سفارتخاني جي آيل عملدار سان گڏ هوٽل تي هليا وياسين جتي اسان جي رهائش جو انتظام هو. وينا شرنگي ۽ لڇمڻ پاتيا سان ٻئي ڏينهن پهرين اپريل تي ملاقاتون ٿيون جنهن جو احوال اڳ ئي ڏئي چُڪو آهيان. ٽئين ڏينهن 2 اپريل تي هتان لاهور لاءِ روانا ٿياسين جتي رات جو ئي ڪوچ ۾ چڙهي سڄي رات ۽ ڏينهن سفر ڪري 3 اپريل تي شام جو ڇهين وڳي سکر پهتاسين ۽ اتان چوٿين اپريل تي ڪوچ ذريعي ڪراچيءَ پهچي سفر جي پڄاڻي ڪئي سين.

ڪراچيءَ پهچڻ شرط پهريون ڪم صحافيءَ واري ذميداري پوري ڪرڻ هو تنهنڪري هڪدم ڪابل جي دوري ۽ خاص طور افغان صدر سان ملاقات جي حوالي سان هڪ تفصيلي رپورٽ تاهي هلال پاڪستان اخبار ۾ ڇاپيم. مون کي حيرت ٿي تہ ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ جماعتي اُردو رسالي تڪبير ۾ اها سموري رپورٽ ترجمو ڪري پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت ۽ منهنجي خلاف زهر پريل جملن جو واڌارو ڪري شايع ڪئي وئي جنهن جي هيڊنگ هئي :پيپلز پارٽي ڪي دانت دِکاني ڪي اور، کاني ڪي اور.

ان رسالي 1988 ۾ بہ منهنجي خلاف لکيو هو جڏهن عام چونڊن ۾ پيپلز پارٽي کٽي رهي هئي. مان ان وقت پاڪستان ٽيليويزن جي چونڊن واري نشريات ۾ ڪراچي سينٽر تان ميزبان هئس ۽ مرحوم علي احمد بروهي مهمان هو. اڌ رات کان پوءِ جڏهن لاڳيتو پ پ پ جي اميدوارن جي ڪاميابيءَ جا اطلاع اچڻ لڳا هئا تہ مون بروهي صاحب کي چيو هو تہ هاڻي صورتحال ڪافي دلچسپ ٿيندي پئي وڃي. منهنجو اهو اکر تڪبير رسالي وارن کي وڏي تڪليف پهچائي ويو ۽ هنن اڌ صفحو منهنجي خلاف مضمون سان ڀري ڇڏيو هو.

❇

# مالديپ

## ٻُڏندڙ ٻيٽن وارو ملڪ

# *Maldives*

## *The Country of Sinking Islands*



# ٻُڏندڙ ٻيٽن وارو ملڪ
## ڪولمبو هوائي اڏو: امارات ايئر لائين جي جهاز اندر

هن وقت امارات ايئر لائين جو جهاز ڪولمبو هوائي اڏي تي لٿو آهي ۽ سريلنڪا جي وقت مطابق رات جا ساڍا ڏهه ٿيا آهن. منهنجو سفر اجا به اڳتي مالديپ ڏانهن آهي، سريلنڪا کان چار سئو پنجٽيهه ميل ڏکڻ اولهه ۾ ۽ انڊيا کان به سئو پنجاهه ميل ڏکڻ اولهه ۾ مالديپ ٻيٽن تي آباد هڪ ملڪ آهي، مان صبح جو سوائين ڏهين وڳي ڪراچيءَ مان گهران نڪتل آهيان. ڪراچيءَ کان جهاز ۾ دبئيءَ پهتس ۽ اُتان وري هن پاسي يعني اولهه ڏانهن وڃي وري اوڀر ڏانهن سفر. مونکي ورلڊ پريس فريڊم ڊي World Press Freedom Day جي حوالي سان ٻن ڏينهن جي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ يونيسڪو وارن دعوت ڏني هئي، مونکي پنهنجي اداري پاڪستان پريس انٽرنيشنل جي نمائندگي ڪندي پنهنجي ملڪ اندر ماڻهن کي معلومات تائين پهچ جي حق ۽ اُن بابت قانون جي حوالي سان پيپر پڙهڻو هو.

ڪوشش ڪيم ته ڪراچيءَ کان سريلنڪا ايئر لائين ۾ سيٽ ملي ته اُتان آچر تي شام جو نڪران ۽ رات جو ڏيڍ وڳي مالديپ جي گادي ماليَ پهچان پر ايئن نه ٿي سگهيو. ساڍي ٻارهين وڳي ڪراچيءَ مان اُڏاڻل جهاز دبئيءَ جي وقت مطابق ذري گهٽ اڍائي وڳي دبئي هوائي اڏي تي لٿو. دبئي ۽ پاڪستان جي وقت ۾ هڪ ڪلاڪ جو فرق آهي جڏهن ته ڪراچيءَ کان دبئي پهچڻ ۾ ڏيڍ ڪلاڪ لڳي ٿو. دبئي هوائي اڏي تي ڊيوٽي فري مال ۾ رُلندي سوا چئين وڳي تائين وقت گذاريم جنهن کانپوءِ جهاز ۾ ويٺس ۽ پنجين وڳي کانپوءِ جهاز اُڏاڻو. دبئي هوائي اڏي تي سريلنڪا جي هڪ نوجوان ٻڌايو ته دبئي ۽ سريلنڪا جي وقت ۾ ڏيڍ ڪلاڪ جو فرق آهي ۽ جهاز سريلنڪا جي وقت مطابق رات جو ساڍي ڏهين وڳي ڪولمبو پهچندو.

جهاز ۾ ڪاٺڻ ويهڻ کانپوءِ وقت گُذاري لاءِ چينل ڦيرائيندو رهيس. پوڻا چار سئو چينل ڦيرائڻ ۾ ئي گهڻو وقت لڳي ٿو. مون ته هڪ اڌ انگريزي فلم جاتڪرا به ڏسي ورتا پر جڏهن جهاز ڪولمبو کان ويهه پنجويهه منٽ پري هو ته هڪ چينل تي مرحوم شفيع محمد شاهه جو پراڻو ڊرامو "ميرا نام هي محبت" هلندي نظر اچي ويو. مون اُن مهل ئي ڊائري ڪڍي اُن ۾ نوٽ ڪري ڇڏيو ته ڇٽيهه هزار فُٽ بُلنديءَ تي مون شفيع محمد شاهه جو ڊرامو ڏٺو. ڊرامو ته اُردو هو پر زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ هڪ اهڙي اداڪار (مرحوم) کي ڏسڻ جنهن جي مقبوليت آسمان تي پهتل هئي ۽ جنهن سان نيازمندي به هئي، هڪ يادگار ڳالهه هئي. هونئن به سنڌ کان ٻاهر ڪنهن سنڌيءَ جو ملڻ يا سنڌي ڳالهائيندي ٻُڌڻ ئي جڻ ته پاڻ کي روحاني طور سنڌ ۽ سنڌين سان ڳنڍيو ڇڏي. دبئي هوائي اڏي تي به مونکي ڇِڪ محسوس ٿي جڏهن هڪ سنڌي فئمليءَ کي پاڻ ۾ ڳالهائيندي ٻُڌم. ڪراچيءَ کان دبئي ويندي جهاز ۾ به هڪ اڌ سنڌي نظر

آيو هو. ڪين ڏسي دعا گهري هئم ته سنڌي جتي به هجن خوش هجن. رُڳو هڪ ٻئي جون جنگهون نه ڇڪن.

جهاز ڪولمبو کان روانو ٿيڻ ۾ اجان ڇگهو وقت هو. يارهين وڳي ڏاري اوچتو مينهن شروع ٿي ويو. مان جهاز جي دريءَ مان مينهن جو مزو وٺندو رهيس. ڪولمبو ۾ به ڪلاڪ لڳي ويا ۽ اهو سمورو وقت جهاز اندر ئي ويهڻو پيو هو. مون به هڪ پيرو وري شفيع محمد شاهه جو ڊرامو ڏسي ورتو. دبئيءَ کان ڪولمبو تائين منهنجي پر واريون ٻئي سيٽون خالي هيون پر ڪولمبو مان هڪ جهونو پنهنجي گهر واريءَ سان سوار ٿيو جن ڪيِ اهي سيٽون مليل هيون. مون سمجهيو ته اِهي به مالَي ويندا هوندا سو ڪائنن ڪولمبو کان مالَي تائين سفر جو وقت پڇيم پر خبر پئي ته هُو دبئي وڃڻ لاءِ سوار ٿيا هئا جو اِهائي فلائيٽ مالَي وڃي موٽ ڪائي ها. هنن ڪي دبئيءَ کان انگلينڊ وڃڻو هو. ٻڌ مت جو پوئلڳ جهُونو. جنهن پنهنجو نالو هميس Hames ٻڌايو پاڻ انگلينڊ ۾ رهندو هو. پُٽس جرمنيءَ ۾ ۽ ڌيٽس ڪنهن ٻئي يورپي ملڪ ۾. هُو هر سال فقط ٽن مهينن لاءِ سريلنڪا ايندا هئا. مون کي ٻُڌمت سان دلچسپي هجڻ سبب ساڻس ڪچهريءَ جو موقعو ملي ويو ۽ جڏهن ٻُڌايومانس ته ڏکڻ ڪوريا ۾ ٻُڌ پيڪشوئن سان نه رُڳو ملي چُڪو آهيان پر اُتي ٻُڌن جي پگوڊائن ۾ رهي به چُڪو آهيان ته سندس دلچسپي اجان وڌي وئي.

*

# هوائي اڏي لاءِ الڳ ٻيٽ

رات جو سوا هڪ وڳي ڊاري جهاز مالي هوائي اڏي تي لٿو. لينڊنگ مهل رات هجڻ جي باوجود هوائي اڏي جي روشنين ۾ سمنڊ جو پاڻي ڏسڻ ۾ آيو ٿي. جهاز جيئن ئي هيٺ ٿيندو ٿي ويو ته ايئن پئي لڳو ڄڻ جهاز پاڻيءَ تي لهڻ وارو هجي. وري جڏهن جهاز جا ڦيٿا زمين سان لڳڻ وارا هئا ته خبر پئي ته سمنڊ جو پاڻي خشڪيءَ کان ٻه يا ٽي فُٽ هيٺ هو. ٽرمينل بلڊنگ عام رواجي هئي جيئن ڪنهن غريب ملڪ جي ٿي سگهي ٿي. جهاز مان لهي ٽرمينل بلڊنگ اندر گهڙيس ته اميگريشن جي ڪارروائين لاءِ ٽرسٽو پيو جو مون کان اڳ هڪ ٻه ماڻهو بيٺل هئا. خبر پئي ته اُنهن ۾ هڪ اسلام آباد مان اين جي او جو مختيار ۽ نيپال جو هڪ همراهه هيو. اميگريشن وارن کي جيئن ئي خبر پئي ته اسان سرڪاري مهمان آهيون ته بنا دير جي سڀ ڪارروايون پوريون ڪري وڏي عزت سان ٻاهر تائين ڇڏڻ آيا جتي وري ميزبانن ڪجهه ڇوڪرين کي اسان جي آڌرڀاءُ لاءِ موڪليو هو. مالديپ جي ويزا لاءِ ڪا وڏي پڄ ڊُڪ ڪرڻي ڪانه ٿي پوي. بس ٽڪيٽ وٺي جهاز ۾ چڙهي پوڻو آهي، هوائي اڏي تي توهان کي ويزا جو ٺپو هڻي ڏئي ڇڏيندا جيئن نيپال ۽ سريلنڪا ۾ آهي.

ميزبان ڇوڪريون اسان کي وٺي اڳتي هليون ته سامهون هلڪي روشنيءَ ۾ پارڪنگ ايريا ڏسڻ ۾ آئي جتي ڪوسٽر بيٺل محسوس ٿيا پر ويجهو وڃڻ تي خبر پئي ته اِهي لانچون Feries هيون جن ۾ سوار ٿي اسان کي مالي وڃڻو هو. ميزبان ڇوڪرين ٻڌايو ته هوائي اڏو هڪ الڳ ٻيٽ تي آهي، بلڪ اهو ٻيٽ ئي مڪمل طور هوائي اڏو آهي. مان حيران هئس جو هر پاسي سمنڊ هوءِ ٻيٽ ٻه ڪو وڏو ڪونه هو. اهڙي هنڌ جهاز جو لهڻ جوکم جو ڪم هو. مالديپ مان موٽي مون YouTube تي اهڙي وڊيو ڳولي ڏٺي جنهن ۾ جهاز جي ڪاڪپٽ مان جهاز جي لينڊنگ، سمورو هوائي اڏو مڪمل ٻيٽ ۽ آسپاس سمنڊ جو واضح منظر ڏيکاريل هو.

اسان لانچ ۾ سوار ٿي مالي روانا ٿياسين ۽ اٽڪل پندرهن وِيهه منٽن جي سفر ڪانپوءِ لانچ اچي مالي جي ڪنڌيءَ سان لڳي. رات جي وقت آسپاس جي ٻيٽن تي ٻرندڙ روشنيون جرڪي رهيون هيون پر سواءِ روشنين جي ڪجهه نظر نٿي آيو. مالي جي ويجهو پهچڻ تي ٻه اکين ڏوکو ڪاڏو هو ڇو ته لڳو ٿي ته پبلڪ ٽرانسپورٽ واريون بسون قطار ۾ بيهاريون ويون آهن، پر ويجهو پهچڻ تي اهي ٻه لانچون Feries ئي نڪتيون. لانچ مان نڪري جيٽيءَ تي قدم رکيوسين ته پرسان ئي روڊ هو جتي ڪجهه ڪارون بيٺل هيون. سيني اهو ئي سمجهيو ته هاڻي ڪارُن ۾ سوار ٿي اڳتي سفر ڪبو پر منزل ويجهي ئي هئي ۽ رُڳو گهٽي پار ڪرڻ جي دير هئي. گهٽيءَ جي ڪُنڊ تي 9 ماڙ مُوڪر Mookar هوٽل ۾ اسان جي لاءِ ڪمرا مخصوص ٿيل هئا.

❊

## ٻُڏندڙ ملڪ ۾ پهريون ڏينهن

چابي وٺي ڪمري تي پهتس ته رات جا ٽي ٿي چُڪا هئا. سخت ٿڪَ ۽ اوجاڳي جي باوجود ننڊ نه پئي آئي ۽ خبر ناهي ته ڪيڏيءَ مهل پاسا ورائيندي اک لڳي وئي. وري اک کُلي ته سمجهيم پڪ ئي پڪ ڪانفرنس شروع ٿي وئي هوندي، پر جڏهن هوٽل جي ملازم غفور کان ٽائيم پڇيم ته اجا ڇهه لڳي اٺاويهه منٽ ٿيا هئا. مون پنهنجي واچ جو ٽائيم مالديپ جي وقت مطابق سيٽ نه ڪيو هو پر اُن ۾ به ساڍيو وقت ٿيو هو. منهنجي حيراني غفور هڪدم اهو چئي ختم ڪري ڇڏي ته مالديپ حڪومت مقامي وقت هڪ ڪلاڪ اڳتي ڪري ڇڏيو آهي. اِن حساب سان پاڪستان ۽ مالديپ وچ ۾ هڪ ڪلاڪ جو فرق ختم ٿي ويو هو.

وقت جي خبر پوڻ ڪانپوءِ آرام سان تيار ٿي نيرن جي پُڇا ڪيم ته ٻُڌايو ويو ته اِن هوٽل جي سامهون هڪ بي هوٽل ۾ ڪاڏي پيتي جو انتظام آهي. مون کي به تڪڙ ڪانه هئي جو ٻُڌايو ويو هو ته هاليڊي اِن هوٽل ۾ ڪانفرنس رکيل هئي جيڪا اسان جي رهائش واري هوٽل کان سڏ پنڌ تي هئي. بلڪل سامهون وارو روڊ وٺي اجان پنج منٽ پنڌ ڪيو هوندم ته هاليڊي اِن هوٽل اچي وئي جنهنجي ٻي ماڙ تي هال ۾ پروگرام هو. اهو اسڪندر روڊ هو جنهن تي ڪجهه گفٽ شاپ به هئا ته ڪجهه اسڪول ۽ مدرسا. هڪ وڏي مسجد به هئي جنهن جو نالو (اسڪندر مسجد) به روڊ جي نالي پُٺيان يا روڊ جو نالو مسجد جي پُٺيان هو. هي مالَي جو اهم رستو هو جو ته هاليڊي اِ ن هوٽل جي سامهون ئي انڊين هاءِ ڪميشن جي عمارت هئي. ٿورو اڳتي هلبو ته مالديپ جو فوجي هيڊڪوارٽر، قومي ميوزيم ۽ هڪ بي وڏي شاهي مسجد "سلطان مسجد" جي نالي سان قائم آهي. انهن سيني کان ٿپي ٿورو اڳتي هلبو ته شاپنگ ايريا ايندي. ان رستي جي مُتوازي رستو سمنڊ ڪناري آهي ۽ اُتي اِسٽيٽ بينڪ آف اِنڊيا جي برانچ به آهي ته مالديپ جي صدر جي آفيس به، جن جي مُهاڙ سمنڊ ڏانهن آهي. ٿورين ئي وِکن تي خوبصورت جيٽي نهيل آهي جنهن جي آڏو ماڻهن جي وندر لاءِ بينچون وغيره رکيل آهن. ڪنهن پارڪ جهڙو ماحول جتي ماڻهو ڪي گهڙيون سُڪون سان ويهي سگهي. سمنڊ جي اِن حصي ۾ ڪوسٽ گارڊ وارن جون لانچون بيٺل نظر اينديون. صبح کان شام تائين ڪانفرنس ۾ هجڻ ڪري مان ٻن ڏينهن ۾ مالَي جا اِهي به روڊ ۽ شاپنگ ايريا جو ڪجهه حصو ئي گهمي سگهيس جڏهن ته هڪ رات مالَي کان ڪجهه پرڀرو هڪ ٽوئرسٽ رزارٽ تي ڪينڊل لائيٽ ڊنر ڪئي سين. مالَي گهمڻ لاءِ ڪي گهڻا ڏينهن ڪونه کپن ڇو ته اهو بيٺ ڪُل اَٺ چورس ڪلوميٽرن ۾ آهي جنهن جي ڪُل ڊيگهه ئي ٽي ڪلوميٽر آهي. مالديپ جي گاديءَ جي ڪُل آبادي 2008 جي انگ اکرن مطابق اسي هزار هئي جيڪا 2010 ۾ هڪ لک ڪن هئي. مالديپ ٻارهن سئو ننڍن ننڍن ٻيٽن تي مشتمل ملڪ آهي جنهن جي ڪُل ايراضي ته نوي هزار چورس ڪلوميٽر بيهي ٿي پر سيني ٻيٽن جي زمين ملائبي ته ڪُل ايراضيءَ جو هڪ سيڪڙو بيهندي. ٻارهن سئو ٻيٽن مان فقط ٻه سئو ٻيٽن تي ماڻهو رهن ٿا ۽ باقي سڀ غير آباد آهن. ٻه سئو ٻيٽن مان به ڪيترائي اهڙا آهن جن تي مشڪل سان هڪ هڪ سئو ماڻهو رهن ٿا. مزي جي ڳالهه ته ملڪ جي ڪُل آبادي ئي ٽي لک ٽيهه هزار آهي. جيتري مالديپ جي آبادي آهي، ساليانو اُن کان وڌيڪ سياح هتي گهمڻ لاءِ اچن ٿا.

*

# اِسرارن سان ڀريل تاريخ

مالديپ اڄ ڇا آهي؟ مون ڇا ڏٺو؟ ڪنهن سان مليس ۽ ڪهڙو مشاهدو ٿيو انهيءَ تي لکڻ کان اڳ هن ملڪ جي ماضيءَ تي نظر وجهڻ گهرجي جيڪا تاريخ جي اسرارن سان ڀريل آهي. ڇون ته ته مالديپ جي تاريخ هِن ملڪ وانگر ايتري پُر اِسرار آهي جو ڏندڪٿائن ۽ حقيقتن وچ ۾ فرق ڪرڻ به ڏاڍو ڏکيو آهي. سوين ميلن ۾ پکڙيل سمنڊ جي وچ ۾ هنن اڪيلن ٻيٽن تي ماڻهو ڇو ڪيئن ۽ ڪٿان آيا؟ جڏهن ان بابت تاريخ جا پنا اُٿلائجن ٿا ته رُڳو ساموندي خطرن ۽ ڌارين جي يلغارن کي مُنهن ڏيندڙ سلطانن، بادشاهن ۽ راڻين جون ڪهاڻيون ملن ٿيون.

مالديپ ملڪ جي نالي جي به الڳ ڪهاڻي آهي. سنسڪرت ۾ دِيوپ يا دِيپ ٻيٽ کي چون ٿا تنهنڪري عربن ان کي محل دِيب سڏيو ٻيٽن تي رهندڙن کي ڌِيوز Dhives سڏجي ٿو. جڏهن ڊچ هتي قابض ٿيا ته انهن هن ملڪ کي Maldivische Eilander سڏيو ۽ انگريزن ان کي مالدِيو آئلينڊ Maldive Islands جو نالو ڏنو جيڪو ڦري فقط مالدِيوز Maldives تي ويو. سريلنڪا جي قديم پالِي ٻوليءَ جي ڪتابن ۾ هن ملڪ کي ماهيلا دِيوا Mahila Diva يعني عورتن جي سرزمين Land of Women سڏيو ويو آهي. ڪن تاريخدانن جو خيال آهي ته اهو سنسڪرت جو لفظ مالادِويا Maladivipa آهي جنهن جو مطلب ٻيٽن جو هار Garland of Islands آهي. عرب سياح اِبن بطوط جيڪو 1344 عيسوي سن ۾ مالديپ آيو ۽ هتي قاضي (جج) طور ڪم ڪيائين، تنهن هن ملڪ لاءِ عربي لفظ محل دِبيات Mahal Dibiyat استعمال ڪيو آهي ۽ مالديپ جي سرڪاري نشان State Emblem ۾ به اهو لفظ چاڙهيل آهي.

چون ٿا ته ٽي هزار ورهين کان هتي ماڻهو آباد آهن. سڀ ماڻهو هڪ ئي نسل جا ڪونه هئا، ڪي ڪيرالا کان آيا ته ڪي مالابار کان، ڪي تامل نسل جا ماڻهو به پهتا، پر چون ٿا ته سڀ کان اڳ هتي آباد ٿيندڙ دراوڙ ئي هئا. ڪجهه تاريخدانن جو خيال آهي ته جڏهن سنڌ جو ديبل بندر آباد هو ۽ سنڌ ۽ مالديپ وچ ۾ واپار هلندڙ هو تڏهن سنڌ جا جت، گُجر ۽ گوترا ذاتين جا ماڻهو به مالديپ ۾ اچي آباد ٿيا هئا. مالديپ سنڌ سان ناريل، ناريل جي کلن مان ٺهيل رسيون ۽ ٽوڪرن جو روانگي واپار ڪندو هو. سنڌ وارا ناريل جي کلن جون رسيون خريد ڪندا هئا جو اهي سمنڊ جي لُوڻياڻي پاڻيءَ جو ڏک سهڻ سبب جهازن ۾ استعمال ٿينديون هيون. عربن جو به پُراڻي زماني کان مالديپ سان وڻج واپار هو ۽ عربن جا غوراب بصري کان هلي سڀ کان پهرين مالديپ ۾ ئي لنگر ڪوڙيندا هئا.

مالديپ جي ٻيٽن تي ڪيترائي قديم آثار آهن پر انهن جي باقاعده کوٽائي ۽ تحقيق نه ٿي آهي. هتي مختلف عقيدن جا ماڻهو رهيا هوندا پر هندو ۽ ٻڌ مت جي عبادتگاهن جا آثار مليا آهن. اشوڪا جي ڏينهن ۾ هتي ٻڌ مذهب آيو پر ٻارهين عيسوي صديءَ ۾ اسلام مڪمل طور ڇانئجي ويو ڇو ته 1155 عيسوي سن ۾ هتان جي سلطان فرمان جاري ڪري ملڪ کي اسلامي رياست قرار ڏئي وڏي پيماني تي مسجدن جي اڏاوت شروع ڪرائي هئي.

*

# عورتن جو راڄ

مالديپ ۾ عورتن جو راڄ رهيو آهي. سورهين عيسوي صديءَ تائين هتي ڪيترين ئي عورتون حڪمراني ڪنديون رهيون. اقتدار عورتن کي ملڻ جو ڪارڻ بادشاهه جي مرڻ تي پاءُ يا پُٽ جي ننڍي عمر هُجڻ يا مُرڳو ئي نه هُجڻ ٿي سگهي ٿو. ان حالت ۾ بادشاهه جي زال، ڌيءُ يا ڀيڻ اقتدار سنڀاليندي هوندي. اقتدار لاءِ عورتن ۽ مردن وچ ۾ جهيڙن جي تاريخ به مالديپ ۾ ملي ٿي. مالديپ جي سڀ کان طاقتور عورت حڪمران سلطانه خديجه ٿي وڃي ٿي جيڪا پنهنجي پيءُ کانپوءِ تخت جي وارث ٿي. سندس مڙس ڪيس به ٻيرا تخت تان هٽايو پر ٻئي ڀيرا هن پنهنجي مڙس کي نه رُڳو شڪست ڏني پر نيٺ مُڙس کي مارائي ڇڏيائين. اڳتي هلي خديجه جي ڀيڻ اقتدار تي قبضي ۾ ڪامياب ٿي وئي. سلطانه خديجه جي زماني ۾ مالَي واپار جو مرڪز هو. شاهي دربار رعيت لاءِ چانور ٻاهرين ملڪن مان خريد ڪندي هئي. سلطانه خديجه پنهنجي حفاظت لاءِ هڪ هزار فوجي مقرر ڪيا هئا جن مان سواءِ ڪجهه مقامي ماڻهن جي باقي سڀ ٻين ملڪن جا هئا. هوءَ پنهنجي فوجين کي پگهار طور چانور ڏيندي هئي. مالديپ سامونڊي سپون ٻاهرين ملڪن کي وڪرو ڪندو هو ڇو ته سِپون اڪثر ملڪن ۾ سِڪي طور استعمال ٿينديون هيون. سلطانه خديجه وٽ قيمتي سِپُن جا وڏا انبار هئا.

نائين صديءَ جو عرب واپاري سليمان پاڻ ته ڪڏهن مالديپ نه گهميو هو پر ٻين واپارين جي واتان ٻُڌو هئائين ته مالديپ ۾ عورتن جي حڪمراني آهي. هڪ ٻيو عرب المسعودي 916 صديءَ ۾ مالديپ آيو. هُو لکي ٿو ته مالديپ جا ماڻهو هڪ راڻيءَ جي رعيت آهن ۽ اهي ڪنهن مرد جي حڪمراني پسند نه ٿا ڪن. اهڙي طرح ال اِدريسي (1099کان 1198) لکي ٿو ته هنن ٻيٽن جو هڪ رئيس آهي پر سندس زال ماڻهن جا فيصلا ڪري ٿي. مڙس جي موجودگيءَ ۾ جڏهن هُوءَ فيصلا ڪري ٿي ته ان ۾ مُڙسس به مداخلت نٿو ڪري. هُوءَ مردن کان پردو نٿي ڪري ۽ راڻيءَ وانگر نت سان رهي ٿي. مٿي تي قيمتي پٿرن سان جُڙيل سونو تاج، سون جُڙيل لباس ۽ پيرن ۾ سونو سينڊل هوندو اٿس. خاص موقعن تي هُوءَ هاٿيءَ تي سواري ڪندي آهي، ڪنيزون سندس پنيان ۽ بادشاه ۽ وزير ڪجهه فاصلي تي هلندا اٿس. هوءَ پاڻ محصول وصول ڪندي آهي ۽ پنهنجي نگرانيءَ ۾ غريبن ۾ ورهائيندي به آهي.

اِبن بطوطه به لکي ٿو ته مالديپ جي راڻي توڙي ٻيون عورتون مٿو نه ڍڪينديون آهن بلڪ وارن کي ويڙهي چوٽي ڪري ڇڏينديون آهن. عورتن جو مٿيون جسم اُگهاڙو ۽ صرف چيلهه کان پيرن تائين ڍڪيل هوندو آهي. اِبن بطوطه دعوي ڪري ٿو ته قاضيءَ جي حيثيت ۾ هن عورتن کي سڄو بدن ڍڪڻ جو حڪم ڏنو هو. مالديپ ۾ شادي ڪرڻ ڏاڍو سولو هو. جهازران ايندا هئا ۽ هڪ ئي وقت ڪيترين ئي شاديون ڪندا هئا ۽ روانگيءَ مهل انهن کي طلاق ڏئي ڇڏي ويندا هئا. زالون پنهنجي هڪ مڙس جي هُوندي پهرين مڙس سان وقت گذارڻ لاءِ به آزاد هونديون هيون. اِبن بطوطه پاڻ به مالديپ ۾ ڪيترين ئي شاديون ڪيون.

# بدليل سماج

صديون اڳ تي سگهي ٿو تہ مالديپ جون سانوريون عورتون اڌ اُگهاڙيون هجن يا هڪ ئي وقت اڳوڻن ۾ موجوده مڙسن سان تعلق رکنديون هجن. پر اڄ جي مالديپ جي عورت مڪمل لباس ۾ نظر ايندي، بلڪ اڪثر عورتن کي اسڪارف پاتل هوندو آهي. هيٺ پلي جينس پهريل هجي پر مٿي تي اسڪارف ضرور هوندن. ديني توڙي دنياوي تعليم حاصل ڪن ٿيون ۽ نوڪرين توڙي ڪاروبار ۾ سرگرم آهن. مون اڪثر دڪانن تي نوجوان عورتن ۽ ڇوڪرين کي ڪم ڪندي ڏٺو.

مالديپ پهچڻ تي پهرين رات هوائي اڏي تي اسان جو استقبال ڪرڻ واريون بہ نوجوان ڇوڪريون هيون. جيڪي رات جو دير تائين جاڳڻ جي باوجود صبح جو سوير اسان کان اڳ هوٽل تي موجود هيون ۽ سندن منهن تي ٿڪَ يا اوجاڳي جو ڪوبہ تاثر ڪونہ هو. مون رهائش واري هوٽل کان ڪانفرنس واري هوٽل تائين ايندي ويندي يا شام جو ڪمرشل ايريا ۾ گهمندي ڪٿي بہ ڪنهن ڇوڪريءَ کي غير مُهذب انداز ۾ ڪونہ ڏٺو.

مون کي بعد ۾ خبر پئي تہ سئو سيڪڙو مسلمان ملڪ مالديپ ۾ سخت اسلامي قانون بہ لاڳو آهن. مثال طور مالديپ جي هڪ عدالت 2009ع ۾ اٽڪل ڏيڍ سئو عورتن کي هڪ کان وڌيڪ مردن سان جنسي تعلق رکڻ جي ڏوهہ ۾ سرِ عام ڦٽڪن جي سزا ٻُڌائي هئي. جتي انسان رهي ٿو اُتي اهڙيون سماجي خرابيون ضرور ملنديون، سو مالديپ ۾ اهڙن واقعن تي مون کي حيرت ڪانہ ٿي. ايمنيسٽي انٽرنيشنل ان مسئلي کي عالمي سطح تي اُٿاريو هو. عورتن کي سرِ عام ڦٽڪا هڻڻ ڪو چڱو عمل ڪونهي ڇو تہ پوءِ پاڪستان جي قبائلي علائقن ۾ عورتن سان اهڙو سلوڪ ڪندڙن ۾ هنن ماڻهن ۾ ڪهڙو فرق رهيو. مالديپ جي اختيارين موجب ڦٽڪن هڻڻ جو مقصد عورتن کي ماري اڌ مُئو ڪرڻ ناهي پر کين احساس ڏيارڻ آهي تہ آئينده اهڙو ڪم نہ ڪن.

❋

# سلطاني نظام کان صدارتي نظام تائين

تاريخ نويس لکن ٿا تہ مالديپ ۾ سلطاني نظام ٻـ ٻارهين عيسوي صديءَ کان شروع ٿيو جڏهن محمد بن اِبنِ عبدالله 1141 عيسوي صديءَ ۾ پهريون سلطان ٿيو ۽1156 تائين راج ڪيائين.پر پوءِ مالديپ کان مکي ويندي غائب ٿي ويو. ساموندي ٻيٽن جي هن ملڪ تي 1558 ۾ پورچوگيزن قبضو ڪيو پر پندرهن ورهين کانپوءِ سلطان ٺاڪُر فانو Thakurufaanu مالديپ کي آزادي ڏياري. ان کانپوءِ مالديپ ۾ اَٺ سئو ورهيہ سلطنت قائم رهي. 1953۾ هتي سلطاني نظام ختم ڪري ريپبلڪ قائم ڪئي وئي پر هڪ سال کانپوءِ وري سلطنت بحال ٿي وئي. نيٺ 26جولاءِ 1965تي سلطاني نظام کان هميشہ لاءِ جان ڇڏائي آزاديءَ جو اعلان ڪيو ويو ۽ ٻارهين نومبر 1968 تي ملڪ کي ٻيهر ريپبلڪ جو درجو ڏنو ويو. جيئن تہ مالديپ تي هر وقت ڌارين قوتن جي قبضي جو انديشو رهندو ٿي آيو تنهنڪري وقت جي سلطانن 1887 ۾ انگريزن سان دفاعي ناهہ ڪيو هو جنهن تحت مالديپ انگلينڊ جي تحفظ هيٺ رهيو پر اهو تحفظ مفت ۾ ڪونہ هو ان لاءِ انگلينڊ کي خراج ڏبو هو جنهن جي ادائگي 1947 تائين جاري رهي.

مُٺ جيترن ماڻهن جي آباديءَ واري هن ملڪ جي سياسي سرشتي ۾ هڪ ڀيرو وري ان وقت تبديلي آئي جڏهن 1975 ۾ وزير اعظم جو عهدو ختم ڪري صدارتي نظام آندو ويو جيڪو اڃان جاري آهي. مامُون عبدالقيوم Maumoon Abdul Gayoom ايشيا جي سڀ کان ٿوري آباديءَ واري ملڪ مالديپ جو سڀ کان ڊگهي عرصي تائين حڪمراني ڪندڙ پهريون شخص آهي ڇوتہ سندس صدارت ٽيهہ ورهيہ هلي. مامُون عبدالقيوم صدارت سنڀالڻ کان اڳ صدر ابراهيم ناصر جي حڪومت ۾ ٽرانسپورٽ جو وزير هو.هن مصر ۾ تعليم ورتي ۽ نائجيريا جي يونيورسٽيءَ ۾ اسلامڪ اسٽڊيز جو پروفيسر ٿي رهيو. بعد ۾ هو مالديپ ۾ سرڪاري نوڪرين ۾ رهيو ۽ پارٽ ٽائيم ٽيچر طور ٻـ ڪم ڪيائين. صدر ابراهيم ناصر جي پاليسين تي تنقيد ڪرڻ سبب هو 1973 ۽ 1974 ۾ گرفتار ٿي جيل ۾ ٻـ رهيو. ٻارهين نومبر 1978 تي هن مالديپ جي صدارت سنڀالي ۽ ٽيهہ سال راڄ ڪري موجوده صدر(ڪتاب لکي پورو ڪرڻ تائين نشيد جو تختو اُونڌو ٿي چڪو هو) محمد نشيد Mohamed Nasheed هٿان چونڊن ۾ شڪست کائي ٻارهين نومبر 2008 تي اقتدار تان لٿو. موجوده صدر محمد نشيد مخالف ڌُر جي پارٽي مالديوين ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جو اڳواڻ هو ۽ مامُون عبدالقيوم جي حڪومت ۾ جيل ڪاٽيندو رهيو هو. اقتدار ختم ٿيڻ تي مامُون عبدالقيوم پاڻ مخالف ڌُر جو اڳواڻ ٿيو پر جلد ئي سياست تان رٽائر ٿي ويو. مامُون عبدالقيوم مالديپ جي صدر جي حيثيت ۾ ٻـ ڀيرا 1994 ۽ 1997 ۾ پاڪستان جو دورو ڪيو. پهرين دوري ۾ هُو ڪراچيءَ ٻـ آيو جتي گورنر هائوس ۾ سندس پريس ڪانفرنس کي مون ٻـ ڪَور ڪيو هو.

*

## نئين صدر سان ملاقات

ڪانفرنس ۾ مالديپ جي نئين صدر سان ملڻ جو موقعو مليو. ڪانفرنس جي ٻئي ڏينهن آخري اجلاس ۾ لنچ کان ٿورو اڳ ڪاري رنگ جو هڪ نوجوان بنا ڪنهن خاص پروٽوڪول جي جڏهن هال اندر گهڙيو تہ ٻڌايو ويو تہ اهو صدر محمد نشيد آهي. ڳالهائڻ جو سنو بي تڪلف انداز لڳوئي ڪو نہ ٿي تہ هو صدر آهي. هال ۾ ويٺل مقامي ماڻهن کي تہ ذري گهٽ نالن سان ذاتي طور سُڃاڻي پيو. ڪانفرنس صحافت جي آزاديءَ تي هئي تنهنڪري هن پنهنجي سياسي جدوجهد کان شروعات ڪري ڳالهين کي اصل موضوع ڏانهن آندو ۽ جمهوريت ۽ صحافت جي آزاديءَ جي اهميت کي مڃيندي ان ڏس ۾ پنهنجي ڪمٽمينٽ جو اظهار ڪيو پر ڪيس مالديپ جي صحافين کان ڪي شڪايتون بہ هيون. جڏهن ڪن صحافين تقرير هلندي ڪائنس ڪي تنقيدي سوال ڪيا تہ هن ڏاڍي مهذب نموني سندن نالو وٺي مخاطب ٿي وضاحتون ڪيون ۽ چيائين، ”ميڊيا کي ماڻهن جي پرائيويٽ ۽ پبلڪ لائف ۾ فرق ڪرڻ گهرجي.“ سندس چوڻ هو تہ ماڻهن جي پرائيويٽ زندگي رات جو ٻارهين وڳي کان شروع ٿئي ٿي ۽ ميڊيا کي ان ۾ مداخلت کان پاسو ڪرڻ گهرجي.

موسم جي تبديلي، سامونڊي طوفان ۽ سمنڊ جي وڌندڙ سطح، جنهن جي ڪري مالديپ جي ٻُڏڻ جو انديشو آهي، هنن لاءِ وڏي فڪر ۽ ڳڻتيءَ جو ڪارڻ آهي. صدر نشيد ان موضوع تي بہ ڳالهايو. چيائين،”موسمياتي تبديلين کي نظرانداز ڪري جيڪڏهن ڪير ڪجهہ بہ نٿو ڪري تہ اهو وڏو بيوقوف آهي. ٽيڪنالاجي بدلجي پئي، جيڪو ان ڳالهہ کي نٿو سمجهي، اهو بہ بيوقوف آهي. پٿر جو زمانو ختم ٿي ويو آهي پر پٿر اڄ بہ موجود آهي، انهيءَ جو مطلب اهو ناهي تہ اسان ماٺ ڪري ويهي رهون“.

سن 2004 ۾ جڏهن سونامي نالي سامونڊي طوفان آيو تہ مالديپ ۾ بہ وڏي تباهي ٿي هئي، ان طوفان سان سترنجاهہ ٻيٽن کي خطرو هو. 6 ٻيٽ تباهہ ٿي ويا هئا، چوبهہ ٻيٽ بند ڪيا ويا، چوڏهن ٻيٽ خالي ڪرايا ويا هئا ۽ فقط نَو ٻيٽ صحيح حالت ۾ بچيا هئا. مالديپ جي مٿان قدرت مستقل طور هڪ تلوار لٽڪائي رکي آهي، اها آهي سمنڊ جي سطح جو وڌڻ. مالديپ دنيا جو سڀ کان هيٺانهون ملڪ آهي چو تہ سندس ٻيٽ ڪن هنڌن تي سمنڊ جي سطح کان ست فُٽ ست انچ مٿي آهن تہ ڪن هنڌن تي فقط چار فُٽ يارهن انچ. سمنڊ جي سطح لاڳيتو وڌي رهي آهي ۽ هڪ رپورٽ موجب هڪ صديءَ ۾ سمنڊ جي سطح وِيهہ سينٽي ميٽر وڌي چُڪي آهي، ستر واري ڏهاڪي ۾ سمنڊ جي سطح گهٽجي وئي هئي پر وري ان ۾ واڌارو ٿي رهيو آهي ۽ اندازو آهي تہ ايڪيهين صديءَ جي آخر تائين سمنڊ جي سطح اُٺهٺ سينٽي ميٽر يعني ٽيويهہ انچ وڌي ويندي ۽ مالديپ سمنڊ ۾ وڌيڪ هيٺ ويهي ويندو.

نومبر 2008۾ صدر محمد نشيد اعلان ڪيو هو تہ ملڪ جي ٻُڏندڙ ٻيٽن جي ڪري انڊيا، سريلنڪا يا آسٽريليا جي آسپاس ڪا زمين خريد ڪري نئين هنڌ ملڪ ٺاهبو. ”اسان مالديپ ڇڏڻ نٿا چاهيون پر اهو بہ نٿا چاهيون تہ ڪيترن ئي ڏهاڪن تائين اسان تنبن ۾ رهندڙ ماحولياتي پناهگير بڻجي وڃون“ هن چيو هو.

❋

# سمنڊ اندر ڪابينا جي گڏجاڻي

مالديپ جي باري ۾ اڳي مونکي گهڻي خبر ڪانه هُئي پر سترهين آڪٽوبر 2009تي سڄي دنيا وانگر منهنجو ڌيان به انهيءَ ملڪ ڏانهن ڇڪيو هو جڏهن صدر نشيد پنهنجي ڪابينا سان گڏ سمنڊ اندر وڃي گڏجاڻي ڪئي هئي. سمنڊ اندر گڏجاڻيءَ جو مقصد هيو ته دنيا جو ڌيان ڇڪائڻ ته جيئن عالمي سطح تي ڪي اهڙا اُپاءَ ورتا وڃن جو گلوبل وارمنگ ۾ سمنڊ جي وڌندڙ سطح کي روڪي مالديپ کي ٻُڏڻ کان بچائي سگهجي. مالديپ کي خطرو آهي ته هلندڙ ايڪيهين صديءَ جي پڇاڙيءَ تائين اهو ايترو ته هيٺ ٿي ويندو جو ماڻهو لڏڻ تي مجبور ٿي ويندا ۽ ملڪ ويران ٿي ويندو. سمنڊ مان نڪري، ماسڪ لاهي، پاڻي ٽپڪائيندي صدر نشيد صحافين کي چيو هو "اسان سمنڊ اندر گڏجاڻي ڪري دنيا کي نياپو ڏنو آهي ته ڪجهه ڪيو وڃي چو ته آبهوا جي تبديليءَ کي نه روڪيو ويو ته مالديپ نه بچندو ۽ جيڪڏهن مالديپ نه بچيو ته پوءِ باقي دنيا جي بچڻ جا امڪان به گهٽجي ويندا".

مالديپ جي وزير ثقافت ۽ سياحت احمد علي سواد سان مون خاص طور ان موضوع تي ڪچهري ڪئي هئي. هُو ذاتي طور ان خيال جو هو يا مالديپ جي ٻُڏڻ واري ڳالهه کي تارڻ ٿي گهريائين. جو پهرين ته هن چئي ڏنو ته مالديپ جي ٻُڏڻ جو ڪوبه خطرو ڪونهي، پر جڏهن ڳالهين ڳالهين ۾ مون ڪانئس مالديپ جي فوج بابت پڇيو ته وراڻيائين، " اسان کي خطرو ڪنهن ٻاهرين حملي جو ڪونهي جو وڏي فوج ناهي وسيلا خرچ ڪريون. اسان جو دشمن سمنڊ آهي." هن ٻُڌايو ته هڪ ڏينهن صدر نشيد سمنڊ ۾ وهجڻ جو خيال ڏيکاريو ۽ پوءِ سمنڊ اندر گڏجاڻيءَ جو انوکو خيال پيش ڪيائين. اسان پنهنجي صدر جي ڳالهه تي لبيڪ چيو جنهن ڪانپوءِ سڀني وزيرن کي ٽوبڻ ذريعي سکيا ڏني وئي. سمنڊ اندر پنج ميٽر هيٺ ٽيبلون رکيون ويون ۽ واٽر پروف ڪاغذ استعمال ڪيا ويا. اسڪُوبڊائيونگ Scuba_Diving جي ذريعي صدر نشيد ۽ سندس تيرهن مان يارهن وزير (ٻن وزيرن کي ڊاڪٽرن اجازت نه ڏني) اڌ ڪلاڪ سمند جي تري ۾ ڪرسين تي ويهي اشارن جي زبان ۾ ڳالهائي، اڇي رنگ جي واٽر پروف ڪاڳر تي لکيل هڪ ٺهراءُ صحيح ڪري ٻاهر نڪتا هئا. هوُ پاڻ سان گڏ ڪجهه صحافين کي به وٺي ويا هئا ۽ هر ماڻهوءَ لاءِ هڪ هڪ ٽوبو به ساڻن گڏ هو ته جيئن ڪنهن خطري جي حالت ۾ اهي کين بچائي سگهن.

❊

# موٽر سائيڪل تي گهمندڙ پرڏيهي وزير

مالديپ ڪي موٽرسائيڪلن جو ملڪ چئجي تہ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو. جنهن ملڪ ۾ بقول اُتان جي ئي هڪ صحافيءَ جي، صرف گدرا ۽ چانهيون ٿين، اتي سوين هزارين موٽرسائيڪلون هلندي ڏسجن تہ يقينن حيرت ٿيندي. سمنڊ اندر ڪناري سان تہ رڳو لانچون ئي لنگرانداز ٿيل ملنديون پر سمنڊ جي ديوار جي ڀئي پاسي روڊ تي ڪابہ جاءِ بچيل نہ هوندي جتي موٽر سائيڪل بيٺل نہ هجي. اهڙي طرح هر روڊ ۽ گهٽيءَ ۾ موٽرسائيڪلن جون وڏيون قطارون ملنديون جيئن پاڪستان ۾ آفيسن وارن علائقن ۾ ائڻ ڳٽت موٽر سائيڪلون بيٺل هونديون آهن. مالديپ ۽ پاڪستان ۾ فرق اهو آهي تہ پاڪستان ۾ ماڻهن کي فضيلت سان پارڪنگ جي تميز اچا نہ آئي آهي جڏهن تہ مالديپ ۾ ماڻهو اهڙي طرح موٽرسائيڪلون پارڪ ڪن ٿا جو مجال آهي ڪا هڪ بہ موٽر سائيڪل قطار کان ٿورو بہ ٻاهر نڪتل هجي. اهي موٽرسائيڪلون خوبصورت اهڙيون جو دل چوي تہ اسان پاڻ بہ هلائڻ شروع ڪري ڇڏيون. ٻيو وڏو فرق اهو هو تہ ڪوبہ موٽرسائيڪل سوار پنهنجي گاڏيءَ کي تالو ڪونہ پيو هڻي جو تہ اُتي پاڪستان وانگر موٽرسائيڪلن جي چوري ۽ ڦُر جو ڪوبہ خطرو ڪونهي. مالديپ جي ماڻهن وٽ ڪارون گهٽ بلڪ نہ هئڻ برابر. ڪارپوريٽ ادارن وٽ يا سفارتخانن وٽ ڪارون هيون. مالبردار ننڍيون گاڏيون بہ نظر آيون، ڪجھ ٽيڪسيون بہ ڏٺيونسين، جيڪي اعليٰ قسم جون لگزري ڪارون هيون. باقي هر پاسي موٽرسائيڪلن جي شاهي سواري هئي. مالديپ جا مُڪيہ رستا بہ اسان جي ملڪ جي گهٽين برابر هئا تنهنڪري هتي ڪارون ۽ ٻيون گاڏيون هلائي ٽريفڪ جام ڪرڻ بدران سڄو زور موٽرسائيڪلن تي آهي. ٽيون فرق اهو هو تہ جتي نو پارڪنگ جو بورڊ هو اُتي ڪنهن بہ ماڻهو موٽرسائيڪل نٿي بيهاري. مالَي ۾ آخري ڏينهن شام جو سمنڊ ڪناري گهمندي اوچتو مالديپ جي هڪ ساٿيءَ اشارو ڪري ٻُڌايو تہ سندن پرڏيهي معاملن وارو وزير موٽر سائيڪل تي وڃي رهيو آهي.

مالديپ ۾ ڪابہ شئي ڪونہ ٿهي، موٽرسائيڪلون تہ ڇا، ڪاڏي پيتي جون شيون بہ ٻاهران اچن. سندن وزير ثقافت ٻُڌايو هو تہ ڳائو گوشت برازيل مان، رِڍون نيوزيلينڊ مان، سيمينٽ، بجري، سيرامڪ، موٽرسائيڪلون وغيره انڊيا مان امپورٽ ڪيا وڃن ٿا. مالديپ جا رستا اسان جي رستن وانگر پٿر ۽ ڏامر مان ڪونہ ٺهن پر اسان جي ڪن مخصوص گهٽين ۾ لڳل سيرامڪ ٽائيلن مان ٺهيل آهن. هتي واٽ ويندي ٽُڪڻ ۽ گند اُڇلائڻ جو ڪو رواج ناهي تنهنڪري رستا صاف ۽ سُٺا ملندا.

❊

# ڪينڊل لائيٽ ڊنر

3 مئي جو سڄو ڏينهن ڪانفرنس ۾ گذريو. شام جو مان، مُختيار ۽ اسلام آباد مان يونيسڪو جي آيل هڪ ٻي خاتون امبر جنيد گڏجي گهمڻ نڪتاسين، سمنڊ ڪناري پنڌ ڪري واپس آياسين ته ميزبان ڇوڪرين ٻڌايو ته ڊنر جو انتظام هڪ ٻيٽ تي ٿيل آهي.

سانجهيءَ ڌاري اسان سڀ هڪ لانچ ۾ روانا ٿياسين ۽ پندرهن ويهه منٽن جي سفر ڪانپوءِ هڪ ٻيٽ تي پهتاسين جتي ڪينڊل لائيٽ ڊنر جو انتظام هو. هتي وزير ثقافت احمد علي سواد ۽ نائب وزير ثقافت شعيب محمد Thoyyib Mohamed اسان جا ميزبان هئا. ٻيٽ جو نالو ڪلب فارُو Club Faru هو جتي سمنڊ ڪناري اهڙي هنڌ بار بي ڪيو جو انتظام هو جو سمنڊ جي ڇولي اچي پئي ته پاڻي اسان جي پيرن کي ڇُهي واپس پيو وڃي. پُر خمار ماحول ۾ هرڪو ڇوڪڙيون ٺاهي ڪرسين تي ويهي رهيو. مون کي مالديپ جي ٻنهي وزيرن ۽ يونائيٽيڊ نيشنس ڊيولپمينٽ پروگرام UNDP جي آفيسر اَروُن ڪشياپ جي ڪچهري ملي جيڪو اصل ماريشس جو هو ۽ اُتان جو وزير به رهي چڪو هو.

هيءُ ٻيٽ مشڪل سان هڪ ڪلوميٽر ڊگهو هو جتي بيشمار ايئرڪنڊيشنڊ هٽ، به اعليٰ درجي جون خوبصورت ريسٽورنٽس ۽ گفٽ شاپ ٺهيل هئا. هتس ۾ يورپي سياح عياشيءَ لاءِ ترسيل هئا. وزير ثقافت احمد علي سواد ٻڌايو ته هر ٻيٽ تي پاڻي ۽ بجليءَ جا پلانٽ لڳل آهن ۽ هڪ منٽ لاءِ به بجلي نه ويندي آهي. مون ڪيس ڪونه ٻڌايو ته اسان وٽ ڪيڏي بدترين حالت آهي، پر بعد ۾ جڏهن بنگلاديش جي خاتون تهمينا رحمان سان ڪچهري ٿي،جيڪا واپسيءَ ۾ مون سان دبئيءَ تائين گڏ هئي، تنهن ٻڌايو ته سندس ملڪ ۾ روزانو ارڙهن ڪلاڪ بجلي بند رهي ٿي ته مان ماٺ نه رهي سگهيس ۽ چيومانس ته اسان ٻنهي جا ملڪ ان معاملي ۾ برابر آهن.

وزير ثقافت ٻڌايو ته سياحت سندن ملڪ جي آمدنيءَ جو مُکيه وسيلو آهي ۽ انهيءَ ڪري سياحت کي اجا ترقي وٺرائڻ لاءِ ٻيٽ پنجاهه ورهين جي ليز تي پرڏيهي سيڙپڪارن کي ڏنا رهيا آهيون ته جيئن اهي هتي سيڙپ ڪن.

رات جو يارهين وڳي ڪانپوءِ ٻيٽ تان واپسي ٿي. مان واپسيءَ ۾ سمنڊ جي سانت، پري کان نظر ايندڙ ٻيٽن جي روشنين جي رومانس ۽ سُرور ۾ ٻُڏل رهيس. ڪي دوست جن ۾ امبر جنيد به شامل هئي، مون کان هڪ ڏينهن اڳ پهتا هئا ۽ ان رات هنن هڪ ٻئي ٻيٽ تي ڊنر ڪئي هئي. مون کي افسوس ٿيو ته اهو ٻيٽ نه ڏسي سگهيس پر مجبوري هئي جو فلائيٽ اڳ نه ملي سگهي هئي.

*

# صحافين ۾ ڦوٽ

ڪانفرنس جي ٻئي ڏينهن چوٿين نومبر تي صبح جي اجلاس ۾ اسان پنهنجي پنهنجي ملڪ ۾ Access to Informationجي حوالي سان قانونن بابت رپورٽون پيش ڪيون هيون جنهن ڪانپوءِ پُڄاڻيءَ واري اجلاس ۾ صدر نشيد خاص مهمان هو. ان ڏينهن مونکي مالديپ جي صحافين سان ڪچهريءَ جو چڱو موقعو مليو. هال ۾ ويٺل صحافي آڱرين تي ڳڻڻ جيترا هئا پر انهن ۾ ڪي صدر نشيد جي ويجهو هئا ته ڪي سندس مخالف. چانهه ۽ لنچ جي وقفي مهل ساٿن ڪچهرين ۾ هنن صدر نشيد جي حڪومت کي ٻه گذريل دور جهڙو ئي سڏيو. مُٺ جيترن صحافين ۾ ٻه گروپ هئا جنهن جو اندازو سندن الڳ تنظيمن مان ٿيو. جنهن ملڪ جي آبادي ڪل ٽي لک ٽيهه هزار هجي، جنهن جي ووٽرن جو ڪل تعداد فقط هڪ لک هجي، جتي ڪل پنج ڇهه اخبارون ڇپبيون هجن، جتي ڪل ٽي ريڊيو اسٽيشنون ۽ ڇهه ٽي وي چئنل هجن، اُتي هرڪو ميٽ محبت سان هجي پر انسان ڪا مخلوق ئي اهڙي آهي جو ڦوٽ کان سواءِ رهي نٿو سگهي. جيئن پاڪستان ۾ صحافين جون مختلف تنظيمون ۽ هڪ هڪ ننڍي وڏي شهر ۾ ٻه ٻه پريس ڪلبون آهن، تيئن مالديپ ۾ ٻه ٻه تنظيمون آهن. هڪ تنظيم آهي مالديپ نيشنل جرنلسٽس ايسوسيئيشن ۽ ٻي مالديپ جرنلسٽس ايسوسيئيشن. پهرين تنظيم جي نائب صدر محمد حليم سان ۽ ٻي تنظيم جي صدر احمد ظهير ۽ نائب صدر علي شمعان سان منهنجي ڪچهري ٿي جن کي شوق هو ته پاڪستان ۾ صحافت جي سکيا جو ڪو موقعو ملي. مالديپ ۾ پنج ڇهه اخبارون ڇپجن جيڪي سڀ مالديپ جي قومي ٻولي ڌِوِي Dhivehi ۾ هونديون آهن پر انهن مان ٽن اخبارن جا ايڊيشن انگريزيءَ ۾ ٻه ڇپجن ٿا. ڊزن کن آن لائين اخبارون ٻه اٿن. صحافي احمد ظهير ۽ علي شمعان جو واسطو Haveeru Daily سان هو.

هنن ٻُڌايو ته مالديپ ۾ 6 فلم ڪمپنيون ۽ ٻه سئنيمائون ٻه آهن. هنن وٽ شايد اسان جي ڳوٺ واري سيد مراد علي شاهه (اڳوڻو وزير ۽ ايم پي اي) جهڙو شوقين ڪونهي نه ته جيئن هن نه رُڳو نوشهري فيروز جي هر شهر ۾ سئنيما قائم ڪئي پر پنهنجي حويليءَ ۾ ٻه ننڍي سئنيما لڳائي هئي، تيئن مالديپ جي هر ٻيٽ تي سئنيما هجي ها. ڪانفرنس ۾ ايف ايم ريڊيو تي ڪم ڪندڙ ڪجهه ڇوڪريون به مليون جن ٻُڌايو ته سندن سمورا پروگرام ڌِوِي ٻوليءَ ۾ نشر ٿيندا آهن. هن ڪانفرنس ۾ اتفاق سان هڪ پيرو وري انڊيا جي انگريزي اخبار دي هندو The Hindu جي سينئر صحافي سڌارٿ وردراجن سان ملاقات ٿي جنهن سان سيپٽمبر 2004 ۾ ڪٺمنڊو ۾ ڪچهري ٿي هئي. سڌارٿ چوٿين مئي تي اجلاس ۾ ڪونه هو ۽ ٻُڌايو ويو ته پهرين ڏينهن ئي هن مڇي کائڻ تي زور رکيو جنهن دوران سندس نڙيءَ ۾ مڇيءَ جو ڪنڊو ڦاسي پيو ۽ تڪليف جي ڪري هُو واپس انڊيا هليو ويو.

*

## بنا پهري ڪليل گيٽ وارو فوجي هيڊڪوارٽر

ڪانفرنس ڪانپوءِ واندڪائي هئي سو هرڪو پنهنجي مُنهن سان نڪري ويو. ڪلاڪ ٻن ڪانپوءِ جڏهن ملياسين ته هرڪنهن جي هٿ ۾ سامان هو. اسان پنهنجي مُنهن شاپنگ ڪري آياهئاسين پر امبر جنيد جڏهن ٻڌايو ته هڪ ميزبان آفيسر سان گڏ وڃي هن سندن واقفڪار جي دڪان تان سستي شاپنگ ڪئي آهي ته اسان امبر ڪي وٺي وري نڪري پياسين. هن پيري بنگلاديش جي تهمينا رحمان ۽ انڊين ٽي وي چينل دُور درشن جي هڪ محترما به اسان سان گڏ هيون. اسان سمنڊ ڪناري رستو وٺي صدارتي آفيس ڪان ٿيندا هلندا وياسين. اڳتي هڪ خوبصورت جيتيءَ واري علائقي ۾ ڪوسٽ گارڊ جون لانچون بيٺل هيون ته ٻئي پاسي هٿياربند فوج جو هيڊڪوارٽر هو جنهن جي گيٽ کلي پئي هئي ۽ فقط هڪ گارڊ بيٺل هو. نه ئي ڪورستوبند هوءِ نه ئي سڪيورٽيءَ جو ڪو خاص انتظام ٿيل هو.

ٻُڌندڙ ٻيٽن واري هن ملڪ جي سلامتيءَ جو ذمو هوئڻ به هندستان جو کنيل آهي، جيئن اڳي انگلينڊ ٺيڪو کنيو هو. (نومبر 2011ع ۾ سارڪ سربراهه ڪانفرنس جي موقعي تي به انڊيا جي جنگي جهازن سڪيورٽيءَ خاطر سڄي مالديپ کي گهيري ۾ آڻي ڇڏيو هو).

اسان گهمندا ڦرندا امبر جي ڏسيل دڪان تان گفٽ خريد ڪري وري ٻئي رستي تان واپس موٽڻ لڳاسين جتي وات تي نيشنل ميوزيم، وڏي سُلطان مسجد ۽ پارليامينٽ هائوس هئا. مالديپ جي پارليامينٽ ۾ چاهتر ميمبر آهن. هڪ لک ووٽرن جي حساب سان هتان جي ميمبر کي چونڊجڻ لاءِ لڳ ڀڳ ايترا ئي ووٽ کپن جيترا اسان وٽ هڪ ڪائونسلر کي کپن يا شايد ان ڪان به گهٽ.

اسان جي آخري ڪوشش ڪامياب ٿي جو اسان هندستاني ۽ پاڪستاني کاڌن واري ريسٽورنٽ ڳولي لڌي ۽ پيٽ پري کاڌوسين. انهيءَ شام شاپنگ ۽ ڊنر مهل خبر پئي ته مالديپ جو سِڪو رُفيو Rufiya پاڪستاني رُپئي ڪان مُلهه ۾ وڌيڪ آهي، هينئر پڪو ياد ناهي پر هڪ ڊالر ۾ لڳ ڀڳ پندرهن رُفيه هئا.

ڊنر دوران دُور درشن جي مائيءَ سان اسان جي گهڻي ڪچهري ٿي جو ڪانئس اُتان جي ٽي وي چينلن بابت پُڇندا رهياسين. هن ٻڌايو ته انڊيا ۾ به هڪڙا چينل ٻين کي پوئتي ڌِڪڻ لاءِ غلط سروي رپورٽون ٺهرائن ٿا. هن ٻڌايو ته هيڏي ساري هندستان ۾ ڪجهه شهرن اندر به هزار ڪن مشينون گهرن ۾ رکي گهر وارن کي چيو ويندو آهي ته فلاڻو چينل هلائي ڇڏيو. دوُر درشن وارن اعتراض ڪيو ته سوا ارب آباديءَ واري ملڪ ۾ ٻن هزار مشينن سان سروي ڪيئن ٿا ڪريو. سندن اعتراض تي پوءِ مشينن جو تعداد وڌائي ڏهه هزار ڪيو ويو پر تڏهن به ان کي حقيقي سروي نٿو مڃي سگهجي.

اُن رات ٽين وڳي مُنهنجي واپسيءَ جي فلائيٽ هئي. بنگلاديش جي تهمينا ۽ مان رات جو ڪچهري ڪندا دبئيءَ پهتاسين جتان اسان جا رستا الڳ هئا. وقت سر صحيح فلائيٽ نه ملڻ جي ڪري اسان کي هڪ ڇيڙي کان ٻئي ڇيڙي تائين سفر ڪري وري پنهنجي ملڪ موٽڻو پيو.

# نيپال

## گوتم ٻُڌ جي جنم ڀُومي

*Nepal*

*The Birthpalce of Great Buddha*



# کٽمنڊو ۾ ٽريفڪ جام ۽ ڪراچيءَ جي ياد

هن ڀيري کٽمنڊو ۾ لهندي ئي ڪراچي ياد اچي وئي. ايڏي ٽريفڪ جام ته فقط ڪراچيءَ ۾ ئي ڏٺي ۽ ڀوڳي اٿم. گذريل ٻن چڪرن ۾ نيپال جي گادي کٽمنڊو ۾ ٽريفڪ جام جو تجربو ڪونه ٿيو هو. هتان سدائين سٺا تاثرات کڻي موٽيو هئس پر هن ڀيري خيال ڪجهه مٽجي ويا. پر سوچيم ته قدرتي حسن سان مالا مال هن ملڪ ۾ به انسان رهن ٿا ۽ جتي انسان آهي اُتي ڪي خرابيون به ملن ٿيون. هونئن به پاڪستان, انڊيا, بنگلاديش ۽ نيپال گهمي ڏسبو ته ذري گهٽ ساڳيو ڪلچر ملندو.

2002 جي مئي ۽ 2004جي سيپٽمبر ۾ کٽمنڊو گهمڻ کانپوءِ ٽيون ڀيرو هاڻي هتي اچڻ جو موقعو مليو. 30 آڪٽوبر تي حيدرآباد ۾ هڪ ٽريننگ ورڪشاپ لاءِ آيل هئس ته پاڪستان پريس انٽرنيشنل جي چيئرمين اويس اسلم فون ڪري پڇيو ته عيد الأضحيٰ کٽمنڊو ۾ ڪرڻ جو مُوڊ هجي ته تيار ٿيان. آڪٽوبر جي پهرين ڪان وٺي تيرهينءَ تائين هڪ انٽرنيشنل مشن کي وٺي سنڌ, پنجاب, خيبر پختونخواه ۽ اسلام آباد گهمائي اجا واپس پهتو هئس ته مٿان حيدرآباد وڃڻ جو حڪم ٿيو هو ۽ سفر جو ٿڪ لٿو ئي ڪونه هو ته نيپال وڃڻ جي آڇ ٿي. گهر ٻار کان پري عيد گذارڻ ڏکيو ته لڳو پر زندگيءَ جي نئين تجربي خاطر ها ڪري ڇڏيم. مون کي انڊونيشيا جي ايشيا ڪالنگ ريڊيو جي پارٽنرن جي ساليانيي گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ ٿيڻو هو. اويس اسلم کي شايد عيد گهر ۾ ڪرڻي هئي جو عيد کانپوءِ هڪدم ڪيس به ڪنهن ملڪ جي دوري تي وڃڻو هو. هونئن به پنهنجي اداري جي ريڊيو سروس مان ٿو سنڀاليان تنهنڪري ايشيا ڪالنگ جي پارٽنر طور هن مون کي ئي موڪلڻ مناسب سمجهيو.

2002 ۾ انڊيا ۽ پاڪستان هڪٻئي جي جهازن جي سندن ايئر اسپيس مان لنگهڻ تي بندش وڌي هئي تڏهن مونکي امارات ايئر لائين جي جهاز ۾ ڪراچيءَ کان ڍاڪا ۽ اُتان بنگلاديش ايئر لائين ٻيمان ذريعي کٽمنڊو اچڻو پيو هو. 2004 ۾ اها بندش ختم ٿي ته پهرين ئي پي آءِ اي جي اُڏام ۾ سيٽ ملي وئي ۽ ڪراچيءَ کان سڌو کٽمنڊو آيس. دير ئي ڪانه لڳي. پر هن ڀيري پي آءِ اي جي جهاز ۾ سيٽ ڪانه ملي ته اتحاد ايئر لائين ذريعي اچڻو پيو. گذريل رات ٽين وڳي گهران نڪتس, صبح جو پنج لڳي ويهه منٽن تي جهاز اُڏاڻو ۽ سوا ٻن ڪلاڪن کانپوءِ ابوظهبي پهتو جتان وري صبح جو ڏهين وڳي کٽمنڊو لاءِ روانا ٿياسين ۽ سومر پندرهين نومبر تي شام جو چئين وڳي کٽمنڊو هوائي اڏي تي لٿاسين. ڪراچيءَ کان کٽمنڊو ٻن ڪلاڪن جو سفر ايترو وقت وٺي ويو ڇو ته اسان کي اولهه ۾ وڃي وري اوڀر ڏانهن سفر ڪرڻو پيو.

اميگريشن جي ڪارروائين کان واندو ٿي ٻاهر نڪتس ته کٽمنڊو گيسٽ هائوس نالي هوٽل جي وئن وارو انتظار ۾ بيٺل هو. مون سمجهيو ته شايد مان ۽ هڪ اڌ ٻيو ڪو مسافر هونداسين پر سندس هوٽل تي

هلڻ وارا ڪيترائي يورپي مسافر هئا جن جي ڳرين بيگن کي ساڻن گڏ ستي هن وٺن هلائڻ شروع ڪئي. هوائي اڏي جي پارڪنگ کان ئي سخت ٽريفڪ جام هئي ۽ هوٽل تائين لاڳيتو اِهائي حالت هئي. پيرُ پيرَ ۾ واري چوٽيءَ موجب هلندا ٻن ٽن ڪلاڪن کانپوءِ هوٽل پهتاسين. واٽ تي ئي اوندهه ٿي چڪي هئي. هوٽل تائين پهچڻ لاءِ ڪن اهڙن سوڙهن ۽ گدلن رستن تان وٺن لنگهي جتي اسٽريٽ لائيٽ به ڪانه هئي. وٺن جي نه پهچڻ سبب ڊرائيور کي بار بار هوٽل تان فون اچي رهي هئي ۽ هو کين ٻُڌائيندو رهيو ته سادي چٽين وڳي کان ٽريفڪ ۾ ڦاٿل آهيون.

سيني اُوٽاين کي چڏي نيپال جو قدرتي حسن ئي اهڙو آهي جو وڏي تعداد ۾ سياح هتي اچن ٿا. سياحن جي تعداد جو اندازو ابوظهبي هوائي اڏي تي ئي ٿي ويو هو جتي ايتري رش هئي جو ڪرسين جي کوٽ سبب ماڻهو هيٺ پٽ تي ويٺا هئا. نومبر نيپال لاءِ وڏي تعداد ۾ سياح آڻي ٿو ۽ وڏو تعداد يورپي ماڻهن جو هوندو آهي جيڪي ٻارين ٻچي نيپال لاءِ موجود هئا.

❋

## قاسم آباد جو سنڌي جوڙو نيپال ۾

ڪٺمنڊو هوائي اڏي تي اميگريشن جي ڪارروائين لاءِ قطار ۾ بيٺو هئس ته پُٺيان هڪ مرد ۽ عورت جو سنڌيءَ ۾ ڳالهائڻ ٻُڌم. قطار ۾ مون ڪان گهڻو پري هئا سو پهرين سوچيم ته متان ڪي ڪانياواڙي هجن، پر خاص طور ڪنائي ٻُڌم ته نيٺ سنڌي نڪتا. خالص سنڌي جملا ٻُڌي خوشي ٿي ۽ مُڙي سوچيم ته ساڻن دُعا سلام ڪريان، پر قطار مان نڪري پوئتي وڃي ساڻن ملڻ جو مطلب هو پنهنجو نمبر وڃائي وري پوئتي وڃي بيهڻ، تنهنڪري سوچيم ته ساڻن ٻاهر نڪري ملندس. جهلڪ ڏٺم ته نوجوان مرد ۽ نوجوان ڇوڪري هئا، ان مهل خيال آيو ته ساڻن سنڌيءَ ۾ ڳالهائي ڪٿي سندن رومانٽڪ دوري کي خراب نه ڪري وجهان. ساڻن نه ڳالهائڻ جو ٻيو سبب اهو هو ته سنڌي ماڻهو. سان زائفان گڏ هجي ته ڪنهن ڌارئي ماڻهوءَ جو ڳالهائڻ خراب لڳندو آهي، سو اهو سڀ سوچي مون ڪين ڇرڪ نه وڌو. پر ايتري دير ۾ ئي سندن پُٺيان بيٺل هڪ پاڪستانيءَ ساڻن اُردوءَ ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو ته خبر پئي ته جوڙو قاسم آباد حيدرباد جو هئو. مرد جي بقول ڪيس هڪ هفتي جي زوريءَ موڪل تي آفيس وارن گهر ويهاري ڇڏيو هو. تنهنڪري هو به موڪل جو مزو وٺڻ لاءِ نيپال هليو آيو. اُن ڪانپوءِ ته مون پڪو فيصلو ڪيو ته ڪين ڊسٽرب نه ڪريان.

✻

# نيپال ۾ سنڌي ٽوپي

ڪٺمنڊو گيسٽ هائوس ٿامل Thamel علائقي ۾ آهي جتي اُن جي آسپاس وارو سمورو علائقو ڪمرشل آهي ۽ هر قسم جون شيون ملن ٿيون. بلڪ ايئن چئجي ته اهو سمورو علائقو سياحن جي شاپنگ لاءِ آهي، جن ڪي دُڪاندار مُڏي ڪاتيءَ سان کُهڻ لاءِ تيار ويٺا هوندا آهن. ان سڄي علائقي ۾ ننڍيون وڏيون هوٽلون، مني چينجر ۽ ڪپڙن، اليڪٽرانڪ جي سامان، رانديڪن وغيره کان وٺي هر قسم جا دُڪان پکڙيل آهن. وٺن انهيءَ سوڙهي بازار مان لنگهي نيٺ ڪٺمنڊو گيسٽ هائوس جي احاطي ۾ گهڙي جنهن جي گيٽ تي سڪيورٽي گارڊ بيٺل هئا. هيءَ هوٽل نيپال جو ثقافتي ورثو قرار ڏنل هئي ڇو ته اِها عمارت 1902 ۾ تعمير ٿي هئي جنهن ۾ گهڻو ڪم ڪاٺ جو ٿيل آهي. اِها عمارت اصل ۾ ڪنهن امير شخص جي هئي ۽ رانا مينشن جي نالي سان مشهور هئي جنهن کي 1967 ۾ هوٽل ۾ تبديل ڪيو ويو. شروع ۾ هن هوٽل جا ڪل تيرهن ڪمرا هئا پر اڄ هڪ سئو ويهه ڪمرا اٿس. هوٽل جي اصل عمارت کي جيئن جو تيئن برقرار رکيو ويو آهي. هن وقت اها ڪٺمنڊو گيسٽ هائوس گروپ آف هوٽلس جو حصو آهي ڇو ته ان گروپ جون ٻيون به ڇهه ست هوٽلون ۽ ٽوئرسٽ رزارٽس ڪٺمنڊو ماٿريءَ جي مختلف هنڌن تي قائم آهن. چون ٿا ته ڪٺمنڊو گيسٽ هائوس ٿامل علائقي جي سڀ کان پهرين قائم ٿيل هوٽل آهي.قديم ثقافتي اسٽائل جي هوٽل ۾ رُڳو يورپي ماڻهو نظر آيا.

هوٽل جي ٽيريس ۾ بُفي ۽ بار بي ڪيو جو انتظام هو. يورپي مايون ۽ مرد ڊنر جي لاءِ چوڪڙيون ٺاهيو ويٺا هئا، پر مان ٿڪل هئس سو ڪمري جي چاٻي وٺي هليو ويس ۽ ڪمري تي ئي ماني گهرائي ٿوري دير ٽي وي جو جائزو وٺي ڊائري لکڻ ويهي رهيس.

رات جو ٿڌ وڌي وئي هئي تنهنڪري ڪمبل جي مٿان سَوڙ وجهي سمهڻو پيو. سورهين نومبر تي صبح جو آسمان تي جُهڙ چانيل هو ۽ ڪوٽ پائي ٻاهر نڪرڻ جيتري ٿڌ هئي. مان ڪمري تي ئي نيرن ڪري هوٽل جي سائبر ڪيفي تان پنهنجي پُٽن ۽ آفيس وارن کي اِي ميل ڪري ٻاهر ڪمرشل ايريا ۾ گهمڻ ڦرڻ لڳس. هوٽل جي سامهون ئي پبلڪ ڪال آفيس ۽ ثقافتي سامان جا دُڪان هئا. مون ڪراچيءَ گهر ڳالهائڻ ۽ هتان جي اگهن جو جائزو وٺڻ خاطر پي سي او تان فون ڪئي ته پنج منٽن جا هڪ سئو پنجويهه رُپيا لڳا، سوچيم ته ايترو مهانگو ناهي. پي سي او جي ٻاهران ئي سنڌي پرت جهڙا سامان پيل هئا، ڪيترين ئي ٽوپيون به پيل هيون جن ۾ مون کي هڪ ٽوپي نظر آئي جيڪا بلڪل سنڌي ٽوپيءَ جهڙي هئي ۽ فرق صرف ايترو هو ته سنڌي ٽوپيءَ ۾ اڳيان محراب جهڙو ڪٽ هوندو آهي ۽ هيءَ ٽوپي بلڪل گول هئي.ٽوپي پائي به ڏٺم ۽ سوچيم ته يادگار طور وٺي وڃان پر قيمت پُڇڻ تي ٽپ ئي ٽري ويا.

ڪراچيءَ جي زينب مارڪيٽ ۾ اهڙي سنڌي ٽوپيءَ جو اگهه ٻن ادائي سئو رُپين کان وڌيڪ ناهي پر هتي دڪاندار ان جي قيمت پندرهن سئو رُپيا ٻڌائي. دڪاندار کان پُڇڻ تي خبر پئي ته اها نيپالي ٽوپي آهي. پر بعد ۾ ٻين نيپالي دوستن ٻڌايو ته اها اصل ۾ ڪشميري ٽوپي آهي، زمانن کان ڪشميرين جو نيپال سان واسطو آهي ۽ اهي هتي آباد به آهن. اهي ئي ڪشميري هن قسم جون ٽوپيون نيپال ۾ ٺاهي هتي ئي وڪرو ڪن ٿا.

هوٽل جي گيٽ ٻاهران هڪ ڇوڪر سارنگيون وڪرو ڪري رهيو هو. گراهڪن جو ڌيان ڇڪائڻ لاءِ هو سارنگيءَ تي ڏاڍي پياري ڌُن به وڄائي رهيو هو. هڪ سارنگيءَ جي قيمت به هزار نيپالي رُپيا ٻڌايائين. ان کان ننڍي سائيز جي سارنگي ٻارنهن سئو رُپين جي هئي. مون پاڪستاني ڪلچر مطابق سوديبازي شروع ڪئي ته هُو ٻارنهن سئو واري سارنگي پنج سئو رُپين ۾ ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويو ڇو ته مان سندس پهريون گراهڪ هئس ۽ صبح ساڻ آيل گراهڪ کي هن ڇڏڻ نٿي چاهيو. مونکي خبر هئي ته ڪراچيءَ پهچڻ تائين سارنگيءَ جون تارون نڪري ڇڪيون هونديون پر بنا تارُن جي سارنگي شوپيس طور به رکي سگهجي پئي تنهنڪري مون هن کي مايوس نه ڪيو. پرسان ئي مني چينجر وٽان ڊالر مٽائي سارنگي خريد ڪيم. نيپالي رُپئي جو اگهه هڪ ڊالر ۾ ايڪهتر رُپيا انهتر پئسا هو. پهرين ٻن ڇڪرن وقت نيپالي رُپيو پاڪستاني رُپئي کان گهٽ مُلهه جو هو. اڄ پاڪستاني رُپيو نيپالي رُپئي جي ڀيٽ ۾ به مُلهه وڃائي چُڪو آهي.

هوٽل جي ٻاهران ئي خوبصورت نموني سجايل سائيڪل رڪشائون بيٺل هيون. سياحن کي گهمائي روزي ڪمائڻ جو اهو سُٺو وسيلو آهي. اهڙيون سجايل سائيڪل رڪشائون مون سنگاپور ۾ به ڏٺيون هيون جن ۾ سياح گهمي رهيا هئا. وڏي تعداد ۾ سائيڪل رڪشائون ڍاڪا ۾ ڏٺيون هئم ۽ سچ ته ڍاڪا کي جيڪڏهن سائيڪل رڪشائن جو شهر سڏجي ته ڪو وڌاءُ نه ٿيندو. فرق اهو آهي ته ڍاڪا ۾ هلندڙ سائيڪل رڪشائون ۽ انهن کي هلائيندڙ انتهائي غربت جو وڏو مثال هئا.

ٻي ڪابه مصروفيت نه هجڻ سبب مان واپس ڪمري تي وڃي ڊائريءَ ۾ نوٽس لکڻ ويٺس ته سامهون دريءَ مان عمارتن جي مٿان شمسي توانائيءَ جا لڳل پلانٽ نظر آيا. هتي ايتري اُس ناهي پر تڏهن به نيپال وارا قدرت جي ان وسيلي مان فائدو وٺن ٿا. پر پاڪستان ۾ خطرناڪ اُس جي شڪل ۾ قدرت جي ڏنل نعمت مان ڪير به فائدو نٿو وٺي، بس متبادل توانائي جون وزارتون ٺاهي پئسو لُٽي رهيا آهن.

❇

# سُوامڀُو مندر جي ياترا

شام جو ڇئين وڳي ڌاري ڪمري کان ٻاهر نڪري وري ڪجهه گهمڻ چاهيم ته هوٽل جو ڊرائيور آڃي مليو جيڪو ڪلهه هوائي اڏي تي وٺڻ آيو هو. هن ٻڌايو ته ڪلهه رات ٽريفڪ جام جي ڪري گهر وڃڻ بدران هوٽل ۾ ئي ترسي پيو هو. اڄ جي صلاح ڏني ته هتان جا مشهور مندر گهمڻ وڃان. هوٽل کان ٽي چار ڪلوميٽر پري هڪ ٻهاڙيءَ تي مشهور مندر سُوامڀُو مندر آهي جتي وڃڻ لاءِ ٽيڪسي اَٺ سئو رُپيا وٺندي. مون به سوچيو ته ڪمري تي بند ويهڻ بدران گهمي اچجي سو ٽيڪسيءَ واري ڪرشنا سان نڪري پيس. سوڙهي بازار شورڪوٽ Shorekhot مان نڪري ڪار مختلف رستن تان هلندي رهي، هر گهٽي ۾ رستي تي ننڍا وڏا مندر هئا، ايستائين جو فُٽپاٿن تي به ڪنهن نه ڪنهن ڀڳوان جي مورتي رکيل نظر آئي. جن کي ڏسي مون کي دوست بدر ابڙي جي نيپال واري سفرنامي جو ”ڀڳوانن جي پُونءِ“ نالو بلڪل صحيح لڳو.

سُوامڀُو مندر واري ٻهاڙي کٽمنڊو شهر جي اُلهندي حصي ۾ آهي جنهن جي بلندي سٺهتر ميٽر آهي. جيئن جيئن ويجهو ٿيندا وياسين، ٻهاڙيءَ جي پاڙوٽ مندرن جا جهڳٽا نظر اچڻ لڳا. ٻهاڙيءَ تي مٿي وڃڻ لاءِ رستو ان جي چوڌاري گهمي ٿو ۽ ٻهاڙيءَ جي ٻن پاسن کان ته رُڳو مندر ئي مندر آهن. ٻهاڙيءَ کي گول ڦري مٿي وڃڻ واري رستي جي ويجهو پهتاسين ته لُنڊا بازار لڳل هئي ۽ وڏي تعداد ۾ مرد توڙي عورتون گاڏن تي رکيل پُراڻن ڪپڙن مان چونڊ ڪري رهيا هئا. ماڻهن جي ان انبوهه جي پرسان هڪ سوڙهو رستو مٿي وڃي ٿو جنهن جي ٻنهي پاسن کان دُڪان ۽ گهر هُجڻ جي ڪري ٽريفڪ جام هئي، خاص ڪري مندر کان موٽندڙ سياحن جي ڪوسٽرن مندر ڏانهن ويندڙ گاڏين لاءِ مسئلو پئي ڪيو. نيٺ ٽيڪسي چاڙهيون چڙهندي وڃي مندر واري گيٽ تي پهتي. مندر ۾ اندر وڃڻ لاءِ ٽڪيٽ مقرر هئي. مندر جو انتظام فيڊريشن آف سُوامڀُو مئنيجمينٽ اينڊ ڪنزرويشن وٽ آهي ۽ ٽڪيٽن مان ٿيندڙ ڪمائي مندرن جي سار سنڀال تي خرچ ڪئي وڃي ٿي. پنجاه رُپين جي ٽڪيٽ وٺي اندر گهڙيس ته پولڙن جي ولرن تي اک پئي. مون ويجهو وڃي فوٽو ڪڍڻ پئي چاهيو ته هڪ نيپالي ڇوڪريءَ جهليو ته ويجهو نه وڃان متان چڙي حملو نه ڪن. پولڙا وڏي آزاديءَ سان گهمي ڦري رهيا هئا ۽ ڏاڪڻين تي ٽپ ڏئي مٿي مندرن ڏي وڃي رهيا هئا جتي مونکي به وڃڻو هو پر ڇوڪريءَ سندن چڙ چڙي. طبيعت جو ٻُڌائي ٻڄاري ڇڏيو هو سو مان مٿي ويندڙ ٻين ماڻهن جو پاسو وٺي هلندو رهيس. هتي سُوامڀُو اسٽوپا سڀ کان وڏو آهي جنهن لاءِ پٿر جا چار سئو ڏاڪا چڙهڻا پون ٿا. مٿي پهچبو ته مندرن جو ڪامپليڪس نظر ايندو ۽ ساڳي وقت پُوڄا پاٺ ڪندڙ ماڻهو ۽ سياحن جا انبوهه. وڏي تعداد ۾ ٻُڌ ڌرم جي عڪاسي ڪندڙ شين

جا دُڪان، ٻُڌ ڌرم جي تاريخ بابت ڪتابن ۽ تصويرن جي ڪارڊن وارا اسٽال بہ اُتي هئا. چون ٿا تہ تيرهين صديءَ ۾ سُوامبُو مندر ٻُڌ ڌرم وارن جو اهم مرڪز بڻجي ويو هو. پندرهين صديءَ ۾ اهو تباه بہ ٿيو هو جنهن کي ٻيهر تعمير ڪرايو ويو. جيئن تہ مان دير ڪري پهتو هئس تنهنڪري سانجهي ٿيڻ واري هئي ۽ يورپي ماڻهن سان آيل مقامي ماڻهن کي چوندي ٻُڌم تہ اونداهي ٿيڻ کان اڳ هتان نڪري وڃڻ کپي. سو مون بہ پويان پير ڪيا. پولڻن کان بچندو هيٺ لهندو ويس تہ هڪ نوجوان ڇوڪريءَ ڏاڻوءَ مان ٿهيل مختلف شيون خريد ڪرڻ لاءِ چيو جن ۾ بريسليٽ مونکي وڌيڪ بهتر لڳا ۽ هڪ جوڙي تڪڙ ۾ خريد ڪري نڪرڻ جي ڪيم. گيٽ جي اندران ئي هڪ حوض ٺهيل هو جنهن جي وچ ۾ گوتم ٻُڌ جا مجسما لڳل هئا. اتي ئي مون ڪجھ پڪشوئن کي بيٺل ڏٺو تہ محسوس ڪيم تہ اهي نيپالي ڪونہ هئا. ڪانئن پُڇا ڪرڻ تي هنن ٻُڌايو تہ هُو تبتي آهن. ٽيڪسيءَ واري بہ واٽ تي لنگهندڙ ڪيترن ئي ماڻهن ڏي اشارو ڪري ٻُڌايو هو تہ اهي تبتي آهن. سندس چوڻ موجب ٻُڌ ڌرم جي مندرن جي ڪري نيپال ۾ تبت جا ماڻهو تمام گهڻا اچن ٿا.

هُونئن جيڪڏهن ٻُڌايو نہ وڃي تہ هندو ڌرم ۽ ٻُڌ ڌرم جي ماڻهن توڙي مندرن ۾ فرق مشڪل سان ڪري سگهجي. حيرت جي ڳالھ هيءَ آهي تہ نيپال سڌارٿ گوتم جي جنم ڀُومي آهي پر هتي هندو ڌرم وڌيڪ ڇانيل آهي ۽ ٻئي نمبر تي ٻُڌ ڌرم آهي. چون ٿا تہ عيسوي سن کان پنج سئو ورهيہ اڳ نيپال ۾ ننڍيون ننڍيون قبيلائي سرداريون هيون جن مان هڪ سرداريءَ ۾ سڌارٿ گوتم شهزادو هيو پر هُو سڀ ڪجھ تياڳي هليو ويو.

جيئن تہ مندرن وارا دُڪان بہ بند ٿيڻ لڳا هئا تنهنڪري مان بہ تڪڙ ۾ ٻاهر نڪتس جتي ٽيڪسيءَ وارو انتظار ڪري رهيو هو.

*

# موٽرسائيڪل سوار ڇوڪريون

نيپال ۾ وڏي تعداد ۾ نوجوان ڇوڪريون اسڪوٽر هلائيندي نظر ايندين. پنهنجي گذريل ٻن چڪرن ۾ به اها ڳالهه نوٽ ڪئي هئم پر تڏهن ايترو تعداد ڪونه هو جيترو هن ڀيري ڏٺم. پاڪستان ۾ ڪا ڇوڪري اسڪوٽر هلائي ته هشام ماڻهن جا ګڏ تي ويندا ۽ نيٺ ڇوڪري پاڻ اسڪوٽر هلائڻ تان دل ڪٽي ويندي يا سندس مائٽن کي مٿس بندش وجهڻي پوندي. پر نيپال ۾ اها عام ڳالهه آهي. مرد توڙي عورتون موٽرسائيڪل يا اسڪوٽر هلائين ۽ نه رُڳو هلائيندڙ پاڻ هيلميٽ پائي پر پُٺيان ويٺل به لازمي طور پائي ٿو.

سُواميُو مندر مان موٽندي ٽيڪسي ڊرائيور سان ڪافي ڪچهري ٿي جنهن ٻُڌايو ته هتان جو عورتون ۽ نوجوان ڇوڪريون به نوڪري ڪن ٿيون. اهي اڪثر دُڪانن ۽ آفيسن ۾ ڪم ڪن ٿيون تنهنڪري اهي پاڻ اسڪوٽر هلائي ڊيوٽيءَ تي وڃن. پگهارون ايتريون گهٽيون ڪونهن پر اهي پنهنجو خرچ ته ڪيڏي وڃن ٿيون. دُڪانن يا ننڍين آفيسن ۾ ڇوڪرين جون پگهارون ٽن هزارن کان ڏهه هزار رُپين تائين ٿين. موٽرسائيڪلن جي رش تي هن ٻُڌايو ته بئنڪون ۽ ٻيا مالياتي ادارا ليزنگ ڪن ٿا جنهنڪري هتي هر ماڻهو قرض تي اسڪوٽر ۽ ٻيون گاڏيون وٺي ٿو. بلڪل پاڪستان وانگر صورتحال آهي جتي هر ماڻهوءَ پاڻ کي بئنڪن ۽ ليزنگ ڪمپنين وٽ گروي رکي گاڏي ورتي آهي.

نيپال ۾ گاڏيون ڪونه ٺهن تنهنڪري اهي انڊيا مان اچن ٿيون. هتي هر گاڏي ڏسي انڊين ڪمپنيءَ جو نالو پڙهي سگهجي ٿو. ڊرائيور ڪرشنا ٻڌايو ته موٽرسائيڪلن جي قيمت اڳي نوي يا پنجانوي هزار رُپيا هئي پر هاڻي اهي مهانگيون ٿي ويون آهن ۽ سوا لک رُپين تائين قيمت وڃي پهتي آهي.

هتي مون ڪجهه موٽرسائيڪل سوارن کي پاڪستانين وانگر ڊرائيونگ ڪندي ڏٺو. هنن لاءِ چڻ ته ڪوبه قائدو قانون ڪونه هو.

❊

# ڳاڏيون ته ڇام

## پلچيون به انڊيا مان اچن

مون جڏهن ان ڳالهہ تي حيراني ڏيکاري تہ نيپال ۾ انڊيا ڇانيل آهي جو هتي هلندڙ هر گاڏي ٽاٽا يا ٻي ڪنهن انڊين ڪمپنيءَ جي آهي، تہ ٽيڪسي ڊرائيور چيو حيران نہ ٿيو هتي بصر پٽاٽا ۽ ٻيون پاڇيون بہ انڊيا مان ايندئون آهن. ”نيپال ۾ بصر پٽاٽا ٿين ٿا پر تڏهن بہ اهي انڊيا مان گهرايا وڃن ٿا“ هن چيو. اتفاق سان جن ڏينهن ۾ مان نيپال ۾ هئس انهن ڏينهن ۾ سنڌ ۽ ملڪ جي ٻين صوبن ۾ بصر پٽاٽا ڏاڍا مهانگا ٿي ويا هئا. جنهن جو خاص ڪارڻ اهو هو تہ هندستان ۾ بصر پٽاٽن جو فصل خراب ٿيو هو ۽ وڏي مقدار ۾ اهي ٻئي شيون پاڪستان ۽ خاص طور سنڌ مان انڊيا ڏانهن ايڪسپورٽ ڪيون پئي ويون. سنڌ ۾ بصر ستر ڪان اسي رُپيا في ڪلو ٿي وڪاميو جڏهن تہ پٽاٽن جو اگهہ بہ نوي رُپين ڪي وڃي پهتو هو. ڊرائيور ٻڌايو تہ نيپال ۾ بہ اهو ئي اگهہ هلي رهيو آهي.

نيپال ۾ رهڻ دوران ميزبان اداري جي مالڪ گوپال گُرگين جو پاءُ جنهن جو نالو پڻ ڪرشنا هو، مونکي پنهنجي ملڪ جو حال احوال ڏيندو رهيو هو. سندس چوڻ موجب نيپال ۾ سواءِ بسڪوٽن جي ڪارخانن جي ٻي ڪابہ صنعت ڪانهي، انهيءَ جي ڪري هر شئي انڊيا مان گهرائي ٿي وڃي. هن ٻڌايو تہ وٽن گئس تي گاڏيون هلائڻ جو تصور ئي ڪونهي جڏهن تہ پيٽرول بہ ڪين انڊيا ئي وڪرو ڪري ٿو جيڪو ٽينڪرن ذريعي اچي ٿو. نيپال ۾ اڪثر ڪو نہ ڪو ڦڏو پيو ٿيندو آهي جنهن ڪري انڊيا ڪان ايندڙ آئل ٽينڪر رستا بند هجڻ سبب بيهي ويندا آهن، جڏهن رستا بند هجڻ سبب تيل جي رسد بند ٿيندي آهي تہ نيپال جا پيٽرول پمپ مالڪ تيل جي بليڪ مارڪيٽنگ شروع ڪري ڇڏيندا آهن ۽ پيٽرول پمپن تي گاڏين جون قطارون گڏ ٿي ويندءون آهن. سندس ڳالهيون ٻڌي مونکي پاڪستان ۾ اُهي ڏينهن ياد اچي رهيا هئا جڏهن پيٽرول جو اگهہ وڌڻ جي اعلان جي انتظار ۾ پيٽرول پمپن جا مالڪ پيٽرول جو وڪرو بند ڪري ڇڏيندا آهن ۽ هر پمپ تي سوين گاڏيون بيهي وينديون آهن.

نيپال ۽ پاڪستان وچ ۾ هڪ ٻي مشترڪ ڳالهہ هي آهي تہ ٻنهي ملڪن ڪي رب سائين. ندين سان نوازيو آهي جن تي اُٺويهہ هزار ميگاواٽ بجلي پيدا ڪرڻ جي صلاحيت جا پلانٽ لڳل آهن پر هُو تيرهن چوڏهن هزار ميگاواٽ بجلي پيدا ڪن ٿا ۽ نتيجي ۾ ٻارهو ئي لوڊ شيڊنگ ڪئي وڃي ٿي. اونهاري ۾ نيپال ۾ بہ پاڪستان وانگر ارڙهن ڪلاڪ بجلي بند رهي ٿي. ٽيڪسي ڊرائيور ڪان جڏهن ان بابت پڇيم تہ چيائين نيپال ۾ بہ جڏهن بجلي بند ٿيندي آهي تہ ماڻهو مچرجي حملا ڪندا آهن.

*

# اردو ته هندي

نيپال ۾ ماڻهو عام طور جيڪا ٻولي ڳالهائين ان ۾ هندي ۽ اُردو ګاڏڙ لفظ استعمال ڪن ٿا. پهرين ڏينهن ايئرپورٽ کان هوٽل ڏانهن ايندي وئن ڊرائيور موبائل تي ڳالهائڻ مهل ڪنهن کي ٻُڌائي رهيو هو ته سادي چئين وڳي کان ٽريفڪ ۾ ڦاٿل آهي. ان لاءِ هن ساڙهي چار بجي سي لفظ استعمال ڪيا. هوٽل جي بيرن کان جڏهن پُڇيم ته هو اُردو سمجهن ٿا ته هنن نهڪار ڪئي پر جڏهن ڳالهائڻ پيا ته اها اُردو لفظن جي ملاوٽ واري ٻولي هئي جنهن کي هو هندي سڏين ٿا. ابُو ظهبي هوائي اڏي تي به سئو ڏيڍ نيپالي هئا جن مان هڪ وڏي واڪي موبائل فون تي پنهنجي ملڪ ڪنهن سان ڳالهائي رهيو هو جيڪا ٻولي پڻ اُردوءَ ګاڏڙ هئي، شروع ۾ هن السلام عليڪم چيو هو ۽ پوءِ ٻُڌايائين ته چئين سادي چئين وڳي پهچنداسين. اهو معاملو انڊين فلمن وارو آهي جن کي هُو هندي فلمون سڏين ٿا پر پنجانوي سيڪڙو اُردو ٻولي هوندي آهي. اصل ۾ جيئن ته انهن ٻولين جو بُڻ بنياد سنسڪرت آهي تنهنڪري نندي ڪنڌ ۽ پرپاسي جي علائقي ۾ ڳالهائجندڙ ٻولين ۾ ڪيترائي لفظ هڪ جهڙا آهن.

مان جنهن ٽيڪسيءَ واري سان مندر گهمڻ ويس اهو هر هر ”ڀاڙي ڪي لوگ“ لفظ استعمال ڪري رهيو هو. خبر پئي ته سنڌي لفظ ڀاڙو ۽ نيپالي يا هندي لفظ ڀاڙو هڪ ئي معنيٰ رکن ٿا. نيپال ۾ هندي يا نيپالي ٻوليءَ ۾ شام کي انڌيارو به چون جيڪو اُردوءَ جي لفظ انڌيرو کان گهڻو مختلف ڪونهي ۽ شهرن ۾ ڳالهائجندڙ سنڌيءَ ۾ به اهو لفظ هاڻي عام ٿي ويو آهي.

نيپالي ٻوليءَ ۾ ڪي لفظ اهڙا آهن جيڪي سنڌيءَ سان ملن ٿا. پٽاٽن کي ته هتي به پٽاٽا ۽ آلُو ئي سڏين ٿا جڏهن ته ٻار ڇٽائيندڙ دائيءَ کي سڏين ڏائي، وڏي ڀاءُ کي سڏين دادا ۽ ترائي (واريءَ سين پٽن جي وچ ۾ اهو هنڌ جتي مينهن جو پاڻي گڏ ٿئي) جو مطلب به بلڪل سنڌي لفظ وارو آهي جنهن جو ذڪر سفرنامي جي پهرين حصن ۾ ڪري چڪو آهيان. اهڙي طرح هڙتال کي هُو به هڙتال سڏين ۽ گهر ڏٽيءَ کي گهر ڏني سڏن. مزي جي ڳالهه ته ڪٽمنڊو سان ڳنڍيل شهر للِيتپور جي وڏي هوٽل هماليا ۾ هڪ هال جو نالو هو ”بينڪ“ مون جڏهن نيپالي دوستن کان ان جي معنيٰ پُڇي ته ٻُڌاين گڏجاڻيءَ وارو هنڌ. بينڪ لفظ گڏجاڻي يا اوطاق واري معنيٰ ۾ نيپالي، هندي، اُردو ۽ سنڌيءَ ۾ استعمال ٿئي ٿو.

*

# ساڍي نائين وڳي شٽر بند

سُوامپُو مندر مان واپس هوٽل پهتس تہ شام جا 6 پي ٿيا پر لڳو ٿي تہ رات ٿي چڪي آهي، ڪمري تي وڃي ست ساڍا ست ٿيا تہ ميزبان ڪرشنا جي فون آئي تہ هيٺ رسيپشن تي منهنجو انتظار ٿي رهيو آهي. اصل ميزبان تہ ڪميونيڪيشن ڪارنر اداري جو مالڪ گوپال گُرگين هو پر هن پنهنجي ڀاءُ ڪرشنا کي مهمانن جي استقبال ۽ ٻين انتظامن تي لڳايو هو. ٽيڪسي ڊرائيور ڪرشنا ڪانپوءِ مان هن ڪرشنا جي حوالي هئس. مان، انڊونيشيا ۽ ٿائلينڊ مان آيل مهمان ڪرشنا سان گڏ هوٽل کان ٻاهر نڪري پنڌ ئي پنڌ هلندا وياسين. سوڙهي بازار جي ٻنهي پاسي دڪان روشنين سبب جرڪي رهيا هئا. ڏهہ منٽن جي پنڌ ڪانپوءِ اسان هڪ هوٽل جي ڏاڪڻ چڙهي پهرين ماڙ تي پهتاسين تہ خبر پئي تہ اتي مڏُ ڪانہ ملندي. وري هيٺ لٿاسين ۽ گرائونڊ فلور تي جاوا ريسٽورنٽ ۾ وڃي ويٺا سين. گوپال ۽ ٻيا مهمان بہ اتي ئي مليا. مونکي گوپال جي ڌيءُ شِيڪا ۽ سندس مڙس ديپيندرا سان ڪچهريءَ جو موقعو مليو جو سندن ڪرسيون منهنجي پرسان ئي هيون. ڏاڍو قُرباڻتو جوڙو هو. هر وقت کِل ڀوڳ سان ڳالهائڻ وارو. ديپيندر فطري طور ئي کل ڀوڳ وارو هو ۽ شايد انهيءَ ڪري هن پنهنجو الڳ ايف ايم ريڊيو شروع ڪيو هو جنهنجون ارڙهن ڪلاڪن جون سڀ نشريات مزاحيا پروگرامن واريون هيون. پاڻ نہ رُڳو گانا بہ ڳائيندو هو پر هڪ ڪاميڊي ٽي وي سيريل ۾ ڪم ڪري چُڪو هو ۽ هاڻ پاڻ بہ مزاحيا پروگرامن تي مشتمل ٽي وي چينل شروع ڪرڻ جي تيارين ۾ هو.

اسان جي موج مستي ۽ ڪچهري جاري هئي تہ ساڍا نَو ٿي ويا ۽ ريسٽورنٽ جا شٽر بند ٿيڻ لڳا. جنهن هال ۾ اسان ويٺا هئاسين اُن جي اڳيان شيشو لڳل هو ۽ ٻاهر جو منظر ڏسي سگهجي پيو. مون ڪيترن ئي نوجوان جوڙن کي ان ريسٽورنٽ جي ٻاهران گڏ ٿيندي ڏٺو. خبر پئي تہ انهن جوڙن جو وقت اچا هاڻي شروع ٿيڻو هو جو نہ رُڳو ان ريسٽورنٽ ۾ پر آسپاس جي ٻين هوٽلن ۾ ڊانسنگ هال هئا جتي اهي جوڙا سڄي رات موج مستي ڪندا. ڊانسنگ هالن ڪانسواءِ باقي ريسٽورنٽ ۽ ٻيو ڪاروبار رات جو ساڍي نائين وڳي بند ٿيو وڃي. هال جي شيشي ٻاهران بہ ڪجهہ ٽيبل ڪرسيون لڳل هيون. شٽر بند ٿيڻ کان ڪلاڪ کن اڳ هڪ ڊگهي قد جي ماڊرن مائي اُتي ويٺل نظر آئي هئي جيڪا وسڪي پيئندي اسان مان ڪنهن نہ ڪنهن کي پنهنجو گراهڪ ناهڻ لاءِ اشارا ڪندي رهي.

ريسٽورنٽ جي مُهڙ وارو شٽر تہ ساڍي نائين وڳي بند ڪيو ويو پر اسان ساڍي ڏهين وڳي تائين ويٺا رهياسين ۽ ڊنر ختم ڪري ريسٽورنٽ جي پاسي واري گهٽيءَ ۾ ڪلنڊڙ در مان ٻاهر نڪتاسين. گوپال ٻڌايو تہ هتي ڪاروبار صبح جو سوير ئي شروع ٿيو وڃي ۽ رات جو لازمي طور ساڍي نائين وڳي شٽر بند ڪرڻا هوندا آهن. مون کي پاڪستان ياد آيو جتي ڪاروباري ماڻهو بجليءَ جي وڏي بحران جي باوجود حڪومت جي اهڙي ڪنهن بہ هدايت تي عمل ڪرڻ لاءِ تيار نہ هوندا آهن. ڪراچيءَ ۾ تہ ڪاروبار کُلي ئي ٻارهين ڪانپوءِ ۽ رات جو دير تائين جاري رهي ٿو. حڪومت ڪا سختي ڪري تہ مظاهرن ۽ هڙتالن تائين تيار ٿيو وڃن.

ريسٽورنٽ کان ٻاهر نڪتاسين تہ واقعي ڪاروبار بند ٿي چڪو هو. رستي تي جوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ٽولن جي شڪل ۾ موجود هئا. ميزبان اسان کي پنهنجي هوٽل تائين پهچائي واپس هليا ويا. صبح جو اسان کي هن هوٽل مان روانو ٿيڻو هو چو تہ باقي رهائش ۽ پروگرام شهر کان ٻاهر خوبصورت پهاڙي علائقي ۾ گوداوري رزارٽ ۾ هو پر مونکي ديپيندرا چيو تہ مان ٻين دوستن سان گڏ نہ وڃان جو هُو مون کي صبح جو پنهنجي ريڊيو اسٽيشن گهمائڻ چاهي ٿو. هن چيو تہ ريڊيو اسٽيشن گهمائي هو مون کي گوداوري رزارٽ ڇڏي ايندو.

٭

# ڏُکن ڀَري دنيا ۾
# ڪِل خُوشيءَ آڻڻ جي ڪوشش

اڄ سترهين نومبر تي عيدالاُضحيٰ هئي. گهر ٻار ٻلڪ پنهنجي ديس کان پري هئڻ پر تڏهن به صبح جو سوير اُٺيس جو سڄو سال نماز نه پڙهڻ جي باوجود عيد جي ڏينهن پُٽن ۽ ڀائرن سان گڏجي عيد نماز پڙهڻ لاءِ سوير اُٿڻو پوندو هو. هتي اهڙو ڪو به تصور ڪونه هو تڏهن به اُٿي تيار ٿيس ۽ نيرن ڪري هوٽل ٻاهران پي سي او تان ڪراچيءَ فون ڪري گهر وارن کي عيد مبارڪ چيم ۽ پنهنجون اِي ميل چيڪ ڪيم. سنڌ مدرسي جي پرنسيپال ڊاڪٽر محمد علي شيخ ۽ ڪُجھ ٻين دوستن پاران عيد مبارڪ جا پيغام آيل هئا جن کي موٽ ڏنم ۽ پوءِ هوٽل تي اچي ويهي رهيس. ان مهل ڪجھ پريشاني به محسوس ٿي جو گهر واريءَ ٻُڌايو ته ٻن ٻارن کي ٻُخار هو ۽ ٽيسٽ ڪرائڻ سان ڊينگيءَ جا ابتدائي اثر ظاهر ٿيا هئا جو پليٽيليٽس ڪنهن حد تائين گهٽيل هئا. شُڪر آهي ته هنن هڪدم علاج شروع ڪري ڇڏيو هو.

ديپيندرا ٻارهين وڳي پهتو ۽ ڪار ۾ ڪٽي پنهنجي ريڊيو اسٽيشن ڏانهن روانو ٿيو. اسين جن رستن تان لنگهياسين انهن تي نيشنل ميوزيم ۾ تبديل ڪيل شاهي محل، وزير اعظم سيڪريٽريٽ، ڪشميري شاهي مسجد وغيره نظر آيا. ڪشميري مسجد جي ويجهو ئي هڪ ٻي شاهي مسجد به هئي ۽ مون ٻنهي مسجدن وٽ لهي انهن جون تصويرون ڪڍيون. ديپيندرا ٻُڌايو ته ڪشميري مسجد تمام پراڻي آهي ۽ هتي وڏا اجتماع ٿيندا آهن. اڄ انهن مسجدن ۾ عيد نمازون به پڙهيون ويون هيون. مون کي پهرين خبر هجي ها ته صبح جو سوير هتي اچي عيد نماز پڙهان ها. هتي پراڻي زماني کان ڪشميري رهن ٿا جن جي اها مسجد قائم ڪيل آهي.

ريڊيو اسٽيشن ويندي ديپيندرا کان وڌ ۾ وڌ معلومات وٺڻ جي ڪوشش ڪيم. هن ٻُڌايو ته نيپال ۾ ريڊيو جو لائسنس وٺڻ ڪو ڏکيو ڪم ناهي. آن لائين فارم ڀري ڏهن کان پندرهن ڏينهن ۾ لائسنس وٺي سگهجي ٿو. گهٽ فريڪُئنسيءَ واري ريڊيو لائسنس جي فِي فقط ڏھ هزار رُپيا ۽ وڌيڪ پاور جي ريڊيو لاءِ هڪ لک رُپيا ڀرڻا پون ٿا. شايد اهو ئي سبب هو جو هڪ سيڪنڊري اسڪول جي رٽائرڊ ٽيچر جو پُٽ ديپيندرا به ريڊيو اسٽيشن جو مالڪ ٿي ويو. پاڪستان ۾ ڪو غريب جو ٻار اهو سوچي به نٿو سگهي جو هتي سرڪار سڳوري ريڊيو لائسنس نيلام ڪري ٿي جنهنڪري ڏورانهن علائقن ۾ به ريڊيو لائسنس لکن ۾ وڃي پوي ٿو جڏهن ته ڪراچي ۽ ٻين وڏن شهرن ۾ لائسنس في ڪروڙن ۾ ٻيهي ٿي، ٻيا خفا ان کان علاوه آهن.

ريڊيو آڊيو ڊيپيندرا جي ريڊيو جو نالو هو جيڪو پارليامينٽ هائوس جي ڀرواري ويجهو رستي جي ٻئي پاسي هڪ عمارت جي آخري ستين ماڙ تي قائم هو. لفٽ چڙهي مٿي پهتاسين ته اڳڻ ۾ سڀ کان پهرين وڏي جنريٽر تي نظر پئي جنهن لاءِ هن ٻڌايو ته لوڊشيڊنگ جي حالت ۾ نشريات جاري رکڻ لاءِ جنريٽر اڻٽر آهي، بلڪل ايئن جيئن پاڪستان ۾ هر ريڊيو اسٽيشن تي انتظام هوندو آهي ۽ ريڊيو جا مالڪ دانهون ڪندا آهن ته ڏکهي لوڊشيڊنگ سبب لاڳيتو جنريٽر هلائڻ سان سندن خرچ وڏي ويجي ٿو.

ريڊيو اسٽيشن اندر شِيڪا اسان جي انتظار ۾ هئي. اسٽوڊيوز ۾ پيو سيٽ اپ ڏسڻ ۾ اسٽاف سان هيلو هاءِ ڪرڻ ڪانپوءِ اسان سندن آفيس ۾ وڃي ويناسين جتي هنن مونکي پنهنجي ريڊيو جا ڪجھ پروگرام به ٻڌرايا.

ٻنهي زال مڙسن جي مون سان ايتري ته قربت ٿي وئي هئي جو پنهنجي ذاتي زندگيءَ بابت به گهڻو ڪجھ ٻڌائي ويا. سندن عشق گهڻي وقت کان هلندڙ هو پر نَو مهينا اڳ هنن شادي ڪئي هئي. ڊيپيندرا ايشيا جي سڀ کان پهرين ڪميونٽي ريڊيو ساگر ماٿا مان ڪم شروع ڪيو. پنهنجي سهري گوپال جي اداري ڪميونيڪيشن ڪارنر ۾ پوءِ سندس ايف ايم ريڊيو اُجالو ۾ به ڪم ڪيائين. پنهنجي ريڊيو جي شروعات بابت هن چيو "منهنجو خيال هو ته اهڙو ريڊيو شروع ڪريان جيڪو ٻين کان مختلف هجي. دنيا ۾ رُڳو ڏک ئي ڏک آهن ۽ چڪتاڻ آهي، ٽينشن آهن. تنهنڪري موج مستي ۽ کل ڀوڳ ذريعي ماڻهن کي وندر ڏجي. اهو سوچي مون هي ريڊيو شروع ڪيو جنهن جو نعرو ئي آهي فُل ٽائيم ڪاميڊي. هن ٻڌايو ته سندس ريڊيو تان ماڻهن جي فرمائش مطابق مزاحيا ۽ عشقيه گانا نشر ڪيا ويندا آهن جن ۾ نيپالي توڙي انڊين گانا شامل آهن. سندس ريڊيو جي جدت اها به آهي ته اشتهار به مزاحيا انداز ۾ هوندا آهن.

مينيجمينٽ جي اصولن تي سختيءَ سان عمل ڪرڻ جو ٻڌائيندي چيائين، "آفيس ۾ مان باس ۽ زال منهنجي ماتحت هوندي آهي ۽ گهر ۾ منهنجي زال باس ۽ مان سندس ماتحت هوندو آهيان." اسٽاف لاءِ اصول آهي ته "دل چوي ته ڪم ڪريو نه ته هليا وڃو ڪابه زبردستي ڪانهي." پنجاهه لکن جي خرچ سان ريڊيو قائم ڪيائين ۽ هر مهيني پنج لک رُپيا خرچ اچيس ٿو. اسٽاف جون پگهارون ست هزارن کان پنجٽيهه هزار رُپين تائين آهن. پگهارن جو ذڪر مان جاڻي واڻي ڪري رهيو آهيان ته جيئن سنڌ ۾ ايف ايم ريڊيو تي ڪم ڪندڙن کي خبر هجي ته نيپال جهڙي غريب ملڪ ۾ به ريڊيو وارا پنهنجي اسٽاف کي پگهارون ڏين ٿا.

منجهند جو ٽين وڳي ڊيپيندرا مونکي شهر کان ٻاهر گوداوري وليج رزارٽ تي ڇڏي ويو جتي اجا ڪمري تي سامان رکي دريءَ مان ٻاهر جو خوبصورت نظارو ڏسي رهيو هئس ته نياپو مليو ته پنجين وڳي وري شهر ڏانهن روانگي آهي. مقرر وقت تي ايشيا ڪالنگ جا سڀ دوست وئن ۾ سوار ٿي ڪٺمنڊو جي جاڙي شهر لليٽپور روانا ٿياسين جتي هماليه هوٽل ۾ گوپال جي اداري طرفان هڪ سي ڊيءَ جي لانچنگ هئي. هن هوٽل ۾ سيپٽمبر 2004۾ رهي چُڪو هئس. نيپال جو وزير اطلاعات تقريب جو خاص مهمان

هو. رات جو ڏهين وڳي واپس گوڏاوري پهچي ٻه وياسين چاڪاڻ جو هر ڪم وقت جي پابنديءَ سان ٿي رهيو هو.

شهر کان گوڏاوريءَ تائين رستي جي ٻنهي پاسي گهڻو ڪري فصل پوڪيل هوندا هئا ۽ باقي علائقي ۾ پُراڻا گهر ۽ مندر ڏسڻ ۾ ايندا هئا. عورتون لابارو ڪندي ياروڊ تي چانور چڙهيندي نظر ايندڙيون هيون. پر هن پيري روڊ جي ٻنهي پاسي ڪيترين ئي نيون عمارتون نظر آيون ۽ ٻنين جي جاءِ تي به گهڻو ڪري رهائشي جايون ٺهي ويون هيون جنهن مان اندازو ٿيو ته هتي به ٻهراڙين مان شهرن ڏانهن لڏپلاڻ ۽ آبادي وڌڻ جي ٻين ڪارڻن سبب شهري علائقا وڌي رهيا هئا.

*

# پنير پڪوڙا، مهاراني دال ۽ مٽن توَا

ارڙهين نومبر تي صبح جو نائين وڳي کان شام جو ڇئين وڳي تائين ايشيا ڪالنگ پارٽنرس جي گڏجاڻي هلي جنهن ۾ انڊونيشيا، ٿائليند، ڪمبوڊيا،برما، افغانستان، بنگلاديش ۽ پاڪستان جا نمائندا شريڪ هئاسين. نيپالي ميزبان گوپال جي صلاح تي شام جو هوٽل جي وئن ۾ سوار ٿي شهر وياسين. اسان جي منزل رتن دربار وارو علائقو هو جتي قديم زماني جا مندر آهن. هن علائقي ۾ مان 2002۾ به آيو هئس. گهمڻ ڦرڻ ڪانپوءِگوپال اسان کي اسي والن جي پلاٽ تي هڪ پُراڻي چار ماڙ عمارت ۾ وٺي هليو جنهن ۾ گهڙڻ ڪانپوءِ خبر پئي تہ اها اتان جي بار هئي، هر ماڙ تي ٻنهي پاسي ننڍڙيون ڪوٺڙيون ٺهيل هيون جن ۾ ٽيبل ڪرسيون پيل هيون ۽ ماڻهو مڏُ پيئڻ ۾ رُڌل هئا. اسان چوٿين ماڙ جي بہ کليل ڇت تي وڃي ڇتين هيٺان پيل ڪرسين تي ديرو ڄمائي ويهي رهياسين.

سڀني جو مُوڊ بيئر پيئڻ جو هو تنهنڪري ويٽر کي سڏي آرڊر ڏنوسين پئي تہ گوپال ڪانئس نيپالي ٻوليءَ ۾ ڪجهہ پُڇيو جنهن جي جواب ۾ هن جيڪو ڳالهايو تنهن مان اندازو ٿيو تہ پنير پڪوڙن جي ڳالهہ هئي. ٿوري دير مس گذري تہ ويٽر بيئر جي بوتلن ڪانپوءِ پڪوڙن جون پليٽون کڻي اچي پهتو. ٿڌي موسم ۾ پهرين تہ ڏڪڻي وٺي وئي هئي پر بيئر جا سِپ وٺندي گرم گرم پڪوڙن کائڻ سان ٻُت ۾ ڪجهہ گرمي اچي وئي. اجا وينا ئي هئاسين تہ اوچتو هلڪو مينهن شروع ٿي ويو پر شُڪر جو مٿان ڇتيون لڳل هيون تنهنڪري گهٽو پُسڻ کان بچي وياسين.

ڪٺمنڊو ۾ مون لاءِ ڪاڏي جو مسئلو ڪڏهن بہ نہ ٿيو آهي جو هتان جا ڪاڏا هندستاني ۽ پاڪستاني ڪاڌن جهڙا هوندا آهن. پندرهين نومبر تي پهرين رات ئي مون ڪٺمنڊو گيسٽ هائوس ۾ جڏهن بيري کي ڪمري تي گهرائي ڪاڌن بابت پُڇيو تہ هن دال مهارانيءَ جو بہ نالو ورتو. مون سوچيو هو تہ جهڙي بہ هوندي گهٽ ۾ گهٽ دال تہ هوندي. جڏهن بيرو دال کڻي آيو تہ اها مکڻ ۾ ٺهيل ڪاري دال هئي جنهن کي گرم نان سان کائڻ ۾ واهہ جو مزو هو. مانيءَ ڪانپوءِ چانهہ بہ ايتري مزيدار هئي جو پنهنجي گهر جي چانهہ ياد اچي وئي. چانهہ جي هڪ مگ جي قيمت پنجانوي رُپيا هئي ۽ دال ۽ هڪ نان جو بل ساڍا ٽي سئو رُپيا هو. سورهين نومبر تي منجهند جو بيف برگر کاڌم تہ ساڍا چار سئو رُپيا بل آيو. ساڳئي ڏينهن رات جو گوپال جي دعوت ۾ مڏُ هلندي کوڙ شيون پيش ڪيون ويون هيون جنهن ۾ بہ ذڪر جوڳيون آهن. هڪ هئي سموسي ٽائيپ شئي پر گول شڪل ۾ جنهن جو نيپالي نالو هو مومو Momo جنهن جي اندر ڀاڄي پيل هئي ۽ ٻيو هو مٽن توَا Mutton Tawa جيڪي ٻاڪري گوشت جا ٽئي تي تريل سنها ٽڪرا هئا.

گوداوري وليج رزارٽ ۾ وري چانور، دال، پالڪ، مٽن قورمو ۽ اهڙيون ٻيون گهڻيون ئي لذيذ شيون هيون تنهنڪري مون جهڙو ڪو ماڻهو نيپال ويندو ته بُک کونه مرندو. گوداوري رزارٽ، هماليه ۽ اهڙين ٻين وڏين هوٽلن ۾ جيئن ته يورپي سياح جام اچن ٿا تنهنڪري انهن جي حساب سان کاڌا به ٺاهيا وڃن ٿا. مونکي ته هتي جديد زماني جي هوٽلن ۾ يورپي کاڌن کان وڌيڪ قديم ۽ ثقافتي ڏيک ڏيندڙ هوٽلون ۽ روايتي ايشيائي کاڌا وڻندا آهن. مونکي کٽمنڊو جي پهرين چڪر ۾ هڪ قديم ثقافتي طرز جي هوٽل ۾ کاڌل ڊنر اڃا ياد آهي جتي ننڍين ڄنگهن وارين ٽيبلن جي ٻنهي پاسي ڪشن تي ويهي ماني کاڌي هئي سين. روايتي نيپالي ڊريس پاتل ٻيرن روايتي ڊش پيش ڪيا هئا ۽ هال جي ڪُنڊ ۾ فنڪار روايتي نيپالي ساز وڄائي رهيا هئا جن جي ڌُنن تي اسان ڊنر کانپوءِ بيخود ٿي نچندا رهياهئاسين. ان هوٽل جو نالو هيو ڀوجن گِرِي. ڀوجن جي معنيٰ کاڌو ۽ گِري معنيٰ گهر.

❊

## رتن دربار

رتن دربار يا دربار اسڪوائر ڪٽمنڊو مُکيہ شهر جي ڏکڻ ۾ جاڙي شهر للیتپور جو اهو علائقو آهي جتي ارڙهن مُکيہ مندر آهن يا ايئن چئجي تہ اهو مندرن جو ڪامپليڪس آهي. چون ٿا تہ اهو اصل ۾ قديم شهر آهي ۽ اهي مندر ٻُڌازم جو مُکيہ اُهڃاڻ آهن. بادشاهہ اشوڪا جڏهن نيپال آيو هو تہ پنهنجي ڌيءُ چرومتيءَ کي بہ ساڻ وٺي آيو هو جنهن کي هي ديس اهڙو تہ وڻي ويو جو واپس وڃڻ تي دل راضي ڪانہ ٿيس ۽ هتي ئي رهڻ پسند ڪيائين. شهزادي چرُومتيءَ ئي پتن شهر تعمير ڪرايو ۽ هتي ئي هُوءَ ٻُڌ ڀڪشوئڻ سان رهي پئي. انهن ئي مندرن جي هڪ پاسي شاهي محل بہ آهي جنهن لاءِ چون ٿا تہ نيپال جي بادشاهہ رتن مالا King Ratna Malla ٺهرايو هو. پرپاسي ۾ مالا گهراڻي جي ٻين بادشاهن جا محل بہ آهن.

اسان جڏهن رتن دربار پهتاسين تہ وڏي رش هئي. يورپي ۽ ٻيا سياح گهمي ڦري رهيا هئا. رتن دربار گهمڻ لاءِ بہ ٽڪيٽ وٺڻي پوي ٿي. سارڪ ملڪن جي ماڻهن لاءِ ڪُل پنجوبهہ رُپيا ٽڪيٽ هئي ۽ ٻين لاءِ بہ سئو رُپيا. ميزبان گوپال فائدي ۾ ويو جو ٻين لاءِ تہ ڪيس وڏيڪ پئسا پرڻا پيا پر منهنجي لاءِ فقط پنجويهہ رُپيا. پاڪستان جيئن تہ سارڪ جو ميمبر ملڪ آهي تنهنڪري مون کي تہ هوائي اڏي تي بہ فائدو پيو هو جو مون کان ويزا في بہ ڪانہ ورتي وئي.

سانجهيءَ ڪانپوءِ شاهي محل سياحن لاءِ بند هوندو آهي تنهنڪري اهو گهمڻ جو موقعو ڪونہ مليو. هونئن بہ ڪٽمنڊو جي پهرين دوري ۾ مان اهو محل گهمي چُڪو هئس. اسان باقي مندر گهمندا اڳتي وڌندا رهياسين. سياحن جي رش جي ڪري هتي نيپال جون مختلف مذهبي ثقافتي شيون وڪڻندڙ چوڪرن ۽ چوڪرين جو بہ وڏو تعداد هو جيڪي سياحن کي گهيرو ڪيو بيٺا هئا. اسان بہ ڪائنئ بچي نہ سگهياسين. هڪ نَوَ ڏهہ ورهين جي چوڪري لڪشمي ڪپڙي مان ٺهيل پرس وڪڻي رهي هئي، سندس زور هو تہ يارهن پرس هڪ هزار رُپين ۾ خريد ڪريون. گهڻوئي ٺٺايوسين پر برما واري دوست کي خيال اچي ويو ۽ هڪ سئو رُپين ۾ بہ پرس خريد ڪيائين. هن چوڪريءَ جي خاص ڳالهہ هئي تہ روانيءَ سان انگريزي بہ ڳالهائي پئي. منهنجي پُڇڻ تي ٻُڌايائين تہ پنجين درجي ۾ پڙهندي آهي ۽ هتي پهرين درجي کان ئي انگريزي پڙهائيندا آهن.

مندرن جي آسپاس پُراڻيون رهائشي جايون هيون بلڪ پُراڻا فليٽ هئا جن جي اڏاوت جو انداز ڪراچيءَ ۾ پاڪستان کان اڳ جي لياريءَ وارين عمارتن جهڙو هو. اهڙي ئي هڪ جُهريل عمارت تي چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري للیتپور جو پُراڻو بورڊ لڳل هو. مان سمجهان ٿو تہ اتي پُراڻي زماني ۾ چيمبر جي آفيس هوندي چوتہ هن دور جا صنعتڪار اهڙي جُهريل عمارت ۾ آفيس ناهي ڪونہ ويهندا. مندرن جي آسپاس گهٽيون سوڙهيون هيون ۽ هر مندر جي پرسان موهن جي دڙي ۾ موجود وهنجڻ واري

تلاءَ وانگر زمين جي سطح کان هيٺ پڪين سِرن جو تلاءُ هو جنهن ۾ اُن جي تري تائين لهي وڃڻ لاءِ وڏيون ڪُشاديون ڏاڪڻيون ٺهيل هيون. تلاءَ مان صرف سمجهاڻيءَ خاطر لکي رهيو آهيان ڇوته اهو پاڻيءَ سان ڀريل ڪونه هو پر تلاءَ جي ڀتين ۾ قديم مذهبي اُهڃاڻن وارين شڪلين جا نل لڳل هئا. اهو اصل ۾ واٽر سپلاءِ جو قديم سرشتو هو. اسان جي هڪ نيپالي گائيڊ موجب قديم زماني ۾ بادشاهن پنهنجي رعايا جي سهولت لاءِ پري مٿانهينءَ کان پاڻيءَ جي ذخيري کي ڇڪي انهن نلن تائين پهچايو هو جنهنکي اڄ بہ ساڳي نموني پاڻيءَ جي لائينن سان ڳنڍي رکيو ويو آهي. اسان جي موجودگيءَ ۾ ڪيترائي ماڻهو انهن نلن مان پاڻي ڀري رهيا هئا. ڪن هنڌن تي تہ انهن حوضن اندر اسان رات جي وقت بہ ماڻهن کي ڪپڙا ڌوئيندي ڏٺو. نيپالي دوستن ٻڌايو تہ اهي کٽمنڊو ۽ لليتپور کان ٻاهر جا ماڻهو آهن جيڪي مسواڙ تي پُراڻا فليٽ وٺي رهن ٿا ۽ فليٽن ۾ پاڻي نہ هجڻ ڪري اتان پاڻي حاصل ڪن ٿا.

اسان سوڙهين گهٽين مان گهمندي ڦرندي موٽي رهيا هئاسين تہ هڪ هنڌ هڪ ننڍڙي پلاٽ تي ٺهيل هڪ پُراڻو مندر نظر آيو جنهن کي ڪاٺ جي گيٽ هئي پر اُها اُن مهل بند هئي. ان مندر جو نالو گولڊن ٽيمپل هو ۽ ان ۾ سچ پچ سون جا بُت رکيل هئا. پر حيرت جي ڳالهہ هئي تہ سون جي بُتن جي حفاظت لاءِ ڪو هڪ اڌ ماڻهو بہ بيٺل ڪونہ هو.

❋

## زميني قيدي ملڪ ۾ چين
## ۽ انڊيا جي مداخلت

اُٺويهين نومبر تي ڪانفرنس جو آخري ڏينهن هو. پنجين وڳي واندو ٿي ٿورو آرام ڪري ڇهين وڳي ڊائننگ هال ۾ گڏ ٿياسين جو ايشيا ڪالنگ جي انڊونيشيا ۾ ورهين ڪان رهندڙ انگريزياڻي ٽيسا Tessa جي سالگرهه هئي. ڪيڪ ڪپڻ ڪانپوءِ موج مستيءَ جو دور شروع ٿيو.

جڏهن ماٺهو سُرور ۾ ايندو آهي ته سچ ڳالهائيندو آهي سو گوپال به دل کولي احوال ڪيا. هن ٻڌايو ته انڊيا ۽ چين جي مداخلت جي ڪري نيپال متاثر ٿي رهيو آهي. چين مائوئسٽ پارٽيءَ کي ۽ انڊيا نيپالي ڪانگريس کي سپورٽ ڪري ٿو. سندن مداخلت سبب ڪابه حڪومت ٽڪي نٿي سگهي. ڇٺن پنجن مهينن کان نگران حڪومت قائم آهي ۽ آئين ناهڻ جي ڪوشش ٿي رهي آهي پر اجا آئين ٺهي نه سگهيو آهي.

نيپال حقيقت ۾ زميني طور قيد ملڪ آهي ڇوته اهو ٽن پاسن اوير, ڏکڻ ۽ اولهه کان انڊيا ۽ اُتر ۾ چين جي گهيري ۾ آهي. ڏکڻ ايشيا جو هي اهڙو ملڪ آهي جنهن کي قدرت سمنڊ ڪانسواءِ هر نعمت سان نوازيو آهي. هڪ لک, سٽيتاليهه هزار ۽ هڪ سئو ايڪاسي چورس ڪلوميٽر ايراضي ۽ ٽي ڪروڙ آباديءَ واري هن ملڪ ۾ نديون آهن, دنيا جي ڏهه وڏن جبلن مان اَٺ هن ملڪ ۾ آهن جن ۾ هماليه به شامل آهي, دنيا جا جبل چاڙهُو هتان ئي مائونٽ ايورسٽ تي ويندا آهن جنهن جو اصل نيپالي نالو ساگر ماٿا آهي.

اهڙي طرح ٻن وڏن ملڪن جي گهيري ۾ هجڻ ڪري نيپال اندر جيڪو ڪجهه ٿئي ٿو ان جو ڪارڻ سندن مداخلت آهي. گوپال موجب وزيراعظم چونڊڻ لاءِ سورهن ڀيرا ووٽنگ ٿي پر ڪوبه اُميدوار اڪثريت حاصل نه ڪري سگهيو ۽ نتيجي ۾ هڪ نگران وزيراعظم مقرر ڪيو ويو. گوپال جو خيال هو ته نيپال جون حالتون اجا خراب ٿينديون. (نيپال ۾ بادشاهت ختم ٿيڻ تي اٺاويهين مئي کان ارڙهين آگسٽ 2008 تائين مختصر مدت لاءِ نيپالي ڪانگريس جو گرجا پرشاد ڪوئرالا وزيراعظم رهيو ۽ ان ڪانپوءِ ڪميونسٽ پارٽي جيڪا مائوئسٽ ۽ ليننسٽ ڌڙن جي گڏيل پارٽي آهي, پنهنجا وزيراعظم آڻيندي رهي آهي. سندن پهريون وزيراعظم هو پرچندا جيڪو ارڙهين آگسٽ 2008 کان پنجويهين مئي 2009 تائين هلي سگهيو. جڏهن مان اتي هئس ته ماڌوڪمار وزيراعظم هو پر ڪيس به 2011 جي فيبروريءَ ۾ اقتدار ڇڏڻو پيو جنهن ڪانپوءِ جهلاناٿ کنال آيو ۽ آگسٽ ۾ اهو به روانو ٿي ويو. نومبر جي

اناويهين تاريخ تي هي سٽون لکڻ وقت بابُو رام ڀٽارئي نيپال جو نئون وزيراعظم آهي ۽ ملڪ جو آئين اجا جُڙي نہ سگهيو آهي. حڪومت هر ٽئين مهيني آئين ٺاهڻ لاءِ وڌيڪ ٽن مهينن جو مُدو وڌائي ٿي ۽ اتان جي سپريم ڪورٽ حڪومت جي ان قدم کي غيرقانوني قرار ڏئي چُڪي آهي.)

نيپالي پارليامينٽ ۾ ساڍا 6 سئو ميمبر آهن جن مان فقط ٽي سئو چونڊيل ۽ باقي سڀ ٽاڪيل آهن. اڪثريتي پارٽي ڪميونسٽ پارٽي آهي جنهن جون ٻہ سئو چاليهہ سيٽون ۽ ٻئي نمبر تي ڪانگريس آهي جنهن وٽ هڪ سئو ويهہ سيٽون آهن. پارليامينٽ اندر گهوٽالو ايترو تہ وڌيل اٿن جو اُٺويهين نومبر تي اجلاس ۾ ملڪ جي بجيٽ بہ منظور نہ ٿي سگهي، اجلاس ملتوي ڪيو ويو ۽ نيٺ اها صدارتي آرڊيننس ذريعي لاڳو ڪئي وئي. ويهين نومبر جي نيپالي اخبارن جي اها لِيڊ اسٽوري هئي.

نيپالي عوام حڪومت ۽ سياستدانن کان بيزار آهي. گوپال جي نياٽي ڊيپيندرا بہ اهائي ڳالهہ ڪئي تہ نيپال ۾ مخلص قيادت ڪانهي، هر سياستدان مفادپرست آهي ۽ عوام جا مسئلا حل ڪرڻ کان پاسو ڪري ٿو. ملڪ ۾ حڪومت نالي جي ڪا شئي ڪانهي.

جهڙو حال سياستدانن جو آهي اهڙو حال سرڪاري ادارن جو اٿن. هتي ڇنڇر تي هفتيوار موڪل ڪن پر جمعي تي بہ اڌ ڏينهن آفيسون بند رهن. سرڪاري ملازم دير سان آفيسن ۾ اچن ۽ وري جلد ئي لنچ جو وقت ٿيو وڃي جنهن کانپوءِ سوير ئي آفيسون ڇڏي گهر هليا وڃن.

❊

# نيپال ۾ به ڌاڙل ڦرون ۽ اغوا

گوپال ٻڌايو ته انڊيا نيپال جي گورکن کي فوجي سکيا ڏئي گورکا فورس جي شڪل ۾ ملڪ اندر ڇڏيو آهي جنهن جي ڪري حالتون وڌيڪ خراب ٿيون آهن.

هي اهي گورکا آهن جيڪي انگريز فوج جو اهم حصو هئا ۽ سندن بيرحمي ۽ بهادريءَ جا قصا مشهور هئا. گورکا يا گُرکا Gorkha/Gurkha نيپال جي هڪ ضلعي جو نالو به آهي ۽ انهيءَ علائقي جا رهواسي گورکا سڏجن ٿا. انگريز فوج ۾ گورکا رجمينٽ مشهور هئي ۽ اهي انڊين فوج ۾ به رهيا آهن. انڊين آرميءَ جي هڪ اڳوڻي سربراه فيلڊ مارشل مانڪشا جو چوڻ هو ته،" جيڪو ماڻهو چوي ته هو موت کان نٿو ڊڄي ته يا ته اهو ڪُوڙ ٿو ڳالهائي يا پڪ ئي پڪ اهو گورکو آهي."

گورکا نه رُڳو انگريزن جي فوج ۾ رهيا ۽ ٻي مهاڀاري جنگ ۾ جوهر ڏيکارين پر اهي ملائيشيا ۽ سنگاپور جي فوج ۾ به آهن ۽ آمريڪا جي نيويءَ ۾ به اهميت حاصل ڪئي اٿن. بنيادي طور ٻني ٻارو ڪندڙ گورکن لاءِ چيو ويجي ٿو ته مٿن ۽ سندن علائقي تي اهو نالو هڪ بزرگ گُرو گورکناٿ جي ڪري پيو. بهرحال سندن مشهور نعرو آهي"جئي مهاڪالي، آيو گورکالي." هتي نيپالي لفظ آيو جي معنيٰ اهائي سنڌيءَ واري آهي يعني اچڻ، سندن نعري ۾ ڪالي ديويءَ کي ياد ڪيو ويجي ٿو.

نيپال ۾ هڪ پاسي انڊيا جي سکيا ڏنل گورکن ڪم خراب ڪيو ته ٻئي پاسي چين جي سکيا ڏنل مائوئسٽ گوريلن. دنيا جي اخبارن ۾ اڪثر انهن گوريلن جي ڪارروايُن جون خبرون ڇپبيون رهيون آهن. نيپال جي ٻئي دوري وقت 2004۾ مان لليتپور جي هماليه هوٽل کان ٻاهر نڪري ڪجهه گهمڻ ڦرڻ جو موقعو رُڳو ان ڪري حاصل نه ڪري سگهيو هئس جو اطلاعن موجب ڪٽمنڊو، لليتپور ۽ ڀڪتپور (نيپال جا ٽي گڏيل شهر) مائُو گوريلن جي گهيري ۾ هئا. چڱي ڳالهه اها هئي ته مائُو گوريلا نيپال ۾ شهنشاهيت جي خاتمي لاءِ وڙهي رهيا هئا.

نيپال اندر ڌوهن ۾ انڊيا وارن جو اجا وڌيڪ هٿ آهي. گوپال جي ياءُ ڪرشنا ٻڌايو ته پارت سان ملندڙ سرحدي علائقي ۾ ڌوهارين جا هڪ سئو کان وڌيڪ ٽولا آهن جيڪي هندستان جي بهار واري علائقي مان اچن ٿا ۽ نيپال ۾ ڦُرون ڪري واپس هليا وڃن ٿا. نيپال ۽ انڊيا جي ماڻهن لاءِ ويزا جي پابندي ڪانهي تنهنڪري اهي هڪٻئي جي ملڪ ۾ بنا اجازت جي آزاديءَ سان اچن وڃن ٿا. سرحد تي

چوڪيون بہ نهيل آهن پر اتي مقرر فوجين کي پتو ملي ٿو تہ ڪي ڌوهاري بنا روڪ ٽوڪ جي واردات لاءِ اچن وڃن ٿا.

نيپال ۾ ٻارن کي اغوا ڪرڻ جون وارداتون بہ ٿين ٿيون. ان حد تائين جو ڪٽمنڊو ۾ بہ ڌوهاري ٽولا سرگرم آهن جيڪي ڀُنگ وٺڻ لاءِ امير ماڻهن يا سندن ٻارن کي اغوا ڪن ٿا.

ٻيو مڪروهہ ڌنڌو عورتن جي وڪري جو آهي. ملڪ ۾ غربت وڌيڪ هجڻ جي ڪري شهرن توڙي ڳوناڻن علائقن مان نوڪرين جي بهاني نوجوان ڇوڪرين کي انڊيا ۾ وڪرو ڪيو وڃي ٿو جتي انهن کي جسم فروشيءَ جي ڌنڌي سان لڳايو وڃي ٿو. انڊيا مان ئي انهن ڇوڪرين کي وچ اوڀر جي ملڪن ۽ ويندي اسرائيل تائين وڪرو ڪيو وڃي ٿو. نيپال ۾ ڪيترين ئي تنظيمن انهيءَ مڪروهہ ڌنڌي جي خلاف ڪم شروع ڪيو آهي.

❊

# نيپال جا نياڳا بادشاهه

ويھين نومبر نيپال ۾ منھنجو آخري ڏينھن ھو. جيڪڏھن پي آءِ اي جي ٽڪيٽ ملي ھا تہ ٻاويھين نومبر تائين رهي مشھور سياحتي علائقو پوڪران ۾ ٻيا ھنڌ بہ گھمي سگھان ھا پر مجبوري ھئي. اڄ شام پنجين وڳي مونکي ابوظھبيءَ لاءِ روانو ٿيڻو آھي. پنجاب جي فيصل آباد ۾ سنڌ جي ڪراچيءَ مٿان لنگھي ابوظھبيءَ وڃي وري ڪراچيءَ موٽڻو آھي جتي رات جو اڍائي وڳي پھچندس. ڪجھ دوست پنھنجي ملڪن ڏي روانا ٿي چُڪا آھن. مان صبح جو گوپال سان ميٽنگ ڪري ڪمري تي اچي ويٺس تہ سندس ٻاءُ ڪرشنا فون ڪئي تہ ھو مونکي ايئرپورٽ ڇڏيندو پر ان کان اڳ مونکي سندن اُجالو ريڊيو ۽ ٻيا علائقا گھمائيندو. منجھند جو گوپال ۽ ڪرشنا سان لنچ ڪري ٺيڪ ڏيڍ وڳي گوداوري رزارٽ مان نڪتاسين. گوداوري رزارٽ ۾ رھڻ جو بہ پنھنجو الڳ مزو آھي، ڪنھن ڪي شاعري ڪرڻي ھجي تہ ھتي اچي رھي . زندگيءَ جي رومانس ۾ ٻين مزن لاءِ تہ ھن کان وڌيڪ ٻي ڪا بھترين جاءِ ٿي نٿي سگھي.

جابلُو ڳوٺ گوداوريءَ جي سوڙھي لانھين واري رستي تان ڪار ھلندي نيٺ ڪٽمنڊو شھر ۾ پھتي جنھن ڪانپوءِ ڪرشنا مونکي مختلف رستن تي گھمائيندو خبرون چارون ڏيندو ويو. رام صاحب پڌ روڊ تي وزيراعظم سيڪريٽريٽ ھئي جڏھن تہ دربار مارگ روڊ تي شاھي محل ھو جنھنکي بادشاھت ختم ٿيڻ ڪانپوءِ قومي عجائب گھر ۾ تبديل ڪيو ويو آھي. ان ڪي اندران ڏسڻ جو وقت ڪونہ ھو چو تہ اُجالو ريڊيو بہ گھمڻو ھو ۽ پوءِ ھوائي اڏي تي پھچڻو ھو. ھي اھو محل ھو جتي پھرين جُون 2001تي وليعھد شھزادي ديپيندرا پنھنجي پيءُ بادشاھہ بريندرا ، پنھنجي ماءُ راڻي ايشوريا، ڀيڻ ۽ ڀائرن سميت ٻارھن ڀاتين کي گوليون ھڻي ماري ڇڏيو ھو ۽ پڇاڙيءَ ۾ پاڻ بہ خودڪُشي ڪري ڇڏيائين. بريندرا بير بڪرم شاھہ ديو Birendra Bir Bikram Shah Devاُٺتيھہ سال 1972 کان 2001 تائين بادشاھت ڪئي ۽ نيٺ پُٽ ھٿان مارجي ويو. چون ٿا تہ بادشاھہ ۽ راڻيءَ کي وقت ڪونہ ھو جو پُٽ تي ڌيان ڏين. ھُو ڏاڍو ڪاوڙيلو ھو ۽ ملازمن کي بہ مارڪُٽ ڪندو ھو وليعھد ھجڻ سبب ڪيس انتظار ھو تہ جلد بادشاھہ ٿيان، ان ڳالھہ جو ھُو اڪثر اظھار بہ ڪندو ھو پر ھُو اھڙو نياڳو ثابت ٿيو جو نہ رُڳو پنھنجي پيءُ کي ماري سندس بادشاھت وڃايائين پر پاڻ بہ بادشاھت نہ ڪري سگھيو ۽ فقط ٽن ڏينھن جي لاءِ ڪيس بادشاھہ جو لقب مليو ۽ اھي ٽي ڏينھن بہ ھن ڪوما ۾ گذاريا ڇوتہ پاڻ کي مٿي ۾ گولي ھڻڻ سبب ٽي ڏينھن ڪوما ۾ رھي مري ويو. چون ٿا تہ ھن ھڪ اھڙي ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ ٿي گھري جيڪا راڻا گھراڻي جي ھئي ۽ راڻا گھراڻي سان بادشاھہ جي خانداني دشمني ھئي. ان ڳالھہ تان ھُو ماءُ ۽ پيءُ سان ڪاوڙيل ھو.

تن ڏينهن جي بيهوش بادشاهه جي مرڻ تي سندس چاچي گڏينندرا Gyanendra بادشاهت سنڀالي. هي به اهو شخص آهي جنهن ڪي نجومين نياڳو سڏيو هو. 1947 ۾ جڏهن گڏينندرا وليعهد شهزادي مهيندرا ۽ ماڻس اندرا جي گهر ڄائو ته نجومين مهيندرا کي چيو هو ته پنهنجي پُٽ کي نه ڏس چو ته اهو تنهنجي لاءِ نياڳو ثابت ٿيندو. نجومين جي چوڻ تي مهيندرا پُٽ گڏينندرا کي ناناڻن ۾ رهائي ڇڏيو. اتفاق اهڙو ٿيو جو گڏينندرا جي ڏاڏي بادشاهه تري ڀوَن جي حڪمراني خطري ۾ پئجي وئي ۽ کيس ملڪ ڇڏي انڊيا ۾ جلاوطني اختيار ڪرڻي پئجي وئي. شاهي خاندان جو ڪو به مرد نيپال ۾ ڪونه رهيو سواءِ ننڍڙي گڏيندرا جي جيڪو ناناڻن ۾ رهيل هو. حالتن ڦيرو کاڌو ۽ بادشاه خاندان جي وفادار وزيراعظم موهن شمشير بادشاهت بحال ڪئي ۽ ننڍڙي گڏينندرا کي في الحال بادشاه ڪري تخت تي ويهاريو. گڏينندرا نومبر1950 کان جنوري 1951 تائين بادشاهه رهيو جنهن کانپوءِ سندس ڏاڏي تري ڀُون واپس اچي تخت سنڀاليو. گڏينندرا جي بادشاهت جو ٻيو دور 2008 ۾ ختم ٿيو جڏهن اناويهين مئي تي اليڪشن ۾ بادشاهت کي ختم ڪرڻ جي حق ۾ عوام ووٽ وڌو ۽ ٽيويهين جولاءِ تي رام باران يادوف ملڪ جو پهريون صدر مقرر ٿيو. شاه گڏينندرا جي شاهي حيثيت ختم ڪري کيس هڪ عام شهريءَ جو درجو ڏنو ويو. ايئن 1768کان شاهه گهراڻي جي هلندڙ بادشاهت هميشه لاءِ ختم ٿي وئي.

*

# افغانستان

## 21 سالن کان پوءِ

# *Afghanistan*

## *After* ***21*** *years*



# ڪراچيءَ کان ڪابل 21 سالن ڪانپوءِ

ڪٽمنڊو ۾ ايشيا ڪالنگ جي ساليانيِ گڏجاڻيءَ ۾ طئہ ٿيو هو تہ ايندڙ گڏجاڻي ڪابل، افغانستان ۾ رکي ويندي. ايشيا ڪالنگ انڊونيشيا جي هڪ ريڊيو وارن جو پروجيڪٽ آهي جنهن تحت ريڊيو ۽ ٽيليويزن لاءِ دستاويزي پروگرام ناهي اايشيا جي ڪجھ ملڪن ۾ نشر ڪيا وڃن ٿا. افغانستان مان جڏهن ميزبان اداري ڪليدي گروپ اسان کي دعوتناما موڪليا تہ ٿائليڊ ۾ ڪجھ ٻين ملڪن جا دوست افغانستان جي حالتن کان ڊڄي ڪابل وڃڻ کان نابري واري ويٺا. افغان ميزبان خاطري ڏياريندا رهيا تہ سندن حياتيءَ کي ڪوبہ خطرو نہ هوندو پر هو تيار نہ ٿيا. ڊپ مونکي بہ ٿيو پي چو تہ افغانستان ۾ پاڪستان خلاف نفرت وڌيل هئي پر مون سوچيو تہ پوئتي نہ هٽجي. 1990 وارين جنگي حالتن ۾ جيڪڏهن افغانستان گهمي سگهجي ٿو تہ هاڻي چونہ. ڪجھ دوستن جي پڪ ملڻ تي افغان ميزبانن تياري پڪي ڪري ورتي ۽ گڏجاڻيءَ لاءِ 2011 جي 14 ۽ 15 ڊسمبر جون تاريخون طئہ ٿيون. مارچ 1990 واري ڪابل جي دوري لاءِ تہ مونکي ڊُڪ ڊوڙ ڪرڻي ئي ڪانہ پئي هئي جو سڀ ڪم ٻين دوستن ڪيو هو. هن ڀيري افغانستان مان ڪليدي گروپ جي خاتون نجيبہ ايوبيءَ اطلاع ڪيو تہ سندن پرڏيهي معاملن واري وزارت ڪراچيءَ ۾ سندن قانصل خاني وارن کي ليٽر موڪلي ڇڏيو آهي ۽ مونکي اتي وڃي پاسپورٽ جمع ڪرائڻو آهي. تڏهن بہ ويزا وٺڻ لاءِ تي چار ڏينهن چڪر ڪاٽڻا پيا. منهنجي فلائيٽ 12 ڊسمبر تي رات جو ڏهين وڳي هئي. جيئن تہ ڪراچيءَ کان سڌو ڪابل فلائيٽ ناهي تنهنڪري هتان اسلام آباد وڃڻو هو ۽ اتان وري اڳتي. رات جو 12 لڳي 45 منٽن تي اسلام آباد هوائي اڏي تي لهي ٽيڪسي ڪري هڪ ويجهي هوٽل تي پهتس جو ڪابل لاءِ فلائيٽ ستين وڳي هئي. رات جا ڪجھ ڪلاڪ مونکي اتي گذارڻا هئا. ٽيڪسيءَ واري کي منٿ ڪيم تہ صبح جو پنجين وڳي اچي ڪٽي. ان ڏينهن سخت ٿڌ هئي ۽ مٿان وقت جي پابنديءَ جو اُونو سو ننڊ ئي ڪانہ آئي. پنج ٿيندي دير ئي ڪانہ لڳي ۽ مان وڃي ايئرپورٽ پهتس.

پي آءِ اي ڪابل لاءِ اُڏامن واسطي ننڍا جهاز هلائي ٿي. تڏهن بہ اسان جو جهاز مني ڪلاڪ ۾ پوڻين اٺين وڳي خواجا رواش ايئرپورٽ ڪابل تي هلي لٿو. بہ ڏهاڪا اڳ دهليءَ کان ڪابل اچڻو پيو هو تڏهن اٽڪل ڏيڍ ڪلاڪ لڳو هو. هڪ ڳالھ ساڳي هئي تہ افغانستان جي حدن ۾ گهڙندي ئي نوڙهن جبلن مٿان لنگهڻو پيو جو ڪٿي بہ ڪا وڻڪاري يا ساوڪ نظر ڪانہ آئي هئي. 1990 واري سفر جي احوال ۾ لکيو اٿم تہ ڪابل هوائي اڏو سنڌ روڊ ٽرانسپورٽ ڪارپوريشن جي بس ڊپوءَ جهڙو ٿي لڳو پر هاڻي حالتون مٽيل هيون. آمريڪي ڊالرن جي بارش ٿيڻ سبب افغانستان ۾ وڏي تبديلي آيل هئي ۽ ان جو پهريون مثال هوائي اڏو هو جيڪو پاڪستاني هوائي اڏن جي مقابلي جو تہ ڪونہ هو پر تڏهن بہ ڪافي

بهتر هو. اميگريشن جي ڪارروايون مان واندو ٿي ٻاهر نڪتس ته ٻين ملڪن مان به دوست انتظار ۾ بيٺل هئا. انڊونيشيا مان مِس ايني مُليا، مِس ٽيسا پائيپر، هيرُو، ڪمبوڊيا مان ٽينگ، برما جو اوءِ چن ۽ نيپال جو گوپال گُرگين پهچي ويا هئا. هوائي اڏي جي ڪاريڊور کان ٻاهر نڪتاسين ته مونکي وڏي تعداد ۾ ڇاپرا نظر آيا. حيرت ٿيم ته ايترا ڇاپرا ڇو؟ سوچيم ته شايد گاڏين جي پارڪنگ لاءِ آهن، پر ڪنهن ٻڌايو ته اهي ڇاپرا نه پر شمسي توانائيءَ وارا پلانٽ آهن. سولر انرجي استعمال ڪرڻ لاءِ پاڪستاني وڏي عرصي کان رڳو ڳالهيون ڪندا رهن ٿا پر افغانستان جهڙو ملڪ ان تي عمل ڪري رهيو آهي.

سڪيورٽي سببن جي ڪري پارڪنگ ايريا هوائي اڏي کان گهڻو پري رکيل هئي. اسان ميزبانن جي موڪليل ماڻهوءَ سمي وطنيار سان گڏ سامان ڪٽي پارڪنگ ايريا ڏانهن روانا ٿياسين جتي ٻه ٽي ڊبل ڪئبن گاڏيون اسان جي انتظار ۾ هيون. مختلف رستن تان ٿينديون گاڏيون انٽرڪانٽينينٽل هوٽل ڏانهن روانيون ٿيون. وڏو عرصو گذرڻ سبب ڪابل مڪمل طور مٽجي چڪو هو ۽ مون کي لڳو ته مان پهريون ڀيرو ڪابل آيو آهيان. ڪشادن رستن تان هلندي گاڏيون شهري علاعقي ۾ گهڙيون ته رستن جي ٻنهي پاسي ڪاروباري علائقا اچا بند هئا. هڪ ڳالهه ڌيان ڇڪايو ته ڪراچيءَ وانگر وڏي تعداد ۾ شادي هال قائم هئا ۽ ڪي ته ٻه ماڙيا ته ماڙهئا. ڪابل جو هوائي اڏو مرڪزي شهر کان اُتر ۾ سورهن ڪلوميٽر پري آهي. شهر ڏانهن وڃڻ لاءِ گريٽ مسعود روڊ ونڻو پوي ٿو. ڪابل شهر هڪ سوڙهي ماٿريءَ ۾ آهي جنهن جي ٻنهي پاسن کان هندوڪش مائونٽين رينج جي اسمائي ۽ شيردوازا جبلن جو سلسلو آهي. ڪابل ندي شهر جي وچ مان لنگهي ٿي.

اسان جي گاڏين جو قافلو جڏهن باغ بالا روڊ تي هڪ پهاڙيءَ جي ويجهو پهتو، جتي مٿي انٽرڪانٽينينٽل هوٽل هئي، ته سڪيورٽي چيڪ پوسٽ نظر آئي. اتان ئي هڪ رستو وڪڙ ڪائيندو مٿي پئي ويو. جديد هٿيارن سان ليس گارڊن اسان جي مڪمل تلاشي ورتي. ان حد تائين جو خواتين کي به لاهي هڪ ڪئبن ۾ وٺي ويا ۽ اُتي خواتين گارڊس سندن پرس چيڪ ڪيا ۽ جهڙتي ورتي. گاڏين ۾ ويهي ٿورو اڳتي وڌياسين ته وري هڪ چيڪ پوسٽ آئي جتي ساڳيو عمل ورجايو ويو. جهڙتيون اتي ئي ختم ڪونه ٿيون جو اڳيان وري ٽين چيڪ پوسٽ هئي. اسان ان وقت شُڪر ادا ڪيو جو هوٽل جي پورچ ۽ پارڪنگ ايريا ۾ گهڙڻ وقت ڪابه جهڙتي نه ورتي وئي. هوٽل جي گرائونڊ فلور تي وڃي اسان کي هيٺ بيسمينٽ ۾ وٺي ويو جتي ريسيپشن هئي. اسان سيني جون اکيون اوجاڳي سبب ٻوٽجي رهيون هيون سو جلديءَ ۾ ڪمري جون چابيون وٺي هرڪو آرام ڪرڻ لاءِ لفٽ ۾ چڙهي وري مٿي هليو ويو. هيءَ اها هوٽل هئي جنهن تي طالبان دهشتگردن ڇهه مهينا اڳ حملو ڪري قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. دهشتگرد هوٽل جي پنيان جبل تي چڙهي عمارت ۾ گهڙيا هئا. سڄي رات ساڻن ڇتي ويڙهه ڪانپوءِ سڪيورٽي فورسز کين ختم ڪري هوٽل جو قبضو ڇڏايو هو. اها ڳالهه اسان جي ميزبانن بعد ۾ ٻڌائي هئي. اڳوات ٻڌائن ها ته شايد اسان مان ڪي ماڻهو اچڻ کان ٽُپ نابري وارين ها.

ميزبانن هڪ ڪم چڱو ڪيو هو ته هر مهمان لاءِ مقامي موبائل سِمون ورتيون هيون ۽ پنهنجن نمبرن

سميت سپ نمبر ٽائيپ ڪري هر هڪ کي ان جي ڪاپي ڏني وئي هئي ته جيئن ڪنهن به هنگامي حالت ۾ هڪٻئي سان رابطو رکي سگهجي. مقامي سِم ان ڪري به ضروري هئي ته اتي رومنگ چارجز تمام گهڻيون آهن. (هر ملڪ ۾ موبائل فونن جون رومنگ چارجز تمام گهڻيون آهن).

اجان ڪلاڪ به مس آرام ٿيو هوندو ته اسان جي ڪمانڊر ٽيسا پائيپر جو حڪم آيو ته منجهند جي مانيءَ لاءِ گڏ ٿيون. شڪر آ ته افغانستان ۾ پاڪستان وانگر مصالحيدار کاڌا ملن ٿا تنهنڪري هتي بک مرڻ کان بچي ويس. ماني کائي وري هرڪو ڪمري تي پڳو. پر وري حڪم آيو ته ڪليد گروپ جي آفيس هلڻو آهي. اتي سندن آفيسون ۽ ريڊيو اسٽيشن گهمي ڦري موٽياسين ته شام جو ڇهين ڏاري ميزبان اداري جو سربراهه ملڻ آيو ته وري تيار ٿي هيٺ لهڻو پيو. شهير زاهيني ڏاڍو ڪل پوڳ وارو همراهه نڪتو. تعارف ٿيڻ تي يڪدم چيائين Oh you are Naseer and I am Shaheer

شهير اسان کي ڊنر جي دعوت ڏيڻ آيو هو. هي همراهه ڪليدي گروپ تحت هڪ اخبار، هڪ رسالو ڪيترائي ايف ايم ريڊيو هلائڻ سان گڏ آمريڪي فوجين کي سامان جي سپلاءِ جا ٺيڪا ڪٽندو آهي. نجيبه ٻڌايو ته شهير دبئيءَ ۾ رهندو هو جتان هو افغانستان ۾ آمريڪي فوجين جي آمد وقت واپس آيو ۽ ڪروڙين ڊالر ڪمائي رهيو آهي. ڪلاڪ اڌ ڪانپوءِ اسان جي گاڏين جو قافلو هوٽل کان روانو ٿيو ۽ مختلف رستن کان ٿيندو هڪ اهڙي علائقي ۾ پهتو جيڪو ڪنهن به لحاظ کان افغانستان جو نٿي لڳو. ٻڌايو ويو ته هن علائقي ۾ گهڻو ڪري غيرملڪي رهن ٿا. جنهن ريسٽورنٽ ۾ هو اسان کي ڊنر لاءِ وٺي آيا هئا، اها به رڳو پرڏيهين ۽ ملڪ جي وڏن ماڻهن لاءِ هئي جتان جو ماحول بلڪل اهڙو هو جيڪو اسان رڳو فلمن ۾ انگريزن جي فتح ڪيل انڊين ۽ ٻين ڪالونين ۾ ڏٺو هو. اندر فرش توڙي ڀتين تي ڪاٺ جو خوبصورت ڪم ٿيل هو. اسان جي لاءِ هڪ الڳ ڪمرو مخصوص هو پر هر ڪمري يا هال مان سمورا ويٺل هڪٻئي کي ڏسي سگهيا ٿي. ٿوري ئي دير ۾ خوبصورت ويٽريسز هرڪنهن جي پسند سان مڌ جون ٻاٽليون آڻي آڏو رکيون هيون.

اسان ڊنر ڪري ڏهين يارهين ڏاري واپس هوٽل پهچي وياسين جو صبح جو سوير گڏجاڻي رکيل هئي ۽ اسان کي ان لاءِ آرام گهربل هو. پر مزي جي ڳالهه ته هوٽل تي وڃڻ لاءِ وري هر هڪ چيڪ پوسٽ تي بيهڻو پيو. اسان سان گڏ افغان ميزبانن جو ماڻهو هو جنهن افغاني ٻوليءَ ۾ گارڊز کي سمجهايو ٿي. اسان ڪائنس پڇيو ته گارڊ ڪيس ڇا پيا چون. هن چيو: گارڊ پڇن پيا ته اسان وٽ ڪي هٿيار ته ڪونهن؟ اسان ڏاڍو کلياسين ته جن وٽ هٿيار هوندا به سهي ته اهي ڪيئن هنن کي ٻڌائيندا. اسان کي روزانو هوٽل کان ٻاهر وڃي واپس اچڻ تي هر چيڪ پوسٽ تي ان صورتحال کي منهن ڏيڻو پوندو هو. ٻُوز افغان گارڊ اهو نه ڏسندا هئا ته هي غيرملڪي آهن ۽ هوٽل ۾ ترسيل آهن. مزي جي ڳالهه ته هڪ ڏينهن هنن اسان مردن کان ڪجهه نه پڇيو ۽ صرف ٻن خواتين ايني موليا ۽ ٽيسا کان جهڙتي ورتي.

14 ڊسمبر تي صبح جو هوٽل جي هال ۾ گڏ ٿيڻو هو. نيرن ڪري گڏجاڻيءَ کان اڳ مان، گوپال ۽ اوءِ چن هوٽل جي پورچ ۾ بيهي سگريٽ جا ڪش هنيا جو اندر سموڪنگ تي پابندي هئي. ٻاهر نڪرڻ تي

بت مان سيسڙاٽ نڪري ويا جو خطرناڪ ٿڌ هئي. ڪابل جي ٿڌ جو تجربو 1990 ۾ ٿيو هو ۽ وري هڪ ڏينهن اڳ هوائي اڏي کان ٻاهر نڪرڻ شرط پتو پيو هو ته گرمي پد مائينس چار تائين لٿل آهي. اسان ٻه ٽي سُوٽا هڻي جلد ئي اندر ڀڄاسين.

هن هوٽل جون ٻه وڏيون ڪهاڻيون آهن. سڄي افغانستان وانگر هن هوٽل ٻه گهڻو ڪجهه ڀوڳيو آهي. 1969 ۾ ان وقت جي بادشاهه ظاهر شاهه ان جو افتتاح ڪيو هو ۽ 3 اسٽار هجڻ جي باوجود اها ملڪ جي پهرين بين الاقوامي لگزري هوٽل هئي جنهن ۾ ٻه سئو ڪمرا، سُئمنگ پُول ۽ جم ٻه هئا. سينٽرلي ايئر ڪنڊيشنڊ هجڻ سان گڏ اها سينٽرل هيٽنگ سسٽم سان ليس هئي ته جيئن ڄمائيندڙ ٿڌ کان بچي سگهجي. 1980 ۾ سوويٽ فوجون آيون ته هوٽل کي آفيسن طور استعمال ڪيو ويو. هٿ ٺوڪين مجاهدن جي زماني ۾ ان کي اڃا وڌيڪ نقصان پهتو جو اڪثر راڪيٽن جا حملا ٿيندا هئا. 1996 ڌاري ته ٻه سئو مان ڪل 80 ڪمرا مس استعمال هيٺ اچي ٿي سگهيا. 2001 ۾ آمريڪي فوجون آيون ته ٻه هن هوٽل جي قسمت خراب رهي جو انهن ٻه هتي ئي آفيسون ٺاهيون. اسان جي هوندي ٻه هوٽل جا ڪجهه فلور آمريڪي فوجي عملدارن جي استعمال هيٺ هئا. 2011 جي جُون مهيني ۾ حقاني گروپ جي طالبان حملو ڪيو هو. ويڙهه ۾ 9 طالبان سميت 21 ماڻهو مارجي ويا هئا. ان وقت هوٽل ۾ سٺ سترهن مهمان ترسيل هئا. 30 ڪن سرڪاري آفيسر هئا جيڪي آمريڪي فوجين هٿان شهر جو ڪنٽرول ڪين ملڻ جي حوالي سان بريفنگ لاءِ آيل هئا. طالبان راڪيٽن، هينڊ گرنيڊس، مشين گنن ۽ اينٽي ايئر ڪرافٽ گنن سان ليس هئا. هنن اُتندي ئي ٻه دانسنگ هال تباهه ڪيا هئا. ڪمرن ۽ ڊائننگ هال ۾ ويٺل مهمانن کي حڪم ڏنو ويو هو ته ٻاهر نه نڪرن. رات جو ڏهين وڳي حملو شروع ٿيو ته افغان سڪيورٽي عملو ڀڄي ويو هو جنهن ڪانپوءِ نئين فورس آئي ۽ مقابلو ٿيو. 2003 ۾ ٻه هڪ برٽش انٽيليجنس ايجنٽ ڪولن بيريءَ هٿان هن هوٽل ۾ ٻه افغان باشندا مارجي ويا هئا. انهن واقعن ڪانپوءِ دبئيءَ جي هڪ سيڙپڪار 25 ملين ڊالر سيڙائي ان هوٽل جي مرمت ڪرائي هئي. اسان اهڙي خطرناڪ هوٽل ۾ ترسيل هئاسين.

گڏجاڻيءَ جي افتتاحي اجلاس ۾ اسان جي ميزبان شهير مرحبائي تقرير ڪئي، جنهن ۾ پاڪ افغان لاڳاپن جو ڪو تعلق نه هجڻ جي باوجود هن اهو موضوع ڇيڙيو ۽ پاڪستان تي تنقيد ڪئي. نجيبه ايوبي، جيڪا اسان سان نيپال ۾ ٻه گڏ هئي، سا ٻه سدائين ڳالهه ڳالهه ۾ پاڪستان جو ذڪر ڪيدي تنقيد ڪندي هئي ۽ هتي ٻه ايئن ڪيائين. پاڪستان جي پاليسين جو مان ٻه مخالف هئس ۽ هنن جي تنقيد ٻه جائز هئي، پر هي فورم ان لاءِ مناسب ڪونه هو نه ئي اسان ان موضوع تي بحث ڪرڻ لاءِ گڏ ٿيا هئاسين. تنهنڪري مون کي اها ڳالهه بنهه ڪانه وڻي. سندن تقريرن جي وچ ۾ ته مون ڪونه ڳالهايو پر بعد ۾ ڪين چيو ته مان پاڪستان حڪومت جي نمائندگي ڪرڻ ڪونه آيو آهيان جو توهان مونکي اهو ٻڌائڻ جي ڪوشش ٿا ڪريو. مان ٻه جيڪڏ هن جواب ۾ ڳالهائڻ شروع ڪندس ته هرويرو ماحول خراب ٿيندو. ٻيو ته مان سنڌي آهيان ۽ سنڌي ۽ افغان قومن جي وچ ۾ سٺن لاڳاپن جو خواهشمند آهيان. ان ڳالهه کي ٻين دوستن ٻه ساراهيو. ان ڪانپوءِ مختلف موقعن تي سندن تقريرن ۽ ڳالهين ۾ فرق اچي ويو. هنن جو مون

سان تہ شروع ڪان ئي دوستاڻو رويو هو پر منهنجي هوندي پاڪستان خلاف ڳالهائڻ اخلاقي طور ٺيڪ نہ هو. افغانستان ۾ پاڪستان لاءِ نفرت جو اندازو شهر ۾ ديوارن تي ٽيل چاڪنگ مان ڪري سگهجي ٿو جن ۾ لکيل هو ”مرگ بر پاڪستان، مرگ بر آءِ ايس آءِ“ جنهن جو مطلب آهي پاڪستان ۽ آءِ ايس آءِ لاءِ موت.

مون پنهنجي روايت موجب سنڌ جون ثقافتي سوکڙيون خريد ڪيون هيون جيڪي افتتاحي اجلاس ختم ٿيڻ تي ڪجھ دوستن کي ڏنم. شهير کي اجرڪ ڏيندي ٻڌايم تہ 1990 ۾ ان وقت جي افغان صدر نجيب الله کي بہ اجرڪ اوڍرايو هئم ۽ اڄ وري کيس اهو تحفو ڏئي رهيو آهيان. هو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائين تہ مان اجرڪ جو پٽڪو ٻڌڻ چاهيان ٿو، جيڪو مون کيس ٻڌڻ ۾ مدد ڪئي. نجيبہ کي سنڌي پرت پريل پرس ڏنم جيڪو کيس ايترو تہ وڻيو جو هر وقت پاڻ سان کنيو وتندي هئي. ٻين ملڪن جي دوستن کي بہ ڪجھ سوکڙيون ڏنم، خاص طور نيپال واري دوست گوپال کي ۽ هڪ سوکڙي سندس ڌيءَ شِيڪا لاءِ جنهن کي مون پنهنجي ڌيءَ ڪوٺيو هو. شِيڪا مونکي بابا سڏيندي آهي جو نيپالي بہ پيءُ کي بابا ڪوٺين ٿا. هن بہ نيپال مان مون لاءِ مفلر سوکڙيءَ طور موڪليو هو.

منجهند جي مانيءَ ڪانپوءِ ٻڌايو ويو تہ مانيءَ جو نشو لاهڻ لاءِ گڏجاڻيءَ بدران گھمڻ ٿا هلون. نجيبہ اسان کي مغل بادشاھ بابر جي زال لاءِ ٺهرايل محل ۽ باغ گھمائڻ جو پروگرام رٿيو هو. اسان کي ٻيو چا کپي. گڏجاڻي تہ بس نالي ۾ هئي. ايشيا ڪالنگ وارن کي هئا پئسا ڪپاٽا سو ڪابل ۾ گڏ ٿيا هئاسين. اسان ڪابل نديءَ جي پرسان رستو وٺي ڇهلستُون گذرگاھ (روڊ) تي پهتاسين جتي هڪ جبل تي وڏي ايراضيءَ ۾ باغ بابر قائم هو. ڪابل ندي ان وقت ڪراچيءَ جي لياري

نديءَ جهڙو ڏيک ڏئي رهي هئي جو ان ۾ ٻنهي پاسن کان گندگيءَ جا ڍير پيل هئا ۽ وچ ۾ گندو گٽرن جو پاڻي وهي رهيو هو. سياري ۾ پاڻيءَ جو وهڪرو نہ هجڻ ڪري ڪابل نديءَ جو اهو حال هو. ندي ڪا گھٽي ويڪري ڪانهي بس سنڌ جي ڪنهن شاخ جيتري آهي پر مون ان ۾ مارچ 1990 ۾ پاڻي وهندي ڏٺو هو.

سورهين صديءَ جي ان تاريخي محل ۽ باغ کي بہ طالبان ڪونہ بخشيو ۽ وڏو نقصان پهچايو هو. حامد ڪرزئيءَ جي صدر ٿيڻ ڪانپوءِ افغان حڪومت پرڏيهي امداد سان 2003 کان 2006 تائين ٽن ورهين ۾ مرمت ڪرائي اصل شڪل ۾ بحال ڪرايو. محل اندر ڪجھ تاريخي شين کي بہ سنڀالي رکيو ويو آهي جڏهن تہ برٽش حڪمرانن سان گڏ افغان حڪمرانن جون تاريخي تصويرون ۽ ٻيو رڪارڊ بہ اتي سنڀاليل آهي. اسان بابر بادشاھ جي قبر تي بہ وياسين جنهن لاءِ ٻڌايو ويو تہ کيس پهريائين امانت طور هندستان ۾ دفنايو ويو هو جتان پوءِ هتي آڻي پُوريو ويو. مون بابر بادشاھ جي قبر وٽ رکيل وزيٽرس بُڪ ۾ لکيو: ”مان سنڌ مان آيو آهيان جنهن بابر بادشاھ جي پٽ همايون کي ان وقت پناھ ڏني جڏهن شير شاھ سُوري سندس پٺيان هو ۽ لاهور ۾ بہ کيس لڪڻ جي جاءِ نہ ڏني وئي. مان ان سنڌ مان آيو آهيان جتي بابر بادشاھ جو پوٽو اڪبر بادشاھ ڄائو هو.“ ان شاهي قبرستان ۾ مغل بادشاهن جي بيگمات جون

قبرون بہ هيون. هو قبر ان عورت جي هئي جيڪا مغل گهراڻي جي مشهور شاعره بہ هئي.

شاهي محل ۾ گهمندي، شاهي قبرستان مان ٿيندا اسان محل جي ان حصي ۾ پهتاسين جيڪا مهمان سراءِ هئي ۽ حڪومت ان کي افغان ثقافتي شين جي وڪري لاءِ استعمال ڪري رهي هئي. اڳيان دالان ۾ هڪ ڇوڪر عقيق ۽ ٻين قيمتي پٿرن مان ٺهيل بريسليٽ ۽ ٻيون شيون وڪرو ڪري رهيو هو. مون جڏهن ڪائنس اگهہ پڇيا تہ هن ڊالرن ۾ قيمت ٻڌائي. ان مان اندازو ٿيو تہ ڊالر افغانستان جي معيشت تي ڇانيل هو. مون ڪجهہ بريسليٽ ورتا تہ هن بقايا پئسا بہ ڊالرن ۾ ئي ڏنا. هونئن افغان ڪرنسي بہ مضبوط ٿي چڪي آهي. 1990 ۾ پاڪستان جي هڪ رُپئي ۾ 23 افغاني (افغان ڪرنسيءَ جو نالو) ٿي آيا جڏهن تہ هاڻي هڪ افغانيءَ ۾ ٻہ رُپيا هئا. معاملو اُلٽ پُلٽ ٿي چڪو هو.

شاهي محل کان هيٺ مکيہ رستي تائين باغ پکڙيل هو جتي مغل باشاهہ جي راڻي سهيلين ۽ ٻانهين سان گڏ ٽهل تي نڪرندي هئي. هي محل ۽ وسيع باغ ان پهاڙيءَ تي هو جنهن لاءِ ٻڌايو ويو تہ بعد جي افغان حڪمرانن (ٻن ڀائرن) وچ ۾ اختلافن سبب ڪابل کي ورهائي ڪٽڻ لاءِ ديوار جو ڪم ڏيندي هئي.

باغِ بابر گهمڻ ڪانپوءِ اسان هوٽل ڏانهن واپس ٿياسين جتي انتهائي بور ڪندڙ اجلاس جو باقي حصو رهيل هو. منهنجي تہ ٻہ نيپالي ۽ برمي دوستن جي دلچسپي بہ ڪابل کي وڌ ۾ وڌ ڏسڻ سان هئي، جنهن جو موقعو اسان کي وري رات جو ملي ويو. مون کي تہ ڪجهہ اهڙن ماڻهن سان ملڻ جو موقعو بہ مليو جيڪي افغان پناهگير طور پاڪستان ۾ پرورش ۽ تعليم وٺندا رهيا ۽ فقط ڪجهہ ورهيہ اڳ واپس آيا هئا. خود نجيبہ ايوبي پشاور ۽ لاهور جي رڪشائن ۾ گهمڻ جا قصا مزي سان ٻڌائيندي رهي پر ڪيس اردو پوري ڪا نہ ايندي هئي. ڪي لفظ سمجهي سگهندي هئي. پر سندن هڪ ساٿي مئنيجر ايڊمنسٽريشن اجمل آريا تہ مون سان وڏي پاٻوهہ سان اڇي مليو ۽ روانيءَ سان اردوءَ ۾ ڳالهائڻ لڳو هو. اجمل مونکي ٻڌايو تہ هو پشاور ۽ ڪوهاٽ ۾ رهيو ۽ پڙهيو هو. اسان جي ٻن گاڏين جا ڊرائيور بہ پاڪستان ۾ رهي چڪا هئا جن مان هڪ انور تہ سهراب ڳوٺ ڪراچي ۾ رهندو هو. انور مون کان سهراب ڳوٺ جا حال احوال وٺندو هو.

شام ڌاري هڪ مقامي صحافي زبير ببرڪ اسان سان ملڻ آيو. هو بہ پاڪستان ۾ پناهگير طور زندگي گذاري چڪو هو. هن نوجوان توڙي ٻين سيني جو چوڻ هو تہ کين پاڪستان ۾ ڪابہ تڪليف ڪانہ هئي. ان حد تائين جو ڪڏهن پوليس بہ کين پريشان نہ ڪيو. زبير اتفاق سان اهو نوجوان نڪتو جنهن جو نالو ۽ فون نمبر مون کي جرمنيءَ مان منهنجي هڪ شاگرد شادي خان سيف موڪليو هو. شادي خان بہ افغان آهي ۽ پاڪستان ۾ رهندو هو. بعد ۾ جرمنيءَ ويو ۽ ريڊيو ڊوئچي ويلي لاءِ ڪم ڪرڻ لڳو هو. (اڄڪلهہ وري پاڪستان موٽي آيو آهي). شادي خان جو پياءُ نورمحمد بہ ڪابل ۾ صحافي آهي. ڪابل اچڻ کان اڳ ساڻس فون تي رابطو ڪيو هئم تہ جيئن صحيح حالتن جي ڄاڻ پوي.

سيني دوستن جو خيال هو تہ رات جي ماني ڪٿي ٻاهر هلي روايتي افغان هوٽل تي ڪائجي. ڪٿي هلجي، ان جو فيصلو زبير ببرڪ تي ڇڏيو ويو. هو اسان کي نوا شهر (نئون شهر) جي علائقي ۾ وٺي هليو

جتي هڪ وڏي پارڪ جي سامهون روايتي افغان کاڌن جون ريسٽورنٽس هيون. انهن جي ٻاهران ڦُٽپاٿ تي مچ ٻري رهيا هئا جن تي تِڪا پچايا پئي ويا. اسان هڪ ريسٽورنٽ ۾ وڃي ويناسين جنهن جي بهترين معيار جو اندازو ٻاهران نئي ٿيو. ڪڙاهي گوشت کائڻ جو مزو به هتي ئي آيو. ٻاهرين دوستن ته پنهنجي حساب سان کاڌي جا آرڊر ڏنا پر ڪڙاهي چکڻ کانپوءِ هنن ٻيا آرڊر ڏيڻ تي پڇتايو هو.

ڊنر کانپوءِ ٻيا دوست ته واپس هوٽل تي هليا ويا پر گوپال، اوءِ چن ۽ مان زبير سان گڏ بولنگ ڪلب هليا وياسين. گوپال کي مدّ جي ماتيءَ جو اُونو هو جنهن جي انتظام لاءِ زبير کي چيو هوسين. زبير وري ان لاءِ هڪ آمريڪن صحافيءَ کي چيو هو جيڪو بي بي سيءَ لاءِ ڪم ڪندو هو. زبير به ان ئي اداري لاءِ اسٽرنگر طور ڪم ڪندو هو. آمريڪي صحافيءَ ڪيس بولنگ ڪلب پهچڻ جي صلاح ڏني هئي. بولنگ ڪلب اندر گهڙڻ لاءِ سخت سڪيورٽي جو انتظام هو. ان حد تائين جو سگريٽ ۽ لائيٽر به ٻاهر گارڊس وٽ رکڻا پيا. اندر جو ماحول ڏسي هوش اُڏامي ويا. لڳوئي نٿي ته هي جنگي حالتن ۾ هلندڙ ملڪ آهي. ڏهه پندرهن لک ڊالرن جي سيڙپ ٿيل هئي ۽ نوجوان ڪيڏاڙي پنجاهه ۽ سئو ڊالرن جي ٽڪيٽ وٺي کيڏي رهيا هئا. اسان حيران هئاسين ته افغان نوجوانن وٽ ايترو پئسو ڪٿان آيو؟

آمريڪي صحافي اسان کان پوءِ پهتو جو هو ڪابل کان ٻاهر ويل هو ۽ سڌو اتي پهتو هو. ٻئي ڄڻا اسان کي وٺي نوا شهر جي رهائشي علائقي ۾ هڪ بنگلي تي وٺي هليا. اها نئين آبادي هئي ۽ رات جي وقت بلڪل سُڃ لڳي پئي هئي. آمريڪي صحافيءَ اُتي ئي ويهي پيئڻ جي صلاح ڪئي پر گوپال ۽ اسان اتي سخت ٿڌ ۾ ويهي نٿي سگهياسين. هوٽل جي گرم ماحول ۾ ويهي ڪچهري ڪرڻ اسان لاءِ بهتر هو. سڪيورٽيءَ جي لحاظ کان به اسان هوٽل وڃڻ بهتر سمجهيو هو.

15 ڊسمبر تي به ميزبانن گهمڻ ڦرڻ جو پروگرام رٿيو هو. لنچ کانپوءِ هو اسان کي نيشنل ميوزم وٺي ويا. اهو مرڪزي شهر کان 9 ڪلوميٽر پري دار الامان روڊ تي آهي. اتي پهچڻ کانپوءِ مونکي اها تاريخي عمارت به نظر آئي جيڪا 21 سال اڳ ڏٺي هئم. اهو افغان بادشاهن جو محل هو جنهن کي شهيد نجيب الله جي زماني ۾ دفاع واري وزارت جو هيڊڪوارٽر ٺاهيو ويو هو. ما رچ 1990 ۾ اسان جي دوري کان به اڳ ئي مهينا اڳ شهيد صدر نجيب جي وزير دفاع شاهنواز تنائيءَ بغاوت ڪئي هئي ۽ ان دوران بمباريءَ سبب ان محل کي نقصان پهتو هو. نيشنل ميوزم ۽ اهو محل هڪٻئي جي آمهون سامهون آهن ۽ وچ ۾ رڳو هڪ رستو آهي. مهل ٿورو متانهينءَ تي ٺهيل آهي. طالبان وري پنهنجي زماني ۾ نيشنل ميوزم ۾ ان ۾ رکيل نوا درات ۽ خاص طور مهاتما ٻُڌ جي مجسمن کي تباهه ڪيو هو. حامد ڪرزئيءَ جي حڪومت آمريڪا جي مدد سان اقتدار ۾ اچڻ کانپوءِ عجائب گهر ۽ ٻُڌ جي مجسمن جي ته مرمت ڪرائي پر تباهه ٿيل محل جيئن جو تيئن موجود آهي. افغان حڪومت کي وري به شاباس آهي جو انهن عجائب گهر ۽ مجسمن جي مرمت ڪرائي. اسان وٽ ته ايم ڪيو ايم جي دهشتگرديءَ واري شروعاتي زماني ۾ حيدرآباد جي پڪي قلعي ۾ ساڙي تباهه ڪيل ٽالپرن وارو ميوزم اڄ تائين بحال نه ٿيو ۽ نه ئي پڪي قلعي جي مرمت ۽ بحاليءَ لاءِ ڪو قدم کنيو ويو آهي جيڪو پڄندو پرندو ختم ٿي رهيو آهي. قلعي جون

ديوارون ڪرڻ جون خبرون اڪثر اينديون رهن ٿيون.

سواءِ منهنجي، اوءِ چن ۽ گوپال جي باقي دوستن جو ڪابل ۾ اهو آخري ڏينهن هو جو ڪن جي رات جو ۽ ڪن جي صبح جو سوير فلائيٽ هئي. اسان ٻن جي فلائيٽ 17 ڊسمبر تي صبح جو سوير هئي تنهنڪري اسان کي 16 ڊسمبر جو سڄو سارو هڪ ڏينهن گهمڻ لاءِ هو. صبح جو سوير اُٿڻ جو شرط ﺑﻪ ڪونه هو ان ڪري اسان ٿئي دير تائين ڪچهري ڪندا رهياسين. نجيب اسان سان وعدو ڪيو هو ته هوءَ اسان کي شهر گهمائيندي. اسان اُن ڏينهن ڪابل جي انهن پراڻن علائقن مان ﺑﻪ لنگهياسين جتي طالبان جي حملن ۾ ڪافي عمارتون ڊهي ويون هيون ۽ کنڊر اجا تائين موجود هئا. هڪ ڀاڙيءَ تي مدد خان جو مقبرو ﺑﻪ ڏٺوسين جتي وسيع ميدان ۾ سوين نوجوان ۽ ٻيا ماڻهو تفريح لاءِ آيل هئا. اڪثر ماڻهو لغڙ اُڏائي رهيا هئا. اسان اتان واپسيءَ تي جنهن رستي تان لنگهياسين اُتي هڪ وڏي ڊگهي ديوار نظر آئي جنهن تي حفاظتي بُرج ﺑﻪ ٺهيل هئا . نجيب ٻڌايو ته ان اندر صدارتي محل آهي جتي حامد ڪرزئي رهي ٿو. ان ديوار جي اندر ڪافي فاصلي کانپوءِ صدارتي محل هو پر ڪجهه وقت اڳ ان محل تي حملي کي ناڪام بنائي سڪيورٽي سخت ڪئي وئي هئي، پر بلاول هائوس وانگر رستا بند نه ڪيا ويا هئا. (هاڻي ان صدارتي محل جي آسپاس سڪيورٽي وڌائي شايد رستا بند ڪيا ويا آهن جو ان تي لاڳيتو حملا ٿي رهيا هئا. ) صدارتي محل ششدرڪ علائقي ۾ آهي جتي سي آءِ اي جي هڪ آفيس آريانا هوٽل ۾ قائم آهي ۽ سمورو علائقو ريڊ زون ۾ اچي ٿو.

اسان جي آخري سرگرمي هئي خريداري جنهن لاءِ چاندي ۽ ٻئي ڌاتوءَ مان ٺهيل زيورن جي بازار، جديد گهڻ ماڙ شاپنگ سينٽر ۽ ٻيون بازارون گهميون سين. گهڻ ماڙ شاپنگ سينٽرن ۾ سخت سڪيورٽي هئي ۽ واڪ ٿُرو گيٽن مان لنگهڻو ٿي پيو جو اڳي ڪتي طالبان جا حملا ٿيندا هئا. اسان لنچ ﺑﻪ اهڙي ئي هڪ شاپنگ سينٽر ۾ ٽاپ تي قائم ماڊرن ريسٽورنٽ ۾ ڪئي هئي. اسان فروشگاهه اسٽريٽ تي ﺑﻪ ڪجهه دير گهمياسين جتي وڏي گهماگهمي هئي. ان علائقي ۾ مشهور سيرينا هوٽل ﺑﻪ آهي جتي انتها درجي جي سڪيورٽي هئي ڇو ته اتي آمريڪي سي آءِ اي جي هڪ ٻي آفيس ﺑﻪ قائم هئي.

افغانستان ۾ صنعتي ترقي ڪ گهٽي ڪانه ٿي آهي. سندن آمدنيءَ جا مکيه وسيلا سُڪل ميوو ۽ مشروب ٻڌايا وڃن ٿا. مون ان ڏينهن نجيب کان ڪافي سوال ڪيا هئا. هڪ سوال اهو ﺑﻪ هو ته آمريڪي امداد کان علاوه حڪومت جي آمنيءَ جا وسيلا ڪهڙا آهن؟ هن بلڪل صاف لفظن ۾ چيو: ڏوڏيءَ جي پوک ۽ هيروئن جي پيداوار. سماجي ڏوهن لاءِ هن جو چوڻ هو ته ماڻهن جا پنهنجا سخت سماجي اصول آهن انڪري اهڙا ڏوهه گهٽ ٿين ٿا. گاڏين جي چوري يا ڦُر جي واقعن جو ﺑﻪ تعداد نه هئڻ برابر آهي. مزيدار ڳالهه هيءَ ته طالبان جا ليڊر ﺑﻪ ڪابل ۾ ئي رهن ٿا. نجيب ٻڌايو ته طالبان جو پرڏيهي وزير ڪابل ۾ ئي رهي ٿو.

روزانو شهر ۾ گهمڻ لاءِ ويندي ۽ موٽندي مان شهر جي روڊ رستن، عمارتن ۽ دڪانن کي غور سان ڏسندو هئس. ڪي علائقا پراڻا هئا جتي ڪچيون جايون ﺑﻪ نظر آيون. روايتي نموني گهرن سان لڳ

دڪان بہ هئا. ڪابل يونيورسٽيءَ پرسان اڪثر لنگهڻ ٿيندو هو جيڪا 1932 ۾ قائم ٿي هئي. پنهنجي پهرين دوري ۾ اسان يونيورسٽيءَ اندر بہ گهمي آيا هئاسين. ڪابل ۾ رستن تي اڪثر نوجوان ڇوڪريون جينس جي پينٽن ۾ نظر آيون.

ڪابل ۾ اسان جي هوندي ايترن ڏينهن ۾ ڪوبہ وڏو واقعو ڪونہ ٿيو هو. اسان سانجهيءَ ڌاري ٽڪجي هوٽل تي پهتاسين تہ گوپال مون کي چيو: ڌماڪي جو آواز ٻڌءِ؟ مون اهڙو ڪو آواز ڪونہ ٻڌو هو. پر سچ پچ ڌماڪو ٿيو هو ۽ بعد ۾ نجيبہ فون تي ٻڌايو تہ ڌماڪو ان ڪمرشل ايريا ۾ ٿيو هو جتي ڪجهہ دير اڳ اسان گهمي رهيا هئاسين. اسان شڪر ڪيو تہ بم ڌماڪو اسان جي نڪري اچڻ کانپوءِ ٿيو هو جنهن ۾ ڪجهہ بيگناهہ مارجي ويا هئا.

اسان 17 ڊسمبر تي صبح جو پنجين وڳي ڪابل جي هوائي اڏي لاءِ روانا ٿي ويا سين. نجيبہ سندن ڊرائيور کي هدايت ڪئي هئي تہ اسان جي فلائيٽ جي روانگيءَ تائين اتي موجود رهي. هوءَ پاڻ بہ فون تي ايستائين اسان سان رابطي ۾ رهي جيستائين اسان جهاز ۾ نہ ويناسين.

*

# ڪمبوڊيا

## جنگين ۽ سياسي بحرانن جو شڪار ملڪ

# *Cambodia*

## *Victim of Wars & Political Crisis*



# جنگين ۽ سياسي بحرانن جو شڪار ڪمبوڊيا

ڪابل واري گڏجاڻيءَ ۾ مون تجويز ڏني هئي ته ريڊيو پروگرامن جي مارڪيٽنگ لاءِ ٽريننگ پروگرام ڪوٺايو وڃي. ايشيا ڪالنگ جي ڪرتا ڌرتا همراهن ۾ مائي ٽيسا پائيپر ان ڪي سنجيدگيءَ سان ورتو۽ واپس وڃڻ شرط ان ڏس ۾ ڪم شروع ڪري ڏنائين. ٿوري وقت اندر ئي اطلاع ڪيو ويو ته ٻن ڏينهن جو ٽريننگ پروگرام ڪمبوڊيا ۾ رکيو ويندو. مون اڳواٽ ويزا جو سوچڻ شروع ڪيو. گُوگل تي سرچ ڪرڻ سان معلوم ٿيو ته پاڪستان ۾ ڪمبوڊيا جو نه ڪو سفارتخانو آهي ۽ نه ئي هتان ويزا جاري ڪرڻ جو ڪو انتظام آهي. پاڪستان ته انهن ملڪن ۾ شامل هو جنهن جا باشندا آن لائين به ويزا درخواست نٿي موڪلي سگهيا. مون ان صورتحال ڪان ڪمبوڊيا ۾ ميزبان تنظيم ڪمبوڊين سينٽر فار انڊيپينڊنٽ ميڊيا جي سربراهه ٽينگ Teang کي اِي ميل ذريعي آگاهه ڪيو جنهن چيو ته ويزا لاءِ هو سندس ملڪ جي پرڏيهي وزارت کي لکندو. مارچ 2012 ڌاري پروگرام جون تاريخون به طئه ٿي ويون پر ٽينگ پاران ڪو اطلاع ڪونه هو ته ويزا جو ڇا ٿيندو. منهنجي رابطي ڪرڻ تي هن چيو بس هليو اچجانءِ ۽ هتي پهچڻ تي ويزا ملي ويندو. مان اهو جوکم کڻڻ لاءِ تيار نه هئس سو کيس لکيم ته ڪو سرڪاري ليٽر موڪل ته بهتر ٿيندو. ڪافي ڏينهن ڪانپوءِ هن هڪ ليٽر موڪليو ته اهو به کِمر (ڪمبوڊيائي ٻولي) ۾ هو. مون کيس وري لکيو ته ان کي انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪرائي موڪل ته ڪراچي هوائي اڏي تي به ڪنهن کي سمجهه ۾ اچي. هن ويچاري وري ان تي عمل ڪيو ۽ اميگريشن کاتي جي سربراهه جو ليٽر ۽ ساڻس ڪيل خط و ڪتابت ترجمو ڪرائي سندن ليٽرهيڊ تي موڪليا تڏهن مون مطمئن ٿي تياري شروع ڪئي.

29 اپريل 2012 تي رات جو 12 وڳي ٿائي ايئر ويز ذريعي مان روانو ٿيس ۽ 30 اپريل تي صبح جو ساڍي ڇهين وڳي (ٿائيلينڊ جي وقت مطابق) بئنڪاڪ ايئرپورٽ تي لٿس جو ڪمبوڊيا لاءِ سڌي فلائيٽ ڪانه هئي. مونکي 11.40 تائين اتي وقت گذارڻو هو جو ڪمبوڊيا لاءِ ان کان اڳ ڪا به فلائيٽ نه هئي. ايترو وقت بنا مصروفيت جي گذارڻ ڏکيو هو ۽ خاص طور جڏهن اکيون ننڊ سبب ٻوٽجي رهيون هجن. مون ڪجهه وقت ڪائڻ پيئڻ ۾ ته ڪجهه شاپنگ مال ۾ گهمندي ۽ باقي وقت مفتي انٽرنيٽ تي گذاريو. بئنڪاڪ مان مونکي ڪمبوڊيا جي سياحتي مرڪز جي حيثيت رکندڙ شهر سِيم رِيپ Siem Reap وڃڻو هو جيڪو ڪمبوڊيا جي اتر اولهه ۾ آهي. جهاز ۾ بئنڪاڪ کان اتي پهچڻ ۾ هڪ ڪلاڪ لڳي ٿو. اسان جو جهاز مني هڪ وڳي سِيم رِيپ هوائي اڏي تي لٿو. هوائي اڏي جي عمارت ننڍي پر انتهائي خوبصورت ۽ ڪمبوڊيا جي ثقافتي طرزِ تعمير جو نمونو هئي.

ڪمبوڊيا، جنهن جو قديم نالو ڪمبُوجا آهي ۽ وچ ۾ ڪمپوچيا به سڏيو ويو هو منهنجي لاءِ خاص

دلچسپيءَ جو ڪارڻ هو ڇو ته اهو نه رڳو ٻڌ پرستن جو ملڪ آهي پر آمريڪا سان ويتنام واري ويڙهه ۾ به ان جو ڪردار هو ته خود اندروني ويڙهه جي ڪري به اهو دنيا جي نظرن ۾ آيل هو. 1970 واري ڏهاڪي کان ڪمبوڊيا جي باري ۾ خبرون پڙهندا ۽ لکندا رهيا هئاسين ۽ اڄ مون ان سرزمين تي قدم رکيا هئا.

ڪمبوڊيا ۾ بادشاهت قائم آهي ۽ ان کي آئيني حيثيت مليل آهي. ڪنهن زماني ۾ اها ڪِمر (خِمر) بادشاهت سڏبي هئي، جنهن جو بنياد سن 802 ۾ رکيو ويو. 181035 چورس ڪلوميٽر ايراضيءَ وارو هي ملڪ اِنڊو چائنا اُپبيٽ ۾ ڏکڻ اوڀر ۾ قائم آهي جنهن جي گاديءَ جو هنڌ نام پنِ Phnom Penh آهي. سندس اُتر اولهه ۾ ٿائلنڊ، اُتر اوڀر ۾ لائوس، اوڀر ۾ ويتنام ۽ ڏکڻ اولهه ۾ ٿائلنڊ واري نار آهي. سرڪاري ٻولي Khmer ڪِمر ۽ ڪرنسيءَ جو نالو رِيل Riel اٿس. ڏيڍ ڪروڙ آباديءَ واري هن ملڪ ۾ ٻُڌمت سرڪاري مذهب آهي ۽ پنجانوي سيڪڙو ماڻهو ان ڌرم جا پوئلڳ آهن. باقي آباديءَ ۾ ويتنامي، چيني، پهاڙي قبائلي ۽ ٻيون اقليتون شامل آهن.

جڏهن هتي سن 802 ۾ ڪِمر بادشاهت قائم ٿي ته هندو ڌرم ڇانيل هو. ان زماني ۾ هتي وڏا هندو اسٽائل جا مندر تعمير ڪيا ويا پر پندرهين صديءَ ڌاري ٻُڌ مت هندو ڌرم جي جاءِ والاري ڇڏي. قديم هندو مندر گهاٽن ٻيلن ۾ ٽهيل هئا جيڪي ايترين صديون دنيا جي نظرن کان اوجهل رهيا. 1901 ۾ انهن مندرن کي دريافت ڪيو ويو جنهن کانپوءِ دنيا جي سياحن جو رُخ ڪمبوڊيا ڏانهن ٿي ويو. اهي مندر انگڪور واٽ Angkor Wat جي نالي سان مشهور آهن ۽ سِيم رِيپ شهر کان ڇهه ڪلوميٽرن تي آهن جنهنڪري سيم ريپ کي انگڪور علائقي جو گيٽ وي سڏجي ٿو.

ڪمبوڊيا جي تاريخ جنگين جي داستانن ۽ سياسي بحرانن سان ڀريل آهي. پاڙيسري ملڪن ٿائلنڊ ۽ ويتنام سان سندس جنگيون مشهور آهن. اُڻويهين صديءَ ۾ ته ڪمبوڊيا جي بادشاهه کي ٿائلنڊ کان بچڻ لاءِ فرانس کان مدد وٺڻي پئي پر نتيجي ۾ فرانس جو غلبو ٿي ويو. پورن هڪ سئو سالن کانپوءِ 1953 ۾ ڪمبوڊيا کي آزادي ملي. فرانس جڏهن ڪمبوڊيا کي پنهنجي پروٽيڪٽوريٽ ڪري هلايو پي ته ٿائلنڊ جي بادشاهه فرانس سان ناهه ڪري ان کان بتام بنگ Battam Bang ۽ سيم ريپ صوبا حاصل ڪري ورتا هئا. نيٺ 106 ۾ وري هڪ ناهه هيٺ اهي علائقا واپس ڪمبوڊيا کي ڏنا ويا. 1953 ۾ آزاديءَ وقت نوروڊوم سِهانوڪ Norodom Sihanouke آئيني بادشاهه ٿيو پر 1955 ۾ بادشاهت پيءُ جي حوالي ڪري پاڻ سياست ۾ آيو ۽ وزير اعظم جو عهدو سنڀاليائين. 1960 ۾ پيءُ جي مرڻ تي هو پاڻ وري بادشاهه ٿي ويو ۽ پاڻ کي پرنس سِهانوڪ جي نالي سان مشهور ڪيائين. آمريڪا ۽ سوويت يونين وچ ۾ سرد جنگ دوران سِهانوڪ جيتوڻيڪ پاڻ کي غيرجانبدار رکڻ جي ڪوشش ڪئي پر هن ڪمبوڊيا جو علائقو ويتنامي ڪميونسٽن کي آمريڪا خلاف استعمال ڪرڻ جي اجازت ڏني. ويتنامي گوريلن کي هٿيار ۽ ٻي امداد ڪمبوڊيا رستي ئي ملندي هئي. ويتنامي گوريلا ڪمبوڊيا جي جهنگلن مان آمريڪي فوجن تي حملا ڪندا هئا. آمريڪا سامراجي چال هلندي ڪمبوڊيا جي اسٽيبلشمينٽ ۽ فوج اندر پنهنجا پِنو تيار ڪيا جن 1970 ۾ سِهانوڪ جو تختو ان وقت اونڌو ڪيو جڏهن هو چين جي دوري تي

ويل هو. نئين پِنو حڪومت ويتنامي گوريلن کي ڪمبوڊيا ڇڏڻ جو حڪم ڏنو ۽ ڪلم ڪلا آمريڪي حمايت جو اعلان ڪري ڇڏيو. 1975 ۾ وري ڪميونسٽ گوريلن حملو ڪري 114 ڏينهن جي ويڙهه ڪانپوءِ آمريڪي پِنو ڪِمر حڪومت جو خاتمو آندو ۽ ملڪ جو نالو مٽائي ڊيموڪريٽڪ ڪمپوچيا رکيو. اهي ڪميونسٽ مائوئسٽ هئا جن ٻهراڙين جي ترقيءَ تي زور رکيو ۽ مغربي ملڪن جي تيار ڪيل شين جو بائڪاٽ ڪيو. پر ويڙهه جو سلسلو اتي ختم ڪونه ٿيو. 1978 ۾ وري سوويت نواز پيپلز رووليوشنري پارٽيءَ کي اقتدار ۾ آڻڻ لاءِ ويتنامي فوج حملو ڪيو. نئين حڪومت ويتنامي سفير جي هدايتن تي هلندي رهي پر ويڙهه به جاري رهي تان جو گڏيل قومن مداخلت ڪري 1992 ڌاري چونڊون ڪرائي اقتدار مقامي قيادت حوالي ڪيو. 1997 ۾ وري فوج مداخلت ڪئي ۽ سندس مدد سان هُن سِن Hun Sen پنهنجي ڪمبوڊين پيپلز پارٽيءَ کي اقتدار ۾ آڻڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. هو تڏهن کان وزير اعظم جي عهدي تي آهي. موجوده بادشاهه جو نالو نوروڊوم سِهاموني Norodom Sihamoni آهي. ڪمبوڊيا ۾ هن وقت جمهوريت نالي جي آهي پر ملڪ اڳي جي ڀيٽ ۾ ڪجهه ترقي ڪئي آهي. سياست ۾ گند ايئن ئي آهي جيئن پاڪستان ۾. بلڪل ساڳي طرح اتان جي لينڊ مافيا بدنام آهي. نيپال ۽ ڪابل ۾ مسٽر ٽينگ بار بار پڇندو هو ته توهان جي ملڪ ۾ لينڊ گريبنگ جو مسئلو آهي؟ سندس چوڻ هو ته ڪمبوڊيا ۾ سياستدان، ڪامورا ۽ ٻيا با اثر ماڻهو زمينن تي قبضي ۾ ملوث آهن. هن ٻلڊر مافيا جو به خاص طور ذڪر ڪيو هو.

ٻهرحال منهنجي منزل هئي سيم ريپ شهر جيڪو ٿاڪيءَ واري شهر نام پِن کان روڊ رستي ڇهن ڪلاڪن جي پنڌ تي ڪمبوڊيا جي اتر اولهه ۾ آهي. سِيم Siem يا Siam جو مطلب آهي ٿائلنڊ ۽ ڪمبوڊيائي ٻوليءَ ۾ سيم ريپ جو مطلب آهي ٿائلنڊ جي شڪستِ فاش. سورهين صديءَ ۾ اهو علائقو سيام (ٿائلنڊ) ۽ ڪِمر بادشاهت وچ ۾ جنگ جو ميدان هو ۽ ٿائلنڊ کي زبردست شڪست ڏني وئي هئي جنهن تي ان وقت جي بادشاهه آنگ چُن انهيءَ علائقي تي سيم ريپ جو نالو رکيو.

مان جهاز مان لهي جيترو خوشيءَ سان هوائي اڏي جي ثقافتي طرز واري عمارت ۽ ٻاهران لڳل مجسمن کي دل ئي دل ۾ ساراهيندو اندر اميگريشن واري حصي ۾ گهڙيس ايترو ئي بيزار ان وقت ٿيس جڏهن ڊگهين قطارن تي نظر پئي ۽ مونکي به هڪ لائين ۾ لڳڻو پيو. اهي سڀ مسافر گهڻو ڪري گورا يوروپي هئا يا ٿائي ۽ جپاني هئا. مونکي ان وقت سخت ڪاوڙ لڳي جڏهن منهنجو وارو اچڻ تي اميگريشن ڪائونٽر وارن کي معلوم ٿيو ته مان پاڪستان مان آيو آهيان ۽ ان تي هنن ڪلڻ شروع ڪيو هو. منهنجي سخت ڪاوڙ ۾ پريل شڪل ڏسي هو ماٺ ته ٿي ويا هئا (ڪلڻ بند نه به ڪن ها ته مان ڇا ڪيان ها) پر منهنجو پاسپورٽ وٺي هڪ همراهه هڪ ڪمري ۾ هليو ويو ۽ ڪافي دير تائين ڪونه موٽيو. مون ڪين سندن اميگريشن ڪاتي جي سربراهه واري ليٽر جي ڪاپي به ڏني هئي ۽ سندن مقرر ويزا في ويهه ڊالر به ادا ڪيا هئا. سندن اهڙي انداز تي دل چوي پئي ته اتان ئي موٽ ڪاوان پر اهو به ممڪن ڪونه هو. ڪجهه دير بعد هنن مونکي هڪ ٻئي ڪائونٽر تي موڪليو جتي وري اتان جو همراهه

پاسپورٽ ڪٽي ڪنهن ڪمري ۾ هليو ويو. ڪافي دير ڪانپوءِ جڏهن موٽيو ته سچ پچ نتيجن جي پرواهه ڪرڻ ڪانسواءِ ساڻس سخت لهجي ۾ ڳالهايم ۽ چيومانس ته توهان کي پاڪستان مان ايندڙ هر ماڻهو دهشتگرد ڇو ٿو لڳي. ”مان صحافي آهيان ۽ هتي هڪ پروگرام ۾ شريڪ ٿيڻ آيو آهيان پر ڇا مان توهان کي طالبان جو ماڻهو ٿو لڳان ڇا؟“ مون کين ڪاوڙ ۾ چيو. بهرحال هنن جو ڏوهه به ڪونه هو جو پاڪستان جو نالو انتهائي بدنام ٿي چڪو آهي ان ڪري مان ويزا وٺي ٻاهر نڪتس جتي هوٽل وٺن جو ڊرائيور منهنجي نالي وارو ڪارڊ کڻي انتظار ۾ بيٺو هو.

سيم ريپ شهر هوائي اڏي کان ست ڪلوميٽر پري هو. شهر ڏانهن رستي تي ٻنهي پاسي ڪي بنگلي ٽائيپ عمارتون هيون ۽ ڪن اهڙين جاين جي ٻاهران ايڪڙ ٻيڪڙ ننڍڙا دڪان نظر آيا. انهن جاين جي پريان ڳوٺاڻو علائقو هو جتي ٻني ٻارو ٿيل هو. هڪ هنڌ جهوپڙي ٽائيپ ڀاڪڙا هوٽل به نظر آئي. ڪجهه دير ڪانپوءِ وٺن شهري علائقي ۾ داخل ٿي ته حيران ٿي ويس. ويڪرا صاف رستا جن تي نه ٽريفڪ جام هئي ۽ نه دونهاٽيل ماحول. شهر اندر ان رستي تي شروع جي ڪجهه اسڪولي ۽ ٻين عمارتن ڪانسواءِ باقي سڀ گهڻ ماڙ هوٽلون هيون. رستي تي هڪ اڌ ايئر ڪنڊيشنڊ ڪوچ ڏٺم جنهن لاءِ وٺن ڊرائيور ٻڌايو ته اتان جي پبلڪ ٽرانسپورٽ بس آهي. ان ڪانسواءِ اڪثر ماڻهو مرد توڙي عورتون موٽرسائيڪلن تي سفر ڪن جڏهن ته سياح اتان جي مشهور ٽُڪ ٽُڪ (رڪشائن) ۾ چڙهي شهر جو سير ڪن. منهنجي ۽ ٻاهران آيل ٻين دوستن جي رهائش نيشنل روڊ تي قائم انگڪور پيراڊائيز هوٽل ۾ هئي جتي گيٽ جي ٻنهي پاسن کان مهاتما ٻُڌ جا مجسما لڳل هئا.

تمام وڏي U shape هوٽل هئي جنهن جون ڇهه ست ماڙيون هيون ۽ هر ڪمري مان هوٽل جي وچ ۾ ٺهيل سُئمنگ پُول نظر ٿي آيو. هوٽل جي چوڌين پاسي چيني فنِ تعمير واريون عمارتوبن نظر ٿي آيون. ايئرڪنڊيشنڊ لائونج ۾ به ڪمبوڊيا جا ثقافتي شو پيس سجايل هئا. اسان کي آرام ڪري شام ڌاري لائونج ۾ گڏ ٿيڻو هو ته جيئن رات جي ماني ٻاهر ڪٿي گڏجي کائون. ڪمبوڊيا ۾ انهن ڏينهن ۾ گرمي هئي ۽ گرمي درجو 30 ڊگريون هو. رات جو وقفي سان مينهن وسندو هو يا ڦڙ ڦُڙ پوندي هئي.

ٻهرين رات به جڏهن اسان ڊنر لاءِ تيار ٿياسين ته هلڪو مينهن وسي رهيو هو. مون کي ڪمري مان نڪرڻ تي ڪجهه دير لڳي ته باقي دوست, جيڪي اهي سڀ ساڳيا هئا جيڪي ڪابل يا کٽمنڊو ۾ ملندا رهيا هئاسين, منهنجي لاءِ ان ريسٽورنٽ جي ايڊريس ڇڏي روانا ٿي ويا جتي ڊنر ڪرڻي هئي. ريسٽورنٽ ويجهو ئي هئي ۽ مون به چاهيو ٿي ته اڪيلي سر ٿورو ڏسان وائسان. هوٽل کان ٻاهر نڪتس ته رڪشا وارا روايتي نموني ڦري آيا. هوٽل جي ملازم هڪ رڪشا واري سان ڇئن ڊالرن ۾ طئه ڪيو جيڪو مونکي ان ريسٽورنٽ ڏانهن وٺي هليو. هتان جون رڪشائون پاڪستاني رڪشائن جهڙيون ناهن جو آنڊا ڇڄن. اهي آهن به ڪشاديون جنهن ۾ آمهون سامهون ماڻهو ويهي سگهن. ريسٽورنٽ ٻنهه ويجهو هئي جتي پنج منٽن ۾ پنڌ پهچي سگهجي ها پر رڪشا واري چار ڊالر (پاڪستان جا چار سئو رُپيا) ورتا. هن ٻڌايو ته رڪشائون پيٽرول تي هلن ٿيون ۽ في لٽر پيٽرول 8 هزار ريل آهي. سندن ڪرنسي هڪ ڊالر ۾ چار هزار

ريل آهي ان حساب سان هڪ لٽر پيٽرول ٻن ڊالرن ۾ پوي ٿو.

ريسٽورنٽ جديد قسم جي هئي جنهن ۾ ڪاڏن جو انتظام بُفي سسٽم تحت هو. شاهي قسم جي هال ۾ ٽيبلون لڳل هيون ۽ هال جي هڪ پاسي اسٽيج ٺهيل هئي جتي ڪمبوڊيا جي لوڪ سازندا ساز ڪٽي وڄائي رهيا هئا ۽ نوجوان ڇوڪريون ڊانس ڪري رهيون هيون. اهڙي قسم جي ريسٽورنٽ پون پاڪستان ۾ ڪٿي نـ ڏٺي آهي. هزارين سياح روزانو سيم ريپ پهچڻ جي ڪري هتي ان قسم جون ريسٽورنٽس ۽ رهائش لاءِ هوٽلون سون جي تعداد ۾ آهن. ريسٽورنٽ ۾ بيئر بـ ڊنر سان ڏنو ويو. هتان جي مشهور بيئر جو نالو انگڪور آهي. هت ڪافي شين تي سنڌ وانگر ثقافتي نالا رکيل آهن جيئن اسان وٽ مهراڻ, انڊس ۽ اهڙا ٻيا نالا عام آهن. ڊنر ۾ مون کي دستور موجب پنهنجي لاءِ ڪاڏا ڳولڻا پيا. هر ڊش تي نالو لکيل هو انڪري نـ رڳو سولائي ٿي پر سُوئر ڪائڻ کان بـ بچي ويس. ڪوريا وانگر هن ٻڌ ملڪ ۾ بـ سُوئر ڪائن ٿا.

واپسيءَ تي مان, گوپال, جيڪو سدائين تعارف ڪرائيندي چوندو هو Gopal from Nepal ۽ برما جو اوڻ چن پنڌ نڪري پياسين. هن هوٽل کان ريسٽورنٽ اچڻ مهل پيش آيل واقعو ٻڌايو جنهن تي سڄي واٽ ڪلندا رهياسين. کين بـ هڪ رڪشا وارو اچي لڳو هو پر هنن انڪار ڪيس. هو بار بار چوندو رهين تـ نائيٽ بازار وٺي هلان, اولڊ مارڪيٽ وٺي هلان وغيره پر جڏهن هنن انڪار ڪيو تـ پڇيائين :

Do you want Bum Bum

هنن کي ان جو مطلب سمجهہ ۾ نـ آيو تـ ڪنهن کان پڇي ورتن تڏهن خبر پين تـ ان لفظ جو مطلب هو سيڪس ڪرڻ.

اسان پنڌ ئي پنڌ شهر جون عمارتون ڏسندا هوٽل پهتاسين. هتي گهڻو ڪري فرينچ بينڪي زماني ۽ چيني اسٽائل جون عمارتون ٺهيل آهن. سيم ريپ ۾ اولڊ فرينچ ڪوارٽرس اڃا موجود آهن. هتي روايتي اپسرا ڊانس جا مرڪز, مساج گهر ۽ ثقافتي شين جا مرڪز عام جام آهن جيڪي سياحن جي دلچسپيءَ جو مرڪز آهن.

اسان اڃا هوٽل تي مس پهتاسين تـ ميزبان اداري جي ڇوڪرين اسان کي نائيٽ بازار وٺي هلڻ جو اعلان ڪيو. نائيٽ بازار رات جو ائين کان ٻارهين وڳي تائين کليل هوندي آهي جتي نقلي زيورن, ريڊي ميڊ ڪپڙن ۽ ٻين ثقافتي شين جا دڪان هوندا آهن. مارڪيٽ جو ڏيک ڪراچيءَ جي هفتيوار بچت بازارن جهڙو هو پر اتي دڪانڙا مستقل ٺهيل هئا جن جون ڇتيون ٽڙ جي چونئرن جهڙيون هيون. سڀ دڪان ڇوڪريون ئي هلائين ٿيون. نائيٽ بازار جي آسپاس واريون بازارون مساج گهرن جو مرڪز هيون. هرهڪ دڪان مساج گهر هو جتي وڏيون آرام ڪرسيون رکيل هيون جن تي سياح ليٽي ڇوڪرين کان مساج ڪرائي رهيا هئا. سمورو علائقو روشنين سان جرڪي رهيو هو. اسان هلڪي ڦلڪي خريداري ڪري وري رڪشائن ۾ واپس روانا ٿياسين. نائيٽ بازار ۾ مهانگائي ڪانہ هئي چو تـ مون ڪجهہ ٽِي شرٽس ورتيون جن جي قيمت في شرٽ چار سئو رُپيا هئي جيڪا پاڪستان وارين

قيمتن برابر يا ان کان بہ گهٽ هئي. ڪجهہ دڪاندار چوڪرين ٻڌايو تہ سندن ڳوٺ سيم ريپ جي ڀرواري ۾ آهن جتان هو ثقافتي سيون ٺاهي هتي وڪرو ڪنديون آهن.

اسان جون ٻن ڏينهن جون گذجاڻيون شام جو دير تائين هلنديون هيون تنهنڪري ڏينهن جو ڪاڏي وڃڻ جو موقعو ڪونہ ملندو هو. بس رات جو ڊنر لاءِ ٻاهر نڪرندا هئاسين. هڪ رات ايلسن انگڪور هوٽل ۾ ڊنر ڪئي سين. آخري رات اهو سوچي هرڪو ڪمري تي وڃي ستو تہ صبح جو اسر ڌاري اٿي رڪشا ۾ چڙهي انگڪور مندر ڏسڻ هلبو. منهنجي لاءِ مسئلو اهو هو تہ صبح جو اٺين کان اڳ هوائي اڏي لاءِ نڪرڻو هو جو ڏهين وڳي فلائيٽ هئي. ان جي باوجود مون انگڪور وڃڻ چاهيو ٿي پر بدقسمتي جو رات جو ڏاڍ ۾ سخت سُور اچي پيو. پاڻ سان آندل گوريون کائي ٽين وڳي تائين جاڳندو رهيس جنهن ڪانپوءِ ڪجهہ ننڊ آئي ۽ جڏهن ڇهين وڳي تيار ٿي لائونج ۾ پهتس تہ ايني موليا، تيسا پائيپر ۽ ٻيو هڪ اڌ دوست انگڪور روانا ٿي چڪا هئا. ٻيا ڪجهہ دوست مون وانگر ستل ئي رهيا. مون کي اندازو نہ هو تہ ان مهل انگڪور وڃڻ ۽ واپس اچڻ ۾ ڪيترو وقت لڳندو تنهنڪري فلائيٽ جي حساب سان مان تيار ٿي هوائي اڏي لاءِ نڪري پيس.

ان مختصر دوري ۾ منهنجي مشاهدي موجب ڪمبوڊيا جا ماڻهو اسان سنڌين وانگر ٻئي هٿ ٻڌي هڪٻئي کي سلام ڪندا آهن.

واپسيءَ ۾ بئنڪاڪ هوائي اڏي تي ڪراچيءَ لاءِ فلائيٽ جو انتظار ڪندي پ پ پ جي اڳواڻ ۽ وزير شازيہ مريءِ جي ڀيڻ سان ملاقات ٿي جيڪا ٻن ٻارن سان گڏ چين مان آئي هئي ۽ ڪراچيءَ ڀاءُ جي شاديءَ ۾ وڃي رهي هئي. هوءَ پنهنجي ڪشميري مڙس ۽ ٻارن سان وڏي عرصي کان شنگهائيءَ کان بہ ٽن ڪلاڪن جي ڊرائيو تي هڪ ننڍي شهر ۾ رهي ٿي. پهرين تہ هن اردوءَ ۾ ڳالهايو هوءِ ٻڌايائين تہ سانگهڙ جي مري بلوچ آهي، تڏهن مون شازيہ مريءَ جو پڇيومانس ۽ ٻڌايائين تہ پاڻ شازيہ جي وڏي ڀيڻ آهي. شازيہ وانگر منجهس وڏائي ڪانہ هئي ۽ آمريڪا ۾ وڏو عرصو رهڻ جي باوجود هوءَ هڪ عام گهريلو ۽ سباجهي عورت لڳي. بس هڪ ڳالهہ نہ وڻي سا اها تہ تعارف مهل پاڻ کي سنڌي چوڻ بدران چيائين: ” مين سانگهڙ ڪي رهني والي هون. هم بلوچ هين.“مون ان تي پنهنجو تعارف ڪرائي ساڻس سنڌيءَ ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو هو پر اڄ تائين مان اهو سوچي رهيو آهيان تہ هن سنڌ جائيءَ کي سنڌيءَ طور تعارف ڪرائڻ ۾ ڪهڙي بيعزتي محسوس ٿئي ها. بلوچن لاءِ اسان کي عزت آهي پر جيڪي بلوچ نسل در نسل هتي رهندا اچن، ملڪيتون هتي اٿن، سنڌي ڳالهائن، اهي تعارف مهل پاڻ کي بلوچ سڏائڻ کي ترجيح ڏين ٿا. سنڌي سڏائڻ ۾ انهن کي گهٽتائي ڇو ٿي محسوس ٿئي؟

*